

سزاءِ موت

لیکک : امان الله سومرو

سزاءِ موت

تعداد: 1250

قیمت: 50 روپے

سال: 2002

لیکک امن الله سومرو.

فهرست

عنوان	صفحہ نمبر
هي ڪهڙو انصاف آهي.	1
ڪيس بابت توهين عدالت.	9
ڪوڙو ڪيس.	17
بددعا	21
جيل جو احوال.	23
سيني قيدين کي عام معافي ڏني وڃي.	66
عدليہ جي بددياني ڄڻ کي تنبيهہ	70
قيدين تي تشدد بند ڪريو.	83
قيدي محمد بخش جو خط	89
قيدي اصغر ناريجو ء	92
سعيد احمد منصوري جو خط	
ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج عبدالرحمان جي الزامن جو جواب.	93
قيدين ڏانهن خط.	100
هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان سنڌين سان هڪ دوکو ء فراڊ.	103
هاءِ ڪورٽ جا جج سنڌ جي غلامن جي آزادي جا دشمن آهن.	109
قيدين جا خط.	116

شاعر قيدي جو خط	124
سنڌ جي جيلن ۾ قتل عام جو منصوبو	129
قيدين جي خون جو حساب ڏيو.	134
اگهاڑن قيدين جي رلي گاڏي.	141
سنڌ جي جيلن ۾ قتل عام جو منصوبو.	146
مظلوم قيدين کي انصاف کڏهن ملندو.	151
خدا کي يا جواب ڏيندين چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي نالي.	155
هاءِ ڪورٽ جو ناڪام چاپو.	163
سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ جي هاري دشمن ججن کي تنبيهه.	167
قابيل ناهن بند ڪر	181
ڪجهه نه شرم ڪيو ڊسٽرڪٽ جيل جو انتظام منهنجي حوالي ڪيو.	194
اسان کي پاڻي نه آزادي ڪيي	201
قيدين کي آ زاري ء ججن جي بيحسي ء بي شرمي	206
شهر جي صفائي جي متعلق اهم پيغام	209
يا غلامي کي سنگ هوندا آهن	211
پونم ء پائي هڪ ڏوڙ نه پيو چائي	218
ايمانداري کهڙي جهڙکي جو نالو آهي.	225
سياسي ليڊر جواب ڏين	231
سياستدانن ڏانهن قيدين متعلق نياپو.	237

سرپورخاص پوليس جي تنظيم نو ڪئي وڃي. 241

سرد لاش 248

وڪيل جواب ڏين جا هو فيصلن تي تشدد جا ذميدار نه آهن. 257

جاگيردارن جي حامي ججن کي هٽائڻ بابت ڪيل 263
وڃي.

پوليس ۽ ڏاڙيل هڪ ٿي سگهي جا به رخ آهن. 268

دور حاضر جو هنر ۽ مسولني لطاف حسد ۽ اعجاز حيدر. 344

ڏاڙيل يوسف مري کي عام معافي ڏني سرپورخاص جو 347
پوليس آفيسر مقرر ڪيو وڃي

ڏاڙيل ۽ مقابد پوليس۔ پوليس مقابد ڏاڙيل. 353

قيدي عدالتن جو باٿيڪات ڪندا. 357

ڏاڙيلن کي عام معافي ڏني وڃي. 365

ڪوڙي ايف آئي آر. 371

پي ڪوڙي ايف آئي آر. 373

يڏي به جهان خان، يڏي به جهان خان. 376

غلام مصطفي جتوئ ڏانهن خط. 382

هي اهو پمفلٽ آهي جيڪي لکڻ جي ڪري جوائنٽ سول جج
ارشد مرتضي مونکي جيل موڪلي ڇڏيو هيو

هي ڪهڙو انصاف آهي

جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي جواب ڏي

اڄ ڪورٽن جي جيڪا حالت ٿي وئي آهي ان جا ذميدار تو جهڙا بددیانت، مغرور ۽ عوام دشمن جج آهن جيڪي پئسا وٺي انصاف وڪڻن تا ٿيڻ ته ائين ڪيندو هيو جو ماڻهون ڪورٽ جو جج ٿيڻ کان پوءِ رحمدل ۽ انصاف پسند هئڻ گهرجي جو وڏي ۾ وڏو ڏوهاري اهو محسوس ڪري ته واقعي انصاف ٿي رهيو آهي ۽ فريادي کي به اها تسلي هجي ته ان کي انصاف ضرور ملندو.

ليڪن اسانجي بدبختي اها آهي جو ڪجهه گهڻيا قسم جا نيچ ماڻهون جج ٿيڻ کان پوءِ ايترا ته مغرور ٿي ويندا آهن جو ايانداري ۽ شرافت جا سڀ اصول وساري چند روپين جي عيوض پنهنجي ئي هٿن سان انصاف جو خون ڪندا آهن ۽ ارشد مرتضي تون به اتهن ئي گهڻيا قسم جي ججن مان هڪ آهين تو

انصاف جي ڪرسي تي ويهي مون سان جهڪي بي انصافيون ڪيون آهن مان ان جي روئداد کولي ٻڌائيندس ۽ جيستائين تو کي ذليل ۽ خوار نه ڪندس آرام سان نه وهندس چاڪاڻ ته تون عدالت جي دامن تي هڪ بدنما داغ آهين ۽ تنهنجو وجود عدليه لاءِ خطرو آهي جيستائين مان تو کي جج جي ان ڪرسي تان ڪٽي ڦٽو نه ٿو ڪيان مان سڪ سان نه وهندس ۽ هاڻي مان توکي ٻڌائيندس ته تون انصاف جو خون ڪيئن ڪيو آهي ان جي تفصيل هينئين ريت آهي

ته هاڻي ٻڌ، اڄ کان ٻه سال پهريون مون تنهن جي عدالت ۾ هڪ فرادي ماسٽر صالح ميرجت جي خلاف هڪ ڪيس داخل ڪيو هيو ته هي ٺگي ڪري منهنجا پنجٽيهه هزار روپيه کائي ويو آهي ۽ جعلي رسيدون ٺاهي ڪورٽ ۾ پيش ڪيون آهن مون ان ٺگي واري ڪيس ۾ پين ٺگن جي به نشاندهي ڪئي پر تو بنا ڪنهن قانوني جواز جي ڪيس ختم ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته تون جج جي عهدي جو اهل هي نه آهين ۽ تو انصاف جو خون ڪري پنهنجو پاڻ کي عدليه جو قاتل ثابت ڪيو آهي اها عدليه جيڪا پهريون ئي سڪرات ۾ آهي تو عوام دشمن فيصلا ڪري ان کي جيئرو ئي دفن ڪري ڇڏيو آهي ۽ جڏهن عدليه دفن ٿي ويندي پوءِ تو جهڙن ججن کي لکڻ جي جاءِ به ڪو نه ملندي چاڪاڻ ڇو تون انصاف قاتل آهين.

منهن جي خلاف هڪ گهڻيا درجي جي وکيل کي بي.لهاڻ جي طرفان داخل کيل کوڙي کيس ۾ ۽ سال پنهن جي کورٽ ۾ گهليو اهو کيس صرف ۽ اکر لکڻ جو هيو جنهن ۾ فريادي کي.بي.لهاڻ ڪڏهن ۽ وقت تي کورٽ ۾ کو نہ آيو تو اهو کيس ان کري ختم کو نہ کيو جو تنهنجا هٿ بددياننتي جي کري کارا آهن اهوئي سبب آهي جو کي.بي.لهاڻ ۽ ان جي حامي وکيلن کان بچين ٿو چو جو اهي تنهن جي اصليت کان واقف آهن ۽ اهي ئي وکيل توکي آفيس ۾ آکيون ڏيکارينداا آهن اهوئي سبب هيو جو تو منهن جي شرافت جو ناجائز فائدو ونندي مونکي تکليف ڏيڻ لاءِ بن سالن تائين کورٽ ۾ گهليو ۽ کو ۽ فيصلو کو نہ کيو تون هن وقت صرف چورن داڙيلن ۽ بدمعاشن جو جج آهين ۽ انهن ڏوهارين جون ضمانتون کرڻ لاءِ انهن جي وکيلن کان رشوت ونڻي تو ۽ تنهن جو سڄو عملو رشوت ونڻي انصاف وکٹڻ جي مکروه ڏندي ۾ وڏي عرصي کان ملوث آهيو ۽ اهڙي طرح انهن بدمعاشن کي قانوني تحفظ ڏئي شريف انسان کي ڏچي ۾ وجهي چڏيو آهي ان جو اندازو توکي ان وقت ٿيندو جڏهن غريب ۽ امن پسند شهري تنهنجو گريبان پکڑي ان ناانصافي جو حساب کتاب ونندا.

مون تنهن جي کورٽ ۾ ميرپورخاص جي بدنام ترين بدمعاش خرکار غندي فضل الرحمان

عرف ڪنگلا خان جهڙي بدنام ترين خرڪار فضل الرحمان عرف ڪنگلا خان جي خلاف هڪ ڪيس داخل ڪيو هيو ته هو ۽ ان جا حامي غنڊن مونکي منهن جي آفيس ۾ اچي مونکي ڏڪ هنيا ۽ گاريون ڏنيون ۽ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون ۽ منهن جي شاهدن منهن جي بيان جي تصديق تنهن جي ڪورٽ ۾ اچي ڪئي ليڪن تو پنهن جي گهٽيا ڏهنيت جو مظاهرو ڪندي هڪ وڪيل جيڪو 21 سالن کان بار جو ميمبر آهي ڏهن سالن کان نوڪري ڀيلڪ ۽ اوڀ ڪمشنر هئڻ کان علاوه ڪيترن ئي سياسي ۽ سماجي تنظيمن جو سربراه ۽ آهيان ان کي قانوني تحفظ فراهم ڪرڻ بدران منهنجو ڪيس ئي خارج ڪري هڪ بدمعاش خرڪار غنڊي کي جنهن کي سچو شهر

جنگي طرح سڃاڻي ته نه صرف هو خرڪار آهي بلڪ ڏاڙيلن کي اسلحو ۽ فراهم ڪندو آهي ۽ ان بدمعاش کي عدالتي تحفظ فراهم ڪري اهو ثابت ڪيو آهي ته نون نه صرف نااهل آهين ۾ تون شريف ۽ امن پسند شهرين کي انصاف ڏيڻ جي بجاءِ ڏاڙيلن بدمعاش ۽ خرڪارن جي سرپرستي ۾ ڪندو آهين.

جج ارشد مرتضي ڪن ڪولي بند ته ڪنهن امن پسند ۽ شريف شهري کي ڪو ماڻهون آفيس ۾ اچي گاريون ڏئي ڏڪ هڻي ۽ خون ڪرڻ جون دهمڪيون ڏيڻ ڏوهه نه آهي ته پوءِ تون ۽ غور سان ٻڌ ته مان پنهن جي بي عزتي جو بدلو تو ڪان ضرور

وٽندس ڇو جو تو قانون ٽوڙيو آهي ۽ دنيا کي ٻڌائيندس ته عزت سڀني جي هڪ جهڙي ٿيندي آهي. جج کو آسمان جي مخلوق کو نہ آهن انهن جو ب احتساب ٿي ٿو سگهي هاڻي مان تو سان اها ساڳي ڪاروائي ڪندس جيڪا پير فضل الرحمان عرف ڪنگلا خان مون سان ڪئي هئي تون جيئن ئي ڪورٽ کان ٻاهر نڪرندي مان تنهنجو گلو پڪڑي پنهنجو بوٽ لاهي سڀ کان ڀهريون تو کي ڏه جوتا ڇڪي هڻندس ۽ ٿي سگهيٿو ته مان تنهن جي منهن تي ٿڪندس ب جو تو انصاف جو خون ڪيو آهي جڏهن مان تنهن جي بي عزت ڪندس ته پوءِ جيئن مان فضل الرحمان پٺاڻ جو ڪجهہ ب بگاڙي نہ سگهيس اهڙي طرح تون ب منهنجو ڪجهہ ب بگاڙي نہ سگهندين چاڪاڻ جو تون سڀ کان ڀهريون ٽاٽي تي ويندين اهي ٽاٽي وارا تنهن جي ايف. آئي. آر درج کو نہ ڪندا ۽ پوليس جي نہ ٻڌڻ جوڳو ڏوه قرار ڏئي هڪ پرچو ڪٽي ڏيندا.

ڇو جو تو کي منهن جي لڳايل جوتن جا نشان کو نہ هوندا ۽ وري ٽڪ ب سڪي وئي هوندي پوءِ ڇا ٿيندو جو تون مون وانگر جهڙي طرح مون تنهن جي ڪورٽ ۾ پير فضل الرحمان عرف بادشاه خان جي خلاف ڪيس داخل ڪيو هيو تون ب ڪنهن ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرائيندي اهو جج تنهنجو ڪيس خارج ڪري ڇڏيندو جهڙي طرح تو بنا ڪنهن

قانوني جواز جي منهن جو ڪيس خارج ڪيو هيو ۽ مان ان جج کي تنهنجو ئي منهن جي خلاف ۽ پٽاڻ جي حق ۾ لکيل فيصلي جي ڪاپي ان جج کي ڏيکاريندس ۽ جيڪڏهين ڪنهن وڪيل کي ڪو بدمعاش ان جي آفيس ۾ اچي مارڪٽ ڪري ۽ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيڻ ڏوه نه آهي ۽ پوءِ ڪنهن جج کي گلي کان جهلي ڏه موچڑا هڻڻ ۽ منهن تي ٽڪون هڻڻ به ڏوهه نه آهي چو جو قانون سيني لاءِ برابر آهي.

جج ارشد مرتضي هاڻي اهو دور ختم ٿي ويو آهي جڏهن تو جهڙا گهٽيا درجي جا جج ماڻهن کي انصاف ڏيڻ جي بدلي ديجاريندا ۽ ڌمڪائيندا آهن هاڻي عدليه جي ججن جا ڪارا ڪرتوت انهن جي سامهون اچڻ وارا آهن ۽ توهان رشوت خور ججن جي بي ايماني ۽ بي انصافي جي ڪري ملڪ جون بنيادون لڏي ويون آهن ۽ ماڻهون ڪورٽن جو نالو ٻڌي نفرت سان منهن ئي ڦيرائي ٿا وڃن ۽ تو جهڙي بي ايمان ۽ گهٽيا قسم جي ججن جي روبرو ٽيڻ به شريف ماڻهون پنهن جي بي عزتي ٿو سمجهي چاڪاڻ ته تون ۽ تو جهڙا جج عوام سان اهڙي طرح ٿا پيش ڇڻ اهي اوهان وٽ پنڻ لاءِ آيا هجن.

اڄ ڪلهه جج پنهنجو پاڻ کي طاقت ور سمجهڻ لڳا آهن ۽ هو به سول بيوروڪريسي وانگر ڪورٽن ۾ پنهن جن دوستن سان چانهيون ٿا پين ۽

ڪچهريون ٿا ڪن تو ۽ پنهن جي چيمبر روزانه ائين
ئي ڪندو آهين جج ارشد مرتضي تون عدليه جي
منهن تي ڪارو ٽڪو آهين جج ته ماڻُ پي جو درجو
رکندا آهن جو وڏي ۾ وڏا بدمعاش ۽ ڪورٽ ۾ اڇي
پاڻ کي محفوظ سمجهندا آهن ليڪن تون ايتروتہ گهٽيا
درجي جو جج آهين جو مان جڏهن بيماري جي
بستري تان اٿي تنهن جي چيمبر ۾ پنهن جي مٿي تي
پير فضل الرحمان ۽ ان جي حمائتن جي طرفان ڏنڊن
هٽڻ جي ڪري جيڪي ارڙهن ٽانڪا لڳا هيا ڏيکاريا ۽
چيو ته مان موت جي منهن ما بچي آيو آهيان ته تون
مون سان همدردي جو اظهار ڪرڻ جي بدلي مونکي
گرفتار ڪرڻ جا وارنٽ جاري ڪرڻ جون ڏمڪيون
ڏنيون اها وڏي شرم جهڙي ڳالهہ آهي شايد تون اهو
ٿو سمجهين ته ڪجهہ رشوت خور ۽ بي ايمان وڪيل
تنهن جي مٽ ۾ آهن ۽ مان تنهنجو ڪجهہ ۽ بگاڙي نہ
ٿو سگهان ته اهان تنهن جي پل آهي اسان هاڻي
فيصلو ڪيو آهي ته تو جهڙن مغرور ۽ بددياںت ججن
جي نااهلي جي ڪري موجوده ڪٽ لڳل عدالتي نظام
کي دفن ڪري نااهل رشوت خور ۽ مغرور ججن کي
ڪورٽن مان زوري ڏکا ڏئي ڪڍيو ويندو ۽ موجوده
ٽٽل ڦٽل عدالتي نظام عمارت جنهن ۾ غريبن سان
لاتعداد عقوبيتون ۽ بي انصافيون ٿيون آهن ان جي
سر سان سر وهائي چڏيندا سي ۽ پوءِ ان جي جاءِ تي
نئون عدل ۽ انصاف جو نظام رائج ڪندا سي جتي

غريب ماڻهون کي بيني بيني انصاف ملي ۽ اهو وقت هاڻي ويجهو اچي ويو آهي هاڻي ارشد مرتضي جهڙن بددياںت ۽ انصاف جي دشمن ججن جو سخت پچاڻو ڪيو ويندو چاڪاڻ جو هي مڪافات عمل جو دور آهي ۽ هر ڪنهن ماڻهون کي پنهن جي ڪئي جو حساب ڪتاب ڏيڻو پوندو ۽ تو بادشاه خان جهڙي هڪ غبر غندي کي جيڪو عدالتي تحفظ ڏنو آهي مان ان جو بدلو تو کان ضرور وٺندس جيئن ايندڙ وقت ۾ ڪنهن کي اها شڪايت نہ ٿئي تہ رشوت وٺي انصاف جو خون ڪندڙ ججن جو ڪنهن پچاڻو نہ ڪيو هاڻي عدليہ جي رشوت خور ججن جي پچاڻي جو وقت اچي ويو آهي.

امان الله سومرو
وڪيل ميرپورخاص

ڪورٽ ۾ جناب فرسٽ جڊيشنل مئجسٽريٽ ميرپورخاص

ڪيس نمبر 2000

استيٽ خلاف مولانا امان الله سومرو
(امام شهر ميرپورخاص)

ڪيس بابت توهين عدالت

جناب اعلي

مان عرضدار مولانا امان الله ولد حاجي شمس الدين سومرو وڪيل ۽ امام شهر ميرپورخاص جو عرض ٿو ڪيان.

1- هن شهر ۾ رهندي پنجاه سالن جي دوران مون سان وڏيون زيادتيون ڪيون ويون ۽ ان جي صلي ۾ مونکي ڪيترائي سال ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي جيل موڪليو ويو هيو ۽ عدليه جي ايماندار ججن جي ڪري مونکي هر دفعي انصاف ملندو رهيو نه صرف مون کي پر غريب هارين جي وڏي تعداد کي

انصاف مليو ۽ هو ۽ مان آزاد ٿي وياسي.

2- مون سان ظلم جي داستان انوقت شروع ٿي جڏهن منهن جي گهر چوري ٿيْ ۽ ڏنو وائنو چور ڪورٽ سڳوري مان باعزت بري ٿي ويو اهو ڏسي مان واڙو ٿي ويس ته هي ڪهڙو انصاف آهي مان اوهان کي هڪ ڳالهه ٻڌائيندس ته مان ڪوڙ ڳالهائڻ کان سخت نفرت ڪندو آهيان چو جو ڪوڙ گناه جي ماءُ آهي ته پيءُ به آهي.

3- ان ڪرسي تي جنهن تي اوهان براجمان آهيو ان ڪرسي ته هڪ مئجسٽريٽ ناڻي قيصر هوندو هيو جيڪو هر وقت مون کان عورتن جي گهر ڪندو هيو ۽ پوءِ چا ٿيو ته پوليس سان ملي ڪروڙن جو چرس ساڙايو هيو. جڏهن ته اتي چرس جو وجود ئي ڪو نه هيو ان عورتن جي گهر جي خبر جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي کي به آهي.

4- هي جيڪو مقدمون منهن جي خلاف اوهان جي روبرو آهي مون کي اوهان ۽ اوهان جي عدالت لاءِ مڪمل احترام ۽ عزت آهي چو جو مان سنڌ جو هڪ باشعور شريف ايماندار محنتي ۽ حق گو باشندو آهيان مان 21 سالن کان مسلسل بار جو ميمبر هئڻ سان گڏ نوڪري پبلڪ، اوٽ ڪمشنر جي عهدي تي به فائض رهيو آهيان ۽ مان هنوقت ميرپورخاص ضلع جي گورنر کان علاوه شهر جو ميئر جو اميدوار به آهيان انڪري جو مون کي ميرپورخاص جي عوام جي وڏي تعداد جي حمائت به حاصل آهي ان ڪري مونکي

اعزازي طور شهر کي جئن سيڪٽرن ۾ ورهائي انتظامي عملدارن سان گڏو گڏ هڪ سيڪٽر جو انچارج مون کي مقرر ڪيو ويو آهي.

5- جناب اعلي ! مون جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي جي ڪورٽ ۾ ميرپورخاص جي هڪ خرڪار غنبدي پير فضل الرحمان عرف بادشاه خان جي خلاف هڪ ڀائريڪٽ ڪمپلينٽ داخل ڪرائي هئي ته هن غنبدي مونکي منهن جي آفيس ۾ اچي ماريت ڪئي آهي ۽ مون کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن ارشد مرتضي صاحب ان ڳالهه جو ڪو به نوٽس نه ورتو ته شهر جي هڪ معزز ماڻهون تي حملو ڪيڏو نه ڪڏو عمل آهي پر هن منهن جي اها درخواست رد ڪري ڇڏي جنهن جو نتيجو منهن جي متي تي لڳل ارزهن ٽانڪا ڏسڻ جي باوجود هن صاحب ڏڪ جو ڪو به اظهار نه ڪيو الٽو مون کي ڌمڪي ڏني ته هو منهن جا وارنٽ ڪڍي ها.

6- ان کان علاوه هڪ فرادي ماڻهون منهن جا 35000/- روپيه قبائڻ لاءِ ڪوڙيون رسيدون ناهيون مون ان جي انصاف لاءِ سڏي فرياد ڪئي ليڪن مسٽر ارشد مرتضي ڏوهي ماسٽر صالح جت جي وڪيل ڪي.بي لهاڻ جي دهاءُ ۾ اچي اها سڏي فرياد رد ڪري ڇڏي.

7- ان جي باوجود ڪي.بي.لهاڻ وڪيل منهن جي خلاف هڪ ڪيس داخل ڪيوجنهن ۾ ٽن پوسٽرن جو ذڪر آهي جنهن ۾ هڪ پوسٽر ڪي آزار جوڳو

قرار ڏئي منهن جا نہ صرف وارنٽ جاري ڪيا ويا بلڪ آزار جوڳو پمفليٽ مون نہ لکڻ جا بيان ڏيڻ جي باوجود ہن سالن تائين شاهدن جي انتظار ۾ جيڪي شاهد ان وقت بہ ڪورٽ جي احاطي موجود آهن انهن مان هڪ شاهد اهو چوي ٿو تہ ان اکين سان مونکي پوسٽررڪندي نہ ڏٺو آهي ان جو نالو مسٽر صلاح الدين پنهور وڪيل آهي تہ ٻيو شاهد مسٽر خدا بخش آهي جيڪو بار جو پٽيوالو آهي اهو صرف ڪوڙ نہ ڳالهائڻ جي ڪري ڪورٽ ۾ نہ ٿو اچي ہن سالن کان مون کي ائين ڪورٽ ۾ گهليو ويو چڙ تہ وڏو ڪو خطرناڪ ڏوهي هجان ۽ ڇڄي ويندس جڏهن تہ فريادي مزي سان سگريٽ ڇڪيندو يارهين وڳي ڪورٽ ۾ ايندو هيو ڪڏهن تہ ايندو ئي ڪو نہ هيو هروڀرو مون کي ستائڻ لاءِ تاريخون ڏنيون ويندیون هيون.

8- جناب اعليٰ! مان اوهان کي ٻڌايان تہ مان عدليہ سان ڪيتري محبت ڪندو آهيان ۽ عدليہ جو تمام گهڻو احترام ڪندو آهيان ڇو جو ٻڌهيل لکيل انسانن لاءِ آخري سهارو عدليہ آهي نہ تہ ہي صورت ۾ ماڻهون ڏاڙيل تي بندوق ئي ڪٽندو آهي ۽ منهنجو قلم تي ويساهہ آهي اهوئي سبب آهي جڏهن يوسف لغاري وڪيل ۽ ان جي ٽولي عدليہ کي دہائڻ ۽ بلئڪ ميل ڪرڻ لاءِ اخباري بيان جاري ڪيا هيا تہ ميرپورخاص جي بار جو مان واحد ميمبر آهيان جنهن عدليہ کي وڪيلن جي طرفان بلئڪ ميل ڪرڻ تي

سخت احتجاج کيو هيو ۽ انهن جي خلاف ان ڪورٽ جي حدن ۾ مظاهرا ڪيا هيا جنهن تي يوسف لغاري ۽ ان جي گروپ مونکي اتي مارڪٽ ۾ ڪئي هئي ۽ مان عدليہ جو وقار بحال رکيو ۽ وڪيلن جي خلاف باقاعده اخباري بيان ۾ ڪڍيا جنهن جي نتيجي ۾ عدليہ جي ان وقت جي مانواري عزت ماب سيشن جج شيخ صاحب جڏهن هتان ويو هيو تہ جن اهم ماڻهن سان هتان ملي ويو هيو انهن ۾ مان ۾ شامل هوس ۽ اهو اعزاز منهن جا لاءِ وڏي فخر جو باعث آهي.

9- جناب اعلي! تنگ آمد".. بجنگ آمد... واري مصداق مان پنهن جو پاڻ کي انصاف ونڊي ڏيڻ ۾ مڪمل طرح ناڪام ٿيڻ جي ڪري منهن جي دل ۾ وڏي ٻاه لڳل آهي ۽ اهو شڪر آهي جو مان ڪنهن سچ ۾ ڏوه ڪرڻ جي بدران جج ارشد مرتضي جي خلاف اهڙو پمفلٽ شائع ڪيو جو مان ايڏي وڏي بي انصافي برداشت نہ ڪرڻ جي ڪري پنهن جي سخت نفرت جو اظهار ڪيو ۽ اهڙو پمفلٽ شائع ڪيو ۽ پنهن جي نفرت کي هڪ پني تي لکي مون عدليہ جي نہ ۽ جج ارشد مرتضي جي ڪن مهٽ ضرور ڪئي آهي اها توهين ان ڪري ڪونہ آهي جو جيڪو جج انصاف جي ڪرسي تي ويهي صرف تعصب ۽ نفرت جي ڪري هڪ قانون پسند انسان کي انصاف ملڻ نہ ڏجهي تہ پوءِ اهو ان عمل جو ردعمل آهي جو جو هاڻي مڪافات عمل جو دور شروع ٿي ويو آهي.

10- جناب اعلي !.. هي عدليہ جي تاريخ جو

پهريون واقعو نہ آهي پر انصاف پسند انسانن کي ڪڏهن ڪڏهن اهڙن واقعن سان منهن ڏيڻو پوندو آهي توهين عدالت چوڻ وارا عدالت جا جج پنهن جي انا جي خاطر اهڙا ڪيس سڄ چوڻ وارن تي داخل ڪندا آهن ان سان ان تي ڪو بہ اثر نہ پوندو آهي اٽلندو ان ڪيس ۾ فائدو ڪيس جنهن تي ٿيندو آهي ان جو هوندو آهي توهان کي خبر آهي تہ ان پمفليٽ لکڻ جي ڪري ڪيترن ئي ماڻهن منهن جي ان جذبي کي ساراهيو ۽ ڪيترن ئي فرعون صفت ججن جا نالا وٺي انهن تي ملامت ڪئي.

11- جناب اعليٰ!.. اها حقيقت آهي تہ اوهان ٻئي جج صاحبان، هڪ فريادي ٻيو منصف ٻئي هڪ ئي عهدي جا آهيو ۽ مون کي اها بہ خبر آهي تہ اوهان بہ ڪنهن سپاهي کي ساڳي ڏوه ۾ جوائنٽ سول جج جي هٿان جيل موڪليو آهي جهڙي طرح اوهان ارشد مرتضي جي درخواست تي مون کي جيل موڪليو هيو.

12- جناب اعليٰ!.. هن وقت ڪو بہ وڪيل منهن جي ان ڪيس ۾ مدد ڪو نہ ڪري رهيو آهي صرف هڪ وڪيل اهو ٻڌايو تہ منهن جي نظربندي ۽ گرفتاري سڀ جي سڀ غيرقانوني هئي ۽ جج ارشد مرتضي پنهنجو انتقام وٺڻ لاءِ سڀ کان پهريون SHO کاڻ مشتاق جٽ کي حڪم ڏنو تہ هو مونکي گرفتار ڪري اڇي ۽ SHO مشتاق جٽ پنهن جي قانون ۽ حدن کي اورانگهيندي زبردستي مونکي پنهن جي آفيس مان

پوليس موبائيل ۾ وهاري اچي جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي جي ڪورٽ ۾ وهاريو اتان پوءِ ارشد چيمبر مان حڪم ڏنو ته مونکي هٿڪڙيون هڻي قيدين واري پاسي وهاريو وڃي ۽ پاڻ ڪورٽ ٽائيم ۾ ڪورٽ ڇڏي دعوت ڪائڻ ويو هيو ۽ هٿڪڙيون مونکي ارشد صاحب پنهن جي انا کي تسڪين ڏيڻ هڻائن کان پوءِ اوهان جي عدالت ۾ پيش ڪيو جتان ضامن نه هئڻ جي ڪري مون کي جيل موڪليو ويو جتان ضامن تي آزاد ٿي اوهان جي عدالت ۾ حاضر ٿي عرض ٿو ڪيان ته.

1- ته اڳي مان پوليس جي طرفان داخل ڪيل ڪيسن کي ان کي منهن ڏيندو هيس جوڪورٽ عدليه مان انصاف جو توقع هوندي هئي.

2- هي ڪيس جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي سراسر ڪوڙو داخل ڪيو آهي ته مان هن جي ڪورٽ ۾ گهڙي دانهون ڪيون آهن ۽ بدتميزي ڪئي آهي. اڄان تائين ته مونکي مون تي لڳايل الزام جي لکت ۾ خبر به نه ڏني وئي آهي.

3- جيئن ته اوهان ٻئي جج صاحب ڪليگ آهيو تنهن هوندي منهنجو اوهان تي اعتماد آهي پر اوهان مونکي قرآن شريف تي هٿ رکي ان ڳالهه جو يقين ڏيارينڊو ته توهان مون سان انصاف ڪندا.

4- جيڪڏهين جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي اوهان جي هلندڙ ڪورٽ ۾ ڪنهن به وقت اچي منهن جي روبرو ۽ ٻين ماڻهن جي روبرو قرآن شريف تي

هٹ رکي چوي ٿ پمفليٽ لکڻ کان علاوه ٻيا جيکي الزام مون تي لڳايا ويا آهن اهي سچا آهن ٿ پوءِ اوهان ٻلي مونکي سزا ڏيو مان اوهان سان واعدو ٿو کيان ٿ پوءِ مان اوهان جي ان فيصلي جي خلاف اپيل ۾ کو نہ ڪندس ڇو جو هن ڪيس ۾ اوهان وڌ ۾ وڌ ڇهہ مهينا سزا ڏيندو ۽ هڪ هزار روپيہ ڏنڊ ٿ ان سزا سان منهن جي صحت تي کو ۾ اثر نہ پوندو مان پاڻ ڇهہ مهينا آرام سان رهندس ۽ منهنجو هڪ عرض آهي ٿ گهٽ ۾ گهٽ مونکي STATUS جي مطابق جيل ۾ B ڪلاس ضرور ڏيندو.

5- جي اوهان قرآن شريف تي هٽ رکي انصاف ڪرڻ جو يقين نہ ٿا ڏياريو ۽ عام رواجي حالتن ۾ ڪيس جي ڪاروائي هلائڻ ٿا چاهيو ٿ پوءِ مونکي ان تي اعتراض آهي ان صورت مون کي انصاف ملڻ جي خاطري لاءِ گهٽ ۾ گهٽ سيشن جج جي عهدي جي ڪنهن جج وٽ پيش ڪري ڪيس هلايو جيئن ڪوڙ ڪوڙ ٿئي ۽ سچ سچ ٿئي.

شڪريہ

درخواست گذار جوابدار

امان الله سومرو

امام شهر ميرپورخاص

15-2-2000

ڪوڙو ڪيس

جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي
خدا کي ڇا جواب ڏينديندؤ؟

دوستو ۽ ساٿيو ميرپورخاص جا شهريو

مونکي وڏي افسوس سان اهو ٻڌائڻو ٿو پوي ته پهريون پوليس ۽ ٻيا بي ايمان ماڻهون شريف ۽ امن پسند شهرين کي تنگ ڪرڻ ۽ انهن کي ڪورٽن ۾ ذليل ڪرڻ لاءِ ڪوڙا ڪيس ڪورٽن ۾ داخل ڪندا آهن جنهن سان جيڪا افراتفري ڦيلجي وئي آهي ان افراتفري پوري قوم کي مايوسي جي اونداهي غار ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي ليڪن هاڻي ته اهي ماڻهون جيڪي انصاف جي ڪرسي تي ويهڻ وارا جج جن جي اها ذميداري آهي ته ڪوڙ ۽ سچ ۾ تميز ڪري مظلوم کي انصاف فراهم ڪن جيڪڏهين اهي انصاف جي ڪرسي تي ويهڻ وارا جج ئي امن پسند ۽ شريف ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪن ته پوءِ سمجهو ته هاڻي ملڪ جو خدا حافظ آهي چاڪاڻ جو بي انصافي جي ڪري ملڪ جون ٻيون جيڪي ٻهريون ئي لڏي رهيو آهيان عدليه جي هڪ رشوت خور ۽ بددياڻت جج ارشد مرتضي جيڪو انصاف جي ڪرسي تي

وينو آهي منهن جي خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪري اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته عدليہ ۾ رشوت خوري ۽ نااهلي جي پاڙن کي پاڻي ڏئي خود جج ئي ناانصافي جي خوني وڻ کي پروان چڙهائي رهيا آهن جنهن جو نتيجو ملڪ جي تباهي ۽ بربادي کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪو نہ ٿيندو هي ملڪ اڄ نہ ته صبحاڻي انهن بددياڻت ججن جي ڪري ٿوٽ ٿوٽ جو شڪار ٿي ويندو.

جج ارشد مرتضي منهن جي خلاف هڪ ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي ته مان هن جي ڪورٽ ۾ گهڙي هن جي توهين ڪئي آهي ۽ ڪورٽ جي ڪاروائي ۾ مداخلت ڪئي آهي دراصل ڳالهہ اها آهي ته مون ان رشوت خور جج ارشد مرتضي جي خلاف هڪ پمفلٽ ڇاپيو آهي جنهن ۾ ان جج مون سان جيڪا زيادتي ڪئي هئي ان جي هڪ تصوير جج ارشد مرتضي کي ڏيکاري ته هو بوکلائجي ويو ۽ بوکلاهٽ ۾ پنهن جي اختيارات جو ناجائز فائدو ونڊي مونکي هڪ پنجابي صوبيدار مشتاق جٽ جي ذريعي زبردستي منهن جي آفس مان پنهن جي ڪورٽ ۾ گهرائي مونکي هٿڪڙي هٽائي جيل موڪلي ڇڏيو.

هاڻي اوهان ئي فيصلو ڪيو ته جڏهن جج ئي ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ لڳن ته پوءِ ان کان وڏو ظلم ٻيو ڪهڙو ٿيندو لازمي ڳالهہ آهي ته جج ارشد مرتضي نہ صرف پاڻ پر پنهن جي شاهدن کان بہ ڪورٽ ۾ ڪوڙ ڳالهارائيندو ان کان وڏو ظلم ڪهڙو ٿيندو جڏهن منصف ئي رهزن ٿي وڃن ته پوءِ عدليہ جو ڇا حال

ٿيندو عدليه جي تباهي سان گڏوگڏ ملڪ جي تباهي جا ذميدار اهي جج آهن جيڪي انصاف ڪرڻ جي بدران پنهن جي اناکي خوش رکڻ تا چاهين اهائي ڳالهه مون فرسٽ جڊيشنل مئجسٽريٽ سمون صاحب کي چئي هئي ته جيڪڏهين جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي ڪورٽ ۾ اچي قرآن شريف تي هٿ رکي چوي ته اهو ڪيس سچو آهي ته پوءِ مان سزا پوڳڻ لاءِ تيار آهيان. مون سمي صاحب سان اهو به واعدو ڪيو آهي ته مان ان سزا جي خلاف ڪا به اپيل ڪو نه ڪندس ۽ مان اها سزاخوشي خوشي پوڳيندس چو جو مان چاهيان ٿو ته ارشد مرتضي نه صرف هتي ذليل ۽ خوار ٿئي پر قيامت جي ڏينهن ان بددياڻت ۽ رشوت خور جج جو گريبان پکڙي مان پنهن جي خدا کان انصاف گهرندس اتي ارشد مرتضي کي ڪو به بچائي نه سگهندو چاڪاڻ جو ڪوڙو ۽ بي ايمان جج خدا جي قهر کان بچي نه سگهندو.

جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي انسان هر قسم جو ظلم برداشت ڪري ٿو سگهي پر بي انصافي برداشت نه ٿو ڪري سگهي اهوئي سبب آهي جو مون تنهن جي طرفان کيل بي انصافين تي تحريري طور تي احتجاج ڪيو هيو ۽ اهو منهنجو قانوني حق آهي تون خدا جي قهر کان بچ ان جي لڪ بي آواز آهي اڄ مان ڪنهڙي ۾ آهيان ته صبحاڻي تنهن جو وارو ايندو چو جو هاڻي قيامت جا ڏينهن ويجها آهن ۽ تون هاڻي پنهنجو پاڻ کي مڪافات عمل جي روبرو ٿيڻ

لاءِ تيار رک ڇو جو تو مون تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪري پنهن جي لاءِ رسوائي جو سامان پئدا ڪيو آهي ۽ هاڻي ان وقت جو انتظار آهي جڏهن تو کي تنهن جي ڪئي جي سزا ملندي ۽ اهو ڏينهن پري نہ آهي اسان خداوند ڪريم کان اها دعا گهري رهيا آهيون ته بديانت ۽ رشوت خور ججن نہ صرف هن دنيا ۾ منهن ڪارو ٿيندو پر قيامت جي ڏينهن بہ انصاف جو خون ڪرڻ ۽ ماڻهن تي ڪوڙا ڪيس ڪرڻ وارن جو بہ ڪارو منهن ٿيندو.

جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي هيئنر بہ وقت آهي پنهن جي گناهن کان توبہ تائب ٿي خدا غفور الرحيم آهي ٿي سگهيٿو ته تنهن جا گناه معاف ڪري ڇڏي بقول سيشن جج جناب غلام نعمان جي ته عزت ڪندو ته عزت ملندي خراب هلندو ته برائي ملندي مان ان صاحب جي ان ڳالهہ سان سو فيصد متفق آهيان ۽ هاڻي مان تو کي مشورو ٿو ڏيان ته تو منهن جي خلاف ڪيل ڪوڙو ڪيس فورا واپس وٺي ڇڏ ۽ تو جيڪا بي انصافي ڪئي آهي مان تو کي معاف ڪري ڇڏيندس ۽ مان خداوند ڪريم کان اها دعا گهرنديس ته تو کي نيڪ راه تي هلائي ۽ تو کي انصاف ڪرڻ جي توفيق ڏئي.

امان الله سومرو

آرگنائزر

قيدي بچاؤ فورم سنڌ

بددعا

جناب غلام رسول سمون صاحب

فرسٽ جڊيشل مئجسٽريٽ ميرپورخاص

جناب اعلي عرض ٿ اوهان جي ڏنل ڏيڊ سال جي سزا پوڳڙ لاءِ مان سينٽرل جيل حيدرآباد پهچي چڪو آهيان ۽ اتي هڪ کولي ۾ ويهي هي بددعا جي نالي سان هڪ خط اوهان کي لکي رهيو آهيان اڳي وقت ۾ انصاف جي ڪرسي تي وهڻ دوران جج اهو سوچيندا هيا ٿ پلي گناهگار ڇڻي وڃي پر ڪنهن بيگناه کي سزا نه اڇي پر هاڻي ٿ بيگناهن کي جيڪي سزائون ۽ اذيتيون ڏنيون ٿيون وڃن انهن جا ذميدار

ڪير آهن ان کان ٿ اوهين چڱي طرح واقف هوندا مان ارشد مرتضي جي ڪيس ۾ بلڪل بيگناه آهيان مان هڪ پڙهيل لکيل قانون دان ماڻهون آهيان نه ٿ جيڪو ڪجهه مون ان جج جي خلاف لکيو هيو لکان ڪو نه ها عملي طرح ڪري ڏيکاريان هان پر اوهان منهن جي جذبن جي جيڪا توهين ڪئي آهي ۽ مونکي

دلداري ۽ آڻڻ ڏيڻ جي بدلي جيڪا سزا ڏني آهي
دراصل اها سزا اوهان مون کي ڪو نہ ڏني آهي بلڪ
اها سزا اوهان پنهنجو پاڻ کي ڏني آهي ڇو جو بيگناه
انسان کي سزا ڏيڻ وڏو ڏوه آهي هاڻي مان اوهان
کي ٻيو ته ڪجهه به نہ ٿو ڪري سگهان پر بددعا ته
ڏئي ٿو سگهان هاڻي منهن جي بددعا اها آهي ته تون
ڪڏهن به سک نہ ڏسندين خدا ڪندو ته تون جهڙي
طرح مون کي عيد جي موقعي تي منهنجي معصوم
هارن کان ڌار ڪيو آهي خدا ڪندو جو تون به پنهنجي
هارن جو منهن ڏسڻ کان سڪندي ۽ اهو وقت پري نہ
آهي جو تون اهي تڪليفون جلد ڏسندين ۽ انهن
مصيبتن کان دوچار ٿيندي ۽ تون هڪ وڪيل سان بي
انصافي ڪئي آهي ته پو ۽ عام قيدين سان ڪهڙو
انصاف ڪندو هوندين ان جو اندازو مونکي هينئر ٿي
ويو آهي مون سمجهيو هيو ته تون سڀ ماڻهون آهين پر
تون نہ ته سڀ ماڻهون آهين ۽ نہ ئي سڀ ڇڄ آهين
بهرحال مان هاڻي توکي اها بددعا ٿو ڏيان ته خدا
ڪندو جو تون ڪڏهن به سک نہ ڏسندين اها مون
لنگ جي پٽ آهي خدا ڪندو جو تنهنجا ٻچا به رلندا
۽ دربدر ٿيندا.

امان الله سومرو

هڪ مجبور قيدي

هي خط لکڻ کان پوءِ دل تان جڻ هڪ بار
لهي ويو آهي مون جيل ۾ رهندي به جج کي ان جي
خلاف لکي موڪليو آهي هتي جيل ۾ منهنجو قلم هٿ
۾ ائين پيو آهي جڻ ته کا لاش ڪنهن جي ڪچ ۾ پئي
هجي قلم جوڻ ئي ڪو نه ٿو ڪري ته مان چا لکان ۽ چا
نه لکان منهن جي لاءِ وڏو مسئلو ٿي ويو آهي جو جو
جيل ۾ هاڻي مون کي کا به ڳالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي
هت جيل جو عجيب ۽ دهشت زده ماحول لڳو پيو
آهي غريب قيدين جا منهن لٽا پيا آهن ايتري قدر جو
جيل جا سپاهي به جيل مان بيزار ٿي پيا آهن هتي
جيل جي سپاهين ٻڌايو ته ڦاسي گهات ۾ 70 کن
قيدي آهن جيل ۾ ماحول ڏاڍو اداس آهي مان اڳي به
جيلن ۾ ايندو ويندو رهيو آهيان پر هن دفعي هي جيل
اهو جيل لڳي ئي ڪو نه ٿو جنهن وارد ۾ مون کي
رکيو ويو آهي ان کي سيڪيورٽي وارد ڪري ٿا
سڏين هڪ سپاهي ٻڌايو ته اهو سيڪيورٽي وارد
دراصل بند وارد هيو جتي غلام حسين کوسي جيلر
جي ڏينهن ۾ ان وارد ۾ ايندي ٿي قيدين جي تيڪ
وهي ويندي هئي مطلب ته انهن قيدين تي ايترو ته ان
وارد ۾ رشوت ونڊ لاءِ زبردست تشدد ڪيو ويندو
هيو جو هنن جو ٽورو به وهي ويندو هيو هاڻي مان
ملڪ کان مڪمل طرح مايوس ٿي ويو آهيان هاڻي
مون کي ته ائين ٿو لڳي جڻ اسان هاڻي هلندڙ قرندڙ
لاشون هجون مان باهر پنهن جي پٽ ذوالفقار علي جي

ناتوان ڪلهن تي وڏو بار ڇڏي آيو آهيان مان عجيب قسمن جي وسوسن ۾ وڪوڙجي ويو آهيان مون ڪي هاڻي ڪا خبر نہ ٿي پوي تہ منهنجو مستقبل ڇا ٿيندو مان خراب ماضي ڇڏي بدتر مستقبل ڏي وڃي رهيو آهيان اهو منهنجو بدتر مستقبل منهن جو نہ آهي بلڪ هن ملڪ جو مستقبل بدتر ٿي رهيو آهي.

مان چاهيان هان تہ اتان ڪورٽ مان پڃي وڃي پيو سگهان پر مان انڪري نہ پڳس جو مان مفڪر آهيان مان تہ پوليس ڪان لڪي پڃان ها جڏهن تہ سقراط ڪي ان تي مقرر سپاهين چيو تہ جيڪڏهين هو پڃڻ چاهي تہ پلي پڃي وڃي پر سقراط نہ پگو ذوالفقار علي ٻڌي ڪي ٻہ پڃڻ لاءِ چيو ويو پر هو نہ پگو مان ٻہ ڪو نہ پڃندس مان پنهن جي ڪيس ڪي وڏي پيماني تي ڪٿندس ڇو جو هي ڪو معمولي ڪيس نہ آهي هي جج جي طرفان داخل ڪيل ڪوڙو ڪيس آهي جي عام ماڻهون جي طرفان داخل ڪيل ڪيس ڪوڙو هجي ها تہ اهو ڪورٽ ۾ هلي ٿہ سگهي پر هن ڪيس جي لاءِ باقاعده جديشري جي هڪ ٻ ٻڌي وهڻ گهرجي جيڪا مون واري ڪيس جي باقاعده چنڊ چاڻ ڪري جي هنن اها چنڊ چاڻ نہ ڪئي تہ پوءِ ايندڙ وقت ۾ انهن ججن جي چنڊ چاڻ اهڙي تہ ٿيندي جو دنيا ڏسندي.

هن وقت رات جا 8 ٿيا آهن مان 8x10 ڪوٺي ۾ ٻن ٻين قيدين سان گڏ بند آهيان مڇر چڪ پائي

رهيا آهن مان هت قيدين جا تاثرات لکي رهيو آهيان هرکو قيدي توبہ توبہ ٻيو ڪري ۽ چون ٿيا تہ هنن جا ننڍا ننڍا ٻار آهن هنن جو ڇا ٿيندو وڏي ڳالھ اها آهي تہ هي حڪومت سزائون ڏئي پر قيدين کي ان ڳالھ جو يقين هجي تہ هنن جي ٻوبان هنن جي ٻارن بچن جو تحفظ ڪيو ويندو پر هت تہ هر ڪو مار ماران ۾ لڳو پيو آهي قيدي چون ٿيا تہ جيل کي حضرت يوسف جي دعا آهي جو جڏهن حضرت يوسف مصر جي بادشاه جي جيل مان ڇڏي جڏهن ويو پي تہ جيل روئي ڏنو هيو تہ ان تي حضرت يوسف جيل کي چيو تہ گهبراءِ نہ تون ڪڏهن بہ خالي نہ هوندين هي جيل ۽ ٽاٽا ڪڏهن نہ ٿيا ان جو پراڻي تواريخ ۾ ڪو بہ ذڪر ڪو نہ ٿو ملي اتي اڳي سزائون اهي هونديون جو انهن کي شهر بدر ڪيو ويندو هيو يا وري ان کي شهر ۾ خوار ڪرڻ لاءِ گهمايو ويندو هيو هاڻي تہ قيدين کي اهڙي گهاٽي ۾ جوڙيو ويو، آهي جنهن جي ڪڙ جو ڪو انت ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي ويهہ سال سزا توهان چا ٿا سمجهو ڪا معمولي ڳالھ آهي ٻلي ويهہ نہ ٽيهہ سال سزا ڏيو جيلن ۾ اچي ڏسو تہ قيدي هڪ روپيو بہ ڪو نہ ٿو ڪمائي اهو ڪٽان صابن وٽندو ڪٽان تيل وٽندو ۽ چا ٻارن کي گهر موڪليندو جڏهن تہ ٻين ملڪن ۾ قيدين کي انسان سمجهي ان جو هر طرح جو خيال رکيو ويندو آهي.

اڄ شام جو ميرپورخاص جو هڪ همراه آيو

جنهن ٻڌايو ته هن جو نالو اصغر ناريجو آهي ۽ هي حسين بخش ناريجو جيڪو سعودي عرب ۾ ڪم ڪندو آهي ان جو پاڻ آهي هي هڪ شاگرد ليڊر عاشق جوڻيجو جي قتل ڪيس ۾ جيل ۾ هيو هن ٻڌايو ته هن تي ڪيترائي ڪيس آهن جنهن مان ڪيترن ۾ ضامن ٿي ويو آهي باقي اهو هڪ ڪيس آهي جهڙي طرح گهوڙي لاءِ ٽانگو موت آهي اهڙي طرح انسان لاءِ جيل موت آهي مان هي لافاني تحريرون لکي ٿو وڃان ۽ اهي منهنجو تحريرون اڳتي سنڌ جي موجوده صورتحال لاءِ هڪ آئينو هوندو چو جو اڄ کان 50 سال پوءِ جڏهن به ماڻهون سنڌ جي تواريخ ٿي چند چاڙ ڪندو ته جيستائين هو منهنجا ڪتاب نه پڙهندو ان کي سنڌ جي اصل تواريخ جي خبر ئي نه پوندي مان سنڌ جو پهريون محقق آهيان جيڪو هر مسئلي ۽ هر نوعيت تي ٿو لکان اهو منهنجو مشاهدو آهي جيڪو اڳتي هلي راهنما ثابت ٿيندو ۽ ماڻهن کي سنڌ جي تواريخ جي خبر پوندي جيل ۾ مڃرن ماڻهن کي تپائي ڏنو آهي پاڻي جا پڳل مٽ، پاڻي ۾ ڏپ، هيروئنن جي لوڏ جيل ۾ بند آهي هتي فيدي کي سڏو انسان ناهڻ جي بدران هڪ بهترين ڏوهاري ۽ ملڪ دشمن ناهيو ٿو وڃي جيل ۽ ڪورٽون هن وقت صرف ملڪ دشمن ۽ سماج دشمن ناهڻ جون فيڪٽريون ٿي ويون آهن.

مورخہ 16-3-2000 تي صبح جو اٺياسي

ناشتہ ۾ هڪ ماني ملي جيڪا مون پاڻي سان کاڌي
چو جو جيڪا جانهن ملي هئي اها اهڙي هئي جو
ڏسندي روح ڪنو ٿي ويو هڪ ڪالم نويس محمد ايوب
کوسو صاحب ملڻ آيو هي هڪ اخبار جو ڪالم نويس
هيو جيڪو ديني ۽ مذهبي ڪالم لکڻ جي ڪري هن کي
هن جي پريٽ 17 سال سزا ڏني وئي آهي هي همراه
روپوش هيو هن رسول بخش پليجي وڪيل جي چوڻ
تي گرفتاري ڏني هئي جڏهن ته مون ڪيس چيو ته هن
گرفتاري ڏئي وڏي غلطي ڪئي آهي جڏهن ته هن کي
خبر هئي ته هن کي سزا آيل آهي ۽ هو روپوش ٻ هيو
رسول بخش پليجي کي چا آهي ڏوهي جي رڳو چو
ٿيندي اڳين جا ڪيڙا ڦاتي ويندا رسول بخش پليجي
وڪيل کي چا آهي هو ته باهر مزي سان پيو گهمي
جيل ۾ اڃي رهي ته خبر پويس محمد ايوب کوسو
روشن خيال ۽ وڏو چاڻو هيو ۽ هن جي قسمت
خراب آهي جو هو جيل ۾ پهتو آهي مان جيئن ئي
هتان نڪرندس سنڌ چڏي ڪنهن بي پاسي هليو
ويندس چو جو سنڌ ۾ هاڻي وڏو ٻائيتال مچڻ وارو
آهي مان بلوچستان جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ وڃي
رهندس.

جيل ۾ Sex پرابلم سڀ کان وڏو پرابلم
آهي چو جو اوهان ئي سوچيو ته جيڪو ماڻهون 5
سال يا ان کان وڌيڪ عرصو جيل ۾ هوندو ان جو
چا حال ٿيندو ته وري پويان ان جي زال هوندي ان جو

چا حال هوندو لازمي گالهه آهي ته ان سان ڪرپشن ئي وڌندي جڏهن ته مهذب ۽ سڌريل ملڪن ۾ ته قيدين کي پنهنجي جي هارن بچن سان ملڻ ۽ رهڻ جي به چون ٿا ته اجازت آهي هت ته هارن بچن کي ڏسڻ لاءِ ماڻهون بي جين آهي ان لاءِ جيل وارن جي مٽ گرم ڪرڻي پوندي آهي هن وقت جيل ۾ هر شي ملي رهي آهي جنهن ۾ چرس هيروئن وغيره به شامل آهي پر شي جيڪا قيدين کي ڪو نه ٿي ملڪي اهو آهي روزگار ۽ عزت هتي ڪيترائي ماڻهون مفت ۾ پيا سرڪار جو مانيون کائين.

اڄ خبر پئي ته قاسي گهات ۾ جهيڙو ٿي پيو آهي سباهي بندوقون لوڊ پيا ڪن جهيڙو جو نه ٿيندو قيدي جيڪي قاسي جي سزا جا منتظر آهن انهن کي نه ته قاسي تا ڏين ۽ جيئڻ تا ڏيڻ هت هر ڪو وڏي مصيبت ۾ آهي ڪالهه اها آهي ته جيل ۾ به بي انصافي آهي هت ڪيترائي قيدي اهڙا آهن جيڪي مذهبي منافرت پکيڙڻ جي ڏوهه ۾ بند آهن مذهبي منافرت چا آهي اها گالهه ته اڄان ڪنهن جي سمجهه ۾ آئي ڪو نه آهي چو جو هرڪو پنهنجو پاڻ کي حق تي ٿو سمجهي مان پاڻ کي جنگي قيدي سمجهي رهيو آهيان جنگي قيدي سان گڏوگڏ مان ضمير جو به قيدي آهيان مون کي کوڙي ڪيس ۾ جيل موڪليو ويو آهي مون سان گڏ به همراه هڪ جگمال جيڪو تپيدار آهي ۽ پيو هڪ پٽيوالو آهي جيڪي رشوت وٺڻ جي

ڏوه ۾ اندر آيا آهن چا سڄي ملڪ ۾ صرف اهي ئي رشوت خور آهن جيڪي جيل ۾ آيا آهن جڏهن ته هن معاشري ۾ هر فرد وڏي ۾ وڏي ڪرپشن ۾ ملوث آهي جيڪو لکن بلڪ ڪروڙن ۾ آهي. جيئن ته رشوت هر گهر ۽ هر آفيس ۾ پکڙجي وئي آهي جهڙي طرح ٽر ۾ وبا پکڙيل آهي اهڙي طرح رشوت جي وبا سڄي ملڪ ۾ پکڙجي وئي آهي ۽ ماڻهون ان رشوت جي وبا جي ڪري نه جيئن ٿا نه مرن ٿا پاڪستان خاص ڪري سنڌ جا جج چئا ٿي ويا آهن هي هائي خدا بڌجي ويا آهن هنن مان انصاف نڪري ويو آهي جنهن جو ثبوت اهو آهي جو هو جنهن کي موت جي سزا ٿا ڏين ته وري اهو ٿا لکن ٿا ته موت جي سزا واري قيدي کي ٻه دفعا ڦاهي ڏيو هاڻي اوهان ئي ٻڌايو ته هي ڪهڙو انصاف آهي ماڻهون ته ڦاسي چڙهڻ مهل هڪ ئي جهٽڪي ۾ گذاري ويندو آهي ته پوءِ وري ان لاش کي ٻي ڦاسي ڏيڻ جو ڪهڙو جواز آهي قانون جي ڪنهن ٻه ڪتاب ۾ اهو لکيل ڪو نه آهي ته ڪنهن ڏوهاري کي ٻه دفعا موت جي سزا ڏني وڃي. جج بتال ٿي ويا آهن اڇڪلهه ته جيلن ۾ ننڍا ننڍا معصوم ٻار ٻه سزا ونيو ٿا اڇن جن ۾ وڏين ڳريون سزائون آهن ججن جي دل مان رحم نڪري ويو آهي هي جج ڪو نه آهن قاصائي آهن هتي هر ڪنهن جي وات ۾ آهي ته اجهو ٿو ملڪ تو ٻيڙو ٻڏي آواز خلق نقاره خدا اڄ نه ته صبحاڻي ائين ٿيڻو ئي

آهي.

مان جيل ۾ ڏاڍو پريشان آهيان پريشان انڪري ڪو نہ آهيان جو مان جيل کان ڊڄان ٿو مان پريشان ان ڪري آهيان جو هت جبل جيڏو ڏينهن ۽ رات بنا ڪنهن ڪم جي ڏاڍو ڏکيو ٿو گذري دماغ تي هڪ قسم جو بار ٿي پيو آهي جڏهن مان قيدين کان انهن جا ڏک ۽ سور پڇندو آهيان تہ هي ججن کي گهٽ ودّ گالهائيندا هيا ججن سان گڏ پوليس کي بہ گاريون ڏيندا هيا.

جيل ۾ اچڻ کان پو ۽ طبيعت ۾ سخت چڙچڑا پن اچي ويو آهي ڪڏهن ڪڏهن تہ ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ مان اڪيلو ۽ لاوارث هجان اهو بہ شڪر آهي جو مُڪ پٽ آهي جنهن جو نالو ذوالفقار علي سومرو آهي اهو منهن جي ڪيسن جي سلسلي ۾ وڪيلن سان ملندو رهندو آهي هو منهن جي ڪري سخت پريشان بہ رهندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن منهن جي دل ۾ اهو خيال ايندو هيو تہ زهر پي زندگي جو انت آڻيان مان سنڌ جو پهريون ماڻهون آهيان جنهن عدليہ جي ججن سان مهاڏو اٽڪايو آهي ورنہ اها جرئت پوري سنڌ ۾ ڪير بہ ڪري نہ سگهيو آهي ايتري قدر جو پڙهيل لکيل وڪيل تہ ججن جي غلط ڪارين کي جهڪي تسليم ڪري ججن کي مغرور ڪري چڏيو آهي ڪوڙن ڪيسن ۾ سزائون ڏيڻ ۽ ڏوهارين کي چڏي ڏيڻ

ججن جي ڪهي هڻ جو ڪم آهي انگريزن جي وقت ۾ ۽ جج اهو ئي ڪندا هيا جو بنا ڪنهن ڏوه جي ماڻهن کي سزا ڏئي ڇڏيندا هيا جنهن ۾ نهرو، گانڌي يا سوين ليڈر ۽ ڪارڪن ياعام ماڻهون هوندا هيا اڄ ۽ صورتحال ساڳي آهي فرق ايترو آهي جو اڳي انگريز حڪمران جيڪي حاڪم هوندا هيا سي سامهون هوندا هيا جڏهن ته هاڻي جا حڪمران پردي جي پويان ويهي ڪم ڪري رهي آهن جج ۽ هن ملڪ جا هڪ قسم جا حڪمران ٿي ويا آهن جو اڇڪلهه اهي حڪومت لاءِ چئلنج بڻجي ويا آهن جيستائين عدليه جو حساب ڪتاب نه ڪيو ويندو رياست جو ڪو ۽ ڪم ڪو نه هلندو.

جيل ۾ عجيب و غريب قسم جون بيماريون قيدين کي وکوڙي ويون آهن قيدي هڪ وڏي عذاب ۾ آهن خدا ڪنهن کي جيل ۾ بيمار نه ڪري مان پنهن جي ننڍي ڏي بختاور جنهن جي عمر 3 سال آهي ڏاڍو پريشان آهن پويان ڪو ۽ اهڙو مٽ مائٽ يا ساڻي ڪو نه آهي جيڪو منهن جن ٻارن جي ڏيک ڀال ڪري مان اڪيلي سر هن سڄي ظلم کي سهي ۽ برداشت ڪري رهيو آهيان. جوائنٽ سول جج ارشد مرتضي جي خلاف ته پمفليٽ مون ڇاڻ سان ٿيل ظلمن جي ڪري لکيو آهي ۽ مون هاءِ ڪورٽ جي ججن هر هڪ جسٽس عبدالغني شيخ، امان الله عباسي، غلام ربابي ۽ غلام نبي سومري جي خلاف جيڪي پمفليٽ ۽

ڪتاب لکيا هيا اهي صرف ۽ صرف غريب هارين جي ڪري لکيا هيا ڇو جو مونکي غريبن سان عشق آهي اهو عشق جو جنون آهي جو هن پوڙهائپ ۾. ۽ ٻيو تڪليفون ڏئي عشق جي معني ئي تڪليف آهي هنوقت رات جا 8 لڳا آهن هر طرف اذان جو بانگون ٻڌڻ ۾ ٽيون اڇن ۽ غريب قيدي پنهن پنهن جن بيرڪن ۾ دردناڪ راڳ ٻيا ڳائين مونکي لڳي ائين ٿو چڙ منهن جي دماغ جون رڳون ڦاٽي پونديون پر نه مان پنهن جن حواسن تي مڪمل ڪنٽرول رکندس هت ٻيا ۽ ته انسان آهن جيڪي بنا ڪيسن هلائڻ جي سالن کان بند آهن انهن جا ۽ ته آخر ٻاربچا هوندا مان جنهن قيدي کان ٿو پڇان ته اهو اهوئي ٿو ٻڌائي ته هن کي چار پنج ٻار آهن زال آهي هاڻي ٻويان انهن کي ڪير ڪارائيندو ان ڳالهه جو ڪو نه ڪو نتيجو نڪرندو جڏهن ته هي قيدي سڄو ڏينهن بنا ڪنهن مقصد جي ٻيا آهن انهن کان ڪو ۽ اهڙو ڪم نه ٿو ورتو وڃي جو ۽ ٻئسا ڪمائي ٻنهنجن ٻارن کي موڪلي سگهن اهو ته حڪومت ۽ ججن سوچيو ئي نه آهي ڏسو ته مون واري سزا کان پوءِ مونکي پوليس جي هڪ پوري وين ۾ پنجاه لٽر تيل خرچ ڪري پنج پوليس جا سپاهي گڏي جيل موڪليو آهي چا مان جيل ۾ اچڻ کان پوءِ جي ٻاهر نڪتس پوءِ ته چپ ڪري وهندس اهو ته وقت ئي ٻڌائيندو بهرحال مان ڏاڍو فڪرمند آهيان نه صرف پنهن جي لاءِ بلڪ پنهن جي ٻار بجن لاءِ ۽

قيدي جيل ۾ هيروئن ۽ پين پيا مطلب ته هر شي جيل ۾ ملي ٿي سگهي جي پئسو آهي جيل ته غريب لاءِ آهي انهن جو پن سن تي ڪم پيو هلي سپاهي قيدين کي گهٽ وڌ ۽ ڳالهائيندا آهن ته ۽ هو ڪو نه ڪجندا آهن. جيل هن وقت بارود جي ڊير تي بيٺل آهي رڳو تيلي ڏيڻ جي ضرورت آهي.

جيل ۾ رات جو سنائو لڳو پيو آهن ڪتن جي پونڪڻ جو ۽ آواز ڪو نه ٿو اچي. جيل جي سپاهي سان ڪچهري پي ڪيم ته هن ٻڌايو ته ڪيترائي قيدي اهڙا آهن جن سان ملاقات لاءِ ڪو ۽ ڪو نه ٿو اچي اهي ويچارا جيڪي سگريٽ چڪيندا آهن اهي ٿوٿا ۽ ٽڪرا چوندي ڪيسا ۾ پري رکندا ۽ پوءِ سچو ڏينهن ۽ رات اهي ٿوٿا پيا چڪيندا آهن ايتري قدر جو هو نسوار جي چپڻي لاءِ ۽ ريشان آهن هن سپاهي جڏهن مون کان پڇيو ته مان ڪهڙي ڏوه ۾ آيو آهيان ته مون ڪيس ٻڌايو ته مان عدالت جي بي حرمتي ڪرڻ يعني توهين عدالت جي ڏوه ۾ آيو آهيان ته هن پڇيو ته اهو ڪهڙو ڏوه آهي ۽ ان جي معنيٰ ڇا آهي مون کي اها خوشي آهي جو مان غلام رسول سمون ۽ ارشد مرتضي جهڙن رشوت خور عدليه جي ججن ۽ مئجسٽريٽن کي اهڙو آئينو ڏيکاريندس جو ان آئيني ۾ جڏهن هنن کي پنهنجو مڪروه چهرو نظر ايندو ته هي ڏکي ويندا مون غلام رسول سمون جي باري ۾ سوچيو هيو ته هي سٺو جج هوندو پر پوءِ خبر پئي هي

۽ ارشد مرتضي هڪ ئي ٽولا جا بي ايمان جج آهن انهن غدار ۽ بي ايمان ججن جي ڪري جيلن ۾ غريب لاوارث ۽ نڊڻڪا قيدي سسڪي سسڪي مري رهيا آهن. اهو وقت پري نہ آهي جڏهن اسان انهن جا ڪارا جبا لاهي رشوت خور ججن کي ڏڪا ڏئي ڪورٽن مان ٻاهر ڪيڏاسي مان سنڌ ۾ عوام جي حقن جو سرواڻ آهيان هن وقت ماڻهون پوليس کان وڌيڪ عدالتن جو ستايل آهي ڇو جو پوليس ته پڪڑي پئسا ملیا ته ڇڏي ڏيندي نہ ته جيل موڪليندي انسان جيل اچڻ کان پوءِ عدليہ جي تحويل ۾ هوندو آهي ۽ پوءِ قيدي جي هر ڏک سک جي ذميدار عدليہ آهي جيل ۾ جن وٽ پئسا آهن ان لاءِ هر قسم جو سک آهي اوهان جيڪا شي چاهيو گهرائي ٿا سگهو منهنجو مقصد اهو آهي ته قريشي جيڪو جيل ڪاتي جو تجربيڪار آفيسر آهي قيدي هن مان ڏاڍو خوش آهن ۽ هو هن جي تعريف ٿا ڪن جو هن قيدين کي جيل ۾ آزاد ڇڏي ڏنو آهي جڏهن ته هن کان اڳ ميجر ڪوسي جي باري ۾ قيدين ٻڌايو ته ڪولين ۾ رت جي ڏب ايندي هئي ۽ قيدين جو رڙيون ٻڌڻ ۾ ايندیون هيون.

اڄ مورخہ 17-3-2000 عيد جو ڏينهن آهي صبح جو اڃي سپ ڪان پهريون اسان کي ڇڪر جو عملدار عيد نماز پڙهائڻ لاءِ جونائيل وارڊ يعني بچ پارٽي واري وارڊ ۾ وڃي ويو جڏهن مان اتي پهتس ته

مون ڏٺو ته اتي ننڍي عمر جي ٻارن جا وارڊ هيا جنهن
۾ ڪيترائي ننڍا ٻار جن جي عمر 15 سالن کان گهٽ
هئي اتي هيا انهن جي واردن ۾ ڪٿون هيون ۽ سيني
نابالغ قيدين کي ڪٿون مليل هيون اتي هڪ ننڍو ٻار
مليو جنهن کان مون پڇيو ته مان هو ڪهڙي ڏوه ۾
آهي ته هن ٻڌايو ته هو خون جي ڪيس ۾ آهي مونکي
اهو ٻڌي وڏو تعجب ٿيو خون وري ڪنهن جو ٻاڃائي
جو اهو ٻه غيرت جي ڪري مون اتي ڏٺو ته اتي واردن
۾ T.V. سيٽ ۽ ٽيپ ريڪارڊ جام هيا جيڪي قيدي ٻار
ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هي وڏو ميدان هيو جنهن ۾ ڄام وڏا
هال هيا انڪل 100 ڪن ننڍا ٻار قيدي هيا اتي ٽڏي
پاٽي جا ڪولر ٻه لڳل هيا اتان غاز ٻڙهي جيئن ته عيد
جو موقعو هيو ان ڪري جيل لڳل هيا ۽ قيدي آزادي
سان پوري جيل ۾ گهمي ڦري رهيا آهن مان ان
آزادي جو موقعو ونڊي جيل گهمڻ ويس سڀ کان
پهريون مان محمد ايوب کوسي جيڪو جهڏو جو
رهاڪو هيو ان سان مليس جنهن مونکي ڏاڍي قرب
سان چانهه پياري اتي اسان ڪيسن تي بدسڪس ڪئي
قيدي ويچارو اميد جي سهاري جيئرو آهي ته اڄ نه ته
صبحاڻي انصاف ملندو پر اڇڪلهه جيڪو انصاف
ملي رهيو آهي ان جو اندازو اوهان لاهور ۾ 100
ٻارن جي قاتل جاويد جي ڪيس مان لڳائي ٿا سگهو
هن ڪيس ۾ جج جو ٻاڳلپڻو ڏسڻ وٺان آهي هي دنيا
جو انوکو فيصلو ۽ انوکي سزا هئي اهڙي سزا ته

رومن ايمپائر جا بادشاه ۽ کو نہ ڏيندا هيا تہ کنهن ڏوهي کي 100 پيرا گهٽا ڏجن ۽ وري پوءِ گهٽا ڏئي ماري کان پوءِ ان جي بدن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري انهن کي وري تيزاب جي برمن ۾ گاريو وڃي ۽ ان کان علاوه 700 ست سو ل سزا ۽ ڏني وئي آهي اها سزا کو نہ آهي پر جج جي جنونيت آهي هاڻي اوهان ئي ٻڌايو تہ جاويد اقبال ۽ جج ۾ کهڙو فرق رهيو ان خوفناڪ فيصلي تي حڪومت جڏهن پاڻ رڙيون ڪري ۽ چوي تہ اهو فيصلو غلط آهي تہ پوءِ سمجهو تہ موجوده ججن جا ڪيل سمورا فيصلا غلط آهن هاڻي عدليہ ۾ انصاف کو نہ آهي ذاتيات تي فيصلا ٿي رهيا آهن جيڪڏهين کو ماڻهون اهو سمجهي تہ انهن کي هنن کورٽن مان انصاف ملندو تہ اها خام خيالي ٿيندي هي منهنجو لکيل ڪتاب جڏهن ايندڙ وقت جي نسل پڙهندي تہ ان جا لنگ ڪانڊارجي ويندا ۽ هو سوچيندا تہ اهو ڇا آهي ان کان پوءِ مان بي ڪلاس جي پاسي ويس جتي شهيد ٿيو جي پارٽي جنهن جي هن وقت سرغنہ غنوي نالي آهي وارن سان مليس هو جيل ۾ وڃي لئہ ۾ هئا هنن کي اتي نوڪر چاڪر مليل هيا جتي هو حلوا ۽ مڻايون پيا کائين اتي هڪ ليڊر مونکي ٻہ لڏون ڏنا جنهن مان مون ٿورو لڏو کاڌو مان B ڪلاس ڇو ويو هوش انڪري جون اتي جيل ۾ منهنجون پراڻيون يادون هيو مان اتي ڪيترو عرصہ اڳ رهي ڇڪو هوس ان وقت مون تي بدفينس آف

پاڪستان جي رولس تحت ڪيس داخل هيا جتي اسان نظر بند هياسي ان وقت ماحول ٻيو هيو هاڻي ماحول ٻيو هيو هر ڪمري ۾ T.V لڳي ٻئي آهي ۽ VCR ۽ جيل ۾ عام جام هيا اتان ئي وري مان ميرپورخاص جي هڪ همراه ماما مشتاق پولا سان ملڻ ويس جتي ميرپورخاص جا ٻيا ۽ همراه هيا جنهن ۾ اطهر پائي هي عثمان لولو جو پاءُ آهي ان جي پاءُ جو پٽ رئيس گدو کان علاوه ميرپورخاص جي منهن جي هڪ دوست ASI غلام مصطفي بلوچ جو پاءُ جنهن جو نالو غلام حسين بلوچ آهي موجود هيا هنن مون کي ڏاڍي عزت ڏني شربت، چانهيون ۽ مانيون کارايون ان کان پوءِ وري مان عارب لوهار سان جيل جي اسپتال ۾ ملڻ ويس جتي هو هڪ ڪٽ تي ستو پيو هو مونکي مرڻينگ ٽ لڳو ئي ڪو نہ هن جي صحت بلڪل ٺيڪ هئي هن جي ايتري ڏگهي بک هڙتال منهن جي سمجهه کان ٻاهر آهي هن جي متعلق هر طرح جون اتي گالهيون هلي رهيون هيون ڪير ٻيا چون ٽ ڪن وڏن ماڻهن جي چرچ تي هي بک هڙتال تي ويٺو آهي جڏهن ٽ باقاعده راشن پاڻي ٻ ٻاهر ملي ٿو بهرحال قاضي چاڻي قيام چاڻي اتان ئي مان هڪ وارد ۾ ويس اتي مونکي غلام مرتضي مرزائي مليو هن ٻڌايو ٽ هو غلام قادر مرزائي وارن جو مائٽ آهي ۽ قادياني آهي تازو جيڪو نئون ڪوٽ ۾ مذهبي ڊرامو ٿيو هيو هي ان جا شڪار هيا نہ صرف هي هڪ بلڪ ٻيا ٻ قادياني اتي هيا

جيڪي سزا يافتہ هيا مونکي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ هي سپ ڇا آهي حڪومت انهن بي ضرر ۽ سماج جي سڃاڻ پڙهيل لکيل ماڻهن کي جيل ۾ ڇو ٿو رکي ۽ معمولي ڪاهين کي ايڏي ڊيگهہ ڏئي ڪاهہ جو ڪاهوڙوڇو ٿي ٿاهي ان ڪري وڏي افراتفري پکڙجي وئي آهي ان کان پوءِ مسٽر اصغر ناريجو جيڪو سنڌ نئشنل فرنٽ جو وڏو ليڊر آهي. سنڌ نئشنل فرنٽ جو سربراه سنڌ جوڏهيسر سڏجندڙ ممتاز پٽو نالي آهي اتي بيرڪ ۾ مسٽر اصغر ناريجو کان علاوه ٻيا بہ قيدي هيا جنهن ۾ عبدالستار باهوٽو ٻڌايو تہ هن تي پوليس جي ڊبل ڪيبن گاڏي جي ڦر جي ڪيس ۾ پوليس سان مقابلو ڏيکاريو ويو جنهن ۾ پوليس جي گولي هن جي کبي ٻانهن ۾ لڳي هئي مون ڏٺو تہ هن جي ٻانهہ ان گولي لڳڻ جي ڪري سڪي وئي هئي ۽ ڦرڻ گهڙن جهڙي نہ هئي هن ٻڌايو تہ هن ضامن جي گهٽي ڪوشش ڪئي آهي ۽ هن جو ضامن ڪو نہ ٿو ٿئي تنهن هوندي تہ جج جيل جي آفيسرن کي لکيو هيو هو تہ ان جو علاج ڪرائين ۽ جيل جي انتظاميہ هن جو علاج ڪو نہ ٿي ڪرائي مون هن جي ٻانهن کي ڏٺو تہ مونکي وڏو رحم آيو پلي هو ڪٿي ڏوهاري بہ ڇو نہ هجي ۽ علاج تہ هن جو حق آهي ان کان هن کي محروم رکڻ هڪ وڏي زيادتي آهي هن ان زيادتي ني پنهنجو ردعمل ڏيکاريندي مونکي چيو نہ جيئن تہ جيل سپرنٽنڈنٽ عبدالحي قريشي جو پٽ يونيورسٽي ۾

پڑهندو آهي جي هن جي ٻانهه خراب ٿي وئي ته پوءِ هو ان جي پٽ جي ٻانهن ۽ ٽنگن تي گولين هڻي تباه ڪري ڇڏيندو مان اها گالهه ٻڌي ڏکي ويس دراصل اهو عمل جو ردعمل آهي اتي هن خاص گالهه اها ٻڌائي ته ڪنهن عورت جج ڪنهن جوابدار کي بيگناه سزا ڏني هئي ان رها ٿيڻ کان پوءِ چا ڪيو ته هو ان عورت جج جي گهر ۾ گهڙيو ۽ ان عورت جج سان زوري زنا ڪرڻ کان علاوه هن جو مال اسباب به **قريو اهو سبب** آهي اها جج عورت هاڻي هر ان **ماڻهون کي جنهن کي** پوليس هٿڪڙيون **هڻي هن جي ڪورٽ ۾ پيش** ٿي ڪري ان کي ڪو به RELIEF ڪو نه **ٿي ڏئي اهو** حال آهي هت هاڻي ججن پوليس ۽ ڏوهارين ۾ ڪتي بلي واري ويڑهه شروع ٿي وئي آهي **جنهن** جو انت ڏسڻ ۾ ڪو نه ٿو اچي جيل ۾ هرطرح جي سهوليت هئي ايتري قدر جو قيدين کي گئس جا چولها بجلي جا هيٽر به مليل هيا ٻيو چا ڪجي بهرحال جيل جيل آهي هت سون جو گره به ڪائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي جيڪي ماڻهون انن ائن سالن کان جيل ۾ پيا آهن انهن جي ٻارن بچن جو چا حشر ٿيندو هيو ان کان حڪومت شايد واقف ڪو نه آهي جي مان سربراه مملڪت هجان هان ته قيدين جي سزائن ۾ ايتري ته گهٽتائي آڻي ڇڏيان هان جو قيدي پاڻ ڇڪرائجي وڃن ها مان ته سمجهان ٿو ته ڪهڙي به خوني قاتل ڏاڙيل يا ڦورو لاءِ پنج سال سزا به وڏي آهي ججن جو هاڻي دماغ اچي خراب ٿيو آهي

جيڪي سنا ۽ ايماندار جج هيا انهن جا حڪومت ٽپڙ گول ڪرائي ڇڏيا هڪ قيدي سنڌ جي موجوده چيف جسٽس جي نالي چيو ته هو آهي جڏهن عام قيدي عدليه جي سيٽ کان ذميدار وڏي جج جي باري ۾ اهي رمارڪس ڏين ته پوءِ سمجهو ته ڪل پيران دا خير آهي حڪومت هروپرو جيلن تي لکين ۽ ڪروڙين روپيا خرچ ڪري رهي آهي هي جيل اصلاح گهر ته ڪو نه آهن هي ته عذاب گهر آهن پلي VCR. T.V هجن پر اصلاح ٻي شي جو نالو آهي ان کان جيل جا عملدار واقف ئي ڪو نه آهن اصلاح تڏهن ٿيندي جڏهن جيل ۾ قيدين کي ريڊيو، ٽي وي ۽ وي سي آر ناهڻ جو ڪم سيکاريو وجي انهن جي لاءِ جيل ۾ ورڪشاپ قائم ڪيا وڃن جتي هو ڪم سکي معاشري لاءِ ڪارآمد ثابت ٿين ٻي صورت ۾ جيل مان عبدالستار باهوٽي جهڙا قيدي ظلم جي چڪي ۾ پسجي نڪرندا ته پوءِ هو ٻاهر وڃي معاشري کي ٿهس نهس ڪري ڇڏيندا ڇو جو هي سڄو معاشرو هيٺ متي ڪرڻ ۾ رشوت خور ججن جو وڏو هٿ آهي مونکي ماما مشتاق ٻڌايو پولا ته فرسٽ جڊيشنل مئجسٽريٽ غلام رسول سمون چريو آهي ۽ گدو بندر ۾ رهي چڪو آهي هي گدو بندر رهي يا نه رهي ۾ هي چريا ضرور آهن هنن ججن جي چريائپ پوري قوم کي چريو ڪري ڇڏيو آهي منهن جو جيل ۾ ٽوال چوري ٽي ويو آهي جڏهن مون اها دانهن جيل جي سپاهين کي ڏني

ته هنن چيو ته هت هيروئي اڪثريت ۾ آهن مان پنهنجا ڪپڙا سنياڻي رکان ورنہ هيروئي اڳئ بہ ڪٽي ويندا.

جيل ۾ هاڻي اها اڳي واري سختي ڪو نہ آهي قيدين کي پنهنجا ڪپڙا پهريل آهي ايتري قدر جو بسترا ۽ وهاڻا بہ قيدين وٽ موجود آهن اڳي سياڻي قيدين کي هڪ جهڙا ڪپڙا هوندا هيا ۽ اڇي ٽوپي پائل هوندي هئي ته وري انهن جي مٿان راکا بعني مفدم هوندا هيا انهن کي ڳاڙهيون يا ڪاڪيون ٽوپيون پائل هونديون هيون هنوقت رات جا 8 ٽيڻ وارا آهن مسٽر اصغر ناريجو صاحب جيڪو سنڌ نئشنل فرنٽ جو هڪ وڏو نالياورو ليدر آهي ان جي مهرباني سان مونکي کي هڪ گهٽيا درجي واري وارڊ ۾ جتي رکيا هيروئني هيا پاڻ سان گڏ اسپيشل وارڊ نمبر ا ۾ وٺي آيو اتي اچڻ کان پوءِ مان اهو ٿو محسوس ڪيان ته جڻ مان گهر ۾ آهيان مون هتي جيل ۾ اهو فيصلو ڪيو ته ضامن ٽيڻ کان پوءِ مونکي جج ارشد مرتضي ۽ جڊيشنل مئجسٽريٽ غلام رسول سمون کان انتقام ونڊو آهي ان جي مان پلاننگ ڪري رهيو آهيان منهنجو انتقام منهنجو قلم وٺندو چو جو مون کي استاد محترم ڪريمڏني خان سومري مون کي ٻڌايو هيو ته قلم تلوار کان وڌيڪ طاقتور آهي اهوئي سبب آهي جو منهن جي قلم جي طاقت کان ڊڄي ججن پنهن جي کل بچائڻ لاءِ مونکي جيل موڪليو آهي مون کي غلام رسول وڪيل ٻڌايو هيو ته منهن جي خلاف وڏي

سازش ڪئي وئي آهي ۽ اها سازش آهي ان جو نتيجو نينگر ننڍي ۽ جماڻا گهٽا سو اهي جج ته سنڌ ۾ ئي آهن مان هت جيل ۾ هڪ نئون سياسي اتحاد ٺهندي ڏسي رهيو آهيان جنهن ۾ جيڪي ڏريون شامل ٿيندیون ان ۾ متحده قومي موومنٽ عرف مهاجر قومي موومنٽ ۽ سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ جئي سنڌ واريون ڏريون شامل هونديون ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي ان ۾ ڪي ٻيون ڏريون به شامل ٿين ان جي اڳڪٿي هينئر نه ٿي ڪري سگهجي ڇو جو ملڪ هاڻي اهڙي چوراهي تي اچي بيٺو آهي جنهن جي مستقبل جو فيصلو تقدير ئي ڪندي.

اڄ مورخه 18-3-2000 تي اسان جي بيرڪ ۾ ٻين بيرڪن جا قيدي اچن ٿا ۽ هڪ ٻئي سان ڪچهريون ڪندا هيا اتي هڪ نائجيريا جو قيدي به هيو هي منشيات جي ڪيس ۾ جيل ۾ هيو هن ڪي سزا آيل هئي هن ٻڌايو نه نائيجريا ۾ اتان جا حاڪم ۽ عدليه جا جج عوام جي خدمت واري Moto تي عمل ڪو نه ٿا ڪن هو صرف ۽ صرف حڪومت ڪرڻ ۽ عوام کي ٻهائڻ واري عمل ۾ پورا آهن هن جو مطلب هيو ته هو رڳو غريبن کي ٻهائڻ ۾ پورا آهن مون هن کي سنڌ جي هڪ نامور جسٽس وجيهه الدين صاحب جو هڪ قصو ٻڌايو ته اڄ کان 12 سال اڳ مون هڪ ڪيس هارين جي آزادي جي بابت داخل ڪيو هيو جنهن ۾ ان جج ان ڪيس جو فيصلو پندرهن ڏينهن

۾ ڪيو ۽ هن ان فيصلي ۾ SP سانگهڙ کي حڪم ڏنو ته هو مون سان گڏجي وڃي ۽ وڃي هاري زميندار جي جبل مان آزاد ڪرائي اهو ڪيس هڪ زميندار رمضان راڄڙ جي خلاف هاري گهرام پيل ۽ ٻين جو هيو خاص ڳالهه اها آهي ته جسٽس وجيهه الدين اهو آرڊر ته SP کي حڪم ڏنو ته ڏجي ته هو پاڻ وڃي اهي هاري آزاد ڪرائي پاس ڪرڻ کان پوءِ مون کان پڇيو ته ڇا مان ان جي ان حڪم مان مطمئن آهيان مان ادب سان جهڪي چيو ته مان ان حڪم مان ڏاڍو خوش آهيان ان وقت ان مهربان جج جي اها ڳالهه ٻڌي مون دل ۾ چيو ته ڇا ان کان وڌيڪ ٻيو مونکي ڦاهو ڪپي اهي ڏينهن اهي شينهن اڄ اهي ايماندار جج گهر ۾ ويٺا آهن ۽ ايماندر وڪيل موچڑا پيا کائين اڇڪلهه ارشد مرتضي ۽ غلام رسول سمون جهڙن گهٽيا درجي جي ججن جو دور آهي اهي جج ئي هن ملڪ کي آخرڪار Hang till death تائين پهچائي ڇڏيندا.

مسٽر اعظم علي خواجه ڏاڍو ڏکاريل هيو هي ٽنڊي محمد خان جو هڪ نوجوان واپاري هيو هن جي دل مان درد جا دونهان پي نڪتا ڇو جو نوجواني ۾ بيگناه خون جي ڪيس ۾ ڦاسايو وڃي ان کان وڌيڪ ٻيو ظلم ڪهڙو ٿيندو مان هن جي چهري کي جڏهن ڏسندو هيس ته هن جي چهره تي معصوميت هئي هي قاتل ٿي ئي نه ٿو سگهي هي سڀ ججن جي

زيادتين جو شڪار هيا هي چوي پيو ته ڏنا وائنا ڏوهاري حڪومت ۽ جج چڏي پيا ڏين هن ان جو ڪارڻ رشوت خوري ٻڌايو هي ملڪ مڻ مايوس هيو هن ملڪ جي خلاف نفرت جو اظهار پي ڪيو اهو اظهار اهڙو ته خطرناڪ آهي جو ملڪ کي هاڻي کو معجزو ئي بچائي ٿو سگهي نه ته هن ملڪ جو بنيادون لڏي ويون آهن جنهن جو ڪارڻ صرف ۽ صرف بي انصافي آهي ان کان علاوه ٻيا به ڪيترائي نوجوان قيدي هيا جن ۾ سڪندر لنڊ جيڪو دادو جو ويڙل هيو هي به عدالتي ڏاڍ جو شڪار هيو هن کي ڪيس مان بري ڪرڻ لاءِ جج پنجاه هزار روپيه ڪلارڪ جي معرفت رشوت گهري هئي هاڻي اوهان ئي سوچيو ته جيڪي جج وڪيل جي پيشي مان جج ٿيندا خاص ڪري هاءِ ڪورٽ جا ته اتي کهڙا فيصلا ڪندا جو اهي وڪيل سڄي عمر کوڙا ڪيس وڙهندي ياڻ کوڙا ٿي ويا آهن ۽ سرڪاري وڪيل جيڪي جج ٿيا هوندا اهي کهڙا فيصلا ڪندا ان جو اندازو اوهان کي هي

ڪتاب جنگي طرح ٿيندو. مسٽر اعظم علي خواجه ٻڌايو ته ڪيترائي قيدي اهڙا آهن جيڪي 109 جي معمولي ڏوه هيٺ ٽن ٽن سالن کان جيلن ۾ بند آهن انهن کي شنوائي تي ڪورٽ موڪليوئي نه ٿو وڃي اهي ويچارا غريب جيل ۾ ايڙيون رڳڙي رڳڙي مري ويندا. ۽ انهن جون لاشون جيل مان ايڏي جون گاڏيون ڪٽي ويندیون جيل ۾ لوندي بازي وڏي پيماني

تي هلي رهي آهي جيل ايترو تہ آزاد ٿي ويو آهي يعني جيل انتظاميہ جي ڪنٽرول مان نڪري ويو آهي جو هيروئن جو استعمال عام جام لڳو پيو آهي هيروئنين هيروئن خريد ڪرڻ لاءِ رنڊين وانگر پنهنجو جسم فروشي جو ڌنڌو شروع ڪري ڏنو آهي جيل ۾ سپرنٽنڊنٽ ان ڳالهہ تي اکيون ٻوٽيون ويٺو آهي ڇو جو هن کي گهر وٽي ان جو پٽو ملي رهيو آهي.

جيل ۾ عيد جي ٻي ڏينهن ملهہ وڙهڻ جو پروگرام هيو اتي سنڌ نئشنل اسٽوڊنٽس فرنٽ جي هڪ شاگرد مير مظهر ٻڌايو تہ عوامي تحريڪ ۽ جئي سنڌ وارن جي ويڑهہ ۾ هڪ ڪريڪر ڦٽي ڪيو ويو هيو جيڪو هن هٿ تي روڪيو هيو جنهن ڪري هڪ تہ هن جي هٿ جي هڪ آنگر ضائع ٿي وئي هئي ان هوندي تہ هن تي ۽ ايڪسپلوزيو ائڪٽ جي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هيو هن شاگردن جي ويڑهہ تعليمي ماحول کي ٻانوٻول ڪري ڇڏيو آهي جو سنڌ جي نوجوانن جو جيل ۾ اچڻ سٺو سنوڻ نہ آهي.

اڄ مورخہ 19-3-2000 تي مان صبح جو اتي جڏهن سيڪوريٽي وارڊ ۾ ويس اتي هڪ قيدي نالي منصور جيڪو ذات جو سومرو هيو اهو ڦاسي گهاٽ ڏي ڪنهن قيدي سان ملڻ پي ويو مون ڪيس چيو تہ هو مون کي ٻہ وٽي هلي هي مون کي ٻہ پاڻ سان گڏ ڦاسي گهاٽ ۾ وٽي ويا اسان جڏهن ڦاسي گهاٽ جو در ٽپي اندر وياسي تہ جيڪا پهرين کولي هئي ان ۾

بلوچستان مان هاءِ جيڪ ٽيل جهاز ڪيس جو قيدي جنهن جو نالو جدگال محمد شهسوار باحاڪمي بلوچ مليو ان سان گڏ ٻيا قيدي ٻ هيا هي وڏو باشعور قيدي هيو ۽ من سان مون جڏهن گفتگو شروع ڪئي ته هن جي گفتگو مان ائين پي لڳو هي ملڪ جي باري ۾ مڪمل معلومات رکندڙ هڪ وڏو قوم پرست رهنما آهي هن پنجابين ۽ پناٽن جي باري ۾ وڏو حساس هيو هن سنڌين تي تبصرو ڪندي چيو ته جيئن ته سنڌي س سان شروع ٿو ٿئي ان جي معني ته سنڌي سادا ماڻهون آهن ته وري بلوچن جي باري ۾ چيو ته اهي ب سان شروع ٿو ٿئي معني بلوچ بهادر آهن هن جي دل ۾ وڏيون باهيون هيون هن چيو ته سئي ڪئس بلوچستان مان نڪري ڪشمير تائين وڃي پهتي آهي ان هوندي ته بلوچ بڪيا آهن اها وڏي بدقسمتي جي ڳالهه آهي هن چيو ته تيل جي ڪوهن جا سرچشمه ٻ بلوچستان ۾ آهن اتان ئي تيل جون شاخون ٻين ملڪن ڏانهن وڃن ٿيون هي وڏو حساس طبيعت جو نرم و نازڪ مزاج طبيعت جو مالڪ هو هن ٻڌايو ته هنن جهاد اغوا ڪيو هيو ته انهن جهاز جي مسافرن کي ٻڌايو ته هو بلوچستان جي عوام جي حقن تي جيڪي دارڙا لڳي رهيا آهن جو هيڏو معدني دولت کان علاوه بندرگاهن جي صوبي جي حالت اها آهي جو اتان جون غريب عورتون ڪانيون چونڊي وڪڻي پيٽ ٿيون پرين هن ٻڌايون ته جڏهن 1963 ۾ ايوب

خان جي دور ۾ گوادر مسقط کان پاکستان کي مليو هيو ته هي ان وقت ڏاڍا خوش ٿيا هيا ته هاڻي بلوچن کي انصاف ملندو پر انصاف کو نه مليو الٽلندو ظلم وڌي ويو هن ڏايو ته سردار نوروز خان کي سندس ٻارن سميت ايوب خان قاسي ڏئي بلوچن سان ٻهريون ظلم کيو هن چيو ته پاکستان ۾ رڳو سازشون ٿيندیون رهيون آهن سکندر مرزا غلام جو تختو الٽيو ته وري ايوب خان سکندر مرزا کي چلتو کيو وري ايوب خان جي جاءِ تي يحي خان آيو مطلب ته هت هرکو هڪ ٻئي جو تختو کيڏڻ پورو آهي ته پوءِ عوام جي خدمت کير کندو اهو ته کير سوچي ئي کو نه ٿو. هن چيو ته جي هو چاهين ها ته اهو جهاز پي ملڪ ۾ ڪٽي وجي پيا سگهن پر هنن اهو جهاز حيدرآباد ۾ ان کري لاٿو جو حکومت پاکستان کي پنهنجا مطالبا پيش کرڻ پيا چاهين نه ته اهو جهاز پي ملڪ ۾ ڪٽي وجي پي سگهيا هن بلوچستان جي سياست تي تبصره کندي چيو ته غوث بخش بزنجو کامريد، فدا بلوچ کي گولين جا برست هڻائي ماري ڇڏيو جيئن سرداري نظام برقرار رهي ته پي پاسي مسقط جي فوج ۾ بلوچن جي پرتي تي اعتراض کرڻ تي حميد بلوچ کي قاسي ڏني وئي هن اهو ۾ چيو ته ڏسو ته من جا ڏماکا ۾ بلوچستان ۾ کيا تا وجن هن چاغي جي باري ۾ چيو ته اتي اهي تجربا چو تا کيا وجن چا ٻيا صوبا نه آهن ميزائل ۾ بلوچستان جي

علاقي جيواني تي ڪيرايا ٿا وڃن.

قاسي گهاٽ جي 8x10 ڪولين ۾ 8 اٺ اٺ قيدي واڙيل هيا انهن قيدين جي حالت مان اوهان کي چا ٻڌايان ايتري ته رحم جوڳي هئي جي ڪو به شريف حقيقت پسند ۽ انصاف پسند انسان ڏسندو ته روئي وهندو هنن کي علاج معالجي جي ڪا به سهوليت ڪو نه هئي هنن کي عيد جي موقعي تي ڏينهن ٿيا آهن جو هڪ منٽ به ان ڪولين مان ٻاهر نه ڪڍيو ويو انهن کي اڳي ته صرف 15 منٽ پسار ڪرڻ لاءِ ٻاهر ڪڍيو ويندو هيو هاڻي ايتريو ڪيو اٿن جو 24 ڪلاڪن ۾ صرف هڪ ڪلاڪ ٻاهرڪڍيو ٿو وڃي مان جڏهن انهن قيدين کي ڏٺو ۽ هنن جي نرم ۽ نازڪ جذبن کي ڏٺو ته هي مونکي دنياجا سڀ کان وڌيڪ مظلوم انسان لڳا جو هنن کي اها به اجازت نه آهي ته هو عيد جي نماز پڙهن ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ظلم ٿيندو جيڪو جيل وارن روا رکيو آهي هي قيدي ججن تي سخت ڪاوڙيل هيا ايتري قدر جو هنن چيو ته ججن جو ڪارو منهن آهي ان کان پو ۽ مان اڳتي ويس ته مون ڏٺو ته قاسي جي سزا وارا قيدي ٽوپيون ناهي رهيا هيا کي وري ٽيپ رڪارڊ تي تيز آواز ۾ گانا ٻڌي رهيا هيا.

انهن کولين ۾ هڪ قيدي مليو جنهن جو نالو محمد حنيف نوحاڻي هيو هن ٻڌايو ته رجب خاصخيلي جيڪي 5 سپاهي ماريا هيا انهن سپاهين ۾ دين محمد

اڇڑ نالي هڪ سپاهي ب هيو اهو ب مارجي ويو هيو اهو سڇو ڪم رجب خاصخيلي ڪيو هيو جيڪو پوليس ڪائونٽر ۾ مارجي ويو هيو جو بعد ۾ ڪنهن زميندار جيڪو ذات جو نوحاڻي هيو هن کان بدلو وٺڻ لاءِ هن جو نالو پوليس کي ڏنو ان زميندار جو نالو هن دودو خان نوحاڻي ٻڌايو هن کي عمر قيد کان علاوه 14 سال قيد بامشقت سزا ٻڌايل هئي هي سپ قيدي ملڪ کي ڇڏون ۽ پاراتا ڏئي رهيا چون پيا ت هت انصاف نالي ڪا شي موجود ئي نه آهي. ٺيڪ آهي في الحال اها ڳالهه مجي ب وڃي ت انصاف آهي پر ان جو عملي طرح ڪو ب مظاهرو ڪو نه ڏو ڪيو وڃي جو ان جو هڪ مثال فضل چانگ جو آهي جو هو 12سال قاسي گهات جي هڪ کولي ۾رهيو ان کان پوءِ ب هن کي قاسي جي سزا ڏني وئي ان کان وڌيڪ ٻيو ظلم ڪهڙو ٿيندو جو ايڏو وڏو انتظار يعني صدي جو اڌون حصه هڪ قيدي کي جيل ۾ رکي پوءِ موت جي حوالي ڪرڻ وڏي بي انصافي آهي هنن ڇيو ت پوليس صحيح تفتيش ڪو نه ڏي ڪري جي پوليس شريف ۽ ايماندار ٿئي ت سوال ئي پئدا نه ڏو ٿئي ت ڪنهن سان بي انصافي ٿئي اسان جڏهن قاسي گهات گهمڻ وياسي ت اتي سزائي موت وارن قيدين اسان کي چانهيون پياريون ت ڪن شربت ب پياريا ت وري ڪن اسان کي بسڪوٽ ۽ مٺايون ب کارايون هنن ٻڌايو ت جيل وارا هنن کي انسان سمجهن ئي ڪو نه ڏا هنن جي نظرن

پر هي ڪندم ماڻهون آهن.

ڪينسر ئي قيدين کي ڪينسر. السر، T.B. جهڙيون خوفناڪ بيماريون آهن تنهن هوندي بہ هنن جو علاج نہ ٿو ڪرايو وڃي مون انهن قيدين جي ڇهرن تي جيڪا مايوسي ڏٺي ان مونکي هن ملڪ جي مستقبل. ڪان مايوس ڪري ڇڏيو آهي هي صرف ان آس تي جيئرا هيا تہ شايد هنن کي اپيل جي موت پر آزادي ملي هاءِ ڪورٽ پر هنن جو اپيلون گذريل 10 کان ٻارنهن سالن تائين پيل آهن پر هاءِ ڪورٽ جا جج انهن جي اپيلن کي ٻڌڻ لاءِ تيار ئي ڪو نہ آهن قيدي چون پيا تہ جج خدا ٿي ويا آهن جو انسان جي تقديرن سان پيا کيڏين انهن ججن جو خدا ٿيڻ ملڪ ۽ قوم لاءِ وڏو خطرناڪ آهي هنن پر هڪ جج افضل جي باري پر هنن ٻڌايو تہ هو جنوني پاگل آهي جنهن جو مثال هنن جاويد اقبال جيڪو 100 ٻارن جي قتل جي ڪيس پر آهي ان کي هڪ رانجهي نالي جج جي ڏنل سزاجنونيت جي انتها آهي ان سزا تي تبصره ڪري هڪ قيدي چيو تہ ان سزا کان بهتر هيو تہ جاويد اقبال کي انهن ٻارن جي مائرن کي ڏنو وڃي تہ هو ان جو ٻوڙ ٻجائي کائي وڃن.

هنن جيلن پر ٿيندڙ ظلمن تي تبصره ڪندي هڪ جيلر منظور ميمڻ جي باري پر ٻڌايو تہ هو وڏو ظالم هيوهو چا ڪندو هيو جو هڪ قيدي کي اگهاڙو ڪري ان کي ٻي قيدي جي ٻڌي تي وهاري جيل پر

گھمايو ويندو هيو ته هڪ ٻي قيدي ٻڌايو ته سانگهڙ جي جيل ۾ اهو رواج هوندو هيو ته جيڪو نئون قيدي جيل ۾ ايندو هيو ان کي جوتن جا هار پارائي جيل ۾ گھمايو ويندو هيو ھاڻي اوهان ئي ٻڌايوجڏهن اهي قيدي رها ٿيندا ته معاشره لاءِ ڪيترو ڪار آمد ثابت ٿيندا ان جوفيصلو اوهان پاڻ ئي ڪيو نه صرف اهو ليڪن جيڪب آباد ۾ قيدين کي نڪ ۾ پاڻي وڏو ويندو آهي.

هنن ڪراچي جيل جي باري ۾ ٻڌايو ته اتي سهڙ لاءِ قيدي جاءِ ونڊ لاءِ ٻه ٻئسا ڏيندا هيا. هنن هڪ امير قيدي يونس حبيب جي باري ۾ ٻڌايو ته هن کي سپاهي سج پٽر ڏيکارينداٰ هيا ته هو جيل ۾ سپاهين کي نوٽن جون دستيون ڪيي ڏيندو هيو يونس حبيب اتي سپاهين کي نيون نيون موٽر سائيڪلون ونڊي ڏنيون هيون ته وري آفيسرن کي موٽرڪارون ونڊي ڏنيون هيون ڇا اهي جيل جا آفيسر ۽ جج ڏوهاري نه آهن ڇا اهي سزا جي لائق نه آهن اتي قاسي گھاٽ ۾ هڪ قيدي جنهن جو نالو مالهو مينگهوار هيو اهو اتي ئي مسلمان ٿيو هيو هن جو نالو احمد علي رکيو ويو هيو هي مسلمان ان آس ٿيو هوندو ته شايد مسلمان ٿيڻ جي ڪري مسلمان آفيسر ۽ جج هن تي رحم ڪندا ۽ هن کي اها خبر ڪو نه هئي ته پاڪستان جا آفيسر ۽ جج قاصائي ٿي ويا آهن اوهان ئي ٻڌايو ته 8x10 جي ڪوٺي ۾ ست ماڻهون ڪيئن رهندا هڪ قيدي

ٻڌايو ته اتي ڪمري ۾ ايتري ته بدبو ٿيندي آهي جو ماني کائڻ مهل ڪڏهن ڪڏهن الٽي اچي ويندي آهي ڦاسي گهاٽ جا قيدي جڏهن ڪنهن ڪم لاءِ برداشتي کي سڏ ڪندا هيا ته پلاسٽڪ جا گلاس لوه جي سيخن سان وڇائيندا هيا.

مان جڏهن اتي ڦاسي گهاٽ ۾ ويس ته مون اتي هڪ قيدي کان لکڻ لاءِ پنو گهريو ته انهن مونکي چار پنا ڏنا انهن پنن ۾ هڪ قيدي جو مائٽن ڏي لکيل خط هيو مان اهو هن ڪتاب جي پڙهندڙن لاءِ لکي رهيو آهيان هي خط پڙهو.

****

(OM)

مورخہ 18-3-2000

جناب مانوارا ياءُ نرسينگهہ ءِ اوما رام سدائين چوڏهين جي جنڊ وانگر روشن ءِ گلاب جي گل وانگر مهڪيل شاد آباد هجو غستي قبول ڪندا بعد گهٽي سڪ ءِ اکير ۾ لکجي ٿو ته هت سڀ خير آهي ءِ اوهان صاحبن ڏانهن ب ايشور ڀگوان جي دیا سان سڀ خير سڪ هوندو ءِ ٿيندو..

پيارا ياءُ اوهانجو لکيل پيغام مليو ءِ پڙهي بي حد خوشي ٿي پيارا ياءُ اميد ته اهڙا پيغام لکندا رهندا ته منهن جي هي نندڙي در ديري دل جا سور سهي

سگھان.

اي ڪبوتر جاڪي خبر دي دل شاد نهين هي
لکهنا تـو بهت ڪجهه هي مگريـــاد نهين هي

پيارا پاڻُ توهان ته هن آزاد دنيا ۾ آباد آهيو مگر آءُ قيد خاني ۾ موت جي انتظار ۾ زندگي جا ڏکيا ڏينهن بسر ڪري رهيو آهيان.

پيارا پاڻُ آءُ اڪيلو ويهي پنهن جي ماروئڙن جا گلاب جي گل جهڙا چهرا محسوس ڪري تصور ۾ آڻي جرين وانگر روئي چند کي ڏوراپا ڏيندو آهيان ته تون ئي آهين منهن جي جيئن جو سهارو ته پوءِ مونکان ايڏو دوري ڇو ٿو ڪري منهن جي نيٽن جي آڪاش تان بادل وسڻ شروع ٿيندا آهن مگر اوهان جو پيار منهن جي نصيب ۾ نه هو ته مان چا ٿو ڪري سگهان پر مان منهن جي ماروئڙن کي بيوفا نه چوندس پيارا جڏهن منهن جي قسمت وفا نه ٿي ڪري سگهي ته آءُ بي جي دل کي ڪيئن بيوفا ٿو چئي سگهان منهن جي اها دعا آهي ته اي پيارا سپرين منهن جي زندگي جا ڏينهن به اوهان کي لڳن ۽ زندگي جي هر موڙ تي خوشيون اوهان جون منتظر هجن.

هن قاسي جي سزا کاڌل قاسي گهاٽ ۾ ويڻل قيدي جو خط پڙهي اوهان انهن موت جي انتظار

ڀر ويڙل قيدين جي جذبات جو اندازو لڳائي ٿا سگھو هي اندازو صرف ۽ صرف اهي مائٽھون لڳائي سگھندا جيڪي انسان دوست انسان ھوندا نہ ته وحشي ۽ جانور خصلت انسان لاءِ ڪجھ به نہ آھي.

جھرڪيون اسان جي وارد ڀرايتريون آھن جو صبح ٽيندي ئي جھرڪين جي چھچھائٽ جا آواز ايندا آھن.

****

اڄ مسٽرعبدالحميد ٽيپو سان ڪچھري ٽي ھن چيو ته ھو موجوده ڪيس ۾ بي گناه آھي ٽي سگھيٽو ته ڪنھن ناڪرده گناه ۾ آيو ھجان ھي ڏاڍو ھنس مک طبيعت جو مالڪ ھيو مسٽر نثار احمد جوٽيجو به اسان جي بيرڪ ۾ رھندو ھن تي به اغوا ۽ خون جا ڪيس ھيا انڪري مفڪر جئي ويا آھن ڏوه ڪان نفرت ڪيو ڏوھاري ڪان نہ.

مون کي جنھن ڳالھ جو شڪ ھيو اھو صحيح ثابت ٽيو سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ھڪ ئي شخص ھيو جنھن جي مان پسند ڪندو ھوس هي ھيو محمد ايوب ڪوسو، هي تمام پڙھيل لکيل انسان ھيو ھن کي توھين عدالت جي ڏوه ۾ 17 سال قيد جي سزا لڳل ھئي اڄ ڳالھين ڳالھين ۾ ٻڌايو ته رسول بخش پليجي ھن کان ست ھزار روپيه ھن جو ڪيس ائننئي ٽيررسٽ ڪورٽ ۾ھلائڻ لاءِ ورتا آھن اھا ڳالھ ٻڌي

مان چڪرائجي ويس چو جو مون کي خبر هئي تہ وڪيل ڪنهن سان بہ سچو نہ هوندو آهي هن کي رڳو پئسا ڪپن هي پئسن سان سچا آهن اهڙي ڳالهہ مون کي هڪ وڪيل چوڏري نصير ٻڌائي هئي تہ وڪيل جي رڳن ۾ رت جي بدران پئسو وهندو آهي رسول بخش پليجو ۽ يوسف لغاري ٻئي پئدا گير بہ هيا تہ دادا گير بہ هيا هنن پنهنجون پنهنجون پارٽيون بہ صرف ۽ صرف پنهنجا مفاد پورا ڪرڻ لاءِ ٺاهيون آهن هنن جا ڪهڙا مفاد آهن هنن جو مفاد اهو آهي تہ ماڻهون کي بيوقوف ٺاهي پنهنجو سياست جو روپ ڏيکاري هڪ طرف عوام کي بيوقوف ٺاهيندا هيا تہ ٻي طرف ججن کي لٽ بہ ڏيکاريندا هيا تہ جٽ بہ مونکي هڪ قيدي ٻڌايو تہ يوسف لغاري باقاعده رشوت خور ججن جي دلالي ڪندو آهي ۽ انهن کي رشوت وٺي ويندو آهي ۽ پوءِ هنن کان مرضي جا فيصلا وٺندا آهن پاڪستان جي عدليہ ۾ اهڙا ڪيترائي بي ضمير جج آهن جيڪي پئسن تي پنهنجو ايمان ۽ ضمير وڪڻي ڇڏيندا آهن جج ڏسن ٿا تہ سڀ آفيسر رشوت جي وهندڙ گنگا ۾ هٿ ڏوئي رهيا آهن هو چو محروم هجن اهو سبب آهي جو اڄ جيل جا قيدي ڪورٽن جي لاءِ چون ٿا تہ اهي مارڪيٽون ٿي ويون آهن جتي جج وڪامن ٿا تہ وري وڪيل وري ايجنٽ ٿي ويا آهن جنهن ملڪ ۾ عدليہ جي باري ۾ ماڻهن جي اها راءِ هجي اتي انصاف سان جيڪا جٽ ٿيندي آهي اها جي اوهان کي ڏسڻي

آهي ته پوءِ جيلن ۾ راچي ڏسو ته چا آهي محمد ايوب
کوسي صرف ۽ صرف رسول بخش پليجي جي غلط
مشوره جي ڪري ان آس تي گرفتاري ڏني ته پليجو
هن کي هن ڪيس مان بچائيندو رسول بخش پليجو
بيوقوف کو نه آهي هو پئسا ڪمائڻ چاڻندو آهي هن
کي محمدايوب کوسي کان پئسا ونڊي شرم اچڻ
گهرجي ها چو جو محمد ايوب کوسو ڏوهاري کو نه
هيو هي ضميرجو قيدي آهي هن مونکي ٻڌايو ته هن
جي تحريرن جو غلط مطلب ورتو ويو آهي ورنه هو
مذهب اسلام جي بلڪل خلاف نه آهي هو خدا جي
فضل سان مسلمان گهراڻي ۾ پئدا ٿيو آهي ۽ پڪو
مسلمان آهي. پر اسان جي ملڪ ۾ ملن سان خدائي
پچي لطيف سائين جا ٻڌيل آهن هنن مذهب جي اصل
روح ۽ تعليمات جيڪا اسان جي نبي حضرت محمد
ڪريم صلي الله عليه وسلم ڏني آهي ان تي بلڪل عمل
کو نه ٿا ڪن اسلام ۾ ڪٿي لکيل ته دولت گڏ ڪيو
اسان جو پيارو نبي جنهن وٽ دنيا جهان جي ملڪيت
هئي ان وقت عرب سڄي دنيا تي چائنجي ويا هيا ۽
انهن جي فتوحات جي ڪري جيڪا مال دولت مديني
۾ گڏ ٿيندي هئي جيستائين نبي ڪريم اها ورهائيندا
کو نه هيا گهر ئي کو نه ويندا هيا سبحان الله اڇڪلهه
جا ملا ۽ مولوي عطر عنبير ٿا هٿن توهان راءِ ونڊ وجي
هنن جا ٽلها چرهي سان پريل جسم ڏسندا ته توهان
کي انهن بدبختن کان نفرت ٿيندي جيڪي اسلام کي

بدنام ڪري رهيا آهن مان ته چوان ٿو ته جيڪڏهين
انهن ملن کان مسجدن جون چابيون ڪيسون وجن ته
هي اتي نماز ۽ پڙهڻ کو نه ايندا هنن مذهب کي
ڪمائي جو ذريعي بڻائي ڇڏيو آهي هي ڪنهن غريب
جي حمائت ۾ هڪ موچڑو ۽ ڪائڻ لاءِ تيار نه آهن هي
ڪٽي ڪائڻ وارا مجنون آهن هنن کان خدا پناه ڏئي
محمدايوب ڪوسو ملا ازم جو شڪار ٿي ويو آهي
سنڌ وارو ڏسو رسول بخش پليجي ۽ يوسف لغاري
جو چهرو يوسف لغاري وري جنهن ڪيس ۾
محمدايوب ڪوسو آهي ان اخبار جي پبلشر جو هاءِ
ڪورٽ ۾ وڪيل آهي ته وري بي پاسي رسول بخش
پليجو دهشتگردي واري ڪورٽ ۾ وڪيل آهي هي
جيڪي قاڑها ماريندا اهي اسان ۽ ڏسنداسي جج ڪي
ڪا سمجهه اچي ته بي ڳالهه نه ته اڇلهه جا جج رانجها
ٿي ويا آهن مسٽر عبدالحميد ٿيهو سان ڪچهري ٿي
ان چيو ته مان سنڌ جو اهم ماڻهون آهيان جهڙي
طرح فيڊرل ڪاسٽرو ۽ نيلسن منديلا آهن مان اڄ
ڪان سنڌ جو جرنيل آهيان ۽ مونکي سنڌجو عوام
جرنيل امان الله سومرو ڪري سڏيندا پر مان اهو
جرنيل آهيان جنهن جي في الحال نه ته ڪا مسلح فوج
آهي اهي مسٽرعبدالحميد ڀٽي جا خيالات آهن مونکي
لڳي اڳتي ٿو هلي سنڌين جي پنهن جي فوج هوندي
جنهن ۾ رڳو سنڌي هوندا ان جي ڪمانڊ منهن جي
هٿ ۾ هوندي جي ائين ٿيو ته پو ۽ مان مسٽر

عبدالحميد ٻڌي کي ٻنهن جي فوج جو ٻيو غير سربراه مقرر ڪندس.

مورخہ 21-3-2000

اڄ اسان جي ٻئرڪ ۾ قاضي غلام مصطفي نالي هڪ شخص ملڻ آيو هي صاحب ڪنهن تعارف جو محتاج نہ آهي هن جي باري ۾ اخبارن ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي هتي وڌيڪ لکڻ بيڪار آهي بس ايترو ئي ڪافي آهي تہ هي ٻنهن جي فن ۾ ماهر آهي هن مونکي چيو تہ هو مونکي ۽ منهن جي بٹ ذوالفقار علي کي ٻاهر ملڪ موڪلي ٿو سگهي جو هن جا مائٹ موراکو ۾ آهن هي اسان کي اتي بنا ڪنهن خرچ جي موڪلي ٿو سگهي هن سان گڏ هڪ مسٹر اصغر علي آرائين نالي وڃڻا جو هڪ آفيسر ب گڏ هيو مون جڏهن هن صاحب ڏي ڏٺو تہ هن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هيا ۽ هي درد ۽ الم جي هڪ تصوير هٿي هي ب ملڪ جي مستقبل مان مايوس هيو هن هڪ زبردست ڳالهہ ٻڌائي هن ٻڌايو تہ هڪ چيني ڪهاوت آهي تہ ب هنس هڪ نر ۽ هڪ ماده گهمندا قرندا ٻنهن جي ملڪ کان ٻاهر نڪري ويا هلندي هلندي هي هڪ بستي ۾ اچي نڪتا انهن جڏهن بستي ڳوٺ ۾ هيٹ نهاريو تہ هيٹ ويراني لڳي ٻئي ۽ هڪ سڪل وڻ تي چب پي ڳالهايو اتي ماده هنس نر کي چيو تہ جنهن بستي ڳوٺ ۾ ڏينهن جو جبرا بولين اتي ائين ئي ٿيندو

آهي اها ڳالهه ٻڌي ان جبري انهن ٻنهي هنس پکين کي سڏ ڪيو اهو ٻئي پکي هيٺ لهي اچي ان جب سان ان وڻ تي اچي ويٺا جڏهن هي هلڻ لڳا ته ان جب هنس پکي جي زال يعني ماده کي جهلي چڏيو ۽ نر هنس کي چيو ته اها ماده هن جي زال آهي ۽ هو هتان هليو وڃي ان تي نر ان جبري کي چيو ته ائين نه ڪر تنهن جي ٻولي شڪل اسان کان ڏار آهي هن جي زال هن جبري جي زال ڪيئن ٿي سگهي ٿي آخر ڪار مجبور ٿي هنس پکي ان ويران ڳوٺ جي چنگن مڙسن ڏانهن انصاف لاءِ دانهن ڪئي ويو اتي پنڇن فيصلوڪيو جيئن ته هنس پکي ڏاريو آهي ۽ جبرو هنن جي ڳوٺ جو آهي لهذا ماده هنس جبري کي ٿي ڏجي اهو ٻڌي هنس پکي روئڻ لڳو ۽ جڏهن واپس وڃڻ لڳو ته ان جبري هن کي سڏ ڪري چيو ته اها ويراني جبرن جي ڳالهائڻ سان ڪو نه ٿي آهي پر هيٺ ويٺلن انهن ججن جي ڪري ٿي آهي جيڪي غلط فيصلا ڏئ ڪن اها بستي ڳوٺ ان بي انصافي جي ڪري ويران آهي هن ان نر هنس کي چيو ته هو پنهن جي زال وٽي هتان هلبو وڃي سو اها ڳالهه درست آهي اصغر علي آرائين حالانڪ پنجابي هيو هن چيو ته هو ملڪ جي باري ۾ ڪا به سٽي راءِ نه ٿو رکي هن ٻڌايو ته فوجي آفيسر ڪورٽ جو ڪو به احترام ڪو نه ڪندا هيا. ايتري قدر جو جج ڪورٽ ۾ ايندو هيو ته فوجي اتي به ڪونه بيهندا هيا جي ڪڏهين فوجي حڪومت جو زوال آيو ته ان ۾

ججن جو هڻ هوندو.

جيل ۾ SEX وڏو پرابلم آهي جهڙي طرح ٻين ملڪن جي جيلن ۾ قيدين کي پنهنجون زالون رکڻ جي اجازت آهي اهڙي طرح هت ب اهڙي اجازت هئڻ گهرجي جي توهان ٿورو سوچيو جنهن ماڻهون کي 25 سال سزا ايندي ان جو حشر چا ٿيندو ته وري جي هو شادي شده هوندو ٻويان ان جي زال جو چا حشر ٿيندو اسان جي ملڪ جا حڪمران انڌا، گونگا ۽ ٻوڑا ٿي ويا آهن.

اڄ مان شام جو جيل ۾ تمام حساس نوعيت جي حصي جنهن کي جرين جو وارڊ ڪري چئبو آهي ان ۾ جڏهن هڪ ٽائيجريا جي قيدي سان اندر ويس ته مان حڪرانجي ويس اتي جيڪي چريا قيدي ڏٺا منهن جالنگ هي ڪانڊارجي ويا انهن جي حالت اهڙي ته خراب هئي جو هو انسان لڳا ئي ڪو نه پي پيا هنن جي حالت جانورن کان ب بدتر هئي هنن چرين قيدين جا ڪپڙا ڦاڙل هيا هڪڙي قيدي جي پرسان سڪل ماني رکيل هئي هي ائين ستاپيا ته جڙ ته ڪي لاشون هجن جڏهن مون هنن چرين جي باري ۾ معلوم ڪيوته ڪن ماڻهن ٻڌايو ته هنن کي چريو تشدد ڪري ٽاهيو ويو آهي ۽ جيل انتظاميه پئسن جي لالچ ۾ هنن تي تشدد ڪندي هئي ڳالهه ڪرڻ وارا ڳالهه پيا ڪن ته اڳي جيل ٽائيڊا لڳو پيو هوندو هو روڊن تي رت جا ڏها لڳا پيا هوندا هيا ۽ رت جي ڏپ ايندي هئي ان کان پوءِ مان

غيرملڪي قيدين سان ملڻ ويس هي گهٽو ڪري نائيجريا جا هيا هنن سان جنڪ اها هئي جو هو پنهن جي سزا ت پوري چڪا هيا پر ڏنڊ جا پئسا جيڪي 5 لکن تائين هيا نہ هجڻ جي ڪري وڌيڪ جيل ڪٽيندا. هنن ٻڌايو ت هنن سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي آهي پر اڃان ان جي شنوائي ڪو نہ ٿي ٿئي هي ڏاڍا مايوس هيا انهن مان ٻن قيدين شيشن واريون ٽوپيون پي ڏاهيون آخر ۾ هي ٻہ انسان آهن هنن کي ٻہ ت چانهہ صابڻ کپي انسان جيئرو جيل ۾ لاچار ۽ بيوس آهي ايترو ت هو شايد قيامت ۾ ٻہ ڪو نہ ٿيندو جو ٿو اتي ٻيو نہ ت گهٽ ۾ فيصلي ۾ دير ت ڪو نہ ٿيندي پوءِ جي جنت نہ ملي ت دوزخ ت ملي ويندو جيل ۾ ت ماڻهون مستقل دوزخ ۾ آهي دوزخ ٻہ اهو جيڪو تمام خطرناڪ هجي.

مان هن کان اڳي ڪيئي دفعا جيل وڃي چڪو آهيان پر هن دفعي جيل مان مون کي پو پي ٿيو ان جو سبب کان وڌو ڪارڻ عدالتي بي انصافي آهي جيڪا غريبن سان ڪئي وئي هئي ائين ڪونہ آهي ت جيل ۾ سڀ فرشتا آهن وڌي ۾ وڏا ڏوهاري آهن خوني قاتل آهن منشيات جا واپاري اغوا جا مجرم ٻہ آهن هو برابر سماج جا ڏوهاري آهن ت پوءِ جيڪي ٻاهر وڌين وڌين ڪرسين تي ويٺا آهن ڇا اهي چنگا مڙس آهن ڇا اهي سماج جا ويري ڪو نہ آهن اصل ۾ سماج جا ڏوهاري اهي وڏن پيٽن وارا ڪامورا ۽ وڏيرا آهن جيڪي اهي ڏوهارين جون فيڪٽريون رياستي

ڏاڍ جي زور تي ظلم ڪري پيا ٿاهين هي عوام جي خدمت جي بدلي عوام لاءِ ڏڇوئيندا ڪري رهيا آهن اصل ۾ ته انهن کي جيل ۾ هڻڻ گهرجي ۽ اهو وقت پري نه آهي جو اهي جيل جا دروازا کولي انهن غريبن قيدين باهر ڪڍيو ويندو ته وري جاگيردارن، وڏيرن پوليس ۽ ٻين ڪامورن لاءِ ڪلندا ان جو واضح ثبوت ان ڳالهه مان ملندو جو هنوقت جيل تي قيدين جو قبضو آهي ۽ اهو ڏينهن پري نه آهي جو قيدي اهي جيل جون ڀتيون ٽوڙي ۽ دروازا ڀڃي باهر نڪرندا ان ۾ منهن جي خيال مطابق وڌ ۾ وڌ هڪ سال جو عرصه لڳندو جو جو انقلاب پاڪستان جو در ڪڙڪائي رهيو آهي منهن جي پٽ انهن نائيجريا جي غيرملڪي قيدين جي باري ۾ ججن جي ظرفان سخت پورهئي کان علاوه پنج پنج لک روپيه سزا جي ادائيگي جي سزا تي تبصره ڪندي چيو ته جج صاحبن کي اهو سوچڻ گهرجي ته جي انهن وٽ ايترا پئسا پنهن جي ملڪ يا پاڪستان ۾هجن ها ته هو هيروئن ڪٽي ڪنهن به صورت ۾ افريقا جهڙي ملڪ ۾ جتي سدائين ملٽري راج رهيو آهي ڪٽي ڪو نه وڃن ها.جيل ۾ مون کي مسٽر ايوب کوسي هڪ اهڙي جاءِ ڏيکاري جنهن جي باري ۾ ٻڌايو ته اصل بند وارد هي آهي جنهن ۾ هو جو به گذر نه آهي اتي به قيدي رکيا ويندا آهن هنوقت ته اهو بند آهي پر هڪ قيدي عبدالستار باهوٽي ٻڌايو ته عبدالحي قريشي جيلر کان اڳ واري جيلر ميجر

ڪوسي هن ڪي ان بند وارڊ ۾ بندڪري ڇڏيو هيو جتي
هن ڪي آڙا ٻيڙيون لڳل هيون هن جو ڏوه ڪهڙو آهي
جو هن جيل جي آفيسرن ڪي رشوت ڏيڻ کان انڪار
ڪري ڇڏيو هيو جي هو رشوت ڏئي ها ته ٻوءِ
ڏوهارين واري سلوڪ نہ بلڪ هو عام شهري واري
سلوڪ جي حيثيت هجي ها هن وقت هن جي هٿن ۾ڳل
آهي هن ڪي پوليس گولين هنيون آهن هن جو ڏوه
اهو آهي ته هن DIGجي ڊبل ڪيبن واري گاڏي ڦر
ڪئي هئي جنهن ۾ پوليس مقابلو ٿيو جنهن ۾ هن جي
هٿن گولين جي لڳڻ سبب زخمي ٿي آهي هاڻي هي
چا ٿو گهري علاج ٿو گهري ان باري ۾ جڏهن مون
جيل جي سپرنٽنڈنٽ عبدالحي قريشي سان جنهن
مونکي جيل مان ضامن تي رها ٿيڻ کان پو ءِ رسمي
طرح پنهنجي بنگلي ۾ گهرايو هيو جتي جڏهن ڏڏين
چانون ۾هلندي هن جي بنگلي تي پهتس ته اتي
ڪلارڪ معلوم ڪيو ته چا صاحب آهي ٿوري دير ٿي
مونکي هڪ اوطاق ۾ ڪمري ۾ وهاريو ويو جتي هن
جانهه جو آربر ڏنو مون ڪيس جواب ڏنو ته مان
سٽر اصغر ناريجو صاحب جي دعوت ڪائي پيو
اچان جڏهن مون عبدالحي جيلر کي ڏٺو ته مون اڳي
واري قريشي جيلر ءِ هن دفعي واري قريشي جيلر ۾
وڏو فرق لڳو هن جي دل ۾ رحم نالي ڪا شي ڪو نہ
هئي هن ڪي ڏسي پو ٿيندو هيو هڪ دفعہ هن ٻڌايو ته
هي جڏهن حج ڪرڻ مڪي مديني ويل هيو ته اتي هنن

جي خيمن ۾ باه لڳڻ جي ڪري ڀڄڻ جو منظر تمام
خطرناڪ هيو اهو ڪنهن خطرناڪ فلم ۾ ڏسي ٿو
سگهجي جو اتي هڪ قيامت برپا هوندي آهي عبدالحي
قريشي اها قيامت مڪي مديني ۾ ڏسي آيو آهي اڄان
ب هنن جي چال اها ئي آهي جيڪا اڳي هئي ۽ هنوقت
خالد نالي هڪ درندي جي جيل ۾ حڪومت آهي هنن
وت ڪالو نالي هڪ آدمخور آهي جيڪو وڪالت نامي
تي صحيح ڪرائڻ جا ٻاهر سو روپيه ونندو آهي ۽
اندر وري هر ايندڙ قيدي کي سيڪيورٽي وارڊ نالي
سڏجندڙ هڪ وارڊ جي انهن گندين ڪولين ۾ بند
ڪيو ويندو آهي جتي باقاعده ڪيڙا هلندا هيا منهن
جي ڪمري ۾ بي انتها مڇرن کان علاوه ماڪوڙا ب
جام هيا هڪ وڪيل کي هڪ ڪمبل ڏنو ويو هيو جيڪو
بيمارين سان ڀريل هيو اتي هڪ ڪارو ڏلهو سپاهي
مقرر هيو جيڪو منهنجهند جو مونکان 10 روپيه ونڻ
هوڙ ٻچرائي ڏيندو هيو مان اتي ٻ راتيون رهيس اهي
ايتريون ئ خطرناڪ هيون جو ان جو تصور ڪرڻ
سان ئي منجها جا لنگ ڪانڊارجي ويندا هيا سڄي
رات مان جاڳندي گزاريندو هوس صبح جو سڄ
ايرندو هيو ئ مون واري ڪولي مان صرف اها خبر
پوندي ئ صبح ٿيو آهي آسمان تي چا آهي اها خبر
ڪونه پوندي هئي رات جو سڪل ماني ايندي هئي
دل کي هر وقت درڪو لڳو رهندو هيو هنگڻ جي
هڪ نالي هئي جنهن کي ٻن پاسن کي ٻن فٽ جي ٻڌ

سرن جي رکيل هوندي هئي اهو ان کري رکي ويندي هئي جو قيدين کي ڏيجاريو وجي اتي ئي حسب توفيق کم ورتو ويندو آهي يا وري انهن کي غلامن وانگر ہين امير قيدين يا وري طاقتور قيدين وٽ کم لاءِ موکليو ويندو آهي جتي هو بک کان مجبور ٿي جسم فروشي. ۽ کندا هيا اهو حال آهي جيل ۾ شراب، چرس، آفيم، هيروئن هرشي موجود هئي ۽ ان جي عبدالحي جيلر کي سڄي خبر هئي هن کي باقاعده ان مان حصہ ملندو هيو جيل ۾ اگهاڙيون فلمون مطلب ته هر کڏي کم ۾ کمايل رشوت جي باقاعده حصہ پتي مقرر هئي ۽ انهن کي ملندي هئي جيل جي اندر جي دنيا جي کهاڻي ئي عجيب آهي درد آهي اڻ ڏٺو خوف آهي مون کي هينئر خبر پئي ته قاسي گهات جا قيدين پسار کرڻ مهل جيل جي بيرڪ جي چت تي چڙهي ويا آهن جيل آفيسرن جي خراب سلوڪ تي ايترو ته زبردست احتجاج کري ڏيکاريو آهي جو ڪمال آهي جهاز اغوام کيس جي بهادر کارکن جدگال شهسوار باحاکمي هن کي سنڌ جي کنهن ب جيل ۾ قاسي کو نہ ڏني ويندي نہ ئي کنهن بي کي هاڻي قاسي گهات ۾ بند کرڻو يوندو هنن سڀني قيدين جي جلد ئي آزاد کيو ويندو ڇو جو آزادي انسان جو حق آهي.

امان الله سومرو

وکيل ميرپورخاص

سيني قيدين کي عام معافي ڏني وڃي

جنرل پرويز مشرف جي خدمت ۾ عرض

جناب اعليٰ! عرض آهي تازو ڪجهه ڏينهن لاءِ هڪ جج جي ذاتي دشمني جي ڪري مون کي جيل موڪليو ويو هيو مون جيل ۾ غريب قيدين ۽ جيل جي تباه حال صورت ڏٺي آهي اها هن خط سان گڏ منسلڪ آهي مان فوجي حڪومت جو خيرخواه آهيان ۽ خدانخواسته جيڪڏهين فوجي حڪومت کي ڪو نقصان پهتو ته ان جي نتيجي ۾ ڪيترائي بنگلہ ديش نهي ويندا ان ڪري پاڪستان جا امن پسند شهري چاهين ٿا ته فوجي حڪومت ڪامياب ٿئي ۽ ڪامياب حاصل ڪرڻ لاءِ وڏو ڪم ڪرڻو پوندو آهي ۽ اهي حڪمران جيڪي رحمدل ۽ عوام دوست هوندا آهن انهن جو ڪير به ڪجهه بگاڙي نه سگهندو آهي مان اوهان کي ملڪ جي اهم ۽ حساس نوعيت جي مسئلي جي باري ۾ ٻڌائيندس ۽ اهو آهي قيدين جو مسئلو.

جناب اعليٰ! ڏوه ۽ ڏوهاري به الڳ الڳ شيون آهن انسان کي ڏوه کان نفرت ڪرڻ کپي ۽ ڏوهاري کان [illegible] جي اسلامي تعليمات جي مطابق

ته هڪ عورت جنهن پنهن جي دشمن جي جيرو جهاڙي ڪائڻ جي باوجود ان کي معافي ملڻ ان ڳالهه جو واضع ۽ ڪليل ثبوت آهي ته اسان جو پيارو نبي حضرت محمد صلي الله عليه وسلم قيدين سان ڪيترو ته همدردي ڪندو هيو ۽ هو ڪيترا نه رحمدل هيا ۽ اسان به الله تعالي جي فضل و ڪرم سان مسلمان آهيون ۽ الله تبارڪ تعالي هن ملڪ جي غريب عوام جي تقدير اوهان جي حوالي ڪئي آهي ته سڀ ڪان پهريون قيدين جي حالت زار تي توجه ڏيو.

جناب اعلي! هن وقت سون جي تعداد ۾ قيدي قاسي گهات ۾ پنهن جي زندگي جا ڏينهن ڳڻي رهيا آهن ۽ هو نه مرن ٿا نه جيئن ٿا. اهوئي خوفناڪ عمل آهي قيدين جي دانهن آهن ۽ دانهن جي ڪري چنگا چنگا حڪمران فنا ٿي ويا جاڪاڻ جو عدالتي بي انصافين جي تمام تر ذمه داري حڪمرانن تي عائد ٿي ٿئي ذوالفقارعلي ڀٽي جي دور ۾ عمر قيد جي سزا جي مدت پندرهن سالن کان وڌائي پنجويهه سال ڪئي وئي ۽ ان دور جا قيدي اڄان تائين جيلن ۾ آهن انهن ئي قيدين جي آهن ۽ دانهن جو اثر آهي جو ذوالفقار علي ڀٽي کي قاسي ٿي وئي ۽ ان جي ڏي دربدز آهي.

ان کان پوءِ جنرل ضياء جي دور ۾ بي ڪاشا ماڻهن کي قاسيون ڏنيون ويون ۽ جيلن ۾ قيدين تي بي انتها ظلم ۽ تشدد ڪيو ويو جنهن جو نتيجو اوهان جي سامهون آهي جو ان جي لاش به ۽

ملي ۽ سڙي رک ٿي ويو ان کان پوءِ نواز شريف جي دور ۾ هڪ هي نعرو هيو پکڙيو ۽ ماريو اڄ اهو پاڻ زندگي ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ آهي:

جناب اعليٰ! اوهان جو دور انهن کان ڪجهه مختلف آهي اوهان جي دور حڪومت ۾ اوهان جي طرفان چاڻي واڻي ڪنهن کي به ڦاسي يعني موت جي سزا ڪو نه ڏني وئي آهي باقي عدليه جا جج چاڻن ۽ خدا چاڻي اوهان جي حڪومت ۾ين حڪومتن کان ڪجهه صحيح آهي ۽ جيڪڏهين اوهان چاهيو ٿا ته اوهان ۽ اوهان جا ساڻي ملڪ جي عوام جي خدمت آرام ۽ سڪون سان ڪري سگهو ته پوءِ ٻيا سڀ ڪم ڇڏي سڀ کان پهريون قيدين جا مسئلا حل ڪرڻا پوندا ان سلسلي ۾ صوبائي حڪومتن کي حڪم ڏنو وڃي ته پنجن سالن تائين لاڳيتي سزا ڪاٽڻ وارا سمورن قيدين کي فوري طور تي رها ڪيو وڃي ۽ صدر مملڪت کي درخواست ڪئي وڃي يا اوهان به بااختيار حاڪم آهيو جيل جي آفيسرن کي حڪم نامون جاري ڪيو ته موت جي سزا جي قيدين جي سزا عمرقيد ۾ تبديل ڪئي وئي آهي اسان کي يقين آهي ته جيل جا آفيسر اوهان جي حڪم جي فورا تعميل ڪندا هي عام معافي صرف چند قيدين کي نه پر هر قسم جي ڏوهاري کي ڏني وڃي چاهي اهو ڪيترو به وڏي ۾ وڏي ڏوه ۾ ڇو نه هجي.

جناب پرويز مشرف صاحب! اهڙي طرح

ورهين کان جيلن ۾ بند قيدي جيڪي جيلن ۾ سڙي ويا آهن انهن کي نئي زندگي ملي ويندي ۽ پوءِ اهي ۽ انهن جي ٻار بچن جون دعائون اوهان گڏ هونديون پوءِ

ڪو به ماڻهون يا ڪا به پارٽي اوهان جي طرف آنگر ۽ ڪٽي نه سگهندي جيڪڏهين ڪنهن اوهان جي

حڪومت جي طرف آنگر ڪٽڻ جي جرئت ڪئي ته پوءِ ته عوام ان جو هٿ ڪپي ڇڏيندا.

جناب اعلي ! آخر ۾ عرض آهي ته جيڪڏهين اوهان منهن جي هن قيمتي مشوره تي عمل نه ڪيو ته پوءِ جيل جي آفيسرن، پوليس ۽ عدليه جي ججن جي ظلمن جو جيڪو خوفناڪ نتيجو نڪرندو ان کان خدا پناه ڏئي.

فقط

امان الله سومرو

وڪيل ميرپورخاص

عدليہ جي بددياںت ججن کي تنبيهہ

اسان اڄ جنهن صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهيون اها ايتري ته خونخوار ۽ پوائتي آهي جو ملڪ جي ساليت داؤ تي لڳل آهي ۽ ان سڄي صورتحال جا ذميدار عدليہ جا رشوت خور جج آهن باهر جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي اهو سڄي دنيا جي سامهون آهي باقي جيلن ۾ جيڪو ٿي رهيو آهي مان ان خوفناڪ صورتحال کان اوهان کي آگاه ڪرڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان ڇاڪاڻ جو ان کري اسان جا ارباب اختيار قيدين جي معاملي ۾ بلڪل بي حس ٿي ڇڪا آهن ۽ اهي قيدين کي جانورن کان وڌيڪ اهميت ڏيڻ لاءِ تيار نہ آهن اهوئي سبب آهي جو روزانہ نو روپيہ راشن ۽ صرف ٿي روپيہ ماهانہ علاج لاءِ مختص ڪري ڇڏي واڻي قيدين کي مجبور ڪيو ويندو آهي ته هو ان معمولي رقم تي گذارو ڪن قيدي ويچارا ايترا مجبور ۽ لاچار آهن ته جي هنن کي بکيو رکيو ويندو ته بہ هو گذارو ڪري ويندا ليڪن اهو ڪٿان جو انصاف آهي جو جنهن گناه جي ڏوه ۾ هو جيل ۾ آيو آهي ان ڏوه جي وڌ ۾ وڌ سزا ڇهہ مهينا آهي ته پوءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ بنا سالن جا سال بغير ڪنهن قانون جي جيل ۾ بند ڪري ارباب اختيار ۽ عدليہ جا جج حضرات ڇا اهو ڪا سمجهن ته هو پنهن جو فرض

صحيح طريقي سان ادا ڪري رهيا آهن ته اها هنن جي پل آهي ۽ اهائي اها خوفناڪ پل آهي جنهن هن پوري معاشري کي تهس نهس ڪري ڇڏيو. آهي جنهن جو ثبوت حيدر آباد سينٽرل جيل ۾ قيدين جو قتل عام ۽ ان کان پوءِ پشاور جيل ۾ بغاوت ۽ قيدين جو فرار آهي جيل جا آفيسر جيڪڏهن اهو تا سمجهن ته هن بغاوت جي پويان منشيات فروشن جو هٿ آهي ته اها انهن جي وڏي غلطي آهي قيدين جي هن بغاوت ۽ فرار جي پويان حڪومت جا مقرر ڪيل جلاد قسم جا جيل جا آفيسر ته آهين پر ملڪ جي جيلن ۾ خاص ڪري سنڌ جي جيلن ۾ بغاوت جي پويان سڀ کان وڏو هٿ عدالتن جي ججن جو آهي جيڪي انهن مجبور ڪمزور ۽ بي بس قيدين کي ڪورٽن ۾ پيش نه ٿا ڪرائي سگهن ته پوءِ اها ڪمزور عدليه ۽ ان جا جج انهن غريب قيدين کي ڪهڙو انصاف فراهم ڪندا اهو اوهان جي سامهون آهي اڄ قيدين کي اهي ماڻهون گوليون هڻي رهيا آهن جيڪي انهن جا محافظ آهن جڏهن محافظ هي دشمن ٿي وڃن ته پوءِ مملڪت جو ڪاروبار ڪيئن هلندو ڇا اهي جيلون هاڻي نهيون آهن يا اوائلي آهن ڇا جيلن ۾ بغاوت تازو ٿي آهي يا پهريون ڀ جيلن ۾ بغاوت ٿي آهي جيلن ۾ بغاوت دنيا جي هر ملڪ ۾ ٿيندي آهي جنهن ۾ فرانس نالي ملڪ ۾ مضبوط جيل ٿئو هيو ان کان پوءِ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي مضبوط سينٽرل جيل سڪر جون وڏيون پٽيون

جنهن تي ڪرنٽ جون تارون ۽ لڳل هيون قيدي اهي پتيون ٽپي فرار ٿي ويا هيا يعني پڄي ويا هيا چا هاڻي ۽ صورتحال ساڳي آهي ته جواب ها ۾ آهي اڄ ۽ صورتحال ساڳي آهي جيڪا اڳ هئي جنهن جي تازي مثال سينٽرل جيل حيدرآباد جي آهي جنهن ۾ غريب قيدين کي ڏيجاري ڏمڪائي رشوت وصول ڪرڻ ۽ ٻنهنجو غلام ناهڻ لاءِ ٿي هزار بارودي گولين کان علاوه سورهن سو خطرناڪ زهريلي گئس جا گوڙها آٽيندڙ گولا جيل اندر هٿين نالي قيدين تي اڇلائڻ کان پوءِ رات جي اندهيري ۾ قيدين کي ڏنڊا هٿي اٽاري ماري ڪٽي ڏورانهين جيلن ۾ انصاف کان محروم رکڻ لاءِ زوري قٽو ڪيو وڃي ۽ پوءِ ان قتل عام کي آپريشن سرچ جو نالو ڏئي ارباب اختيار پنهنجا خوني ڏوهه لڪائڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي معصوم ثابت ڪرڻ لاءِ دنيا جي اکين ۾ دوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ليڪن ائين ڪو نه ٿيندو جو جو اها حقيقت آهي ته حقيقت حقيقت هوندي آهي جيڪڏهين ارباب اختيار کي جيلن ۾ قيدين تي ٿيندڙ تشدد جي خبر نه آهي ته قيدين سان ڪهڙا ڪلور ڪيا ويندا آهن ته جي ٻڌڻ چاهيو ٿا ته ٻڌو جڏهن ۽ ننڍن قيدي جيل ۾ ايندو آهي ته ان جي اهڙي ته خدمت چاڪري ڪئي ويندي آهي جو هو پهرين ڏينهن ئي پنهنجن نظرن ۾ ڪري پوندو آهي ۽ وري جيل ۾ اندر وڃي جڏهن جيل ۾ انصاف جي پيل بدبودار لاش ڏسندو آهي ته

هو جيئڻ کان هي توبہ ڪري ڇڏيندو آهي ملڪ جا جيل خانہ جات اصلاح گهر جي بدران قيدين جا قبرستان ٿي ويا آهن جتي انسانن جون جيئرون لاشون پيون آهن جن جو ڪو بہ پرسان حال ڪو نہ آهي جڏهن کاڏو ئي پورو نہ ملي تہ پو• دوا صابڻ تيل ۽ بدن ڍڪڻ لاءِ ڪپڑا ڪٿان ملندا ان کان وڌي بي شرمي جي ڪهڙي ڳالهہ ٿيندي جو ان حالتن کان پوءِ بہ عدليہ جا جج مئجسٽريٽ ۽ پيو انتظامي عملہ غريب قيدين کي جيل موڪلي ٿو ڇڏي ۽ ان کان پوءِ هو اهو پلجي تا وڃن تہ قيدي نالي کا مخلوق هن دنيا ۾ رهندي آهي اڃو تہ مان اوهان کي غريب قيدين تي ٿيندڙ تشدد جي باري ۾ ٻڌايان تہ قيدين تي تشدد ڪيئن ٿيندو آهي.

1. قيدين جون اڃ مڃون ۽ مٿو ڪوڙي ڪارو منهن ڪري پراڻن پادرن جا هار پارائڻ کان پوءِ ٿڪون ۽ بجا هٽندي سڄي جيل ۾ گهمايو ويندو آهي هي ڪاروائي گهٽو ڪري قيدي جي جيل ۾ اچڻ جي پهرين ڏينهن ڪئي ويندي آهي.

2. قيدي کي اگهاڙو ڪري ڏنڊا ٻيڙيون هٽڻ.

3. ڪائي جو ناهيل ل+ن قيدي کي اگهاڙو ڪري ان جي ڳئي تي رکڻ.

4. قيدي جي منهن ۾ ڪهوڙي جو لغام وجهن.

5. سجدا ڪرائڻ ۽ گيسيون ڪرائڻ

6. قيدي کي ايترا تہ ڏنڊا هنيا ويندا آهن جو هو

جوجسم سن ٿي ويندو آهي.

7. قيدي کي اگهاڙو ڪري ان جي ڳئي ۾ رسڙ جي نلڪي وجهي ان ۾ پاڻي، صابڻ ۽ مرچ ملائي وجهڻ کان پوءِ اگهاڙو ئي ٻين قيدين جي اڳيان ڦٽو ڪري وڃڻ.

8. قيدين تي سڏيون گوليون هلائڻ ۽ آنسو گئس جا گولا ڦٽي ڪرڻ.

9. قيدي کي اگهاڙو ڪري ٻي اگهاڙي قيدي تي چاڙهڻ.

ڇا اها آهي اها جديشل ڪسٽڊي جنهن جو جج حضرات حڪم ڏيندا آهن.

انهن تمام ظلم ڪرڻ کان پوءِ هڪ انڌيري ڪوٺي جيڪا انگريزن حريت پسندن کي دٻائڻ لاءِ ٺاهي هئي ان ۾ صرف هڪ دري ۽ هڪ در آهي دري نه پر هڪ روشندان آهي جيئن قيدي آڪسيجن کان سواءِ مري نه وڃي ڦٽو ڪندا آهن اهي نه اهي ظلم آهن جيڪي ظاهر ٿيا آهن ان کان پوءِ الائي ڪهڙا ڪهڙا ظلم قيدين تي ڏيندا هوندا يا هنن تي ڪيا ويندا هوندا ان جي هڪ ٺ ڏا کي خبر آهي نه ٻي ان قيدي کي جنهن تي اهي ظلم ڪيا ويندا آهن ايترن وڏن ظلمن ۽ تشدد ڪرڻ جي باوجود ڇا قيدين جو بغاوتون ختم ٿي ويون آهن نه ائين نه آهي ڇو جو هڪ بغاوت مان ٻي بغاوت جنم وٺندي آهي معني هڪ بغاوت ٻي بغاوت کي جنم ڏيندي آهي ارباب اختيار

جيل ۾ جيڪي ظلم ڪيا ڪيترائي قيدي ماري ڇڏيا قتل عام ڪيو ڇا مليو ڏيڍ پاڻ ڇرس هڪ پاڻ هيروئن ۽ ۽ مٽ ديسي شراب جا يعني ڪوهي وسڪي جا هڪ موبائل فون ۽ ٽيليويزن جا ۽ سيٽ.

جيڪڏهين ڪنهن مجبور قيدي جيڪو سالن کان بي گناه جيلن ۾ بند آهي ان جيڪڏهين چرس جا ۽ سوٽا يا گلاس وسڪي ڪوهي جي نالي زهر جو پيتو يا هڪ اڌ فلم جو گانو دل جو غم گهٽ ڪرڻ لاءِ ڏٽو ته ڪهڙو آسمان ڪري پيو چا اعلي حڪام کي ايترو ۽ عقل نه آهي ته 2800 روپيه ماهوار پگهار تي جيل واردن جيڪڏهين جيل ۾ چرس نه آڻيندو چا هٿنڊ ۾ گرينيڊ آڻيندو عدليه جي ججن جي باري ۾ چيو ويندو آهي ته هو عقلمند ۽ ايمانِدار هوندا آهن مگر منهن جي ته خيال ۾ جيڪي عقلمند، ايماندار ۽ باهمت جج هيا جن ۾ سرفهرست جسٽس وجيهه الدين احمد صاحب جسٽس ناصر اسلم زاهد صاحب، جسٽس عبدالرزاق تهيهم جهڙا باهمت، ايماندار، ۽ قانون جا چاٽو ججن جي ڏينهن ۾ قيدين لاءِ هڪ طريقه ڪار مقرر هيو ان جي تحت هر هفتي عدليه جا جج جيلن جو معائنو ڪندا هيا ۽ قيدين کان انهن جا مسئلا پڇندا هيا ۽ يوءِ اهي جج اتي قيدين جا مسئلا حل ڪندا هيا ان وقت قيدين کي خط و ڪتابت ڪرڻ جي مڪمل آزادي هئي اهوئي سبب هيو جو انوقت جيلن ۾ بغاوت يا شورش کو نه هئي چاڪاڻ جو قيدي مطمئن هيا ته انهن کي

انصاف ملندو مگر اڄ ڪو به جج اها تڪليف ڪو نه ٿو ڪري ته اهي قيدي جيڪي انهن ٻنهن جي يعني جديشل ڪسٽڊي ۾ موڪليا آهن انهن جي ڪهڙي حالت زار آهي ان کي ڏسن هي اڇڪلهه جا جج جاه يسند ۽ جاه طلب ٿي ويا آهن جنهن جو ثبوت تازو هڪ هاءِ ڪورٽ جي جج هڪ معمولي انتظامي آفيسر ڊپٽي ڪمشنر جي دعوت ڪئي اهوئي سبب آهي جو اڄ انتظاميه عدليه جي گرفت مان نڪري وئي آهي ان جا خوفناڪ نتيجا قيدين کي ڀوڳڻا ٿا پون جو اڇڪلهه قيدين کي هڪ ٻئي سان ملڻ ته پري رهيو ڳالهائڻ ٻولهائڻ جي به اجازت نه آهي ان کان وڌيڪ ٻيو وڏو ڪهڙو ظلم ٿيندو جو عدالت جي طرفان ڏنل واضح حڪمن جي باوجود قيدين کي لوڊ جون ڏنڊا ٻيڙيون هنيون ٿيون وڃن جڏهن ته اهي ڏنڊا ٻيڙيون لڳائڻ عدالتن جي طرفان ڏوه قرار ڏنل آهي ان جي باوجود جيل جي حڪام تازو جيل آپريشن جي نالي تي قيدين تي جيڪو ظلم ڪيو ۽ ايترو ته بدترين تشدد ڪيو جو ان جي متعلق BBC ۽ ٻين نشرياتي ادارن اهو ٻڌايو ته حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ قيدين تي ٿيل تشدد دنيا جي تواريخ ۾ ڪڏهن به ڪٿي ڪو نه ٿيو پشاور جيل جي تازي بغاوت ان ڳالهه جو جيڏو ثبوت آهي ته عدليه ۾ وڏندڙ رشوت خوري جي ڪري بي ايمان غدار ۽ ملڪ دشمن جج جيڪي انصاف کي تازاري ۾ رکي انصاف تورين ٿا ۽ انصاف جون ٻوليون ٿا لڳائين انهن.

رشوت خور ججن جي ڪري سچو ملڪ بي انصافي جي هڪ اهڙي خوفناڪ طوفان ۾ اهڙو ته گهرجي چڪو آهي جو هاڻي بيڙي جي ٻڏڻ جو مڪمل خطرو ٻڌا ٿي ويو آهي ليڪن عدليه جا جج شير مرغ وانگر واري ۾ مٿو وجهي اهو ٿا سمجهن ته ناانصافي جو طوفان ختم ٿي ويو آهي

اڄو ته مان اوهان کي ڪورٽن جي ججن جي اهڙي حربن کان آگاه ڪيان ته هي ڪهڙا فيصلا ڪندا آهن اسان جيڪڏهين بين الاقوامي قانون جي تحت هلندڙ ڪنهن به ڪورٽ سڳوري ۾ هلون ۽ انهن کان پڇون ته اهڙو ڪهڙو سويلين قانون آهي جنهن جي تحت فوجي ڪوديتا کي قانوني قرار ڏنو وڃي جڏهن ته فوجي ڪوديتا جو پنهنجو قانون هوندو آهي جو جو ڪڏهن ڪڏهن قانون تلوار جي نوڪ سان به لکيو ويندو اهي منهن جي خيال ۾ اهڙو ڪو به سويلين قانون دنيا جي ڪنهن به پارليامينٽ جي پاس ڪيل قانون ۾ ڪو نه آهي جنهن کي دستور به سڏيو ويندو آهي هي جج حضرات پردي جي پويان ٻاڻ حڪومت ڪرڻ ٿا چاهين ۽ هي جج حڪومت ان وقت ڪندا جڏهن هي خود قانون جو ٻيڙو ٻوڙيندا اهوئي سبب آهي جو اڄڪلهه اهو سوال هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بنچ حيدرآباد ۾ زيرغور آهي نه ڇا غلامن جي آزادي جو قانون ۽ برقرار رکيو وڃي يا ان کي ختم ڪيو وڃي ان سوال تي غور ڪرڻ لاءِ ڪورٽ سڳوري ۾ زوردار

بحث ٿي رهي آهي جڏهن ته قانون جي متعلق لکيل قانون جا ڪتاب انهن جي ميز جي مٿان سامهون رکيا ويندا آهن انهن ۾ واضع لفظن ۾ اهو لکيل آهي ته قانون ۾ غلامي تي مڪمل پابندي آهي ۽ ڪو به ماڻهون بي ماڻهون کان زوري ان جي منشا جي خلاف ڪو به ڪم نه ٿو ڪرائي سگهي ته پوءِ اهو بحث چو ان جو مطلب اهو آهي ته هاڻي اسان جا ڪجهه جج صاحبان جاگيرداري نظام جي حمائت ڪري جيڪڏهين اهو تا سمجهن ته انسانن جي آزادي جيڪا انهن جو بنيادي حق آهي ان جي اڳيان بند ٻڌي سگهندا ته هاڻي ائين ڪو نه ٿيندو جيڪڏهين ائين ٿيو ته پوءِ موجوده عدالتي نظام جي سڄي عمارت جو ڍانچو ڍهي پٽ ٿي ويندو ۽ عدليه حڪومت جو هڪ ستون هڻڻ جي ناطي حڪومت جي ديوارن ۾ به ڏار پئجي ويندا منهن جي ته خيال ۾ انسانيت کي جيترو خطرو ائٽم بم مان آهي ان کان وڌيڪ خطرو بي انصافي مان آهي چاڪاڻ جو ائٽم بم جي حملي ۾ ته ماڻهون فورا مري ويندو ليڪن بي انصافي جي ڪري ماڻهون جو هر روز خون ٿو ٿئي جيڪڏهين انسانن جي روزانه ان خون ناحق جو مشاهدو ڪرڻو هجي ته جيلن جي ڦاسي گهات ۾ وڃي ڏسو جتي هڪ ننڍي قبر ۾ انسانن کي جنهن کي قيدي چيو ويندو آهي هڪ قبر جيتري جاءِ ۾ ڏهن کان ويهن سالن تائين ان لاءِ اڏمئو ڪري رکيو ويو آهي ته ان جي زندگي جو

ڏيئو ڪڏهن وسايو وڃي يعني. گل ڪيو وڃي ان کان وڌيڪ ججن جي بي درندگي ڪهڙي ٿيندي اهي جج حضرات جڏهن انصاف جي ڪرسي تي ويهندا آهن ته (توبہ نعوذ باللہ) خدا ٿي ويندا آهن جنهن جو ثبوت اهو آهي ته هو ماڻهن کي موت جي سزا جو حڪم ٻڌائين ٿا انهن ججن کي ماڻهن جي زندگين سان کيڏڻ هڪ ڏينهن ڏاڍو مهانگو پوندو مون جيلن ۾ اهڙن قيدين کي ٻڌو آهي جن جا پير اگهاڙا آهن انهن قيدين کي وڪيلن ۽ عدالتي حڪام انصاف جي نالي تي لٽيو ۽ ڦريو آهي جنهن انصاف جي هلڪي جهلڪ ٻڌسڻ ۾ نه ٿي اڃي صرف بي انصافي ئي بي انصافي ڏسڻ ۾ ٿي اڃي هاڻي جيل ۾ قيدي صرف ۽ صرف ان آس تي جيئرا آهن جو هو قانون قدرت جو انتقام ڏسڻ ٿا چاهين جيڪي عدليہ جي ججن هنن غريب قيدين تي روا رکيا آهن جو جج جي سامهون پيش ڪرڻ کان سواءِ جنهن کيس جو جوابدار جيل ۾ بند هجي ان کي جيل جا آفيسر ۽ پوليس ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جي بنا جج کان بي تاريخ وڌي وڃن جڏهن ته اها بي تاريخ ڏيڻ کان اڳ جج ان جيل آفيسر يا پوليس کان اهو ڪو نه پڇيو ته قيدي کي ڇو ڪو نه پيش ڪيو ويو ۽ اها بازپرس ڪرڻ کان سواءِ ان کيس کي وڌيڪ پندرهن ڏينهن يا مهيني جي تاريخ ڏئي اينگهايو وڃي اها سب کان وڏي بي انصافي آهي ۽ عدالتي بي ايماني آهي هي جج حضرات پنهن جي ئي

هٿن سان عدليه جي تذليل ڪڙي رهيا آهن قيدين کي انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ وقت تي ڪورٽن ۾ نه موڪلڻ وقت جو سڀ کان وڏو مذاق آهي ۽ ٻي اهڙو ته خونخوار مذاق آهي جو اڄ نه صبحاڻي جڏهن انهن عدالتن جي ايوانن ۾ غريب قيدين جون درد ٻريل آهون ٻڌانهون گونجنديون ته پوءِ هي سڄو موجوده عدالتي نظام جنهن جي هن وقت بنياد بي انصافي تي آهي هڪ نه هڪ ڏينهن اچي زمين تي ڪهڪو ڪندو ۽ اهو وقت اچي ويو آهي پوءِ انهن ڪارن جبن ٻاتل ان رشوت خور، بدديانت، نااهل، ڪم چور ججن جن قيدين کي عدالتي تحول جي نالي تي HELL CAMP ۾ رکيو آهي اڄ نه صبحاڻي انهن ججن کي انهن قيدين کي حبس بي جا ۾ رکڻ جي هڪ هڪ ڏينهن جو حساب ڏيڻو پوندو جو صرف نو روپيه روزانه تي قيدي کي جيو وجي ته ان رقم ۾ سڄو ڏينهن گذر ڪري جڏهن ته نو روپين ۾ سگريٽ جو هڪ پاڪيٽ به مشڪل سان ملندو آهي نه پوءِ صابڻ، ماني، ڪپڙا ڪٽان خريد ڪندو جج جو ان سان ڪهڙو واسطو، هن کي هر ماه هڪ لک روپيه جي لڳ ڀڳ پگهار ملي ويندي آهي ان جو غريب قيدين سان ڪهڙو واسطو جڏهن ته هي جج اها پگهار قيدين کي انصاف مهيا ڪرڻ جي لاءِ ولندا آهن ان کان وڏي بي ايماني ڪهڙي ٿيندي جو انصاف جي نالي بي انصافي ڪرڻ جي باوجود جج حضرات پگهارون وصول ٿا ڪن اها ملڪ

ڀ قوم سان ڪلي غداري آهي.

اڇڪلهه هر ٻي ڏينهن ڪنهن نه ڪنهن جيل جي تلاشي ٿي رهي آهي دراصل اها تلاشي جيل حڪام جي بوکلاهٽ جو نتيجو آهي جيڪڏهين T.V. سيٽ رکڻ ڏوه آهي ته پوءِ اهو T.V سيٽ قيدي يقينا ڪيسي ۾ لڪائي ڪٿي ڪو نه آيا هوندا اهو T.V سيٽ جيل جي حڪام جي سامهون ان جي منشا سان جيل اندر آندو ويو آهي ته پوءِ تلاشي ڇا جي؟ جڏهن ته سنڌ جي ڪنهن به جيل مان ڪو به آتشي اسلحو برآمد ڪو نه ٿيو آهي ته پوءِ سنڌ جي جيلن جي قيدين تي گوليون ڇو وسايون ويون انهن جو قتل عام ڇو ڪيو ويو جيستائين ان سوال جو جواب نه ملندو تواريخ اجي رهندي ڀ تواريخ جي اڄ رت سان اجهندي آهي دراصل گاڏهه اها آهي ته سنڌ جي جيلن ۾ ڪجهه خبيث روح جا حامل جلاد قسم جا آفيسر مقرر ٿي ويا آهن جيڪي هڪ جج جي لکيل ڪاغذ جي ٽڪري کي پڙهي زبردستي ڪنهن انسان جا هٿ پير ٻڌي ڦاسي جي تختي تي بيهاري قيدي جو روح قبض ڪرڻ ڀ انسان جو جسم بي جان ڪرڻ لاءِ جيڪو جيل جو آفيسر ڦاسي جي تختي جو ليور ڇڪيندو اهو جيل آفيسر قيدين تي ڪيترو رحم ڪندو ان جو اندازو اوهان ان جي ڦاسي جي ليور ڇڪڻ واري عمل مان ڪري ٿا سگهون.

اڄ عدليه جي حالت هڪ اهڙي مئل لاش

جهڙي تي وئي آهي جنهن جا ڏند باقي رهجي ويا آهن جيكي ڏيكارڻ جا هكڙا ۽ ديجارڻ جا پيا آهن اوهان ڏسو سپريم كورٽ جي فيصلي مطابق زيرسماعت قيدي كي هك جيل كان بي جيل منتقل كرڻ ڏوه آهي پوءِ به جيل جا آفيسر عدليه جي حكمن جي پرواه نه كندي رات جي انڌيري ۾ بي انتها تشدد كندي قيدين كي ڏورانهين جيلن ۾ ڦٽو كيو وڃي جڏهن ته زيرسماعت قيدين كي جيكب آباد، سكر، سانگهڙ موكلي عدالتي تحويل ۾ قيدي موكلينڊڻ ججن كي انهن جي اوقات ڏيكاري رهيا آهن ته جيكو كرٽو اٽو كيو ججن جي حالت تمام خراب آهي كيترن ئي ججن جا هٽ كاريا آهن ته وري كيترن ئي ججن جا منهن به كاريا آهن كجهه جج ته سڄا كاريا آهن اهوئي سبب آهي جو ان كاراڻ جي كري پوري ملك ۾ انڌيرو چائنجي ويو آهي ۽ ملك ۾ مكمل بلئك آئوٽ آهي ان انڌيري ۽ بربادي جا اصل ذميدار اهي كورٽن ۾ ويٺل، رشوت خور ۽ بدديانت جج آهي جيكڏهين عدليه جي ججن پنهنجو رويو درست نه كيو ته پوءِ انهن جي داستان به نه هوندي داستانن ۾

امان الله سومرو

آرگنائزر

قيدي بچاؤ فورم سنڌ

قيدين تي تشدد بند ڪيو

جنهن ڏينهن ڪان فوجي بريگيڊيئر انسپڪٽر جنرل آف جيلز مقرر ٿيو آهي سنڌ جي جيلن ۾ وڏي اڪاڙ پچاڙ شروع ٿي وئي آهي ۽ حالتون ايتريون ته خراب ٿي ويون آهن جو هاڻي جيلن مان چريون ۽ شرابن جا ۾ريل مٺ نڪري رهيا آهن وڏي ڳالهه اها آهي ته جيلن جي اندر شراب جا مٺ ۽ جيلن ڪان ٻاهر شراب جا مٺ چا اسان ايترا زوال پذير ٿي ويا آهيون يا وري اهڙي خطرناڪ صورتحال ڏي وڃي رهيا آهيون هي قيدين جي هڪ جيل ڪان ٻي جيل ڏانهن منتقلي هڪ ايڏو ته خطرناڪ روح فرسا واقعو آهي جنهن جي ٻڌڻ سان ئي انسان جا لنگ ڪانڊارجي ويندا آهن مان اوهان جي ان منتقلي جي باري ۾ ٻڌايان ته قيدي هڪ جيل ڪان ٻي جيل ڪيئن منتقل ٿيندا آهن ٿيندو ائين آهي جو رات جو هڪ اهڙي ٻهر جڏهن سڄي دنيا جي سورن جا ماريل قيدي پنهن جي نيٽن ۾ قيد خاني جا عذاب ڏسي ان ڪان بچڻ لاءِ ننڊ جو سهارو ونندا آهن ان مهل جيل

جا جلاد قسم جا واربن جيل جي آفيسرن جي چوڻ تي انهن قيدين کي جيڪي جيلن ۾ انساني حقن جي گهر ڪري رهيا هوندا آهن يا وري انتظاميہ جي بي حياآفيسرن جي اک سان اک ۾ ملائي ڳالهائڻ وارن جانباز سرفروشن کي جيڪي ڏوهن جي دنيا جي بي انصافي جي ور چڙهيل آهن ۽ وري اهڙا ماڻهون جنهن جي ڏوه جي سزا صرف ڇهه مهينا هجي ان کي بنا ڪيس هلائڻ جي ٽن سالن کان واڌيو وجي چا ان انسان کان ڪنهن پلائي جي توقع رکي ٿي سگهجي هي اهي سڀني شراب جا مٽ، چرس هيروئن ۽ ٻين شين کان علاوه چريون ۽ ٽيليفون ملڻ ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ اهي سڀ ممنوعہ شين کي چا پر لڳل هيا يا وري چرس کي پير لڳي ويا يا هيروئن کي سليماني ٽوپي ويڑهي موڪليو ويو هيو ائين نہ آهي اهي سڀ ممنوعہ شيون اهي ئي جيل جا عملدار جيل جي اندر ڪٿي وڃي قيدين کي ڏيندا آهن چا سبزي کي ڪٽڻ لا چري رکڻ ڏوه آهي هي سڀ ڪم جيل جا رشوت خور آفيسر صورتحال کي خراب ٿيندو ڏسني جيڪا هي پاڻ ئي خراب ڪندا آهن اهڙي طرح هي قيدين جي هڪ جيل کان ٻي جيل منتقلي جو ڊرامو ڪندا آهن ان ۾ رات جي ٻهر ۾ ستل قيدي کي ڏنبا هڻي ٻئرڪ يا سيل کان ٻاهر ڪڍي وارن کان چڪيندي ناهوڪا ٻادر هڻندي وٺي ويندا آهن جيل کان ٻي جيل منتقلي جي دوران ڪيترن ئي جلاد قسم جي واربن ڪيترن

ي قيدين جا متا ۽ اڌ مڇون ڪوڙيون هيون مون اکين
سان متن قاتل قيدي ڏٺا جن جي اکين ۾ اهڙا لڙڪ
يا جهڙا جنهن پکي کي ان جي آکيري تان رات جي
يگناه وقت اتاريو ۽ پڇايو وڃي هي قيدي به آخر وطن
ا هيا سنڌي هيا ته مهاجر مطلب ته هر قوم هئي پوءِ
ي ظلم ڇو ان جو جواب ضرف ۽ صرف هڪ آهي
شوت ڇو جو Rs.9/- روز جي خرچ تي انسان تي پري
ڪ ڇيلو به جيئرو نه ٿو رهي سگهي ته پوءِ اهي قيدي
Rs.9 روز ۾ چا ڪائيندا ۽ چا پيئندا اهو ٻڌائيندي جيل
ي آفيسرن کي شرم ٿو اچي هي ان صورت ۾ جي
دين جيڪڏهين ياڃي پچائڻ لاءِ چري جو استعمال
يو ته اهو ڪو به ڏوه نه آهي صرف هڪ انا پرستي
ي جيڪا نوڪر شاهي جي پراڻي روش آهي پر نئي
جي بريگيڊيئر جي بحيثيت جيل جي I.G. مقرر ٿيڻ
جيڪا خوشي ٿي هئي اها انسان جي خام خيالي هئي
و ته مان اوهان کي اڳتي ٻڌايان ته منتقلي کان پوءِ
ٿيندو آهي قيدين کي جانور وانگر هڪ پوليس جي
ڪ ٽنل وين ۾ حيدرآباد جيل کان جيڪب آباد جي
ل ۾ پهچندڙ قيدي کي جيل ۾ اندر گهڙندي ئي
و ته ڦوهارو ڏنو ويندو جو جيستائين جيڪب آباد
سنڌ جي ڪنهن به جيل ۾ گهڙندو ته سندس ڪنڌ ۽
ا پڳا ويندا آهن جو هو اڳتي جيل جي جيلرن جي
ن ڪنڌ ڪٽي نه سگهن ۽ سدائين گوڏن ۾ جهڪيل
ن اهي ئي اهي مثال هيا جيڪي رومن ايمپائير جا هيا

جيڪي شهنشاه ايران جا هيا جيڪي جنرل ضياءُ ۽ ان
جي حوارين جا هيا انهن جو ڇا ٿيو ڇا هو جيلن جي
بغاوت تي ڪنٽرول ڪري سگهيا يا خود فنا ٿي ويا ۽
قيدي ۽ جيل جو رشتو اڃان جاري آهي ۽ رهندو ۽ ت
قيامت جاري رهندو ڇا ان رشتي ۾ نواڻ يا سڌار
ايندو يا وري ماڻهون جن کي قيدي ڇيو ٿو وڃي اهي
جيل جون ٻتيون ٽوڙي ان ساڳي عمل کي ورجائيند
جيڪو انقلاب فرانس جي وقت ٿيو هيو جو دنيا ج
وڏي ۾ وڏي جيل مان قيدي نڪري ويا هيا يا ور
سڪر جيل جيڪو ايشيا جو سپ کان وڏي ۾ وڏ
جيل آهي ان مان ب ڪينزائي قيدي ٻتيون ٽپي ٻاھ
نڪري ويا هيا اڃان دنيا ۾ ايتري وڏي ۾ وڏي جيل
اهڙي ٻت کو نه نهي آهي جيڪا آزادي جي تمنا ڪند
انسان کي ڇڄڻ کان روڪي سگهي موجوده وقت ج
روين کي نون روين جي اڳيان اڄ نه ت صبحا
جهڪڻو پوندو ڇو جو فيدرل ڪاسترو جا اهي اکر ج
ڪارتوس ڪٽي نه وجن ها ت اڄ عدالت جي ججن ه
ڪرسني تي ويٺلن جي بدران بقول فيدرل ڪاسترو ه
ت هو خود هجي ها ۽ اهوئي انهن جي تقدير جو فيص
ڪن ها جيل جا آفيسر فرعون ٽي ويا آهن ۽ هي ٻڌ
جي فرعونيت قائم رکن لا ۽ قيدين تي بي انتها تش
ڪري. شايد هو اهو ٿا سمجهن ت هنن جيلن جي ا
واڌيل غلام قيدين جي شورش کي ختم ڪري ڇ
آهي ۽ هاڻي کو ب غلام قيدي ٻڌڪ ب ٻاهر ڪ

ڪيندو اهائي هنن جي تواريخي غلطي آهي جيڪي اها سوچ رکي رهيا آهن اها سوچ انهن جي لاءِ قاسي جو قندو ثابت ٿيندي ڇو جو قيدين جو نگهبان ٿي قيدين تي تشدد ڪرڻ انهن جي حقن جي لتاڙ ڪرڻ کان علاوه انهن تي ڪوڙا الزامات لڳائي پنهن جي ان ذهنيت جو مظاهره ڪري رهيا آهن ته هو جيل جا آفيسر ٿيڻ جا اهل ئي نه آهن جيلن ۾ سالن کان واڙيل انصاف کان وانجهيل انسانن جي آهن ۽ دانهن کي نه سمجهڻ وارن کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته جيڪڏهين ملڪ جو حالتون جيڪي باهر خراب آهن ۽ جيڪڏهين اهي حالتون جيل جي اندر خراب ٿيون ته پوءِ چا ٿيندو ان جي باري ۾ ارباب اقتدار کي سوچڻ گهرجي ۽ جيڪڏهين جيلن جي حالتن ۾ فورا سڌارو نه آندو ويو ته پوءِ چا ٿيندو. ان جي باري ۾ تواريخ ٻڌائي ٿي ته جيل ٽوڙي جيلن مان ڪل قيدي سول وار خانه جنگي جي ڦهرين گولي هلائيندا ۽ اها ڦهرين گولي هن انڌي، گونگي، ٻوڙي ۽ ڏاڍ تي ٽهيل سماج کي ٽوڙي انقلاب آڻيندي ان وقت کان جيل جي آفيسرن کي ٻڌڻ گهرجي ڇو جو هاڻي مڪافات عمل جو وقت ويجهو اچي ويو آهي حقيقت ۾ ٿيڻ ائين گهرجي ها ته جيل ۾ قيدين جا مسئلا حل نه ڪندڙ فيسرن کي نه صرف جيل مان بدلي ڪيو وڃي ها ۽ اقص ڪارڪردگي ڏيکارڻ تي ان جي نوڪري ۽ ختم ٿئي وڃي تڏهن وڃي جيلن ۾ سڌارو ايندو جيڪڏهن

حڪومت يا موجوده I.G. بريگيڊيئر مهر صاحب جيل جي رشوت خور ۽ بدزمانہ آفيسرن جي چوڻ تي هلندو تہ پوءِ هو اهو سمجهي تہ اڄ نہ تہ صبحاڻي اهي ساڳيا ئي جيل جا آفيسر موجوده حڪومت جي ماڻهن کي بند ڪري انهن جو اهڙو حشر ڪندا جو هو سڄي عمر ياد رکندا اگر موجوده فوجي حڪومت ۽ ان جا خيرخواه ان بري وقت کان بچڻ تا چاهين تہ قيدين جي هڪ جيل کان ٻي جيل بدلي ڪرڻ وارو ڪڏو عمل بند ڪن ڇو جو ان عمل جا نتيجا تمام خراب نڪرندا ڇو جو ٻيو ٿئي نہ هن بدلي جي ڪري قيدين کي انصاف ملڻ بلڪل بند ٿي ويندو ۽ جنهن ملڪ ۾ انصاف ملڻ بند ٿي ويندو اهو ملڪ ڪجهہ ڏينهن جو مهمان هوندو آهي ۽ جيڪڏهين خدانخواسته اهڙي صورتحال پئدا ٿي تہ پوءِ چا ٿيندو ان تي سوچيو تہ بري وقت جي اچڻ کان بچڻ قيدين کي فورا انصاف فراهم ڪيو وڃي ۽ انهن جو هڪ جيل کان ٻي جيل منتقلي بند ڪئي وڃي.

منجانب

امان الله سومرو

سماجي ورڪر ميرپورخاص

تاريخ 11-1-2000
سينٽرل جيل حيدرآباد

محترم ايڊووڪيٽ امان الله سومرو صاحب
(حق موجود)

گهٽن دعائن جي احوال ۾ توهان جي ورتل ڪوششن جي نتيجي ۾ حيدرآباد جيل تان بدلي ٿي آيل دوست ڪراچي کان ستار باهوٽو سميت واپس حيدرآباد پهتا آهن ۽ لانڍي جيل تان ذوالفقار علي ميراڻي سکر جيل تان مظهر ميراڻي سميت سڀئي دوست مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي ويٺا آهن انهن ٿي گلزار جنهن تشدد ڪري رهيو آهي انهن کان اهو مطالبو ڪري رهيو آهي رشوت ڏيو ۽ اوهان کي وارڊ نمبر ۽ چڪي ۾ موڪليندس ۽ قيدين کي اهو باور ڪرائي رهيو آهي ۽ هن وقت آءُ جيل جو بادشاه آهيان جيئن چاهيان ڪري سگهان ٿو اوهان جي ڪيل درخواست جي نتيجي ۾ ستار باهوٽو تي تشدد ٿي رهيو آهي هن وقت جيل اندر قيدين کي محدود ڪري رشوت جي بازار ۽ منشيات منظم نموني سان سپرنٽنڈنٽ جي سرپرستي ۾ هلي رهي آهي ۽ قيدين جي ماني جو معيار گهٽائي بک ڪاٽڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي هن وقت جيل اندر هر عملدار پنهنجي من ماني ڪندي قيدين جي ملاقات جو سامان ڦري پنهنجي استعمال ۾ آڻين ٿا جيڪڏهن ڪو قيدي

پنهنجي سامان گهر ڪري ٿو انهن کي ڏنڊن جي بارش وسائي هيسائي سارو ڏينهن مشقت ڪرائي وڃي ٿي هت جنگل جي قانون ۾ ڪو به قيدي جي فرياد الله ڪان سوا ۽ بڏن وارو ڪو نه آهي جيڪڏهن اوهان پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهه گهڙيون ڪيڊي جيل جي ملاقات جو معائنو ڪندا ته اوهان کي خود جيل وارن جي مقرر ڪيل ريت جي خبر پئجي ويندي ۽ هن وقت جيل اسپتال جيڪا قيدين جي علاج لاءَ هئي اتي صحت مند ماڻهن جي رشوت عيوض بيد حوالي ڪيا ويا آهن ۽ ضرورت مند قيدي علاج لاءَ ڇڪرن ۽ سيڪورٽي واربن ۾ بند آهن علاج لاءَ تڙپي رهيا آهن ۽ سياسي پارٽين جي ڪارڪنن کي بند ڪري واربن ڀائين محدود ڪري هر راڻوند تي نادر شاهي حڪم تحت چنو اهو ٿو چوي ته مون کي ڪورڪمانڊرسنڊ جو حڪم آهي ته سياسي ڪارڪن جي سياسي حيثيت ختم ڪري حڪر ۾ موڪليو وڃي انهن کي ايترو تنگ ڪيو جو هو ڀاڻ جون نه اسان کي حڪر موڪليو اوهان جي مٿان منهنجو احسان آهي اوهان مٿي ئي بند آهيو بهرحال جڏي سپرنٽنڊنٽ جا روزانو نادر شاهي حڪم آهي اسان قيدي اوهان جا اڳ به ٿورائتا آهيون جو اوهان بغير ڪنهن ڏي وٺ ۽ پنهنجي قيمتي وقت ڏئي اسان قيدين جي واهر ڪئي ۽ نتيجي طور اسين واپس ٿياسين اسان جو ايترو جلدي واپس ٿين انتظامير کان برداشت ڪو نه ٿو ٿئي هر روز اسان جي

لاءِ نوان تارچر آهن بهرحال ستار باهوتو وارن ڪي چون ٿا اوهان جيل وارن خلاف درخواستون ڪيون آهن اوهان کي،وارڊ کو نہ ڏيندس وجي صدر تارڙ کي چئو اوهان کي مون کان بچائي مان پاڻ هتان جو بادشاه آهيان مون کو کو به جوڻ پچا ڪرڻ وارو نہ آهي ۽ آءِ جي جو حڪم آهي تہ رشوت وٺو ۽ مون کي پچايو آفيسر اصلاح وارا ٽلها بيان ۽ ڳالهيون ڪندا آهن هي پاڪستان آهي پاڪستان اندر اصلاح ٿي نٿي سگهي توهان منهنجي حڪمن جي ٻيروي ڪيون نہ توهان کي چڪر موڪليان ۽ چڪر جي قانون مطابق توهان کي سيٽي تي اٽڪو پوندو ۽ جوڙي ڏيڻي پوندي ان سموري ماحول کي ڏسندي سياسي پارٽين فيصلو ڪيو آهي تہ مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪئي وجي ۽ اسان سڀ قيدي وري به اوهان ڏانهن وڃاييندي اميد آهيون.اوهان اسان جي فرياد ينهنجي قلم جي ذريعي وس وارن اختيار ڏٽين کي پهچائي اسان جو داد ڪرائيندا ۽ اوهان ستار وارن جي ملاقات لاءِ ڪوشش ڪندا وڏيڪ چا لکان اوهان پاڻ اسان کان وڏيڪ باشعور ڏاها عقلمند آهيو.

اوهان جو احساڻمند

محمد بخش قريشي

تاريخ 6-10-2000
سينٽرل جيل خيرپورميرس

ڊيئر امان الله سومرو صاحب

السلام عليڪم
جئي سنڌ

احوال عرض ته اسان کي جيل انتظاميه روايي بدمعاشي ۽ ڏاڍ جو مظاهرو ڪندي خيرپور سينٽرل جيل منتقل ڪري چڏيو آهي جتي اسان سخت ڏکيائي کي منهن ڏئي رهيا آهيون جي مناسب سمجهو ۽ وقت اجازت ڏني ته اسان سان ضرور رابطو ڪندا خيرپور سينٽرل جيل جو سپرنٽنڈنٽ منظور ميمڻ آهي ۽ ملاقات روزانه صبح 10 کان منجهند 3 وڳي تائين هلندي آهي مان ۽ منهنجا دوست بي ڪلاس ۾ رهندا آهن توهان جي اچڻ جو شدت سان انتظار رهندو.

مهرباني
اوهان جو خيراندیش
اصغر ناريجو ۽ سعيد احمد منصوري
"بي" ڪلاس سينٽرل جيل خيرپور ميرس

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج
عبدالرحمان شيخ جي الزامن جو جواب

ميرپورخاص جا شهريو

اوهان سڀني کي چنگيءَ طرح خبر آهي ته مان گذريل ٽيهن سالن کان ميرپورخاص جي شهرين ۽ شهر جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهيان ۽ اهو مونکي فخر حاصل آهي ته ڪو به شريف ۽ ايماندار ماڻهون مون تي بددياڻتي، رشوت يا بليڪ ميلنگ جو الزام نه هڻندو ڇو جو مان ميرپورخاص شهر جو پهريون ماڻهون آهيان جيڪو صرف ۽ صرف ۽ صرف هن مانين تي شهر ۽ شهرين جي بلا امتياز رنگ مذهب ۽ نسل جي ماڻهن جي خدمت ڪري رهيو آهيان اهوئي سبب آهي جو شريف ۽ ايماندار ماڻهون منهن جي بي انتها عزت ڪندا آهن ته وري بي طرف اهي ماڻهون جيڪي جيڪي ڪم ظرف، نيچ ۽ گهٽيا قسم جا ماڻهون آهن جيڪي بنا ڪنهن سبب جي منهن جا مخالف آهن ۽ مونتي بهتان تراشيون ڪندا آهن انهن ماڻهن ۾ ڪجهه ماڻهون ڪورٽن ۾ به موجود آهن ته ڪجهه بي ضميروڪيل به هروپرو بنا ڪنهن سبب جي منهنجا دشمن ٿيو وينا آهن مونکي

انهن حرامزادن جي نہ پهريون پرواه هئي نہ اڄ آهي مان خدا جي سهاري پنهنجو فلاحي ڪم جاري رکندو پيو اڄان انهي سلسلي ۾ مون هڪ درخواست سنڌ جي چيف جسٽس کي ڏني آهي ۽ ان جي ڪاپي ميرپورخاص جي سيشن جج کي به موڪلي آهن ان درخواست ۾ مون لکيو آهي غريب قيدين کي جيل ۾ پنج سال يا ان کان وڌيڪ عرصو بند پيا آهن جڏهن ته ڪجهه قيدين جي ڪيسن جي سزا وڌ ۾ وڌ ڇهه مهينا آهن ليکن اهي پنجن سالن کان جيل ۾ آهن ان کان وڌي بي انصافي ڪهڙي ٿيندي جيڪا انصاف جي نالي تي مجج غريب قيدين سان ڪري رهيا آهن مون ان درخواست ۾ اهو به لکيو هيو ته عدليه جي ججن کي حڪم ڏنو وڃي ته انهن غريب قيدين جي ڪيسن جو فيصلو جلد ڪن ان کان علاوه مون بي درخواست جيڪا مون وڏن آفيسرن کي ڪئي هئي ته جيل جا آفيسر غريب ۽ لاچار قيدين کي 24 ڪلاڪ بيرڪن ۾ بند رکيو ويندا آهن جتي هو سڄو ڏينهن ۽ رات سمهڻ کان علاوه ڪائڻ پيئڻ ۽ ٽورو پيشاب به اتي ئي ڪندا آهن ان جي ڪري جيل ۾ بي انتها بيماريون پکڙجي ويون آهن ۽ اهو قيدين کي چوويهه ڪلاڪ بيرڪن ۾ بند رکڻ جيل جي قانون جي خلاف آهي ۽ جيل قانون مطابق صبح جو سوير بيرڪون ۽ ڪوليون کولڻيون آهن جيئن قيدي صبح جو ٻاهر نڪري تازه هوا کائي سگهن ۽ ٽورو پيشاب وغيره ٻاهر ڪن ليکن جيل جي آفيسرن پنهن جي روائتي دهونس ۽ دهاندلي

جو مظاهره ڪندي جنهن کي سادي سولي ٻولي ۾ سرڪاري غنده گردي چئي ٿو سگهجي جو زبردستي قيدين کي بيرڪن ۾ رکيو ويو آهي جتي ننڍا ننڍا ٻار ۽ بيگناه بند آهن حد ته اها آهي جو ميرپورخاص پوليس جي آفيسرن جي رشوت خوري ۽ بددياني جي ڪري اڌ کان وڌيڪ بيگناه قيدي جيلن ۾ واڙيل آهن ۽ هاڻي اهي عدالت جي اهڙي چڪر ۾ اچي ڦاڻا آهن جو انهن جو جيل کان نڪرڻ جا رستا رشوت خور ۽ بددياني ججن بند ڪري ڇڏيا آهن هاڻي حالت اها آهي جو جيڪو هڪ دفعو جيل ويو ته ان جي جيل مان واپسي ٽارزن جي واپسي جهڙي ٿيندي جيل مان انسان نه پر انساني لاشون ئي نڪرنديون.

مون پنهن جي درخواست ۾ اهو ۽ لکيو هيو ته غريب قيدين جي بيرڪن کي صبح جو قانون مطابق کوليو وڃي ته ٻي درخواست ۾ قيدين جي ڪيسن جي جلد اڪلا ۽ لا ۽ لکيو هيو هاڻي اوهان ڏسو ته ميرپورخاص جو سيشن جج جنهن جو نالو عبدالرحمان شيخ آهي هي صاحب پورو هڪ ڪلاڪ .ير سان ڪورٽ ۾ آيو جڏهن ته هن پنهن جي حڪم .ريعي مونکي اڃين لڳي ڪورٽ ۾ گهرايو ڏسو ته مان ڪيترو ته وقت جو پابند آهيان جو وقت تي پهتس سيشن جج عبدالرحمان شيخ جنهن کي هڪ قراقلي ٻي پاتل هئي ۽ هن کي ڪو ٻ گائون وغيره پاتل نه يو اڃي ڪرسي ته ويهي رهيو هن سڀ کان پهريون وست محمد ڪولاچي نالي وڪيل کان پڇيو ته ڇا هن

جي ضمانت جي کا درخواست آهي اهوئي سوال هن
ہن ٿن ہين وڪيلن کان ہ ڪيو هي ڪورٽ اهڙي طرح
هلائي رهيو هيو جڙ مرضي جو مالڪ هجي ۽ جيڪو
چاهيندو اهو ڪندو جڏهن مان صبح جو ڪورٽ پي
آيس ٽ مونکي ڪورٽ ۾هڪ ڪلارڪ ٻڌايو ٽ سيشن
جج پوڙهو سخت گير ڪنن جو ڪجو پرمتڙيو آهي
مان احتياط ڪيان حقيقت ہ اها آهي جڏهن هن
مونکي ڏٺو ٽ مون کان پڇيو ٽ مان ڪير آهيان
چاڪاڻ جو ان ڏينهن مان وڪيلن واري ڊريس ۾ ڪو
نہ ويو هوس بلڪ عام ڊريس ۾ ويو هوس چاڪاڻ جو
مان وڪالت جي پيشو ترڪ ڪرڻ ٿو چاهيان مونکي
وڪالت جي ڏنڊي کان سخت نفرت آهي. مان ويڊيو
ڪيسيٽ جي دڪان کولڻ ٿو چاهيان چا اهو ضروري
آهي ٽ جج صاحبان رڳو وڪيلن جي عزت ڪن باقي
عام ماڻهن جي کا ہ عزت نہ آهي اهوئي سبب هيو
جو مان پنهن جي حيثيت جتائڻ لاءِ سادن ڪپڙن ۾
ويو هوس چاڪاڻ جو ڪارو ڪوٽ يا جبو پائڻ سان
ماڻهون معتبر يا معزز ڪو نہ ٿيندو آهي انسان کي ان
جا اعمال ئي معزز ۽ معتبر ٺاهيندا آهن هلو هاڻي مان
اوهان کي سيشن جج عبدالرحمان شيخ جي گفتگو
کان آگاهه ڪيان هن مونکي ڏسندي ئي سخت ڪاوڙ
جو اظهار ڪيو ۽ مونکي چيو ٽ مان ڪنهڙي ۾ اچي
ٻيهان جڏهن مان ڪنهڙي ۾ ٻيٺس ٽ اتي ٻئيوالي ان
جو در بند ڪري چڏيو هائي شيخ جج عبدالرحمان
شيخ مونکي چيو ٽ مان هروڀرو درخواستون ڪندو

آهيان ۽ مان بلئڪ ميلر آهيان ان کان علاوه هن
وڌيڪ چيو ته مان ڪورٽ برد يعني ڪورٽ جو پکي
آهيان ۽ منهنجي خلاف عجيب و غريب قسم جا
ريمارڪس پاس ڪرڻ لڳو ۽ باقاعده استينو کي گهرائي
آرڊر ٽائيپ ڪرائيندي هڪ هنڌ حڪم ڏنو ته مان
جيئن ئي ڪورٽ ۾ اچان مونکي گرفتار ڪيو وڃي
اوهان ڏسو ته اڄ ڪلهه جا جج اهو به سيشن جج جي
عهدي جو ماڻهون هڪ شخص کي نوٽيس ڏيي
ڪورٽ ۾ گهرائي بيعزتي ڪري ته پوءِ ان بي عزتي تي
چپ رهڻ به هڪ قسم جي ڇب رهڻ جي توهين آهي
مون جج کي باادب ٿي عرض ڪيو ته جيل ۾ ان
بيرڪون آهن انهن بيرڪن کي ڏينهن رات بند رکيو
ٿو وڃي اهو جيل جي قانون جي خلاف آهي ان تي هن
پوڙهي جج ڇيو ته ڇا مان جيل جو قانون آندوآهي
جڏهن ته جيل جي قانون جا ڪتاب ڪورٽ ۾ وڪيلن
جي بار روم ۾ موجود آهن ليڪن هنن ڪتابن سان
واسطو ختم ڪري ڇڏيو آهي هاڻي سمورا فيصلا
واسطن جي آڏار ٿي رهيا آهن جنهن جو ثبوت منهن
جي سزا آهي جو هڪ جج جي واسطي واري بي جج
بي گناه بي قصور سزا ڏني جڏهن جج ئي ڪوڙا
ڪيس داخل ڪن ۽ وري انهن ڪوڙن ڪيسن ۾
سزائون ڏين ته پوءِ سمجهو ته هاڻي قيامت ويجهي آهي
جڏهن مون سيشن جج کي چيو ته هو مون کي وقت
ڏئي مان ڪتاب ڪڍي اڃان ان تي هن مونکان جهو ته ڇا
مان قيدين جو وڪيل آهيان ان تي مون ڪيس وراڙيو

ته مان سماجي ڪارڪن آهيان ۽ قيدين جي فلاح و بهبود لاءِ ڪم ڪندو آهيان ان تي جج چيو ته مان ججن ۽ ٻين سرڪاري آفيسرن جي خلاف ڪوڙيون درخواستون ڪري انهن کي ڊيڄاريندو آهيان ۽ ان کان پوءِ هن مونکان پڇيو ته ڇا مان سزا يافته آهيان ته مون چيو ته مون کي ڪوڙي ڪيس ۾ سزا ٿئي آهي سيشن جج کي سموريون گالهيون ڪنهن چغلخور ٻڌايون هونديون هي پوڙها جج ڪنهن جا ڪچا آهن ۽ ماڻهن جي برغلائڻ ۾ جلد اڇي ويندا آهن هن مونکي ڏمڪي ڏني ته هو منهن جي ضمانت رد ڪرائيندو پوءِ پلي هاءِ ڪورٽ ۾ وڃان.

ميرپورخاص جا شهريو ۽ سنڌ وارا ڏسو مان سنڌ جو پهريون ماڻهون آهيان جنهن عدليه جي رشوت خور ججن سان هٿ ڪنديا آهن ان جي نتيجي ۾ مون کي سخت کان سخت سزا ٻه اڇي ٿي سگهي ليڪن مان رشوت خور ججن کان ڊڄي ڪري حق ۽ سچ جي گالهه ڪرڻ بند ڪو نه ڪندس. عدليه جا اهي جج جيڪي انصاف ڪن تا اسان کي انهن معزز ججن لاءِ وڏو احترام آهي ۽ انهن ئي ايماندار ججن جي ڪري ماڻهون عدالتن ۾ اچن تا ورنه رشوت خور ججن جي ڪري ماڻهن جو ڪورٽن تان ويساه کڄي ويو آهي انصاف جي نالي تي هي غريبن سان جيڪا بي انصافي ڪئي ٿي وڃي ماڻهون ان بي انصافي جو تماشو ڏسڻ تا اچن ڪورٽن ۾ اچڻ وارا ماڻهون ڪڏهن ڪلهن تا ته ڪڏهن رئن تا ۽ انهن غريبن جي روئڻ ۽ ڪلڻ جي

ڪري جيڪا افراتفري پکڙجي وئي آهي ان هن ملڪ جون بنيادون ئي لوڏي ڇڏيون آهن ۽ هاڻي جيڪڏهين موجوده سوڊل عدالتون ختم ڪري رشوت خور ججن کي گهر نہ موڪليو ويو تہ انهن ججن جي نااهلي ۽ عوام دشمني جي ڪري موجوده حڪومت کي اهڙو تہ وچ سير ۾ ڇڏي ايندا جو هنن جي واپسي ناممڪن ٿي ويندي ڇاڪاڻ جو هي پاڪستان جي آخري حڪومت آهي ۽ هن حڪومت جي ناڪامي پوري ملڪ جي ناڪامي آهي ۽ ڪامياب پوري ملڪ جي ڪامياب آهي ۽ اها ڪامياب تڏهن هي ملندي جڏهن سمورا ويندي بلا امتياز سزا يافتہ ۽ غيرسزا يافتہ رها ڪيا وڃن ڇو جو بيگناه قيدين کي جيل ۽ رکڻ جي ڪري وڏو ہائيتال مچي ويو آهي ہي نمبر تي تمام سول عدالتون ختم ڪري فوجي عدالتون قائم ڪيون وڃن جيڪڏهين عبدالرحمان شيخ جهڙن ججن تي اعتبار ڪيو ويو تہ هي جج خود تہ ہڏندا ئي ہڏندا گڏوگڏ پوري قوم ۾ گڏ وڻي ہڏندا ان ڪري پهرين فرصت ۾ سول ڪورٽون بند ڪري فوجي ڪورٽون قائم ڪيون وڃي جيئن ماڻهن کي فوري طور سستو انصاف ملي سگهي.

امان الله سومرو

آرگنائزر

قيدي بچاؤ فورم سنڌ

منهنجا پيارا دوست

ادا سائين عرض ته حال ئي ۾ جيل جي ظالم آفيسرن جيڪو قيدين تي تشدد ڪيو آهي اهڙو بي پناه تشدد جيلن جي تواريخ ۾ ڪڏهن به قيدين تي ڪو نه ٿيو آهي ان ظلم جو ذميدار گلزر چنه نالي جيلر آهي جيڪو مڪافات عمل کان بچي ڪو نه سگهندو ۽ هڪ نه هڪ ڏينهن هن کي عوام جي عدالت جي ڪٺهڙي ۾ اڇي بيهڻو پوندو اڄ هٽلر ۽ مسوليني ۽ جنرل ضيا جهڙن قهارن جو ڪو به شريف ماڻهون نالو وٺڻ لاءِ تيار نه آهي اهو وقت پري نه آهي جڏهن سنڌي قوم ميجر ڪوسو ۽ موجوده جيلر گلزار چنه جو نالو وٺندي شرم محسوس ڪندي ڇو جو هي پنهن جي قوم ملڪ ۽ وطن جا ويري آهن ۽ اسان جي ويرين سان هر محاذ تي جنگ آهي

اوهان يقين رکو ته اوهان تي جيڪو جيل ۾ تشدد ظالم آفيسرن ڪيو آهي ان تي اسان جون اکيون رت روئي رهيون آهن ۽ اوهان يقين رکو ته جڏهن کان وٺي جيل ۾ آپريشن جي نالي قيدين کي جيڪو بيدردي سان اگهاڙو ڪري ماريو ويو آهي ۽ ويهن ويهن قيدين جا ٽولا ناهي انهن تي ڪتن جي بچ ڪري جيڪي انهن کي ڏندا هنيا ويا آهن ۽ پوءِ ان جي نتيجي ۾ قيدين جي وات مان وهيل رت جون گرڙيون پنهنجون رنگ ضرور ڏيکارينديون ڇو جو رت ڪنهن جو به رائيگان نه ويندو آهي.

منهنجا قيدي ساڻيو مان اوهان جي عزت ۽ وقار بحال ڪرڻ ڪاڻ علاوه اوهان جا قانوني حق وٺي ڏيڻ لاءِ جدوجهد جو آغاز ڪري چڏيو آهي جيستائين ظالم هٽلر مسوليني جي جانشين حيدرآباد سينٽرل جيل جي جلاد سپرنٽنڈنٽ گلزر چني کان قيدين تي ڪيل ظلمن جو بدلو نه ورتو ويندو سڪ جو ساه نه کڻبو اسان اوهان سان واعدو ٿا ڪيون ته جيستائين اسان ظالم جي وردي نه ٿا لهرايون گلزار چنه سان جنگ جاري رهندي جان وڃي ته پلي وڃي هي ساه اوهان قيدين تان قربان آهي مونکي سڃي خبر آهي ته اوهان تي هي ظلم جا پهاڙ چو ٽوڙيا ويا آهن صرف چند روپين جي رشوت جي خاطر چا ان ظلم جي پئسي سان ظالم چا خريد ڪندا چا اهو غريبن جو رت وهائي ورتل پئسو پنهن جي اولاد کي ڪارائيندا مان قيدين پائرن کي يقين ٿو ڏياريان ته اهو پئسو نانگ ٿي ظالم جو پورو خاندان تباه ڪري چڏيندو چو جو مون جيل جي ظالم ۽ جلاد قسم جي آفيسرن جو دردناڪ موت اکين سان ڏٺو آهي ته هو مرڻ مهل ڪهڙي حالت ۾ هيا گلزار چنه کي ٻ اڄ نه ته صبحاڻي مرڻو آهي هي خدا کي چا جواب ڏيندو.

مان اوهان قيدين تي ٽيل هن ظلم جنهن ۾ رڳو چارمٽ ديسي شراب ۽ پاڻ چرس جو ڏيکاري قيدين کي اگهاڙو ڪري ۽ هڪ جيل کان ٻي جيل موڪلڻ وارو جيڪو ڪڏو ڪم ڪيو آهي ان تي سڃي سنڌ ۾ گلزار چني تي ڦٽڪار ۽ لعنت موڪلي ويندي

چو جو کنهن قيدي کي انصاف حاصل ڪرڻ کان محروم ڪرڻ ايڏو وڏو گناه آهي جو موت جي سزا بہ ان لاءِ گهٽ سزا آهي مان سنڌ جي همدرد سڃاڻ شريف ايماندار ۽ محب وطن شهرين کان هڪ سوال ٿو پڇان تہ حيدرآباد جي ڪورٽن ۾ ڪيس هلندڙ قيدين کي سينٽرل جيل جيڪب آباد سينٽرل جيل سکر، مڃ ۽ ساهيوال پنجاب جي جيلن مان کهڙي پوليس وٺي ايندي ان جو انهن وٽ کو بہ جواب نہ آهي هي انهن قيدين جن کي سماج جي بي قدري زندان جي اوڙاه ۾ ڦٽو ڪيو آهي انهن جون اکيون اڄ اوهان ۾ آهن ۽ هو اوهان جي همدردي جا مستحق آهن ڇو جو انهن قيدين ۾ ڪيترائي قيدي بيگناه آهن ڪيترا وري قيدي اهڙا آهن جن جي گناه جي سزا وڌ ۾ وڌ ڇهہ مهينا آهي ۽ ٿن سالن کان بنا دوا ۽ کاڌي جي ان آس تي انصاف ٿيندو ۽ هو آزاد ٿي ويندا ڇا اهڙن ماڻهن تي تشدد ڪرڻ ظلم نہ آهي؟ ڇا گلزار ڇنہ آزادي جو دشمن نہ آهي گلزار ڇنہ قومي مجرم آهي هن تي باقاعده سرڪاري ۽ عوامي عدالتن ۾ ڪيس هلايا ويندا.

خدا اوهان جو حامي ۽ مددگار رهندو.

اوهان جو همدرد

امان الله سومرو

آرگنائزر

قيدي بچاؤ فورم سنڌ

هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان سنڌين سان هڪ ڏوڪو ۽ فراڊ آهي

منهنجا سنڌي هاري پائرو

مان اوهان کي اها ڳالهه وڌي افسوس سان ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته حيدرآباد ۾ ويٺل هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان جا ليڊر مفاد پرست ۽ ٺڳ آهن مان انهن جي مفاد پرستي ۽ ٺگي جو اکين ڏٺو شاهد آهيان دراصل ڳالهه اها آهي ته جڏهن مان پهريون دفعه پير فضل الرحمان عرف بادشاه خان پٺاڻ جي خرڪار ڪئمپ مان 44 ڪوهلي هارين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هيومن رائٽس ڪميشن جي ڪرتا دهرتا وارن کان مدد گهرڻ لاءِ هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان جي آفس ۾ ويس اتي ڪاري وارا ڪک هيا مرحوم شڪيل پٺاڻ جنهن جي باري ۾ چون ٿا ته هو شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي تيز گاڏي هلائيندي حادثي جو شڪار ٿي ويو هيو اڄ ان جي زال نالي نسرين شڪيل پٺاڻ پنهن جي مڙس جي گدي تي ويٺي آهي اها پٺاڻي عورت ۽ ان جو همدرد نالي آفتاب جيڪو چون ٿا ته پنجابي آهي انهن کي غريب هارين سان کيتري همدردي آهي ان جو اندازو اوهان ان ڳالهه مان لڳائي ٿا سگهو ته جڏهن مون هنن هيومن رائٽس

ڪميشنر جي گادي نشينن کي چيو ته هو هارين جو ان خرڪار پٽاڻ پير فضل الرحمان جي خلاف هارين جي بازيابي لاءِ ڪيس داخل ڪن ته خبر آهي ته هنن مون کي ڇا جواب ڏنو هنن چيو ته هنن جا اڳ ئي چار پنج ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ هلندڙ جيستائين انهن ڪيس جو فيصلو نه ٿيندو هو ڪو به نئون ڪيس داخل نه ڪندا اهو جواب ٻڌي مون کي پڪ ٿي وئي ته هي پيداگيرن جو هڪ ٽولو آهي جيڪو هيومن رائٽس ڪميشن جي نالي زميندارن کي بلئڪ ميل ڪري پنهنجو سفر گذر ڪرڻ رهيا آهن ۽ هنن ان ڪم لاءِ اهڙا ڪيترا ئي هٽ ٽوڪيا پيل ۽ ڪولهي ڪارڪن پئدا ڪيا آهن جيڪي هاري کي برغلائي زميندارن سان ويڙهائڻ کان پوءِ زميندارن سان سازباز ڪري هارين جي آزادي جي تحريڪ کي وڏو نقصان پهچائي رهيا آهن انهن نام نهاد ڪارڪنن ۾ گينيو پيل ۽ پارو پيل کان علاوه ٻيا ڪيترا ئي پئدا گير ڪارڪن آهن جن مان هڪ پارو پيل نالي هاري ڪارڪن هارين کان انهن جي آزادي جا ڪيس وڙهڻ جي نالي هزارين روپيه ونڻ کان علاوه زميندارن کي بلئڪ ميل ڪري رقمون ونڊڙ اڇڪلهه ميرپورخاص ٽاٽي جي لاڪب ۾ هوا کائي رهيو آهي مون جڏهن اها صورتحال ڏني مون هارين جا ڪيس وڙهڻ لاءِ هڪ وڏو منصوبو ٺاهيو ۽ مون هارين کي چيو ته مان هارين جي آزادي لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ ٻه سو روپيه ۾ ڪيس ٺاهي ڏيندس اها

ڳالهه ٻڌي هاري چڪرائجي ويا ته ڇا ائين ٻه ٽي سگهي ٽو جو اڳ ۾ اهي هيومن رائٽس ڪميشن وارا انهن غريب هارين جي آزادي جا ڪيس وڙهڻ جا هزارين روپيه هارين کان ونڊندا هيا ان جي باوجود هنن جي مدد ڪو نه ڪندا هيا ڇو جو دراصل هي زميندارن جا ايجنٽ آهن جنهن جو ثبوت اهي ٽيليفون ڦرڻ واريون ڪرسيون وڏيون وڏيون ميزن کان علاوه جڏهن عاصمه جهانگير ۽ ان جو پيداگير ٽولو ميرپورخاص ۾ هارين جو شو ڪرڻ لاءِ وارد ٿيا هيا ۽ انهن جي لهجي هنن جي ڪپڙن ان ۾ رچيل خوشبو هنن جا ٽلها متارا جسم ڳاڙها رت پريل منهن ڏسي مون کي پڪ ٿي ته هي سنڌ جي غريب سنڌين جي آزادي جا دشمن آهن اهوئي سبب هيو جو هنن پنهن جي ان جلسي ۾ جنهن جون وڊيو فلمون پريون ويون هيون ۽ هزار ها روپيه خرچ ڪري وڏا شاميانا لڳايا ويا هيا ڇا اهي پئسا هيومن رائٽس ڪميشن پاڪستان جي نام نهاد عهديدارن پنهن جي ڪيسي مان پريا هيا هارين کي بسن ۾ اڇيو ۽ بکيو مارڻ وارن کي انهن بسن جو ڪرايو ڪنهن ڏنو هوندو اها ڳالهه ان وقت آشڪار ٿي جڏهن هارين جي آزادي جي فلاپ شو کان پوءِ وڏيرن ۽ انتظاميه جي دعوت کائڻ لاءِ وڃڻ ان ڳالهه جو ڇٽو ثبوت آهي ته اهي انتظاميه ۽ جاگيردارن جو هڪ دلال ٽولو آهي جيڪو هيومن رائٽس ڪميشن جا نالي تي ان استحصالي ٽولي کي تحفظ فراهم ٿو ڪري

مان اوهان کان صرف هڪ ڳالهه پڇڻ چاهيندس، ڇا
باه ۽ پاڻي، نيڪي ۽ بدي، ظلم ۽ انصاف جيئن ڳڻ هلي
ٿا سگهي اهڙي طرح وڏيرو ۽ هاري به ڳڻ هلي نه ٿو
سگهي ڇو جو جيئن مٿيان اسم هڪ ٻئي جو ضد آهي
اهڙي طرح وڏيرو ۽ هاري به هڪ ٻئي جو ضد آهن.
ان ضد کي اپارڻ جي بدران هي هڪ اهڙو ٽولو آهي
جيڪو هارين کي زميندارن سان مهاڏو انڪائڻ جي
بدران گهرڻ ۽ پنڻ سيکارڻ چاهين ٿا جڏهن ته آزادي
گهرڻ ۽ پنڻ سان نه ملندي آهي آزادي ڦري وئي آهي
ڇا نسرين شڪيل پٽاڻ يا عاصمه جهانگير اهو
ٻڌائيندين ته هو ٽيليفون تي ڪنهن سان ڳالهائيندين
آهن ۽ ڇا ڳالهائيندين آهن اسان کي سڀ خبر آهي
نسرين شڪيل ڪنهن غريب هاري سان ته فون تي
ڪو نه ڳالهائيندي هوندي ضرور اها فون اهائي هوندي
آهي ته هاري اوهان جي خلاف دانهين ٿا ٻڌايو ته ڇا
ڪيون. ڇا ڪيون وارو سوال تمام سولو آهي ان
ڇاڪيون جي جواب ۾ ئي ميرپورخاص جي انتظاميه
انهن کي ماني کارائي سلوٽ ڪري پوليس جي نگراني
۾ جمڙائو ٽپائي اڳتي روانو ڪيو جڏهن ته ضلع
ميرپورخاص جي انتظاميه چار پنج شريف ماڻهون
کنهن مسئلي تي گڏ ٿا ٿين ته فورا پوليس ۽
مجسٽريٽ موڪلي قلم 144 جي پنجڪڙي ڪرڻ جي
ڏوه ۾ جيل پيڙو ڪيو ٿا ڇڏين ته پوءِ اهو ڪهڙو سبب
آهي جو ڏني وائني 144 جي پنجڪڙي ڪرڻ وارن

کي چوٽ ڏني وئي اها ڳالھ ثابت ٿي ڪري ٿ هنن جو اصل گاڊ فارد ڪو طاقتور ادارو آهي جنهن جي پئسي ۽ زور تي سنڌ ۾ هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان ڏڦيڙ پئدا ڪرڻ ٿي چاهي چا هيومن رائٽس ڪميشن جي گادي نشين عورت نسرين شڪيل پٽاڻ کي ان جي آفس کان ڏهن منٽن جي پنڌ تي حيدرآباد جي سينٽرل جيل ۾ هلندڙ خونخوار آپريشن نظر ڪو نه آيو جنهن ۾ هزارين آنسو گئس جي گولن کان علاوه هزارين گوليون هلايون ويون ۽ نڪتو چا ؟ چار مٽ شراب جا ۽ پاڻ چرس جو ان وڏي سانحي ۾ جنهن ۾ قيدين تي ايترو ٿ تشدد ڪيو ويو جو گلزار چنڊ جي قيادت ۾ ظالمن نازين کان وڌيڪ ظالمن وارو ڪردار ادا ڪري سنڌ جي تواريخ تي جيڪي خوني چنڊا هنيا آهن ان تي هي هيومن رائٽس ڪميشن وارا انڌا گونگا ۽ ٻوڙا ٿي ويا آهن. هي انڌا گونگا ۽ ٻوڙا چو ٿي ويا آهن ؟ ان جو سبب اهو آهي هاڻي هيومن رائٽس ڪميشن جو ادارو هڪ درگاه جي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي درگاه ۾ ڪنهن جي ڪڙن جي، ڪڙن جي درگاه تي ويندڙ ڪي نه دعا ملندي آهي نه بددعا ملندي آهي اهوئي سبب هيو جو هاري ان درگاه جا سالن کان چڪر لڳائيندا رهيا ٿ هنن ڪجهه ۾ نه ڪيو ٿ هي ڪڙن جي درگاه جا متولي اصل جيل جنهن ۾ اهي ماڻهون بند آهن جن جي اکين کان جيل جي آفيسرن کي ۾ خوف وڻي ويندو آهي انهن جي

کهڙي مدد ڪندا نجي جيل ۾ اصل ۾ وڏي سرڪاري جيل ۾ وڏو فرق آهي هيومن رائٽس ڪميشن جي ليڊرن کي اهو ڊپ آهي ته جي هنن قيدين جي حمائت ڪئي ته هنن کي چا ملندو. پادر ۾ مصيبت ئي ملندي جڏهن ته هي ڪٽي ڪائڻ وارا مجنون آهن آخر ۾ مان اوهان صاحبن کي هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان جو اصل چهرو ڏيکارڻ ۾ ڪامياب وڃان يا نه وڃان پر اها ڳالهه طئي آهي ته مان سنڌ ۾ غريب سنڌين جي آزادي جي تحريڪ جو سرواڻ آهيان ۽ هڪ خرڪار پٺاڻ جي طرفان منهن جي مٿي لڳل ڏنبا ۽ ارڙهن ٽانڪا ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته مان سنڌ جو واحد سياسي ڪارڪن جيڪو جان جي بازي لڳائي ٻ غلامن ۽ قيدين جي آزادي جي جدوجهد جاري رکيو پيو اڃان ۽ غلامن ۽ قيدين جي مڪمل آزادي تائين جدوجهد جاري رهندي. آزادي انسان جو مقدر آهي ڇو جو انسان آزاد ڄائو آهي هاڻي دنيا جي ڪا ٻ طاقت هارين ۽ قيدين کي غلام نه ٿي رکي سگهي. ڇو جو آزادي انسان جو نعرو آهي.

منجانب

امان الله سومرو

آرگنائزر

قيدي بچاؤ فورم سنڌ

هاءِ ڪورٽ جا جج سنڌ جي غلامن جي آزادي جا دشمن آهن

سنڌ واسيو اها اٽل حقيقت آهي تہ عدليہ جا سنڌي جج جيڪي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪم ڪري رهيا جن ۾ سرفهرست غلام نبي سومرو، امان الله عباسي، عبدالغني شيخ ۽ [illegible] صاحب آهن اهي چاهي جج نہ صرف پنهن جو فرض ايانداري سان پورو ڪو نہ ٿا ڪن پر غريب سنڌي هارين ۽ مزدورن جن کان بيگار ڪئمپن ۾ زبردستي بنا معاوضہ پورهيو ورتو ٿو وڃي انهن پورهيتن جي ليڊرن جي سرعام ڪورٽن ۾ بيعزتي ٻہ ٿا ڪن انهن کي اڪيون ٻہ ٿا ڏيکارين جن جا مان اوهان کي چئا واضح ثبوت ۽ مثال ڏينڊس.

مان اٽن مهينن کان هڪ غريب سنڌي ڪولهڙ عورت شريمتي نيلون ۽ ان جي 44 گهر پاتين جي آزادي جو ڪيس ميرپورخاص جي بدنام غنڊي فضل الرحمان عرف بادشاه خان جي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ وڙهي رهيو آهيان انهن سنڌي عوام دشمن ججن مان سڀ کان پهريون جڏهن مان جج غلام نبي سومري جي روبرو انصاف لاءِ پيش ٿيس تہ ان سنڌ

جي غريب عوام جي دشمن جج چيو ته نجي جيلن جو شوشو آهي جيڪو اسان چڏيو آهي مان اوهان کي چا ٻڌايان ته اها ڳالهه ٻڌڻ بعد ان وقت منهن جي چا ڪيفيت هئي مان هڪ دردناڪ عذاب مان گذري رهيو هوس ان جو نتيجو چا ٿئي ها پر مون پاڻ تي وڏو ضبط ڪيو نه ته مان ان جج سان باقاعده وڙهان هان پر چوندا آهن ته صبر جو ڦل مٺو هوندو آهي مان سنڌ جي ماڻهن کي سنڌي عوام جي دشمن ججن جي چهرن تان نقاب لاهي انهن جا چهرا کولي ڏيکاريندس ته اهي ماڻهن جيڪي انصاف جي ڪرسين تي ويٺا آهن چاهين ته سنڌ ۾ غلامن جي آزادي کي وڏي هٿي ڏئي تا سگهن پر هنن پنهنجو قلم ۽ پنهن جي طاقت موجوده جاگيردارانه سماج کي ٽڪر ڪان بچائڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي جنهن ۾ هي جج ڪڏهن ب ڪامياب ڪو نه ٿيندا جڏهن هڪ دفعه مان سنڌ جي پوڙهي پرمتڙئي جج امان الله عباسي جي روبرو پيش ٿيوهوس انوقت ان جج ب ان مسئلي تي غور ڪو نه ڪيو هي انوقت صرف چورن، ڏاڙيلن، بدمعاشن ۽ سماج جي دشمنن جا ڪيس اڪلائي رهيو هيو ۽ انهن سماج جي دشمن ڏوهارين جو رڳو ضمانتون ڪرڻ ۾ پورو هيو جڏهن ته انسانن جي آزادي جهڙي اهم ڪيس تي هنن نااهل ججن اجان تائين ڪو ب غور ڪ نه ڪيو آهي.

اڄ مان مورخه 3-1-2000 تي جڏهن هڪ

سنڌي جج غلام رباني جي روبرو پيش ٿيس ۽ پنهن جي متي ۾ لڳل ارڙهن ٽانڪا ڏيکاريم ۽ پنهنجي روئداد ٻڌائي مون جڏهن جج [illegible]اني جي چهري ڏي ڏٺو ته هن جي منهن جي ان دردناڪ حالت تي ڪو به افسوس نه ٿيو جڏهن ته اتي ويٺل سڀ وڪيل ۽ ٻيا ماڻهون منهنجو قاتل متو ڏسي توبہ توبہ ڪري رهيا هيا ان وقت ٿوري دير ۾ هن ئي جج جي روبرو هڪ ڪيس ميرپورخاص جي شريف ۽ ايانداري وڪيل عبدالجبار مهر جو پيش ڪيو ويو جيڪو پڙ هارين ۽ جي آزادي جو ڪيس هيو، ان ڪيس تي جيڪو جج غلام رباني ريمارڪ ڏنو جيڪو اهو مون ٻڌو جج چيو ته هي ڪوڙو ڪيس آهي. جج [illegible]ي صاحب هي ڪيس ڪوڙو ڪو نه آهي تنهن جي عدالت ڪوڙي آهي تون هڪ وڪيل مان جج ٿيو آهين توکي ڪهڙي خبر ته غربت چا ٿيندي آهي بک چا ٿيندي آهي خرڪار ڪئمپ چا ٿيندي ڄ ان ڏينهن کان نه صرف تون ٻيا سنڌي جج جيڪي چون ٿا ته هارين مزدورن سان ظلم ڪو نه آهي اهي داخل ڪيس ڪوڙا آهن ته پوءِ عدليہ جا جج ڪن ٻولي ٻڌن ته هاڻي عدليہ جو وارو به اچڻ وارو آهي جو جو عدليہ جو جج ٿيڻ سان ماڻهون جا گناه معاف نه ٿا ئي سگهن بلڪ بي انصافي ڪرڻ جي ڪري ان جا گناه وڌن ٿا.

سنڌي ججن خاص ڪري غلام نبي سومري امان الله عباسي، عبدالغني شيخ [illegible] ڪي اها

گالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته وقت وڏو ظالم آهي خدا جي عذاب کان بچو اڄ عوام توهان جي روبرو آهي ته صبحاڻي ماڻهون اوهان کي انهن ڪارن جبن سميت جن انصاف جا دروازا غريبن لاءِ بند ڪري ڇڏيا آهن عدالت جي ڪرسين تان ڇڪي هيٺ ڦٽو ڪندا ۽ اهو وقت جلد اچي رهيو آهي جو جيڪي ماڻهون انصاف جي نالي تي بي انصافي تا ڪن هاڻي انهن جو وارو آهي ۽ هاڻي عدليه جي انهن ججن جيڪي غريبن جا دشمن آهن انهن کي مڪافات عمل کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو.

مان متين چئي ججن کي چئلينج ٿو ڏيان ته پلي پاڻ اچو يا پنهنجو ڪو نمائندو موڪليو پلي اسان جي ڪيسن جي سرزمين تي جانچ ڪئي وڃي خاص ڪري منهن جي داخل ڪيل 44 ماڻهن جي حالت زار ڏسندو ته پلي اوهان ڪيڏا به ظالم ڇو نه هجو اوهان جي اکين مان ڳوڙها وهي ايندا.

پر نه جج جي عهدي ۽ ڪرسين توهان کي انڌو ته اڳئي ڪري ڇڏيو هيو هاڻي اوهان ٻوڙا ۽ گونگا به ٿي ويا آهيو ۽ هاڻي اوهان جو وجود عدليه تي هڪ بار آهي.

مونکي خبر آهي ته هي پمفلٽ شائع ٿيڻ کان پوءِ اوهان مون تي ڏمرجي پوندو اوهان وڌ ۾ وڌ مونکي ڇهه مهينا جيل موڪليندو جڏهن عوام اوهان جهڙن عوام دشمن ججن تي ڏمريو ته پوءِ اوهان کي

دنيا جي ڪا بہ طاقت ڪو نہ بچائي سگھندي.

اڄ هڪ بي بس لاچار مجبور عورت ۽ شريمتي نيلون جا ننڍا ننڍا ٻار هن سخت سياري ۾ کليل آسمان جي هيٺيان خرڪار ڪئمپ ۾ آهن شريمتي نيلون توهان جي بي انصافي جي ڪري رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي هن جو مڙس ظالم زميندار بادشاه خان ڏينهن ڏڻي جو قتل ڪري ڇڏيو آهي اهي رت جا ڳوڙها خدا ڪندواوهان کي رت رئارياندا ۽ توهان جا ٻار بچا خدا ڪندو تہ ڪڏهن بہ سک نہ ڏسندا ڇو جو توهان جي بددياڻتي جي ڪري ۽ ڪيس جي فيصلي ڪرڻ ۾ ڇاڻي واڻي دير ڪري اوهان جيڪو ڏوه ڪري رهيا آهيو اهو ناقابل معافي آهي اوهان کي هن ڏوهہ جي سزا ضرور ملندي ڇو جو اوهان تي فرد جرم عائد ٿي وئي آهي.

هاڻي مان اوهان ججن کي اوهان جي اوقات ڏيکاريندس اها اها آهي تہ مون پيشہ ورانہ وکالت ڪرڻ تان اڄ 3-1-2000 جج غلام رباني جي روبرو وکالت تان هٽ ڪنيو آهي هاڻي انهن ڇئني ججن هر هڪ جج غلام نبي سومرو، جج امان الله عباسي، عبدالغني شيخ ۽ جج [illegible] جي خلاف سول ڪورٽ ۾ هرجاني جو ڪيس داخل ڪندس جنهن ۾ شريمتي نيلون ۽ ان 44 گهر ياتين جو روزانہ جو پورهيو -/5000 روپيہ جي حساب ۽ منهنجو ان شريمتي نيلون جي آزادي جي ڪيس تہ جيڪو خرچ

آيو آهي اهو مان اوهان کان طلب ڪندس ڇو جو اوهان ڄاڻي واڻي منهن جي ڪيس جي اڪلاءُ ۾ دير ڪئي آهي جيڪو ڏوهه پڻ آهي اوهان جي ڪوتاهي ۽ غفلت جي ڪري منهن جي متي ۾ جيڪي ڏنبا لڳا آهن ان جي جزا ۽ سزا جا به اوهين ذمه دار آهيو مان اوهان متين ججن کي هڪ ڳالهه ذهن نشين ڪرائيندو هلان ته عدليه جون بنيادون ان وقت لڏي ويون هيون جڏهن سنڌ جي هڪ حريت پسند ذوالفقار علي ڀٽي کي هڪ عدالتي عمل ذريعي شهيد ڪيو ويو هيو ۽ عدليه جي ڪچي پکي لڏيل عمارت ان وقت اچي هيٺ ڪري پئي هئي جنهن وقت هيٺين ججن پنهن جي وڏي جج سيد سجاد علي شاه جي ڪرسي ڇڪي ڪڍي هئي هن وقت عدليه جي حالت هڪ اهڙي مئل جانور جهڙي ٿي وئي جيڪو ڏپ ڪري ويو آهي ۽ ان جو عمل ڳجهن ۽ چورن وانگر ان مئل جانور جي ماس کي ٻڪي پيو ۽ هن وقت عدليه ۾ غريبن لاءِ انصاف جا دروازا بند آهن. هي عدالتون چورن، ڏاڙيلن ۽ بدمعاشن کي تحفظ ڏيڻ ۾ پوريون آهن جنهن جو نتيجو اڄي پو ۽ ملڪ جي تباهي آهي ۽ جيڪڏهين خدانخواسته ملڪ تي غريبن سان بي انصافي ڪرڻ جي ڪري ڪا به تباهي آئي ته ان ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ عدليه جي ججن جو هوندو.

وقت ڪان ڏجو غريبن خاص ڪري 491

تحت داخل ڪيل ڪيسن جو اڪلاءُ هڪ هفتي جي

اندر اندر ڪيو وڃي ڇو جو غلامي جو هڪ ڏينهن بہ ڏڪيو هوندو آهي آزادي انسان جو پئدائشي حق آهي ۽ هن پئدائشي آئيني حق جي حفاظت ڪرڻ عدليہ جي ذمہ داري آهي مان نہ ٿو سمجهان تہ سنڌ جو ڪو وڏيرو چاهي اهو پنهنجي يا ڪو ٻيو عدليہ جي قانون کان ڏاڍو ٿيندو پر جڏهن جج ئي پنهن جي ذاتي مفادات جي خاطر انصاف جو قتل ڪن تہ پوءِ ججن کي خدا جي قهر جو انتظار ڪرڻ کپي جيڪو اڄ نہ تہ صبحاڻي ضرور نازل ٿيڻو آهي.

امان الله سومرو

آرگنائزر

قيدي بچاؤ فورم سنڌ

قيدين جا خط

يا علي مدد

قابل احترام منهنجا محسن سائين
امان الله سومرو صاحب

خيريت بعد عرض ته مان پهرين تاريخ ڪورٽ ويو هيس اتي هڪ منهنجو پراٽو دوست وڪيل نومي پٽاڻ مليو ان ڳالهه ڪئي ته شعيب شبلي وڪيل ڪيس چڏي ڇڏي ويو آهي ۽ ڪيس مون ڪي ڏئي ويو آهي ته تون ستار جو دوست آهين ڪيس ب تون وڃي وڙهه امان الله صاحب مان تمام گهٽو پريشان آهاين هينئر موڪ ۾ مالي وصيت بلڪل نه آهي.ته مان ٻئي وڪيل کي ٻيا ٻئسا ڪٽان آٽيان جو ڏيان شبلي بي [illegible] 25هزار روپيه ڦهائي ويٺو آهي مان غريب ماڻهون ٻيو ته بيوس هاڻي ته ڏاڍو پريشان آهيان اڄ جا وڪيل ڪيترا ب دوست هجن پر پئسي کان بغير ڪم نه ڪندا آهن هڪ توهان ئي واحد نيڪ شخص آهيو جيڪي هر ماڻهو لاءِ بغير لالچ جي سر جي بازي لڳائي تا ڏيو. منهنجا سائين 5.12.2000 ضامن جي ب

تاريخ آهي نومي وڪيل ب جونيئر آهي ۽ نئون آهي هاڻ توهان جج صاحب ب سڻي عورت ٿي لڳي توهان کا مدد ڪيو پاڻ ملوس يا کا درد منداڻ درخواست ڪاهي ڏيوس ت الله ڪندو ت سڀائي ٿي ويندي امان الله صاحب قسم خدا جو ت منهنجو توهان ۾ ايترو يقين ٿي ويو آهي جو منهنجي دل چوي ٿي ت توهان جنهن ب ڪم ۾ هٿ وجهندو ت انشاء الله ت فتح ٿيندي توهان شبلي سان ب ملو چئوس ت اڄ فيس ت واپس ڪري بس امان الله صاحب اڪيلو ماڻهون آهيان چا ڪيان ٻيو ت بيوس پکي جئان پجري ۾ بند آهيان تڏهن شبلي ب پئسا ٿو ڪائي سچ ت جيڪڏهين توهان جو سهارو نہ هجي ت مان ذهني مريض ٿي وڃان ڇو ت گهر جو وڏو ب مان ئي آهيان پوڙهي امڙ ننڍا بچا ننڍو پاڻ سڀ مون لاءِ پريشان آهن ۽ هنن ظالم وڪيلن ۽ ججن کي ڪنهن جو ڪو ب احساس ڪو نہ آهي هنن کي صرف پئسو ڪپي توهان جو پمفلٽ منصور سومري ڏنو تمام حق ۽ سچ تي مبني هيو ۽ ٻيو عرض ت هتي مون جهڙي بيوس لاچار قيدين اسان جي وارڊ کي آفيس ڪاهي چڏيو آهي سيني کي توهان جي خبر پئي آهي ت بنا لالچ جي قيدين لاءِ سچي ظالم اسٽيٽ سان جنگ ڪئي اٽس ت روز مون وٽ مسئلا ڪٽي ايندا آهن ۽ توهان اچو ب ڪو نہ ٿا هٽ ڪجهہ اهڙا مسڪين قيدي آهن جن

ويچارن ٿوپيون ٿاهي ۽ وڪيل لاءِ پئسا گڏ ڪيا هيا پر هن چئ جي آپريشن ۾ گلزار چي ٻاڻ انهن قيدين جي ڪيسن مان پئسا ڪڍيا آهن ۽ اهي قيدي قرآن پاڪ کڻڻ لاءِ تيار آهن. پر گلزار چنو پئسا نہ ٿو ڏئي انهن قيدين جا نالا مان توهان کي لکي ٿو موڪليان ۽ امان الله صاحب هڪ اهڙو بہ قيدي آهي صفا لاوارث آهي انهي کي 12 سال ٿيا آهن اڃان حيدرآباد زيرو سيشن ڪورٽ صرف ٽن ڪيسن کي هلائي ختم ڪري نہ سگهي آهي هن غريب جو بہ ڪو وڪيل بہ نہ آهي نالو اٽس نثار ولد غلام حسين جوٽيجو، ۽ جن جا پئسا گلزار چي ڏي آهن انهن جا بہ نالا لکي ٿو موڪليان هنن تہ آءِ جي نثار مهر کي بہ اها شڪايت ڪئي هئي ۽ آءِ جي پئسا واپس ڏيڻ جو يقين ڏياري ويو هيو پر ڪو بہ اڃان ڪڙ تيل نہ نڪتو آهي نالا هي آهن.

1. اسماعيل ولد غلام حسين ملاح پئسا Rs. 4460

2. حفيظ ولد محمد مراد سميجو پئسا Rs. 2220

۽ ٻيو هڪ خاص مسئلو اهو بہ آهي تہ آپريشن ۾ جيل انتظاميہ کاڻ قيدين تي ڪيس بہ ڪيا آهن جن ۾ زخمي قيدي روشن اوڏ ٻيو زخمي قيدي نادر حسين کابورو ۽ ٻيا تہ الائي ڪيترا قيدي آهن امان الله صاحب ظلم جي تہ انتها آهي تہ ذليل بہ قيدين کي

ڪيو اٿن گوليون ۾ قيدين کي هنيون اٿن ۽ وري ڪيس ۾ قيدين تي اسان آءُ جي سان ان مسئلي تي ۾ ڳالهايو هيو ته آءُ جي ۾ ڪجهه منافقت ڪئي چيائين ته زخمي قيدين تي ڪيس رهندو باقي ٻين لاءُ سوچان ٿو ظلم ته اهو آهي ته زخمي ۾ قيدين کي ڪيو اٿن ۽ وري ڪيس ۾ انهن تي اهي اٿئي آفيسرن جا حال ٻيو ته توهان منهن جي جيل ڪريڪٽر لينڊر جي ڪوٺو ڪاپي ۾ نه موڪلي.

فقط

عبدالستار باهوٽو

پٽائي وارڊ

محترم امان الله سومرو صاحب
شل سدا آباد ۾ خوش رهو

احوال عرض هن ريت آهي ته جيئن ئي توهان ملاقات ڪري روانا ٿيا پوئيان جيل عملدارن اسان سان ويڙ وارو رويو اختيار ڪندي آ ۽ جيل طرفان مليل بچيل سچيل سهولتون به ڪيسي ورتيون. مورڳوئي اسان جي وارڊ جي دروازي تي سخت پهرو هٽندي سپاهه جو لٽ بردار عملو مقرر ڪري ڇڏيو ۽ اسانجي هر چرپر تي نظرداري رکرائي وئي. Inside Interview ته پهرين ئي بند ڪري چڪا هئا ويتر جو توهان سندن خلاف Higher Authorities وٽ دانهون ۽ اعلي عدالتن ۾ Petition Move ڪيون انهي توهان واري عمل نه ويتر پنيور ڪي باهه ڏئي ڇڏي هڪ طرف توهانجي لک پڙهه کان ٿهن به پيا ته بي طرف اندروني طور اسانکي نقصان رسائڻ جي ڪوشش به ڪن پيا پچاڻي ڪرڻ تي بظاهر ته هو ٻڌائن پيا ته ڪين انهي سلسلي تي متان کان حڪم صادر ٿيل آهن پر پوءِ خبر پئي ته هو ڳجهه ڳوهه ۾ اسان کان توهان وارا پلاند پيا چڏائين اسان سندن اهڙي روئي کان خوفزده هرگز ناهيون ڇاڪاڻ ته اسانکي پنهنجو پاڻ تي مڪمل اعتماد هئڻ سان گڏوگڏ توهان جهڙي خدائي خدمتگار جو آشيرواد به حاصل آهي توهان جيڪو قيدين جي

فلاح بهبود ۽ سندن بنيادي حقن خاطر خداڪارڻ ويڙهاند ڪري رهيا آهيون اهو عمل هن جديد دور جي مهذب پٽي جي پٽاڙ ڪندڙ انهن لباڙي شخصن توڙي انساني حقن جي تنظيمن جي منهن تي زور دار چمات آهي چاڪاڻ ته اهي اهڙي ڏکين وقتن ۾ متاثره هنڌن تي نه پر اخبارن ۾ 3 ڪالم خبر چاپرائڻ ۽ ڦوٽو ڪيرائڻ لاءِ شهر جي ڪنهن وڏي مهنگي هوٽل ۾ قيدين جي اصلاح ۽ حقن جي حاصلات جي نالي ۾ منعقد ڪيل سيمينار ڪي خطاب ڪري رهيا هوندا آهن يقين سندن اهو عمل ننڍڙ جوڳو آهي جڏهن ته توهان انهن سڀني شين کان مختلف ۽ منفرد آهيو اها منهن جي مشابهت ناهي پر سارو جڳ ائين ئي چوي ٿو خاص طور تي توهان طرفان قيدين لاءِ هاءِ ڪوٽن ۾ داخل ڪيل پٽيشن کان پوءِ ته هو توهانجي نيڪي ڪئي نه ٿا ٽڪجن توهان بغير ڪنهن معاوضي جي سندن دلون ڪٽي ورتيون آهن هت جيل جي تقريبا سمورا قيدي توهان کي سڻن لفظن ۾ ياد ڪن ٿا ۽ توهان کي گهٽيون دعائون ڏين ٿا آءُ اميد ڪيان ٿو ته ته توهان اڳ کان به اڳيرا نظر ايندو ۽ ڪنهن به مصلحت جو شڪار نه ٿيندو ۽ نه ئي انساني حقن جي تنظيمن جي شهرت پسند اڳواڻن جيئن باهرين ملڪن جي طرفان مال ميڙن لاءِ ڪوڙيون سوڙيون

رپورٽون گڏ ڪندو بهرحال اهي ڏکها بحث آهن جيڪي ڪڏهن روبرو ويهي ڪبا پر هن وقت آءُ توهان کي جيل جي تازي صورتحال کان آگاه ڪندو هلان جيئن ته ڪجهه ڏهاڙا اڳ جيل ۾ هلندڙ وڳوڙ دوران آءِ جي جيل نثار مهر جيل جو دورو ڪيو ۽ سمورن سياسي ڏرين جي اڳواڻن سان گفت و شنيد ذريعي معاملا طي ڪيا جنهن ۾ مون به پارٽي جي نمائندي جي حيثيت ۾ شرڪت ڪئي هئي قيدين کي ڪافي Relief ڏنو ويو هو جن مسئلن تي معاملا طي ٿيا هئا تنهن ۾ قيدي جي Inside Interview ،راشن، Medicine، ڪورٽ۾ قيدين جي پيشي کي يقيني بنائڻ ۽ Conditional Remision کي ختم ڪري هر ڪيس واري قيدي کي معافي ڇاڙهڻ جهڙا مسئلا شامل هئا. آءِ جي جي وڃڻ کان پوءِ ڪجهه عرصو ته انهن شين تي عملدرآمد ٿيو پر تازو ڪجهه ڏينهن اڳ سپرنٽنڈنٽ لمبو چوڙو نادر شاهي حڪم نامون پڌرو ڪندي اعلان ڪيون ته هو اڄ کان پوءِ قيدين کي ڪا به سهولت نه ڏيندو ڇاڪاڻ ته آءِ جي صاحب قيدين کي ڏنل سهولتون واپس وٺڻ لاءِ مونکي پابند ٻڌايو آهي جڏهن ته اهي ڏنل سهولتون قيدين تي ڪو احسان ڪو نه آهن بلڪل سندن بنيادي حقن ۾ شامل آهن جيڪي انتظاميه کي جيل مينوئل موجب به هر صورت ۾ ڏيڻيون آهن اهڙي پيدا ٿيندڙ

صورتحال کان پوءِ اسان سپاڻي يعني بروز سومر بتاريخ 27.11.2000 کان بک هڙتال تي وڃي رهيا آهيون نہ رڳو اسان پر سان سان گڏ سموريون سياسي ڏريون ۽ ٻئي چڪر پڻ شامل آهن توهان ان سلسلي ۾ کهڙو لائحہ عمل جوڙيو ٿا ۽ انتظاميہ کي کيئن Pressurized کيو ٿا اهو اوهان جو Hedake آهي اسان اوهانجي کيل کاوشن جي نتيجي ۾ يقين سوپ ماٽيندا سين ان ڳالهہ تي مونکي ڇا سموري جيل جي قيدين کي ويساه ۽ کامل يقين آهي وڌيڪ صورتحال کان يقين توهان باخبر رهڻ جي کوشش کندو.

مهرباني

نيڪ جذبن سان اوهانجو خيراندیش

اصغر ناريجو

مرکزي اڳواڻ سناف سنڌ

شاعر قيدي جو خط

پرينءَ امان الله سومرو

خوشبوئن جي پاکرن ۾ رهو سدا

ٿڏي رت اکيون مهٽي جاڳي پئي آهي هي مند پيار جي نشي ۾ ويڙهجڻ جي مند آهي پر جنهن جاءِ تي آئون هن وقت موجود آهيا اتي عجيب ويرانين جو واسو آهي تنهنجو پيارو سنهيو مليو آهي جيڪو مون اکين تي رکيو آهي آهي تنهنجي اريل پيار منهنجي دل جا سمورا ٽڪ لاهي ڇڏيا آهن آئون وقت جي سمورين تلخين جو زهر پي ۽ اڄان ائين ئي آهيان جيئن پهرين هوس.

جيل ۾ قيدين وڏي اذيت پوگي آهي جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻو ممڪن ڪونهي ظلم اهو ٿيو

آهي جو جيڪي قيدي جيل هنگامي ۾ ذرو به ملوث نہ هئا جن کو ڦٽر جو ٽڪرو به هٿ ۾ نہ کنيو انهن تي تشدد ٿيو اهي بند وارڊ کيا ويا ۽ وري کيس به انهن بيگناه قيدين تي ٿيو آهي جنهن ۾ اکثر قيدي لاوارث آهن.

آئون پنهنجي وارڊ مان به نہ نڪتس پو ۽ به گهلجي ويس ۽ مون تي به ناحق کيس مڙهيو ويو آهي جنهن جو سبب به رڳو مون کي ذهني اذيت ۾ مبتلا ڪرڻ آهي مون جيل ۾ رهي اهائي کوشش ڪئي آهي تہ هڪ پاسي رهي ادب تخليق ڪريان شاعري ۽ مطالعي کي وقت ڏئي عزت سان وقت ڪٽيان پر پوءِ به بدنربنس جو شڪار رهندو آيو آهيان بهرحال آئون مايوس ناهيان تڪليفن جو هي سفر به گذري وڃڻو آهي توهان جيڪو قيدين جي پلائي لا ۽ ڪم ڪري رهيا آهيو اهو فخر لائق آهي توهان غريب لاوارث ۽ بي پهچ قيدين لا ۽ جيڪو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيو ان تي اسان سڀني کي فخر آهي خوشي آهي هڪ ليکڪ شاعر ۽ انسان دوست انسان جي حيثيت ۾ آئون توهان کي جس ڏيان ٿو ۽ توهان جي خلوص، پيار ۽ انسانيت جي بلند جذبي ۽ عظمت کي سلام پيش ڪريان ٿو توهان کي سنڌ جي نئين تاريخ ڪڏهن به نہ وساريندي آئون اميد ٿو ڪريان تہ توهان

جو عظمت جو اهو سفر اڃ ٿڪ ۽ اڃ ٽٽ رهندو.

هتي واڙيل ڪيترائي قيدي اوهان کي پيار مان ياد ڪن ٿا ۽ سلام چون ٿا ڪڏهن چڪر لڳائي وڃو ته بهتر آهي نئين صورتحال کان آگاه ٿي ويندا في الحال قيدي مطمئن ناهن ۽ تازو سڄو دور هيسيل هيسيل گهاريو اٿن، ٻيو ڪو خاص احوال ڪونهي اوهان جي پيار ۽ يادگيري لاءِ ٿورائتو آهيان.

پيار مان آئون تنهنجهو

ايوب کوسو

20 نومبر 2000ع سينٽرل جيل حيدرآباد

حيدرآباد (پ ر) سينٽرل جيل حيدرآباد جي سپرنٽنڈنٽ ۽ جيل انتظاميه جي جارحانه روي خلاف ۽ ڪرپشن ، تشدد خلاف سنڌ نيشنل فرنٽ جي اسيرن مير مظهر ميراڻي، اصغر ناريجو ستار باهوٽو، زاهد ٽيبو منصور سومرو، دلبر پيو، غلام حسين بلوچ، حميد ٽيبو، اشرف سومرو، نثار جوٽيجو، لالا قادر بلوچ سميت 10 ڏه سياسي جماعتن جي بک هڙتال شروع ڪري ڏني آهي اهڙو اظهار سناف جي باندي ۽ مرڪزي اڳواڻ مير مظهر ميراڻي پنهنجي صحيح سان جاري ڪيل بيان ۾ خدشو ظاهر ڪندي چيو آهي ته جيل انتظاميه طرفان تازو ڪيل موٽار آپريشن کان پوءِ وري اهڙو سازشي پلان جوڙيو ويو آهي گذريل آپريشن ۾ هڪ مظلوم قيدي جي زندگي جو خاتمو ٿيو ۽ ڪيترائي بيگناه قيدي زخمي ٿيا هن وقت به به (2) قيدي پنهنجي زندگي جا آخري ڏينهن ڳڻي رهيا آهن ۽ ڪيترائي بيمار قيدي اڄ به علاج لاءِ تڙپي رهيا آهن آپريشن کان پوءِ جيل ۾ قيدين تي انسانيت سوز تشدد، تذليل ۽ ڪرپشن ساڳئي معمول تي هلي رهيا آهن ۽ منشيات جو ڪاروبار مهانگي اگهه تي جيل انتظاميه جي سرپرستي ۾ هلي رهيو آهي.

جيل ۾ مڪ آفيس ماڙي کانپوءِ سيڪيورٽي بند وارڊ ۾ قيدين کي منشيات جو عادي بڻائڻ لاءِ ۽

گري رشوت لاءِ انسانيت سوز تشدد ڪري اونداهي ڪولي ۾ اڇلايو وڃي ٿو برڪت بہ جيل ۾ سڙي رهيوآهي سياسي اسيرن چيو آهي قيدين جي اصلاح لاءِ شفيق ۽ انسان دوست ماڻهن کي مقرر ڪرڻ بجاءِ ظالم ۽ وحشي صفت ماڻهو مقرر ڪيا وڃن ٿا.

سياسي اسيرن سياسي، سماجي پارٽين، انساني حقن جي تنظيمن ۽ اعلي عدالتن ۽ اعلي حڪام ۽ صحافي برادران کي اپيل ڪئي آهي تہ جيل اندر هزارين مظلوم قيدين جي زندگي کي بچايو وڃي ۽ جيل سپرنٽنڈنٽ خلاف قدم کڻي معطل ڪيو وڃي.

جاري ڪندڙ
مير مظهر ميراڻي

اڌ رات جو چير ڦاڙ

مڊ نائيٽ آپريشن

سنڌ جي جيلن ۾ قتل عام جو منصوبو

اڄ ڪلهه نوڄ جو هڪ بريگيڊيئر جناب نثار احمد مهر جيڪو هن
وقت جيلن جو محڪمو عذاب گهر ۽ عقوبت گاهه سنڌ جو منتظم اعليٰ آهي ۽
سي صاحب اڄڪلهه انهن عقوبت خانن يعني عذاب گهرن ۾ بند ستم
سيده انسان جن کي قيدي چيو ويندو آهي. انهن جي تقدير جو مالڪ بنيل
هي. اهو ئي سبب آهي جو اڪتوبر سال 2000ع جي آخر ڌاري بي بس.
ڄار ۽ هٿين خالي قيدين جو سينٽرل جيل حيدرآباد جيڪو نازي ڪئمپ
ان به وڌيڪ خوفناڪ آهي. ان ۾ سرچ اپريشن جي نالي تي قيدين جو
ڪو قتل عام ڪيو ويو اهو فوجي حڪومت جي دامن تي بدنما داغ
ي ۽ اهو ئي اهو بدنما داغ آهي جنهن جي ذميدار حڪومت مخالف مافيه
سراقتدار حڪومت کي بدنام ڪرڻ لاءِ جيل ۾ قيدين تي ايترو نه تشدد
ندا آهن جو ان ظلم ۽ ڏاڍ جي عذاب کان سڄي قوم دانهون ڪرڻ شروع
ندي آهي مگر انهي خوفناڪ ۽ درد پريون رڙيون ان ڪري حڪومت
ڏڻ کي ٻڌڻ ۾ ڪو نه ايندیون آهن جو انهن ظلمن جو انهن کي عملي
اهدو نه آهي. اڄ نواز شريف ۽ ان جا ٻيا ساٿي جيڪي اتي اي ڪلاس
۾ هٿن جي باوجود اوهان کي جيل جي اهڙي خوفناڪ ڪهاڻي
يندا جو اوهان سوچڻ تي مجبور ٿي ويندا نه هي ڇا ٿي رهيو آهي.
ن هي ڪهاڻي ٻڌي ڪير. حيدرآباد جيل جي جلاد آفيسرن پنهنجي
اعليٰ جي اجازت سان سنڌ جي غريب قيدين جو جيڪو خون وهايو

آهي. اڄا اهو رت خشڪ ئي ڪونہ ٿيو هيو تہ لاڙڪاڻي جي قيدين کي رت ۾ وهنجاريو ويو ۽ ڪيترن ئي قيدين کي اسپتال پيڙو ڪيو ويو پوء بہ جيل جا بي شرم ۽ بي حيا آفيسر اهو چئي رهيا آهن تہ جيلن ۾ امن امان ۽ حالتون ڪنٽرول ۾ آهن.

ظلم بہ هجي ۽ امن بہ رهي. ڇا ائين ممڪن آهي. ڪجهہ توهان ئي چئو.

ڪجهہ توهان ئي داروغہ جيل عرف عذاب گهر جناب نثار احمد مهر صاحب ڪجهہ اوهان ئي چئو. تازو فوجي وردي لاهي جيل جي ڪاتي جي وردي پائڻ واري فوجي کي هيئين ماتحت جلاد قاصائي آفيسرن ڪوڙيون خبرون ٻڌائي تہ قيدي جيل ۾ ڇڪي ڇڪي ويندا تہ قيدي جيل مان جنهن وقت بہ چاهي ڇڪي ٿا سگهن. جيڪڏهن جيل مان نہ تہ پوء هو ڪورٽ مان باآساني ڇڪي ٿا سگهن. ليڪن مان نہ ٿو سمجهان تہ ننڍي ڏوهہ جا ڏوهاري جيل ٽوڙي ڇڪي ويندا ڇاڪاڻ جو پاڳيلن ڏاڙيلن جي حالتن کان هر ڪو واقف آهي اهو ئي سبب آهي جو گرفتار ٿيڻ کان پوء هر ڏوهاري پنهنجي گرفتاري کي تقدير جو اٽل فيصلو سمجهي قانون ۽ ان جي رکوالن جي حوالي پنهنجو پاڻ کي ڪرن کانپوء ان عمل کي پنهنجي زندگي سمجهي جڏهن هو پنهنجي مٿان ظلم ۽ تشدد ۽ قانوني بي انصافي تي نظر وجهندو آهي تہ پوء هو ان عمل کي پنهنجي زندگي جي پيمانہ غلطي سمجهي ان زندگي کان موت کي ترجيح ڏيندو آهي اها ئي جيل جي آفيسرن جي ناڪامي آهي جو جن ماڻهن کي جن ماڻهن جي رکوالي لاء مقرر ڪيو ويو آهي اهي ايترا تہ خوني ۽ درنده آهن جو انسان کي انسان ڪي نہ ٿا سمجهن. اهڙو ئي هڪ جانور نما انسان نالي گلزار جنہ نالي هڪ

شخص دراصل هي هڪ غريب موچي جو پٽ آهي جيڪو پڙهي لکي سڀ کان پهريون هڪ اسڪول ٽيچر ٿيو جتي هن سڀ کان پهرين ڏنڊي جو استعمال شروع ڪيو ۽ پنهنجي شاگردن تي تشدد ڪيو. هن اتي اهو ظلم ڪرڻ سکيو. هاڻي اوهان ئي فيصلو ڪيو ته جيڪو ماڻهو قيدين تي رحم نه ٿو ڪري اهو ماسٽري ڇڏي جيل جو آفيسر ٿي غريب قيدين تي ڪيترو رحم ڪندو ان جو فيصلو سندس جو عوام خود ڪندو. جيل ۾ صرف سندي ئي ڪو نه آهن. مهاجرن کان علاوه هر قوم ۽ مهذب جا ماڻهون آهن. جيڪي جيلن ۾ بند آهن.

جيل جي انهن منشيات فروش غندن ۽ بدمعاش قسم جي آفيسرن فوج جي طرفان مقرر ڪيل فوجي آفيسر کي جيل جو ايڏو ته پيانڪ نقشو پيش ڪيو آهي جو جيڪڏهن جيل ۾ قيدين کي سچ پچ ۽ ڏنڊن سان مارڻ کان علاوه انهن جون هڏيون ۽ پاسرائيون به پڳيون وڃن جو هو مرهم پٽي لاء دانهون ڪندا رهن جي اهو ڪم نه ڪيو ويو ته قيدي جيل پچي ويندا ۽ فوجي حڪومت لاءِ ڏڇو پيدا ڪري ڇڏيندا. اهو ڪٽي هو حڪومت جا خير خواه ئي نه ڏئي رهيا هيا بلڪ حڪومت سان دشمني ڪري رهيا هيا. اها ئي اها حڪومت مخالف مافيه آهي چاڪاڻ جو ان کي ان فوجي حڪومت مان خطرو آهي. ڇو جو اڄ نه ته سڀاڪي انهن جيل جي ظالم آفيسرن جو احتساب ٿيندو ته پوء انهن جا لکن جا اڪائونٽ ۽ انهن جا قيمتي بنگلا انهن جي ڳچي ۾ پئجي ويندا ان ڪري هو فوجي حڪومت کي عوام جي نظرن ۾ ڪيرائڻ لاءِ جيلن ۾ قيدين جي قتل عام جو مشورو ڏئي رهيا آهن ۽ قتل عام ڪري رهيا آهن ۽ رات جو اونداهه ۾

قيدين سان جيڪو ظلم ڪيو ويندو آهي اهو ٻڌندي ئي انسان جا وار اڀا ٿي ويندا.

بهرحال اسان کي اها خبر آهي ته گلزار چنڊ هجي يا نثار احمد مهر صاحب انهن کي پنهنجي ڪئي جو اڄ نه ته سڀاڻي حساب ڏيڻو پوندو. ڇو جو اهڙي اڌ رات جي ڇيڙ ڇاڙ ملڪ ۾ مليٽري ان وقت ڪندي آهي جڏهن دشمن ملڪ جون فوجون ملڪ جي اندر ڪاهي ايندیون آهن. مگر هن وقت اهڙي ڪا به صورتحال نه آهي ته پوءِ فوجي حڪومت کي پنهنجي ملڪ جي عوام تي آپريشن نمائش جو سبق ڏئي حڪومت مخالف مافيا فوجي حڪومت جي راهه ۾ اهڙا ڪنڊا وڇائي رهي آهي جنهن تي هلي ڪا به حڪومت ڪامياب ڪو نه ٿي آهي. در اصل سياسي يا فوجي حڪومت جي ناڪامي جا ذميدار اهي رشوت خور سول بيورو ڪريٽ عرف نوڪر شاهي آهي جيڪي پنهنجي سربراهن کي قاسي جي ڦندي تي پهچائڻ جي باوجود پنهجن ڪرسين تي ٽڪيا وينا آهن ۽ هو اهو ٿا سمجهن ته هنن کان پڇن وارو ڪو به نه آهي. ليڪن هاڻي ائين نه ٿيندو ۽ هاڻي هر ظالم کي پنهنجي ڪيل ظلم جي سزا پوگهڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. پاڪستان جو برصغير مان ٽٽي نهيو آهي ۽ برصغير ۾ حڪومت لاءِ پاڻ جون اکيون گلزار چنڊ جهڙن ظالمن ۽ جلاد قسم جي مشيرن جي چوڻ تي ڪڍيون هيون ته وري ساڳين مشيرن جي چوڻ تي پٽ پنهنجي پيءُ کي جيل ۾ رکيو هيو بادشاهت ختم ٿي وئي ليڪن چمچه خور ۽ نيچ قسم جا خوار مشير ۽ حاڪم ختم ڪو نه ٿيا. سياسي دور شروع ٿيو ته ڪنهن کي قاسي تي لٽڪايو ته وري ڪنهن کي ساڻي رک ڪري ڇڏيو. هي فوجي حڪومت پهرين حڪومت آهي جيڪا ٻيو ڪم ڪري نه ڪري سگهي پر

هر ڪنهن ڪي ان جي اوقات ڏيڪاري ڇڏي آهي. گلزار ڇنڊ جهڙي جلاد ڪاموري ڪي ياد رکڻ گهرجي ته هو موجوده فوجي حڪومت سان دوکيبازي نه ٿو ڪري سگهي ۽ هن جو ڪوڙ هلي نه سگهندو ڇاڪاڻ جو فوجي حڪمرانن کي خبر آهي ته هڪ طرف باهه آهي ته ٻئي طرف پاڻي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن فوجي حڪومت پاڻ کي مضبوط ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته سڀ کان پهرين گلزار ڇنڊ جهڙي حڪومت مخالف مافيه جي ڳچي ماپي ويندي ۽ ان کان جيل ۾ ٽيل قتل عام جو حساب ورتو ويندو. هڪ ڳالهه جيل خانه جي آفيسر اعليٰ فوجي برگيڊيئر جناب نثار علي مهر کي ياد رکڻ گهرجي ته پاسو بدليندي دير نه لڳندي آهي پوءِ جيلن ۾ جيڪو ڪجهه ٽيندو ان سان پاڪستان جي تواريخ ڳاڙهي ٿي ويندي ۽ ان وقت مظلوم جا هٿ ظالم جي ڳچي ۾ هوندا . ڇاڪاڻ جو جيلن ۾ رڳو چور ڏاڙيل ۽ بدمعاش ئي ڪو نه ايندا آهن. مفڪر. شاعر. دانشور ۽ فلسفي ۽ ليڊر ماڻهون به جيل ۾ ايندا آهن ۽ جيل ۾ سڀ قيدي قيدي هوندا آهن. انهن ۾ وڏي تعداد بي گناهه. انسانن جي هوندي آهي ۽ انهن تي تشدد ۽ ظلم ڪرڻ خدا جي قهر کي آواز ڏيڻو آهي ۽ جڏهن ظالمن تي خدا جو قهر نازل ٿيندو آهي ته پوءِ ڪجهه به نه بچندو آهي ۽ سڀ ڪجهه تباهه ۽ برباد ٿي ويندو آهي ۽ ان بري وقت کان بچڻ لاءِ سرچ آپريشن جي نالي جيلن ۾ قيدين جو قتل عام بند ڪيو.

امان الله سومرو

آرگنائيزر

قاتلو جواب ڏيو

قيدين جي خون جو حساب ڏيو.

آگاڻي زماني ۾ مقتول قاتل جي خلاف ڪيس داخل ڪرائيندو هيو پر اڄ قاتل مقتول جي خلاف ڪيس داخل ڪرائي رهيو آهي. ڇاڪاڻ جو اسان هڪ اهڙي معاشري ۾ ٽا رهون جتي ڪجھ ماڻھون سچ کي ڪوڙ ۽ ڪوڙ کي سچ ناهي پيش ڪندا آهن ۽ جنگ کي امن ۽ امن کي جنگ چوندا آهن. اهڙي ئي صورتحال سنڌ جي جيلن جي آهي. جتي جيل جا جلاد ۽ قاصائي آفيسر قيدين کان زوري رشوت وٺڻ لاءِ قيدين جو قتل عام شروع ڪيو آهي. ڏسو اڄ هڪ جيل ۾ ته وري ٻئي ڏينهن ٻي جي جيل ۾ قيدين کي ڪٽو پيو وڃي ۽ پوءِ به جيل جا آفيسر چون ٽا ته حالتون ڪنٽرول ۾ آهن ۽ جيلن ۾ امن امان آهي. اهي ماڻھون جيڪي انساني حقن جي علمبرداري جي دعويٰ ٽا ڪن اهي اڄ چپ آهن. انهن جي ان خاموشي جي پويان انهن جي بزدلي ۽ مفاد پرستي آهي. هي تحريرون مان انهن ماڻھن کي آئينو ڏيکارڻ لاءِ لکي رهيو آهيان ته اهي ماڻھو جيڪي انساني حقن جي ڳالھ ڪندي ٽڪجن ڪو نه ٽا ۽ انساني حقن جي پبلسٽي ڪرڻ لاءِ باقاعده سائن بورڊ هٽي آفيسون کوليو وينا آهن ۽ ڪارن ۾ گھمي رهيا آهن. اهي ماڻھو انساني حقن جي نالي تي سنڌ جي عوام کي بيوقوف ناهي رهيا آهن. جنهن جي کلي ۽ چٽي مثال سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قيدين تي وحشيانه ظلم آهي. جنهن ۾ ڪئي قيدي مري ويا ۽ ڪيترائي قيدي معذور ٿي ويا آهن ۽ ڪيترائي قيدي هنن ڏينهن

راتين ۾ سينٽرل جيل جي بدبودار ڏڻ ڪمرن ۾ ملڪ الموت جو مرڻ لاءِ انتظار ڪري رهيا آهن. گلزار چنڊ نالي هڪ ظالم جيلر سينٽرل جيل حيدرآباد جي چارج ونندي ئي پهرين ڏينهن قيدين جا روح قبض ڪرڻ شروع ڪيا آهن. جيستائين هي جلاد سمورن قيدين جو رت نہ پيئندو نہ هي هن جي بدلي ٿيندي، نہ وري هن کان کو پڇاڙو ٿيندو. ڇاڪاڻ جو هن جيل ۾ قيدين کي مارڻ جو نيڪو ڪنيو آهي. ليڪن اڄ هن خوني نيڪيدار جلاد گلزار چنڊ جي خلاف انساني حقوق جا نيڪيدار ان ڪري کو نہ ٿا ڳالهائين جو بنهي جو مقصد ساڳيو آهي. اهو آهي قريو ماريو ۽ ڪاڙو اهو ئي سبب آهي جو انساني حقن جي علمبردارن حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ٿيل ڪربلا تي هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو آهي جيڪا ڪربلا اجا تائين سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ جاري ۽ ساري آهي ۽ جيستائين گلزار چنڊ نالي يزيد سينٽرل جيل حيدرآباد جو سپرنٽينڈنٽ آهي، قيدين جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي ۽ قيدي جنهن عذاب ۾ مبتلا آهن خدا ڪنهن کي اهڙو عذاب نہ ڏي، قيدي نہ مرن ٿا نہ جيئن ٿا.

در اصل ڳالهہ اها آهي تہ ڪنهن بہ ملڪ جي مهذب هڻڻ جو ثبوت انتظامي لحاظ کان جيل خانا هوندا آهن. جيڪڏهن قيدي جيل ۾ خوش آهن ۽ انهن کي وقت تي انصاف ٿو ملي تہ پوءِ سمجهو تہ اهو ملڪ مهذب شريف ۽ انساني حقن جو پاسبان سمجهبو.

اڄ اسان جي ملڪ ۾ اهوَ دهل وڄايو پيو وڄي تہ جيڪي ماڻهون حڪومت ڪري رهيا آهن ۽ اهي ماڻهون جيڪي حڪومت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. يعني فوجي حڪمران ۽ سابقہ سول حڪمران نالي ۾ عوام جي حقن جي جنگ وڙهي رهيا آهن. هن اقتدار جي جنگ ۾

عوام جو جيڪو حال آهي ان جو اندازو باهر ماڻهن کي بخوبي آهي. مگر ان اقتدار جي جنگ غريب قيدين جو ڪچومبر ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ هن وقت غريب قيدي جيل جي جلاد صفت آفيسرن جي نرغي ۾ زندگي ۽ موت سان وڙهي رهيا آهن.

اڄو تہ مان توهان کي بڏايان تہ قيدين جي حالت ڪيتري خراب آهي. جنهن ڏينهن کان گلزار چنہ نالي هڪ بدمعاش بدبخت ظالم شخص جيل جي سپرنٽينڈنٽ جي چارج ورتي آهي. جيل ۾ هر طرف رشوت جي باهہ باري ڏني آهي. جنهن ۾ غريب قيدي سڙي رک ٿي ويا آهن. هن وقت حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ قيدين جا بي جان بوتا جيل جي نهيل کولين جهڙين قبرن ۾ دفن آهن. جتي نہ انهن کي پورو کاڌو ٿو ملي ۽ نہ ئي وري دوا. اڄ انهن غريب قيدين جي مدد ڪرڻ وارو کو بہ نہ آهي ۽ قيدي اڪيلا پنهنجي بقا جي جنگ وڙهي رهيا آهن. جڏهن تہ ارباب اختيار صرف ۽ صرف پنهنجي بچاءُ لاءِ بي فريق سان وڙهي رهيو آهي اصل ۾ انهن پنهي ڌرين جي ان جهيڙي جو مک ڪارڻ ٻيورو ڪريسي آهي جنهن ۾ هڪ گروهہ حڪومت مخالف گروهہ پنهنجون حدو ٽپي موجوده فوجي حڪومت لاءِ تباهہ ڪن ۽ خطرناڪ صورتحال پيدا ڪري رهيا آهن.

محڪمہ جيل خانہ جات ۾ ان خطرناڪ صورتحال جي شروعات گلزار چني ۽ ان جي حامي عنبن ۽ خوني بگهڙن جهڙي حڪومت مخالف مافيہ جي هڪ گروهہ قيدين تي بي انتها تشدد ڪري شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ هاڻي تہ جيلن مان رڳو لاشون ئي لاشون نڪري رهيون آهن. اڄ قيدين جي حالت ان ٻيڙي جهڙي ٿي وئي آهي. جنهن جا ملاح پاڻ ۾ وڙهي ڪيي ختم ٿي ويا آهن ۽ ٻيڙي وچ سر ۾ ڦاسي وئي آهي. اهڙي ئي ساڳي

حالت سندّ جي تمام جيلن جي آهي. جنهن ۾ قيدي پنهنجي زندگي جا ڏينهن ڳڻي رهيو آهي ۽ پنهنجي موت جا منتظر آهن. اهو منظر ايڏو تہ پوائتو آهي جو جيڪڏهن ڪو شريف. ايماندار ۽ حقيقت پسند انسان ٿوري دير جي لاءِ پنهنجي ذهن تي قيدين تي ٽينڊڻ ظلم جو ٿورو بہ اثر وٺي ۽ اهو تشدد پنهنجي جسم تي محسوس ڪري تہ ان جي خوف جي ڪري وار ايا ٿي ويندا ۽ ڪيترو بہ سيءُ هجي ڏڪڻي وٺي ويندي. جيلن جي هي جيڪا حالت خراب ٿي آهي. ان جو اصل ذميوار نشار مهر آهي. جيڪو جيل خاني جي ڪاتي جو اسپيڪٽر جنرل آهي. ان جي ناڪامي جو اصل سبب نوڪر شاهي تي بي جا پروسو ۽ انهن جي ڳالهہ ڪي غير ضروري اهميت ڏيڻ ۽ عوام جي راءِ ڪي رد ڪرڻ جي ڪري انسپيڪٽر جنرل جيل خانہ جات پنهنجو اعتماد وڃائي چڪو آهي. هڪ طرف تہ انسپيڪٽر جنرل آف جيل قيدين سان عهد ٿو ڪري تہ انهن کي ملاقات جي سهوليت هوندي ۽ قيدي جيل ۾ هڪ ٻئي سان ملي سگهندا ۽ ان کان علاوہ تعليم. ڪاڏو ۽ ڪورٽن ۾ وقت تي پيشي جهڙا معاملا بہ شامل آهن. پر جيئن ئي هي اهي ڳالهيون ڪري سينٽرل جيل حيدرآباد جي گيٽ کان باهر ٿو نڪري تہ گلزار چنہ اهو چئي تہ اهو آئي جي جو هڪ ڊرامو آهي ۽ هي انهن معجيل مطالبن کي رد ڪري اهو چوي ٿو تہ در اصل آئي جو جو ڪيس حڪم آهي تہ قيدين کي پڪڑيو ۽ ماريو ۽ مال ناهيو. چپ چاپ پنهنجي بئرڪن ۾ هليا وجو تہ ايترا تہ سوچڻا هٽندا جو قيدي سڀ ڳالهيون وسري ويندا. اهي ڊپ واريون ڳالهيون بڌي قيدي ڊڄي ويندا آهن. اڄ جيلن ۾ سياسي قيدي ۽ غير سياسي قيدي جي تعريف ناهي هر حڪومت مخالف گروهہ سياسي قيدين جي نالي تي ڏوهارين کي هر قسم جي سهوليت فراهم ڪن ٿا ۽ اها

سهوليت صرف انهن قيدين کي آهي جيڪي جيل جي رشوت خور ڪميني قسم جي آفيسرن جي مٺ گرم ٿا ڪن باقي غريب قيدين کي صبح کان شام تائين جوڙي جوڙي ۾ ويهاري سيٽيون وڄائي زمين تي هروپرو ٻه پوڄا لڳرائڻ کان علاوه مارڪٽ ڪندي بند وارد ۾ ڪري ڇڏڻ کانپوءِ ان تي تشدد جو هڪ اڻ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويندو آهي اهو سڄو ظلم انهن ماڻهن کي جيڪي انساني حقن جون ڳالهيون ڪندا آهن ڇا ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي. اڄ ڪلهه اهي انساني حقوق جا نيڪيدار عشق ۽ عاشقي تي ليڪچر ڏئي رهيا آهن ۽ پوڙهائپ ۾ پنهنجي جواني جي تجربن کان عوام کي آگاهه ڪري رهيا آهن اهي سنڌ جا وڏا دانشور ۽ انساني حقن جا علمبردار آهن ته وري بي پاسي انساني حقوق جا هٿ ٽوڪيا ليدر هڪ اتحاد ناهين ٿا ته ٻيو اتحاد ٽوڙي ٿا ڇڏين ۽ اڄ اهي ليدر جوڙ ٽوڙ ۾ ايترا تہ مصروف آهن جو هنن کي غريب قيدين جون درد پريل دانهون ۽ آهون ٻڌڻ ۾ ڪو نه ٿيون اچن. ته وري ٻئي طرف ضلعي حڪومتون ۽ ڪالاباغ ڊيم جيڪو نه ٺهيو آهي ۽ نه ئي ٺهندو ان فضول ڳالهين جو نالو ونڊي انڊ شنڊ ڳالهائڻ کانسواءِ هنن ڪهڙو ڪارنامو انجام ڏنو آهي جنهن تي سنڌي قوم فخر ڪري سگهي يا وري جيلن ۾ بند لاچار ۽ مجبور قيدي انهن کي پنهنجو همدرد سمجهي ڪو احوال ڪري سگهن. حيدرآباد شهر حي وچ ۾ سينٽرل جيل حيدرآباد جي قيدين تي ڪربلا جهڙو قهر ڪيو ويو ۽ پر امن ۽ هٿين خالي قيدين تي گلزار ڇنڊ ۽ ان جي حامي غندن رات جو نند ۾ ستل قيدين کي نند مان اٿاري ڏنڊا ۽ لوهه جا سريا هٿي جيڪا ظلم جي نئين روايت قائم ڪئي آهي. جنهن سنڌ جي تواريخ ۾ ويجهڙائي ۾ مثال ڪو نه ٿو ملي ۽ اها ئي خوفناڪ مثال انهن ظالم

بدمعاش جيل جي آفيسرن لاءِ اهڙي مثال ٿي ويندي جو ان عمل جو رد عمل جو پڌندي ئي ظالمن ۽ بدمعاشن کي ڏکڻي وڻي ويندي. اڄ هي جيل جا بدمعاش پنهنجي سرغنه عندي گلزار چنه جي چوڻ جيترو ظلم ڪرڻو اٿن ڪري وڻن ليکن ظالم کي پنهنجو انجام به ياد رکڻ گهرجي. چاڪاڻ جو اها قدرتي ڳالهه آهي ته هر عمل جو هڪ رد عمل هوندو آهي ۽ پاڪستان خاص ڪري سنڌ ۾ رد عمل شروع ٿي چڪو آهي. جنهن جو ثبوت سنڌ جي جيلن ۾ قيدين تي تشدد جي انتها آهي ان کان وڌيڪ گلزار چنه ٻيو ڪري به چا ٿو ٿي سگهي. اڄ جهڙي طرح دنيا يزيد تي لعنت ٿي موڪلي اهڙي طرح دنيا گلزار چني جو نالو پڌندي ئي لعنت لعنت پڪارڻ لڳندي چاڪاڻ جو گلزار چنه درو حاضر جو يزيد آهي جنهن قيدين جو کاڌو پيتو بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ قيدي مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال تي آهن.

منهنجي نظرئي جي مطابق رشوت کانئن سخت گناهه آهي ليکن قيدين کان رشوت وڻي کانئن اهڙو ئي ڏوهه آهي جيترو ماڻهو سان زنا ڪرڻ ڏوهه آهي ۽ هي قيدين کان رشوت وٺڻ وارو ڏوهه گلزار چنه جهڙا جيل جا آفيسر روزانو ڪندا آهن اهڙن انسانن کي انسان چوڻ به انسانيت جي توهين آهي جيڪڏهن حڪومت وقت پنهنجي دشمنن کي نه سجاتو جيڪي حڪومت مخالف مافيه سڏائيا آهن. جيڪي هر محڪمي ۾ موجود آهن ۽ اهو ئي حڪومت مخالف مافيا آهي جيڪا حڪومت جي سڀن ڪارنامن کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيندا آهن اها هڪ قسم جي سول نافرماني آهي ان مان ظاهر ٿو ٿئي ته فوجي حڪومت جي سول انتظاميه تي گرفت ڪمزور ٿي وئي آهي جو جيل جو هڪ معمولي آفيسر پنهنجي حڪام بالا کي چٽليننج ڏئي رهيو آهي ۽ اهو به برگيڊيئر جي رينڪ جي آفيسر کي اها

وڏي خوفائتي صورتحال آهي ۽ اها صورتحال ملڪ ۾ خانہ جنگ معني سول نافرماني جو هڪ قسم جو اشارو آهي جنهن جي ابتدا قيدين تي ظلم ڪرڻ ۽ ڪورٽن ۾ انصاف ۾ دير ڪرڻ جي ڪري اڄ نہ ٿ سياڻي ضرور ٿيندي. هي جيل جا آفيسر منافق ۽ گهٽيا درجي جا ماڻهو آهن. جيڪي ڪوڙ تي ڪوڙ ڳالهائي ٿ قيدي جيل ٽوڙي پچي ويندا ان ڪري جنهن جا هٿ پير پڄڻ ضروري آهي جيئن هو پڄي نہ سگهن. هي ڪوڙا ۽ منافق ماڻهو آهن جيڪي صرف ۽ صرف قيدين کان زبردستي رشوت وصول ڪرڻ لاءِ قيدين جا هٿ پير پڄي رهيا آهن ۽ انهن بدمعاشن جي ڪري معاشره ۾ جيڪا افراتفري پکڙجي ويئي آهي ان افراتفري هن ملڪ جون بنيادون لوڏي ڇڏيون آهن.

ايتري وڏي ظلم ۽ ستم جي باوجود جيڪڏهن گلزار خنہ کي حيدرآباد سينٽرل جيل جي سپرنٽينڈنٽ جي عهدي تان نہ هٽايو ويو ٿ پوءِ ارباب اختيار اهو يقين رکن ٿ اڄ نہ ٿ سياڻي انهن جي ڳچي ماپي ويندي ، خدا اهو وقت جلد آڻي جڏهن مقتول جي ايف آئي آر قاتل جي خلاف داخل ٿيندي پوءِ اهي ئي نعرہ لڳندا قاتلو جواب ڏيو قيدين جي خون جو حساب ڏيو.

امان الله سومرو

آرگنائيزر

قيدي بچايو فورم سنڌ

ميرپورخاص

اگهاڙن قيدين جي ريل گاڏي

برگيڊيئر (ر) جناب نثار احمد مهر

انسپيڪٽر جنرل جيل خانہ جات سنڌ جي ٽالي

جناب اعليٰ!

اوهان يقين ڪيو ته جنهن ڏينهن فرح حڪومت جو ڪارونهوار سنڀاليو هيو. اسان سڀ جو ساهہ ڪنيو هيو ته سياسي شودن ۽ بدمعاشن کان ته گهٽ ۾ گهٽ نجات ته ملي ويندي ۽ ملڪ ۾ امن امان هوندو ۽ ماڻهن کي انصاف ملندو. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي ته فوجي حڪمرانن جي نيت صاف هئي ۽ هاڻي بہ آهي. مگر اسان جي ملڪ جي سرڪاري محڪمن ۾ هڪ حڪومت مخالف مافيہ آهي جيڪا هر ايندڙ حڪومت کي بدنام ڪرڻ کان علاوہ اهڙيون حرڪتون ۽ بدمعاشيون ڪندا آهن جو حڪومت کي وٽن جي بجاءِ ڏيڻو پئجي ويندو آهي ۽ هڪ اهڙي ئي صورتحال ان حڪومت مخالف مافيہ جي سرغنہ گلزار خان سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ پيدا ڪري ڇڏي آهي. جيڪا حڪومت لاءِ ڪنهن بہ وقت ڏماڪيدار ثابت ٿي سگهي ٿي.

اڄو ته مان اوهان کي حڪومت مخالف مافيہ جي سرخيل گلزار خان جيڪو بدقسمتي سان سينٽرل جيل حيدرآباد جو داروغو آهي. جي ڪهاڻي اوهان کي ٻڌايان. هي جيل جو آفيسر اينرو ته نيچ ۽ ڪم ظرف آهي جو

هن کي رڳو پئسا ڪپن. پر ڇاهي ان جي لاءِ قيدين جي ڪل ئي ڇو نہ لاهڻي پوي.

مورخہ 24-11-2000 تي جڏهن مان سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بن قيدين عبدالستار باهوٽو ۽ اصغر ناريجو سان ملڻ ويس تہ ٿوري ئي دير ۾ نوان قيدي جيل ۾ آندا ويا. منهنجي سامهون انهن جي اهڙي تہ درگت ٿاهي ويئي جو ڇا ٻڌايان ۽ ان کان پوءِ جيل جي اندر وڃي جيڪو هن تي ظلم ڪيو ويندو آهي ان کي ٻڌڻ ٿا چاهيو تہ ٻڌو. جيل ۾ اندر وڃي ان غريب قيدي کي هڪ اهڙي گندي ۽ بدبودار ڪمري ۾ ڦٽو ڪيو ويندو جتي هر قسم جا ڪيڑا مڪوڑا ۽ مچر ان جي استقبال لاءِ تيار هوندا آهن اهڙو سلوڪ تہ مهذب ملڪن ۾ جانورن سان بہ ڪو نہ ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ جيل جا بدمعاش ۽ ڪمينا آفيسر اچي ان قيدي جي ماپ ۽ تور ڪندا آهن. اهڙي جيل جا بيغيرت عوام دشمن ڪمينا آفيسر ان غريب قيدي جو ڪيو پيٽ ڏسڻ جي بدران ان جو ڪيسو ڏسندا آهن ۽ پوءِ ان قيدي کي ايترا تہ سچ پترا هٿندا آهن جو هو پاڻ هي چوي تہ قلم ۽ ڪاغذ ڪٽي اچو تہ هو پنهنجي ماءُ پيٽ يا زال کي اهو خط لکي ڏئي تہ ڪجهہ بہ ڪيو پنهنجي عزت وڪڻو. عصمت فروشي ڪيو يا وري ڏيءِ پيٽ جو رکيل ڏاڃ وڪڻو پر هن کي پئسا موڪليو تہ هو اهي پئسا جيل جي انهن بي غيرت. بي ايمان. بي شرم. وطن دشمن جيل آفيسرن کي پئسا ڏئي پنهنجي جان بچائي بي صورت ۾ هن جي لاش جيل جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ پئي هوندي. ڇا اوهان اهڙن آفيسرن جا ڪمانڊر آهيو. جيڪڏهن اها اوهان جي ڪمانڊ آهي تہ پوءِ ڪمانڊر جيل ۾ ڪيل ظلمن کان پاڻ کي پري نہ ٿو ڪري سگهي ۽ غريب قيدين جي رت جي لڳل ڏبن کان پاڻ کي بچائي نٿو سگهي. اوهان ايترا وسيع اختيارات جا مالڪ هئڻ جي باوجود قيدين تي ظلم بند نہ ٿا ڪرائي سگهو تہ پوءِ اوهان کي ان عهدي تي رهڻ

جو ڪو بہ حق نہ آهي. جڏهن تہ ان عهدي تي اوهان جو رهڻ ملڪ ۽ قوم سان غداري آهي.

جناب اعليٰ مون کي خبر پئي آهي تہ جيل جي آفيسرن اوهان کي يقين ڏياريو هيو تہ هو قيدين تي تشدد ۽ ظلم ڪو نہ ٿا ڪن ۽ نہ ئي انهن کي مارين ڪٽين ٿا، هي سڀ ڪوڙ ٿا ڳالهائين. هي ڪوڙا ڪذاب ۽ پليت آهن. انهن جي رڳ رڳ ۾ حرامي پڻ پريل آهي ۽ هي انسان جي شڪل ۾ خونخوار بگهڙ آهن ۽ اصل ۾ هنن بگهڙن کان قيدين کي بچائڻ ئي عين عبادت آهي. اچو تہ مان اوهان کي گلزار چنہ جي خباثت کان آگاهہ ڪيان تازو مون کي قيدين ٻڌايو تہ گلزار چنہ ۽ ان جا حامي غنڊا جيل جا آفيسر رات جو ٽين وڳي جڏهن قيدي ستا پيا هيا. انهن کي ڏنڊا هٿي ننڊ مان اڌاري چانبهہ پنجاهہ قيدين جون سٽون لاهي انهن کي اگهاڙو ڪري انهن جي قميصن جا پلڙ هڪ ٻئي سان ٻڌي قيدين کي حڪم ڏنو تہ جهڙي طرح ريل گاڏي چڪ چڪ ڪندي آهي، اهڙي طرح هو بہ ائين ڪري سڄي جيل جو چڪر هڻن ۽ ان دوران هو گلزار چنہ زنده آباد جا نعرا بہ هڻن اوهان کي خبر آهي تہ پوءِ ڇا ٿيو جيڪو سر ڦريا ۽ باغي قيدي هيا انهن اتي بہ گلزار چنہ مرده آباد جا نعرا هنيا پوءِ جيڪو انهن تشدد ڪيو ويو جيڪڏهن ان جو چوٽون حصو بہ جانورن تي ڪيو وڃي تہ هو بہ معذور ٿي ويندو. اهڙا ڪيئي معذور قيدي جيل ۾ رڙيون ۽ دانهون ڪري رهيا آهن پر ڪو بہ ٻڌڻ وارو ڪو نہ آهي. ان جي باوجود چون ٿا تہ جيل ۾ قيدين تي ظلم ۽ ستم ڪو نہ ٿو ٿئي.

در اصل ڳالهہ اها آهي تہ اوهان فوج جا آفيسر آهيو ۽ جيتري قدر منهنجو خيال آهي جو جو مان بہ فوج ۾ رهيو آهيان. فوجي ماڻهو.

انتهائي سادا مخلص ۽ محب وطن هوندا آهن ۽ هو انهن بدمعاشين کان جيکي سول جا افيسر کندا آهن. انهن کان قطعي ناواقف آهن اهو ئي سبب آهي جو هو اوهان کي غلط رپورٽون ڏئي اوهان کي مس گائيڊ ڪري رهيا آهن مان ته ائين چوندس ته هو اوهان کي بيوقوف ناهي رهيا آهن ۽ اوهان جي سادگي ۽ بيوقوفي جو جيکو خوفناڪ نتيجو نڪرندو اهو فوج جي ڪاتي ۾ لکيو ويندو. اوهان جي جاءِ تي ڪو بيو سول آفيسر هجي ته هو ڪنهن به صورت ۾ جيل جي آفيسرن کي اهو خوني آپريشن ڪرڻ ڪو نه ڏئي ها. جيکو صرف ۽ صرف قيدين کان زبردستي رشوت وٺڻ لاءِ ڪيو ويو ۽ هن خوني آپريشن ۾ ڪيترائي قيدي مري ويا جنهن ۾ گل محمد شاهه نالي قيدي سڏيون گوليون لڳڻ جي ڪري مري ويو آهي جيکڏهن ان خون ناحق جي ايف آئي آر داخل ٿي ته پوءِ ان ۾ اوهان جو نالو به ضرور لکيو ويندو. چاڪاڻ جو گلزار جنڊ چوي ٿو ته هي خوني آپريشن هن اوهان جي منظوري سان ڪيو آهي. ان جو مثال اهڙو آهي جو ڪوٽيو جيل نڪتو ڪوئو. ڪيترا ئي قيدي مارجي ويا مليو چا ڏيڊ پاڻ چرس ۽ ٽوري هيروئن ته پوءِ اوهان جي اطلاع لاءِ عرض آهي ته چرس ۽ هيروئن ۽ عياشيون جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ اهو خوني سرچ آپريشن ڪيو ويو هو آهي عياشيون جيل ۾ هاڻي اهو ڪري رهيو آهي. جنهن وٽ پئسو آهي. اهڙي گلزار جنڊ ۽ ان جا پالیل بدمعاش جيل وارڊن پاڻ پنهنجي هٿن سان منشيات وڪڻي رهيا آهن. جيکڏهن اوهان کي ان ڳالهه جي خبر نه آهي ته پوءِ اسان دعوي سان چئي ٿا سگهون ته اوهان نه صرف ناڪام فوجي آفيسر بلڪ سول انتظاميه هلائڻ جا به اهل نه آهيو.

جناب اعليٰ: آخر ۾ مان اوهان کي عرض ڪندو هلان تہ هڪ قيدي جي پويان هڪ پورو ڪنبو هوندو آهي ۽ اسان جي ملڪ ۾ هڪ ڪنبي ۾ ڪهڙ ۾ ڏهہ ماڻهون هوندا آهن. سنڌ جي جيلن ۾ هزارين قيدي بند آهن. جن تي بي انتها تشدد ٿي رهيو آهي ۽ ان تشدد جي تپش کي قيدين جا مائٽ باهر محسوس ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن خدانخواسته ان تپش باهہ جي شڪل اختيار ڪئي تہ پوءِ سڀ ڪجهہ سڙي پسم ٿي ويندو ۽ ملڪ رک جو ڊير ٿي ويندو جنهن ۾ سوين مائٽهن جون قبرون تہ هوندیون ئي هونديون پر انهن خبرن ۾ فوجي حڪومت بہ دفن ٿي ويندي. چاڪاڻ جو ڪافرن جي حڪومت تہ هلي ٿي سگهي پر ظالمن جي حڪومت هلي نہ سگهندي اهي. ان ڪري مان اوهان کي تنبيهہ ٿو ڪريان تہ پهرين فرصت گلزار چني جهڙي ظالم کي ڪيف ڪردار تي پهچائي. بي صورت ۾ فوج ۽ فوجي حڪومت کي بنگلاديش جهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن گهرجي ڇو جو اڄ ٽائين دنيا ۾ اهڙي فوج ڪو نہ ٿهي آهي جيڪا پنهنجي هن قوم کي شڪست ڏئي سگهي. ان لاءِ جيڪڏهن اوهان ملڪ ۽ قوم جا خيرخواهہ آهيو تہ جيلن جي سرچ آپريشن جي نالي قيدين تي تشدد بند ڪيو وجي ۽ انهن کي انسان سمجهي ان جو خيال رکو ان ۾ ئي فوج ۽ فوجي حڪومت جي پلائي آهي. بي صورت ۾ قيدين جون بددعائون فوجي حڪومت جو بيڙو غرق ڪري ڇڏيندیون.

منجانب

امان الله سومرو

هڪ سوال

سنڌ جي جيلن مان لاش نڪرڻ ڪڏهن بند ٿيندا؟

در اصل ڳالهه اها آهي ته سنڌي قوم دنيا جي واحد قوم آهي جنهن جو ڪو به همدرد يا خير خواهه نه آهي. چاهي ڪاروباري هجي يا سرڪاري اهو سنڌ ۾ داخل ٿيڻ وقت اهو ئي سوچيندو آهي ته هو جيترا ڏينهن سنڌ ۾ آهي، هو پئسن ڪمائڻ جي هڪ مشين آهي ۽ سنڌ جو غريب عوام ان مشين جو ڪاڄ آهي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي بين ملڪن جي پيٽ ۾ سنڌ ۾ بي انصافيون چوريون، ڏاڙا، اغوا ۽ جيلن ۾ قيدين تي تشدد ۽ بيون سماجي برايون عروج تي آهن.

سنڌ جي شهرين سان باهر جيڪو سلوڪ ڪيو ٿو وڃي اهڙو سلوڪ ترقي يافته ملڪن ۾ جانورن سان به ڪو نه ڪيو ويندو آهي. ٻئي طرف جيلن ۾ قيدين کي ڪيڏو مڪوڙو سمجهي ايترو ته بي پناهه ظلم ڪيو ويندو آهي. جو ٻڌي لنڱ ٿي ڪانڊارجي ويندا آهن ۽ خوف جي ڪري هي ملڪ ڇڏي ڀڄي وڃن لاءِ دل چوندي آهي. مگر ڀڄي وڃون ته ڪاڏي وڃون.

جيئن ته مان وڏو عرصو جيلن ۾ رهيو آهيان ۽ مون پنهنجي گنهگار اکين سان قيدين تي تشدد ٿيندي ڏٺو آهي ۽ هنن کي جيلن ۾ ڪوڙا لڳندي ڏٺو آهي. مون پاڻ به تمام تشدد سٺو آهي ۽ مون تي پوليس

ايترو ته ظلم ڪيو آهي جو اهو مون کان وسري ئي ڪو نه ٿو ڇ اهو تشدد جيڪو مون تي ٿيو آهي اهو مون کي چگي طرح ياد آهي اهو ئي سبب آهي جو اڄ مان قيدين تي ٿيندڙ ظلمن جي خلاف قيدين جي حمايت ۾ پمفليٽ لکڻ کان علاوه ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ۾ قيدين جي حمايت ۾ انهن تي تشدد بند ڪرڻ ۽ ڪيسن جا فيصلا جلد ڪرڻ لاءِ مظاهرا ڪري راءِ عامہ کي هموار ڪري انهن کي قيدين جي مسئلي کان آگاهہ ڪري رهيو آهيان.

مون کي خبر آهي تہ قيدين جي حمايت ڪرڻ جي ڪري مون کي وڏيون تڪليفون سهڻيون پونديون. اهي تڪليفون سهڻ هي اصل ۾ مردانگي آهي مان سنڌ جي ٻين نڙڪو سياستدانن وانگر زباني جمع خرچ کو نہ ڪندو آهيان ۽ غريبن جي حمايت ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان ۽ مال جي پرواهہ کونہ ڪندو آهيان. مان کو معمولي ماڻهون کو نہ آهيان منهنجو پنهنجو ايترو تہ وسيع ڪاروبار آهي جو جيڪڏهن مان غريبن جي حمايت ڪرڻ بند ڪيان ۽ ظالمن ۽ غندن جي مخالفت بند ڪري رڳو پنهنجو ڪاروبار ڪيان تہ پوءِ منهنجو ڪاروبار اهو آهي تہ مون وٽ هڪ آفيس آهي جنهن ۾ ٻہ جديد ليزر ڪمپيوٽرس کان علاوه هر قسم جا فارم، اسٽامپ کان علاوه مان گذريل ويهن سالن کان نوٽري پبلڪ ۽ اوٿ ڪمشنر ايڈووڪيٽ پڻ آهيان ان کان علاوه عوام جي بي ناهہ حمايت جي ڪري مون کي اعزازي طور بلديہ جي ٽاسڪ فورس جو چيئرمين پڻ مقرر ڪيو ويو هو. ان کان علاوه مان جائيداد جي وڪري ۽ ٻين هر قسم جي دستاويزن قسم نامن ۽ قبوليت نامہ لکڻ جو اهڙو تہ ماهر آهيان جو جيڪڏهن مان پنهنجي آفيس ۾ ويهي رڳو پنهنجو ڏنڊو ڪيان تہ مان روزانہ آرام سان ٻہ هزار روپيہ ڪمائي ٿو سگهان. يعني هر ماهہ ست هزار

روپيه پوء ۾ اوهان ڏسو ته مان گوتم ٻڌ وانگر پنهنجو سک ۽ چين ڦٽائي بقول پنهنجي ساڻي وڪيل عزت ماب امام علي ميمڻ صاحب جي ته مان خوشحال هئڻ جي باوجود ڏکن کي دعوت ڏئي رهيو اهيان. اها وڏي ۽ اهي ئي اهي قيمتي لفظ آهن جيڪي منهنجي لاءِ باعث فخر آهن ۽ عزت ماب ظهور احمد بلوچ ايڊووڪيٽ جي بقول ته هو منهنجي حفاظت ڪندا ۽ ان صاحب جا اهي مفڪرانه ۽ مدبرانه لفظ ته خدا منهنجي مدد ڪري رهيو آهي. ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته مان حق تي آهيان ۽ حق جي جدوجهد ڪري رهيو آهيان ۽ انهن غريب قيدين جا حق گهري رهيو آهيان. جتي جيلن ۾ غريب قيدين جي ڪو به ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي. اڄ ڪلهه جيلن ۾ جيڪي قيدين جون بي جان لاشون پيون آهن. انهن کي ڳجهن جي اڳيان ڦٽو ڪرڻ لاءِ موجوده دور جي حڪومت ۾ بين قيدين کي ڊيڄارڻ لاءِ هڪ ستر سالن جي جهور پوڙهي کي قاسي ڏيڻ ان ڳالهه جي پڪي شاهدي آهي ته اسان هوش ۽ حواس وجائي چڪا آهيون. جڏهن ته قانون جي مطابق ست سالن کان وڏي ڄمار جي ماڻهو کي قاسي نه ڏيڻي آهي ۽ اهڙو مطالبو لا فائونديشن به ڪيو هو ته پوء جيل جي سپرنٽينڈنٽ نعيم مرزا کي اهو قاسي جو ليور ڇڪڻ جو ڪنهن حڪم ڏنو هو. ان کي ياد رکڻ گهرجي ته ستر سالن جي جهور پوڙهي قاسي جي تختي تي جڙهڻ مهل جيڪي لفظ چيا هيا جي اهي ٻڌڻ چاهيو ٿا ته ٻڌو ان ڪتول ڇوڪر نه هن کي ڪجهه به نه چوڻو آهي اوهان کي جيڪي وڻي سو ڪيو.

هي ڪيڏي نه وڏي زيادتي ۽ ڪيڏو نه وڏو ظلم آهي جو هڪ انسان کي هڪ ننڍي بدبودار کولي ۾ ايائي هزار ڏينهن لڳ پڳ ستن سالن تائين ڏينهن ۽ رات بند ڪري هن کي سج جي روشني ۽ آسمان جي

نظاري جهڙي نعمت کان محروم رکي هڪ ڏينهن صبح جو ننڊ مان اٿاري ان کي چئو ته ان کي هاڻي قاسي ڏني ويندي ۽ پوءِ ان کان ئي پڇيو وڃي ته ها ڇا ٿو چون چاهي. سزائي موت جي قيدين کان اها ڳالهه پڇڻ وارن سنڊ جي جيلن ۾ هڪ فوجي برگيڊيئر جي نگراني ۾ قيدين جو قتل عام شروع ڪري ڏنو آهي اوهان اخبارون کڻي ڏسو ته اڄ سکر جيل مان قيدي جي لاش نڪري رهي آهي ته ٻئي وري حيدرآباد سينٽرل جيل مان بي قيدي جي لاش نڪري رهي آهي ته وري ٽي ڏينهن سينٽرل جيل ڪراچي مان ٽئين قيدي جي لاش نڪري رهي آهي ته وري ڇوٽين ڏينهن لاڑڪاڻي جي جيل مان مقصد اهو آهي ته هاڻي سنڊ جي جيلن مان قيد انسانن جون لاش نڪرڻ موجوده فوجي حڪومت لاءِ سٺو سئوڻ نه آهي. ڇاڪاڻ جو هن وقت ملڪ ۾ رائج قانون جي تحت سزائي موت يعني خون جي ڪيس جو خاتمو متاثر ڏرين جي رضامندي جنهن ۾ خون بها ۽ معافي به شامل آهن ٻئي ڳالهيون ڪنهن به وقت ٽي ٽيون سڳهن ۽ متاثر ڏر ٻي ڏر کي ڪنهن به وقت قصاص ونی خون معاف ڪري سگهي ٿي. لهذا ان صورت ۾ قانون جي حساب سان سزائي موت ختم سمجهي ويندي پوءِ به قاسي جي سزا تي عمل درآمد جا سبب اڳتي هلي سنڊ کي پاڪستان کان ڌار ڪرڻ جا سبب ٿي سگهن ٿا. ان کري جيڪڏهن موجوده فوجي حڪومت پاڪستان سان واقعي پيار ٿي کري ته سنڊ جي سڀني جيلن ۾ سزائي موت جي سڀني بدين جون سزائي موت کي عمر قيد ۾ تبديل ڪيو وڃي. جيئن هو مقتولين جي وارثن کان خون معاف ڪرائي يا خون بها ڏئي جيلن مان آزاد ٿي سگهن. جيڪڏهن موجوده حڪومت هنن سزائي موت جي قيدين جي سئلي تي ڏيان نه ڏنو ۽ انهن کي موجوده صورتحال ۾ رکيو ويو ته پوء

موجوده حڪومت جي ارباب اختيار کي اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته ان کان وڌيڪ بي کهڙي زيادتي ٿيندي جو هڪ انسان کي پکي وانگر سالن جا سال پنجري ۾ بند ڪري آخر ۾ ڪاوڙ اچڻ تي ان کي باهر ڪڍي ان جي ڳچي مروڙي وڃي اها سڀني ڳالهه نه آهي.

اسان آخر ۾ فوجي حڪومت کي گذارش ڪنداسين ته هو فوري طور تي موجوده انسپيڪٽر جيل خانه جات جو هڪ رٽائرڊ فوجي برگيڊيئر آهي جنهن جو نالو نثار احمد مهر آهي. ان کي فوراً هٽائي سنڌ پوليس جي ڪنهن ايماندار آفيسر جنهن ۾ ايس ايس پي غلام نبي ميمڻ ايس ايس پي ڊاڪٽر امير احمد شيخ، ايس ايس پي بشير احمد ميمڻ، ايس ايس پي ثناءُ الله عباسي جهڙن شريف ايماندار ۽ عوام دوست آفيسرن مان ڪنهن هڪ کي انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس مقرر ڪيو وڃي. جيئن سنڌ جي جيلن مان غريب سنڌي قيدين جا لاش نڪرڻ بند ٿين پي صورت ۾ موجوده فوجي حڪومت کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته جيلن مان قيدين جي لاشن نڪرڻ جو سلسلو بند نه ٿيو ته پوءِ سنڌ ۾ اهڙي تباهي ايندي جو پوءِ اسان جي داستان به نه هوندي داستانن ۾.

امان الله سومرو

آرگنائيزر

قيدي بچاءُ فورم سنڌ

مظلوم قيدين کي انصاف ڪڍهن ملندو

سنڌ جي جيلن ۾ خصوصاً سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ هڪ ڪچ يا درجي جو بن ٽڪن جو نوڪر جنهن جو نالو گلزار چنو آهي جهڙي طرح انساني حقن جي پائمالي ڪري رهيو آهي ۽ انهن انسانن تي جيڪي قيدي ڪري سڏيا ويندا آهن انهن تي بي پناهه تشدد ڪري رهيو آهي. اڄ مورخه 02-11-2000 تي هڪ قيدي جنهن جو نالو منصور سومرو هيو ان ٻڌايو ته جنهن گلزار چنو ان کي زوري ننڍ مان اٺاري سينٽرل جيل حيدرآباد مان لاڙڪي جيل منتقل ڪيو هيو ته ان وقت گلزار چنو ۽ ان جي پالين غنڊن ايترو ته تشدد ڪيو هيو جو هو اهو ٻڌائي نٿو سگهي. جڏهن هو لاڙڪي جيل پهتو هو ته ان جلاد گلزار چنو جي هڪ دوست جيلر نصرت منگهڻ هن کي ماڙي ۾ اگهاڙو ڪري ماريندي ڪٽيندي بند وارڊ ڪري چڙيو هو. جتي جيل ۾ ان منصور سومري نالي قيدي ٻڌايو ته نصرت منگهڻ هن کي تيز چاقو سان هن جي پيٽ تي چير ڏنا. هيا جيڪي لڳل چير هن قيدي مون کي ڏيکاريا هيا. اتي ئي بي قيدي ٻڌايو ته گلزار چنو موجوده فوجي انسپيڪٽر جنرل آف جيل نثار احمد مهر جو خاص ماڻهون آهي ۽ جيئن گلزار چنو چوندو آهي نثار احمد مهر ائين ئي ڪندو آهي. ان قيدي ٻڌايو ته چار قيدي جيل مان گم آهن ۽ انهن گمشده قيدين جي مائٽن کي مون عدالت جي احاطي ۾ ناهيل جديشل لاڪپ جي باهران روڪيندي ڏانهون ڪندي ڏٺو ۽ انهن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هيا. اڄ پنهنجي وطن عزيز ۾ قيدين جا مائٽ پنهنجي عزيز قيدين سان ائين ملي رهيا آهن.

جهڙي طرح جنگ جي حالت ۾ قيدين جا مائٽ خاردار تارن جي پويان ملندا آهن اڄ اهڙي پيماڪ ۽ خوفناڪ صورتحال هڪ بدمعاش جيلر سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ پيدا ڪري فوجي حڪومت جي هڪ اهڙي چوواٽي تي اڇي بيهاريو آهي. جو جيڪڏهن فوج جو مقرر ڪيل فوجي بريگيڊيئر هن ظالم جيلر گلزار چنه کي هٽائي نه ٿو سگهي ته پوءِ عوام اهو سمجهڻ ۾ حق بجانب هوندا ته هاڻي تمام ادارا خودمختيار ۽ آزاد ٿي ويا آهن ان جو مطلب اهو آهي ته هاڻي ڪا به ڪنٽرولنگ اٿارٽي ڪو نه رهي آهي جنهن کي جيئن وسي ڪري ۽ اها نشاني ان سماجي مرضن جي نشاني آهي. جنهن جي بيماري جو علاج صرف ۽ صرف سول نافرماني عرف خانه جنگي آهي.

اڇو ته ڏسون ته آخر ان ظلم جي انتها ڪهڙي ٿيندي ڇو جو هر ظلم ۽ بدمعاشي جي هڪ حد هوندي آهي اڇو ته مان اوهان کي ٻڌايان ته قيدي ويچارو ڪيڏو نه مجبور هوندو آهي. اڄ هڪ قيدي جنهن جو نالو عبدالستار باهوٽو آهي. مان جڏهن ان جي ڪيس جي باري ۾ ڪورٽ مان پڇا ڪرن ويس ته اتي ڪورٽ جي پيشڪار ٻڌايو ته اڄ معزز عدالت جي جج صاحب موڪل تي آهي. جڏهن ته ان غريب قيدي جي پهرين پيشي تي ان جي وڪيل جيڪو منهنجي خيال ۾ ڪنهن زماني ۾ جيل ۾ هيو ان ڪورٽ ۾ درخواست ڏني ته ان جي ڏاڏي فوت ٿي ويئي آهي. لهذا هو ان تاريخ 2000-11-18 تي عدالت ۾ عبدالستار باهوٽي جي ڪيس جي سلسلي ۾ پيش ٿي نه ٿو سگهي. ٺيڪ 12 ڏينهن کان پوءِ معزز عدالت جي جج صاحب جو ڪو عزيز فوت ٿي ويو آهي لهذا هو موڪل تي آهي. اسان کي وڪيل ۽ جج صاحب جي عزيزن جي وفات تي سخت ڏک آهي پر اهو

ڪٽان جو انصاف اهي جو وڪيل ان غريب قيدي کان ڪيس وڙهڻ جي پنجويهه هزار روپيه في ولي ڪيس جي وڙهڻ تان ڪنهن ٻئي ان جان وڪيل جي حق ۾ هٽ ڪٽي وجي ۽ پنهنجي جاء تي قيدي عبدالستار باهوٽي جو ڪيس وڙهڻ لاء ٻيو وڪيل مقرر ڪرڻ ۽ قيدي سان هڪ قسم جي بددياڻتي آهي ڇاڪاڻ جو وڪيل ان ڪيس وڙهڻ جي في ورتي آهي ۽ وڪيل هي ڪيس ڇو نه ٿو وڙهي ان لاء ته هن ان قيدي کان پنجويهه هزار روپيا اڳواٽ في ورتي آهي ۽ وڪيل جي سستي جي ڪري عبدالستار باهوٽو ٻن سالن کان جيل ۾ آهي جڏهن ته خوني ۽ قاتل جي ضمانت ۽ ٻن سالن ۾ ٽي ويندي آهي ته پوء وڪيل قيدي عبدالستار باهوٽي جي ضمانت ڇو نه ٿو ڪرائي ڇا هن کي وڌيڪ رقم گهرجي. مان اوهان کي وڪيل ۽ قيدي عبدالستار باهوٽي جي درميان ٽيل ٽيليفون تي ٽيل گفتگو جيڪا هن ڪراچي جي اسپتال مان ڪئي مان ان ڪري ٻڌائڻ نه ٿو چاهيان ڇو جو ان جي لکڻ سان ادب جي بي ادبي ٿيندي ۽ جيئن ته مان هڪ پڙهيل لکيل شريف انسان آهيان. اهڙي ئي هڪ شڪايت مون کي هڪ بي قيدي جي عزيز ڪئي ته هن پنهنجي پٽ ضمانت ڪرائڻ لاء وڪيل کي اٺ هزار روپيا ڏنا آهن ڇا ضمانت قيدي جو حق نه آهي ڇا ڪورٽ قيدي جي ضمانت ڪٽڻ جي پابند نه آهي جڏهن خون جي ڪيسن جي ضمانت ٿي ٿي سگهي ته پوء عام ڏوهن جي ۾ ضمانت ٿي ٿي سگهي. هلو جيڪڏهن ضمانت نه ٿي سگهي ته پوء ان ڏوهه جنهن جي سزا وڌ ۾ وڌ ۾ يا ٿي سال آهي اهو قيدي ڏهن سالن کان جيل ۾ ڇو رکيو ويو اهي. ان جو ذميدار ڪير آهي. ان سوال جو جواب وڪيل ۽ جج ٻنهي کي ڏيڻو پوندو ڇاڪاڻ جو وڪيل ۽ جج عدليه جا ٻه ڦيٽا آهن جيڪڏهن هڪ ٻه ڦيٽو پنڪچر ٿي ويو ته

سائيڪل ڪو نہ هلندي هن وقت ڪجهہ اهڙي ئي صورتحال بار ء بينچ جي آهي. بئي هڪ ئي ٻيڙي ۾ سوار آهن.

مون کي اها چگي طرح خبر آهي تہ منهنجي انهن لکڻين جو ڇ نتيجو نڪرندو. اڄ جڏهن مان هاء ڪورٽ ۾ هڪ ڪورٽ مخالف مافيہ جي هڪ رڪن جا اهي لفظ ٻڌا تہ مان گلزار چني کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهيان. مون کان رهيو نہ ٿيو مون کاوڙ ۾ اچي هن کي گهٽ وڌ ڳالهايو جيڪو مون کي ڳالهائڻ نہ ڪيندو هيو چاڪاڻ جو مفڪرن ء دانشورن کي ڪڏهن ڪريو تہ ڪڏهن بليڪ ميلر جي خطاب سان نوازيو ويندو آهي. ماڻهون منهنجي تحريرن کان ڊڄندا آهن تہ جج مون کي جيل موڪلي ڇڏيندا. جيڪڏهن مان جيلن کان ڊڄان هان تہ هي تحريرون لکان ئي ڪو نہ ها چاڪاڻ جو هاڻي قوم کي خوشامدي نہ بلڪ مزاحمتي ادب جي ضرورت آهي ء منهنجي خيال ۾ هن وقت ايماندار ء شريف ماڻهن لاء جيل بهترين جاء آهي ء مان جيل کان ان ڪري ڪو نہ ڊڄندو آهيان جو مون کي حيدرآباد کان علاوہ سنڌ جي بين علاقن جي شريف محب الوطن عوام دوست وڪيلن ء عوام جي مڪمل حمائت حاصل آهي چاڪاڻ جو مان بار ء بئنچ جي وقار جي بلندي جي لاء ڪوشان آهيان.

اوهان دعا ڪيو تہ اسان ڪامياب ٿيون ء غريب قيدين کي گلزار چنہ جهڙي جلاد کان ڇٽائي انصاف ڏياريون.

امان الله سومرو

ايڊووڪيٽ

خدا کي ڇا جواب ڏيندين؟

چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي ٻالي

جناب اعليٰ

عرض آهي ته پاڪستان اسلامي ملڪ آهي ۽ خدا جي فضل سان پاڪستان ۾ اڪثريت مسلمانن جي آهي جن جو مذهب اسلام آهي. اسلام ڇا آهي. در اصل مذهب اسلام جو سڄو دارومدار عدل ۽ انصاف تي رکيل آهي ان ڪري ئي اسلام ۾ عدل ۽ انصاف کي عام معاملات کان اوليت ڏني وئي آهي. ليڪن اسان جي بدقسمتي اها آهي ته مملڪت خداداد پاڪستان ۾ انصاف جو ٻٽو معيار قائم ڪيو ويو آهي جو غريب ماڻهون ته سالن کان انصاف لاءِ رلي رهيا آهن ته وري صاحب ثروت ۽ مالدار ماڻهن جا ڪيس خصوصي ڪورٽن ۾ موڪلي انهن جي ڪيسن جو فيصلو چند مهينن ۾ ڪيو ٿو وڃي. جڏهن ته عدالت عدالت هوندي آهي. خاص ۽ عام عدالت جو تصور ئي پهرين عدالتي بددياڻتي ۽ بي انصافي آهي جنهن ۾ هڪ غريب ماڻهو ته سالن کان جيلن ۾ پيا آهن ۽ حد ته اها آهي ته جنهن ڏوهه ۾ هن کي جيل ۾ وڌو ويو آهي ان ڏوهه جي سزا کان وڌيڪ عرصو هو جيل ۾ رهي چڪو آهي اڄ مورخه 07-12-2000 تي جڏهن مان سيشن ڪورٽ ۾ زير سماعت قيدين هر هڪ نظر محمد ولد بهاءالدين جيڪو پنجن سالن کان جيل ۾ بند آهي ۽ غلام شبير ولد سردار محمد ان کي جيل ۾ بنا ڪيس هلائڻ جي ست سال ٿي ويا آهن ۽ محمد حسين ولد چراغ الدين پٽي کي به سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ست سال ٿي ويا آهن ان

کان علاوہ شامون ۽ پانچو ڪولمبي ڪي ٻہ جيل ۾ چار سال ٿي ويا آهن ۽ ان کان علاوہ ڪينيرا اهڙا ئي قيدي آهن جيڪي پارنهن سالن کان جيلن ۾ بند آهن. انهن کي جيلن ۾ ايترو عرصو چو رکيو ويو آهي. انهن کي جيلن ۾ ان لاءِ عدالتن طرفان بطور امانت رکرايا ويا آهن جو انهن تي ڪورٽن ۾ ڪيس هلندڙ آهن. چو جو ائين ٿي سگهي ٿو تہ اهي قيدي بيگناهہ هجن ۽ پوليس ظلم ڪري انهن کي ڪورٽن ۾ چالان ڪيو آهي جيئن انصاف ٿي سگهي.

جناب اعليٰ

عرض تہ ٻين محڪمن وانگر عدليہ ڪي ٻہ رشوت اڏهي وانگر کائي ڇڏي آهي ۽ ڪورٽن ۾ رڳو خالي الماريون آهن جنهن ۾ پراڻي فائيلن جا ڍير آهن جن کي صبح جو عدالت جا پٽيوالا اچي ڇنڊيندا آهن ۽ جج صاحبان جي حالت اهڙي ٿي وئي آهي جو هو قيدين جو منهن ڏسن ٻہ نہ ٿا چاهين ۽ هو قيدين کان نفرت ڪندا آهن اهو ئي سبب آهي جو ستن سالن کان قيدين کي ڪورٽن ۾ پيش ڪرڻ کانسواءِ اڳي مهيني جي تاريخ ڏني ويندي آهي ۽ اهو سلسلو تمام وڏي ويو آهي ۽ عدالتي ڏيگهہ قيدين کي مڃرائي ڇڏيو آهي هڪ پاسي عدالتي بي انصافي تہ وري ٻئي طرف جيل جي آفيسرن جا ظلم انهن ٻنهين ڳالهين جي ڪري قيدين ۾ سخت بي چيني پکڙجي وئي آهي. مون کي خوف ٿو لڳي تہ خدا اهو وقت نہ آڻي جو اهي مانهو جن کي ڏوهاري ۽ الاڻي چا چا چيو ويندو آهي اهڙو قدم کڻن ٿي مجبور ٿي ويندا جو جيلن سان گڏوگڏ عدالتي نظام کي ٻہ ساڙي رک ڪري ڇڏيندا. چاڪاڻ جو هن وقت قيدين جي جان خطري ۾ آهي چو جو هڪ طرف جيلن جي رشوت خور جلاد آفيسرن جي جانبہ ۾

پسجي رهيا آهن ته وري بي طرف رشوت جو مرڪز بنيل عدالتي نظام ۾ پنهنجو وجود تلاس ڪري رهيا آهن حالتون ايتريون ته سنگين ٿي ويون آهن جو اٽارني جنرل جو اهو بيان ته هو ڪورٽن مان رشوت ختم نه ٿا ڪرائي سگهن. ان ڳالهه جو ڇٽو ثبوت آهي ته ڪورٽون مفلوج ٿي چڪيون آهن ۽ هي عدالتي ڪارروايون هڪ ڊونگ آهي. امن پسند ۽ شريف شهري مجبوراً ڪورٽن ۾ ان لاءِ ٿا اچن ته جيئن ملڪ ۾ جهنگ جو قانون رائج نه ٿي وڃي ۽ هر هنڌ ديوا جون عدالتون نه ڪلي وڃن.

جناب چيف جسٽس صاحب. اسان جي شهر ميرپورخاص جو سيشن جج جنهن جو نالو عبدالرحمان شيخ آهي انتهائي رشوت خور جج آهي ۽ هن جي رشوت خوري جي انتها اها آهي جو هو پنهنجي ماتحت ججن کي به مجبور ڪندو آهي ته هو ان کي پٽو ڏين. هي جج ته قيدين جا ڪيس هلائڻ جو بلڪل هي اهل نه آهي اهو ئي سبب آهي جو قيدي دانهون ڪري رهيا آهن ته انهن کي ڪورٽن ۾ پيش نه ٿو ڪيو وڃي ۽ ڪورٽن جا جج انهن جي فرياد ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهن انهن کي جيل مان ڪورٽ ۽ ڪورٽ مان جيل مان صرف باهرين ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ آندو ٿو وڃي ۽ ٻيهر جيل جي منحوس بدبودار ڪولين ۾ واپس موڪليو ويندو آهي جتي قيدين سان جانورن کان به بدتر سلوڪ ڪيو ويندو آهي.

جناب اعليٰ قيدين جي ڪيس جي فيصلن ۾ دير ڪرڻ جا سنوان سڌا ذميوار جج آهن ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته انسان جي ملڪ جي ڪورٽن ۾ معزز ايماندار ۽ محب وطن جج به آهن مگر بدديانت ڪم چور ۽ نااهل ججن جي ڪري اڄ جج جي حڪم تي هڪ معمولي صوبيدار به ڪورٽ ۾ پيش نه ٿو ٿئي جو هاءِ ڪورٽ جي ججن کي ڪورٽ ۾ دانهون

ڪرنيون پيون ته اڳتي جيڪڏهن ڪو به پوليس آفيسر ڪورٽ جي گهرائن تي ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيو ته ان کي هٿڪڙيون هڻائي عدالت ۾ گهرايو ويندو ليڪن اها هٿڪڙي لڳائيندو ڪير. مان دعويٰ سان چوان ٿو ته جيڪڏهن جج ايمانداري سان ڪيس هلائڻ چاهين ته شاهدن ۽ مسيرن جي پيش نه ٿيڻ جو ڪو به سبب نه آهي. مگر هڪ معمولي درخواست تي ڪيس جي پيشي بغير ڪيس هلائڻ جي بي مهيني تائين ملتوي ڪرڻ وارو عمل ايترو ته خطرناڪ آهي جو ان جي نتيجي ۾ وڏي تباهي اچي ويندي ۽ اهو ڏينهن پري نه آهي جڏهن انهن انسانن جن کي قيدي سڏيو ويندو آهي. جن سان بي جا ظلم ۽ ستم روا رکيو ويو آهي ان جو جيڪو به ذميوار هوندو ان کي اها ڳالهه چٽي طرح ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ان کي قيدين کي جيل ۾ رکڻ جي هڪ هڪ ڏينهن جو حساب ڏيڻو پوندو. چاڪاڻ جو اسلام ۾ بي انصافي جي گنجائش نه آهي ڇو جو اسلام جي معنيٰ ئي انصاف آهي.

جناب چيف جسٽس صاحب. اسان جي ملڪ جي ججن کي اهو وساري نه گهرجي ته ڏوهه ناانصافي جي پيٽ مان جنم وٺندو آهي ته پوء مان اهو ضرور چوندس ته اسان جي ملڪ ۾ ڏوهن جا اصل ۾ ذميدار اهي بددياڻت ۽ رشوت خور جج آهن. جيڪي جائي واڻي ڪيسن کي ايترو ته اينگهائين ٿا جو ڪيس پنهنجي اهميت هي وڃائي ڇڏيندو آهي جنهن جي زنده مثال هڪ قيدي جا اهي لفظ آهن ته جنهن ڏوهه ۾ هن کي جيل موڪليو ويو آهي ان ڏوهه جي سزا سٺ سال آهي ۽ هو اها سزا بغير ڪنهن ڪيس هلائڻ جي پوڳي چڪو آهي ته پوء هن کي ڪورٽ ۾ صرف ان لاء پيش ڪيو ٿو وڃي جيئن دنيا کي ڏيکاري سگهجي ته پاڪستان ۾

ڪورٽون موجود آهن. هاڻي اوهان ئي فيصلو ڪيو ته جيڪو قيدي اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪري ان کي ٻوءِ ۾ رهڻ نه ڏيو ۽ ٻوءِ جيڪڏهن هو جيئرو رهيو ۽ سزا کڻي جيل کان ٻاهر نڪتو ته ٻوءِ هو سماج لاءِ ڪيترو ڪارآمد ثابت ٿيندو ان جو جواب اوهان کي هن دنيا ۾ ئي ڏيڻو پوندو ۽ وهان کي ٻڌائڻو پوندو ته ان بي انصافي جو ذميوار ڪير آهي جيڪڏهن وهان کي ان ڳالهه جي خبر نه هجي ته ٻوءِ اوهان جي خدمت ۾ عرض آهي نه ان بي انصافي جا ذميدار رشوت خور ۽ ڪرپٽ جج آهن.

اڄ قيدي جيلن ۾ رت جا ڳوڙها وهائي رهيا آهن. جتي رڳو 9 روپيه روزانه ڏئي ان کي موجڙا هٽي چيو ٿو وڃي ته ان 9 روپيه تي گذر سفر ڪيو اوهان ئي ٻڌايو ته 9 روپيه مان ماڻهو چا کائيندو ۽ چا پيئندو ته وري بي طرف قيدين جا مائٽ روئي رهيا آهن. چاڪاڻ جو هو جيلن ۾ پنهنجن مٽن مائٽن کي جيئرو رکڻ لاءِ پنهنجي اڌ کان وڌيڪ ڪمائي جيل جي فيسرن کي بطور رشوت ڏيو اڄن اهڙي طرح هو صرف ۽ صرف ڪيسن ۾ فيصلن ۾ غير ضروري اينگهه ۽ ججن جي بددياڻتي جي ڪري فاقه ڪشي جو شڪار آهن اهڙي طرح هزارين قيدي ۽ انهن جا مٽ مائٽ نصاف لاءِ روئي رهيا آهن ۽ جيڪڏهن انهن انساني وهندڙ ڳوڙهن کي نه روڪيو ويو ته پوءِ هي سموريون ڪورٽون ۽ انتظامي اداره انهن ڳوڙهن ۾ ئين وهي ويندا جيئن دريا ۾ ڪک پن وهي ويندا آهن.

جناب چيف جسٽس صاحب هي هڪ چيني ڪهاوت آهي. اها ڪهاوت مون کي هڪ مجبور قيدي جنهن جو نالو اصغر صاحب هيو ان مون کي سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ٻڌائي هئي جيڪا مون پنهنجي ڪتاب مزائي موت ۾ لکي آهي اها آڪاڻي ٻڌائيندي وقت هن جي اکين مان ڳوڙها

وهي رهيا هيا. اها ڪهاڻي اوهان وري ٻيهر ٻڌو. ٻه هنس پکي هڪ نر ۽ هڪ مادي حسب معمول هر سال پرديس تي گهمڻ لاءِ نڪرندا هيا. هڪ دفعو هو ڪنهن ڳوٺ مٿان لنگهي رهيا هيا. جيڪو ويران ۽ ڪنڊر ٿي ويو هو. مادي هنس نر هنس کان پڇيو ته اها بستي ته اڳي سر سبز ۽ آباد هئي. هي ويران ڪيئن ٿي ويئي ته ان تي نر هنس چيو ته ڏس هو جيڪو چبرو ٻولي رهيو آهي. ان جي منحوست جي ڪري هي سڄو ڳوٺ ويران ٿي ويو آهي. اها ڳالهه ٻڌي ان چبري انهن ٻنهي هنس پکين کي پنهنجي وٽ تي گهرايو ۽ رات جو انهن ٻنهي جي ڏاڍي دعوت ڪيائين. صبح جو جڏهن نر هنس ۽ مادي هنس وڃڻ لڳا ته چبري ان نر هنس کي چيو ته هي مادي هنس ان جي زال آهي. جيڪڏهن هو اڪيلو. وڃڻ چاهي ته پُلي هليو وڃي. چبري جي اها ڳالهه ٻڌي نر هنس چبري کي منٽ ميڙ ڪئي ته ٻيلي اهو ظلم نه ڪر انهن جي شڪل ۽ انهن جو ڳالهائڻ جدا آهي اها مادي هنس چبري جي زال ڪيئن ٿي ٿي سگهي. ان تي چبري چيو ته هلو ان ڳوٺ جي سرپنچ يعني ججن کان ٿا فيصلو ڪرايون. اها ڳالهه ٻڌي نر هنس کي اهو آسرو ٿيو ته هاڻي انصاف ٿيندو. هو چبري جي چون تي مادي هنس کي ونئي ڳوٺ جي ججن وٽ ويا. اتي چبري ججن کي ٻڌايو ته هي نر هنس الائي ڪٿان آيو آهي ۽ چوي ٿو ته هي مادي هنس هن جي زال آهي ۽ هي ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. چبري ججن کي چيو ته اوهان کي ته خبر آهي ته هو اوهان جي ڳوٺ جو رهواسي آهي ۽ اوهان سڀ هن کي چڱي طرح سڃاڻو ٿا. ججن چيو ته ها هو ان کي سڃاڻن ٿا. ان تي چبري ججن کي ٻڌايو ته هي مادي هنس هن جي زال آهي ۽ هو پاڻ ۾ ڏاڍي محبت ڪندا آهن ۽ نر هنس ته هن جو مهمان ٻه رهي چڪو آهي ۽ هاڻي هو خوامخواهه

ان جي زال تي حق رکيو ويٺو آهي. ججن هنس کان پڇيو ته ڇا اها حقيقت آهي ته هو رات جو چپري جو مهمان رهيو آهي. ججن جي انهن ڳالهين تي نر هنس چڪرائجي ويو آخر ڪار ججن فيصلو ڏنو ته چپرو انهن جي ڳوٺ جو آهي ۽ نر هنس پرديسي آهي. ان ڪري مادي هنس چپري کي ٿي ڏني وجي. اهو ٻڌي نر هنس روئڻ لڳو. جڏهن نر هنس واپس وڃڻ لڳو ته پوءِ ان چپري ان کي سڏ ڪري چيو ته ميان پنهنجي زال ته وٺي وڃ. تو جيڪو چيو هو ته چپري جي ڪري ڳوٺ ويران ٿي ويو آهي ائين ناهي ڇاڪاڻ جو هو رهندو ئي ويرانين ۾ آهي. در اصل هي ڳوٺ انهن ججن جي غلط فيصلن جي ڪري ويران ۽ برباد ٿي ويو آهي. ان جو مطلب اهو آهي ته جيڪڏهن غلط فيصلن جي ڪري ڳوٺ ويران ٿي ٿا سگهن ته ملڪ به ويران ٿي ٿا سگهن اهو ئي سبب آهي جو اڄڪلهه ملڪ تي ويراني ڇانيل آهي پاڻي ختم ٿي ويو آهي ته ڪٺڪ ڪٺان ايندي آخر ته ويرانو ٿيٺو آهي.

اهو ته قصو هيو تباهي ۽ بربادي جو هاڻي هار ڪٺ جو به قصو ٻڌو. هڪ دفعو بي مهاڀاري لڙائي جي دوران برطانيه جي وزير اعظم چرچل وٽ باهرين ملڪ جا صحافي آيا ۽ هن کان اڇي پڇيائون ته اوهان وڏي آرام سان سگار پي رهيا آهيو باهر جنگ هلي رهي آهي ڇا اوهان کي فتح جو يقين آهي ان تي چرچل انهن صحافين کي چيو ته اوهان وڃو ۽ وڃي انگلستان جي ڪورٽن ۾ ڏسو جيڪڏهن اسان جي ملڪ جي عدالتن ۾ ماڻهن کي انصاف ملي رهيو آهي ته پوءِ پڪ سمجهو ته اسان جنگ ڪٽي ويندا سين. اهي تمام اهم ۽ تاريخي لفظ آهن ۽ بنهي جي اندر هڪ وڏي معنيٰ ٿا رکن..

ان ڪري پاڪستان جي چيف جسٽس جي خدمت ۾ مودبانه گذارش آهي ته هو بذات خود ڪورٽن ۽ جيلن ۾ وڃي معائنه ڪندا ته هر ڳالهه سامهون اچي ويندي. ان ڪري سڀ کان پهريون جيلن ۽ ڪورٽون لڳائي تمام قيدين کي بنا امتياز جي فوري طور تي انصاف فراهم ڪيو وڃي. ٻي صورت ۾ حالتون ايتريون ته خراب ٿي ويندیون جو اسان جي داستان به نه هوندي داستانن ۾.

منجانب

امان الله سومرو

آرگنائيزر قيدي بچاءُ فورم

هاءِ ڪورٽ جو ناڪام ڇاپو

سنڌ جا باسيو!

اڄ مان وڏي افسوس سان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته سنڌ ۾ غلامي جو رواج پنهنجي عروج تي آهي ۽ سنڌ جي محنت ڪش هارين جو وڏو تعداد سنڌ جي زميندارن وٽ ڪوڙن قرضن ۾ گروي آهي، ائين سمجهو ته سڄي سنڌ گروي ۽ غلام آهي. سنڌ جي اصل وارثن سنڌي غلامن سان ڇا وهي واپرائي ٿو مان ان جي هلكي جهلك اوهان کي ڏيکارڻ چاهيندس. پوءِ اوهان ئي فيصلو ڪيو ته هي جيڪر ڪجهه ٿي رهيو آهي، ان جو انجام ڇا ٿيندو.

حقيقت اها آهي ته مورخه 14-03-2001 هڪ هاري خميسو پيل جنهن مان به گڏ هئس. جڏهن اسانُ سنڌ ها، ڪورٽ جي هڪ انصاف پسند عوام دوست جج جسٽس فيض محمد قريشي جي روبرو پيش ٿياسين ته ان صاحب ان غريب هاري سان انصاف ڪندي ان غريب هاري جي پٺ ڳلو. ڏي حليمان ۽ ننهن ناجو ۽ ٻين کي آزاد ڪرائڻ لاءِ پنهنجي ڪورٽ جي هڪ آفيسر مسٽر برادي خان جوڪيو کي زميندار محمد ولد مير محمد جمالي وينل حد ٽاٽو پيارو لنڊ جي زمين تي ڇاپو هڻي نظر بند غلام هاري آزاد ڪرائڻ جو حڪم ڏنو ۽ گڏوگڏ اهو به حڪم فرمايو ته ڇاپو هڻندڙ ڪورٽ جي آفيسر کي ڇاپي هڻڻ جي به هزار روپيا في ادا ڪئي وڃي. اسان ٻئي ڏينهن گهربل رقم ۽ سواري جو بندوبست ڪري جڏهن ڪورٽ پهتاسين ته اتكل ٽي بجي ڏاري هاءِ ڪورٽ جو عملو هڪ ايئرڪنڊيشن گاڏي ۾

روانو ٿيو ۽ مان ۽ فريادي ۽ ٻيا سوزوڪي ۾ روانا ٿياسين. چاڪاڻ جو غلامن جي آزادي ڪانپوءِ انهن جو سامان به کٽڻو هو. جڏهن اسان پيارو لنڊ ٽاڻي تي پهتاسين تہ ان وقت تقريباً پنج ٽيڻ وارا هئا. جڏهن پوليس جي عملي اسان کي ڏٺو تہ هو سمجهي ويا تہ اسان زميندار جي زمين تي چاپو هڻڻ آيا آهيون ۽ انهن بهانو ڪيو تہ پوليس جي موبائيل ۾ تيل ڪونهي ۽ هو تيل وٺڻ ٽا وڃن. ان تيل وٺڻ جي بهاني هو مذڪوره زميندار کي اطلاع ڪري آيا تہ هو اچي رهيا آهن. جڏهن تہ زميندار جي زمين ۽ ٽاڻي جي وچ ۾ ڏهن ميلن جو مفاصلو آهي. جڏهن هو اطلاع ڏئي آيا تہ وري هنن رستي ۾ پوليس موبائيل بيهاري ڇيو تہ گاڏي ۾ هوا گهٽ آهي هو هوا پرائڻ لاءِ اڏ ڪلاڪ بيهي رهيا. اهڙي طرح ڄاڻي واڻي دير ڪري وڏيري کي موقعو فراهم ڪيو تہ غلام هارين کي هو هيڏي هوڏي لکائي ڇڏي. جيئن ڪورٽ جو چاپو ناڪام وڃي. چاڪاڻ جو ان کان اڳ هڪ پي انصاف پسند جج انهي ٽاڻي پيارو لنڊ جي صوبيدار کي حڪم جاري ڪيو تہ هو وڏيري محمد جمالي جي زمين تي چاپو هڻي هارين کي ڪورٽ ۾ پيش ڪري. ان ڪري پوليس جا ڪن اڳيئي اچي ڏيل هئا جو جو پيارو لنڊ ٽاڻي جي پوليس وڏيري کان رشوت ونڊي هارين کي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ کان روڪيو ۽ ڪورٽ جي حڪم کي ٽڏي ڦٽو ڪري ڇڏيو. جڏهن اسان سر زمين تي ان جاءِ تي پهتاسين جتي جگو پيل جي جهڳي هئي تہ اها ان وقت خالي هئي. ان ۾ گلو پيل جو سمورو هٿ ڪٽ ۽ ٽانو وغيره پيا هئا. ايتري قد جو چلهه ۾ رکڻ به تازي پئي هئي. هاڻي گلو پيل ۽ ٻيا ڪاڏي ويا تہ اتي ٻيٽ هڪ عورت رڙ ڪري ڇيو تہ گلو پيل ۽ ٻين کي زميندار جا ماڻهو هينئر هينئر ٽيوب ويل جي طرف ونڊي ويا آهن. اها ڳالهه هاڻ ڪورٽ جو

آفيسر مسٽر برادي خان خود پڏي ۽ پنهنجي رپورٽ ۾ پڻ اهڙو زڪر ڪيو آهي ته پوءِ گلو پيل ۽ ٻيا غلام هاري ڪاڏي ويا. زميندار چوي ٿو ته هاري ٻه سال ٿيا آهن پڄي ويو آهي. جڏهن ته مان ۽ هڪ عورت جيڪا گلو پيل جي عزيز آهي اسان ٻئي ڄڻا 2001-02-25 تي گلو پيل ۽ ٻين کي اتي ڏسي آيا آهيون. اهي سڀ ڳالهيون اها ڳالهه چٽي ٿا ڪن ته ڪٽي گڙبڙ ضرور آهي ۽ اها گڙبڙ عدليه ۾ آهي ۽ ڪورٽ جي حڪم جي ان ڪري نافرماني ڪئي ٿي وڃي. جي عدليه درست هجي ته اهڙيون ڳالهيون ٿي ئي نه ٿيون سگهن ڇاڪاڻ ته پوليس ۽ وڏيرا شاهي ڪورٽن جي ڪمزوري ۽ ججن جي پلڪارن کان چڱي طرح واقف ٿي ويا ورنه پوليس ۽ وڏيري کي ايتري جرئت ئي نه ٿي ٿي سگهي ته هو انسانن کي قانون کان لڪائي رکن ۽ پوليس جي ڏڍ تي زبردستي مزدوري ڪرائي ٿي وڃي. جنهن مان اها ڳالهه ثابت ٿي ٿئي ته اسان ۽ اسان جو معاشرو ايترو ته بي حس ٿي ويو آهي جو اسان پنهنجا سمورا اصول وساري اهڙيون ته بي انصافيون ڪري رهيا آهيون جنهن جو نتيجو انتهائي خراب نڪرندو.

اسان جي حڪومت ۽ عدليه جي ججن کي درخواست آهي ته هو انسانن جي آزادي جهڙي نازڪ مسئلي تي خاص توجهه ڏين جيئن ملڪ مان بيڇيني ختم ٿئي ۽ غريبن کي انصاف ملي سگهي ڇاڪاڻ ته غريب هاري ملڪ جو اڪثريتي طبقو آهي. جيڪڏهن اڪثريتي طبقي کي انصاف نه مليو ته پوءِ سمجهو ته ملڪ ۾ انصاف ختم ٿي ويو آهي ۽ هر طرف اوندهه ئي اوندهه ڇانيل آهي. جنهن سڃي قوم کي انڌو، گونگو ۽ بوڑو ڪري ڇڏيو آهي. ان سڃي تباهي ۽ بربادي جا زميدار عدليه ۽ ان جا جج آهن جيڪڏهن ججن پنهنجو رويو تبديل نه ڪيو ته پوءِ تباهي اسان جو

مقدر ڪي ويندي ۽ پوءِ ملڪ جي تباهي جا زميدار عوام دشمن جج هوندا جن غريبن لاءِ انصاف جا دروازا بند ڪري پاڻ ئي بي انصافي جا مرتڪب ٿي رهيا آهن.

منجانب

امان الله سومرو

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد جي هاري دشمن ججن ڪي تنبيهه

معزز جج صاحبان!

عرض اهو آهي ته مان وڏي افسوس سان اوهان صاحبن کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته هارين جي آزادي جا ڪيس اوهان صاحبن جي روبرو پيش ڪيا ويندا آهن. جيئن غلام هارين کي قانوني طريقي سان آزادي ملي سگهي ۽ ان لاءِ باقائده هڪ اهڙو قانون، قانون جي ڪتابن ۾ هارين جي ۽ بين ماڻهن جي چاڻي اهي ڪنهن جي نظربندي ۾ هجن انهن جي رهائي لاءِ باقاعده هڪ قانون لکيل آهي ۽ ان قانون کي قلم 491 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ سڏبو آهي ان ۾ ڪليل طرح لکيل آهي ته ڪنهن به ماڻهون کان زوري بنا معاوضي پورهيو نٿو ڪرائي سگهجي ۽ نه هي ان ماڻهون جي آزادانه چرپر تي ڪا پابندي عائد ڪري ٿي سگهجي. اهڙي ماڻهون يا ماڻهن کي ڪورٽ باقاعده پوليس جي ذريعي گهرائي آزاد ڪري ٿي سگهي.

اهو سلسلو ڪيترن ئي سالن کان هلي رهيو آهي ۽ هزارين غلام هارين کي ان عدالتي طريقه ڪار سان آزادي ملي چڪي آهي ۽ اهي هاري بحيثيت آزاد شهري جي زندگي گذاري رهيا آهن. ليڪن اجا اهڙا لکين غلام هاري آهن، جيڪي غلامي جي زندگي گذاري رهيا آهن ۽ انهن جو ڪو به پرسان حال ڪو نه آهي.

آزادي جيئن ته هڪ اهڙو گيت آهي جيڪو به ٻڌندو آهي ان جي دل ۾ آزادي جي امنگ يعني تڙپ جنم وٺندي آهي ۽ پوءِ هو غلامي جو طوق لاهڻ لاءِ جيڪو ڪوڙي قرض جي شڪل ۾ انهن غلامن جي ڳچي ۾ وڌو ويندو آهي، ٽولن جي صورت ۾ هاءِ ڪورٽ جو رخ ڪري رهيا آهن.

چاڪاڻ جو سنڌي قوم خصوصاً ڪولهي ۽ ٻيل طبقہ جيڪو سنڌ جو اصل مالڪ آهي حالتن ان ڪي غلامي جون زنجيرون پارائي ڇڏيون آهن ۽ هن وقت سنڌ ۽ سنڌ جي ان قديم باشندن جي حالت اهڙي آهي جهڙي آفريقا جي سون جي ڪاڻين ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت ڪارن غلامن جي هئي. جن ڪي انهن جا گورا آقا جنهن وقت چاهيندا هيا قتل ڪري ڇڏيندا هئا. سنڌ ۾ ۽ هن وقت ساڳي صورتحال آهي. سنڌ ۾ باقاعده غلامن جو ڪاروبار ٿيندو آهي ۽ انسانن جي خريد و فروخت ٿيندي آهي ۽ هڪ پورو خاندان جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان ڏهن تائين فرد هوندا آهن. اهي اوهان ڪي پنجاهه هزار کان هڪ لک روپين تائين پئسن سان ملي ويندا پوءِ اوهان انهن غلامن کان جيڪو ڪم ونڻ چاهيو ونڻ سگهو ٿا. جنهن ۾ زمين ۾ هر هلائڻ، ڦٽيون چوندڻ، لابارو ڪرڻ، مينهون ڍڳيون، ٻڪريون چارائڻ کان علاوه گهر جو هر ڪم شامل آهي.

سنڌ جي عوام خصوصاً مان جج صاحبن کي اهو ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ انهن سنڌ هاري غلامن کي ان ڪم جو ڪو بہ معاوضو ڪو نہ ڏنو ويندو آهي ۽ انهن کان ٻارنهن ٻارنهن ڪلاڪ ورتو ويندو آهي.

هاڻي اچون ٿا تہ ڪورٽ جي ججن جي طرف تہ اسان جي ڪورٽن ۾ ٻن قسمن جا جج آهن. هڪڙا جج اهي آهن جيڪي قانون جي تحت ڪم ڪندا آهن ۽ غلام هارين جي نظربندي کان آزادي جي درخواستن تي فوري حڪم جاري ڪندا آهن جنهن کي رول نسا چيو ويندو آهي. جنهن جي تحت جتي نظر بند هاري تہ رهندو آهي ان جي حد جي صوبيدار کي باقاعده حڪم ڏنو ويندو آهي تہ هو هاري کي عدالت ۾ پيش ڪري. ان حڪم جي تحت حد جو صوبيدار غلام هارين کي ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو قانوني طرح پابند هوندو آهي. تہ وري ٻئي طرف اهي جج آهن جيڪي

ان غلامي جي زنده تصوير کي سرعام ڏسندي ۽ جنهن جي هلکي جهلک مان انهن هاري دشمن ججن کي ڏيکارن ٿو چاهيان. اها اها آهي ته مورخہ 25-02-2001 تي جڏهن مان هڪ غلام هاري گلو پيل جي گهر واقع پوليس اسٽيشن پيارو لنڊ جي حد ۾ ان جي گهر پهتس ته گهربل غلام هاري جنهن جو نالو گلو ولد خميسو پيل هيو. ان جي زال ۽ ننڍي پيٽ ملي. اهي گاهه ۾ ڪاڻين سان ناهيل هڪ 10 بائي 10 جي هڪ پگل جهڳي هئي. جنهن ۾ سردي ۽ گرمي جي بچاءَ جو ڪو به بندوبست ڪو نه هيو. رهائش پذير هيو ان جي جهونپڙي جي پرسان ٻيا ٻه غلام هاري هيا انهن جي حالت به سڳي هئي انهن جڳهين کي چٽي پاسن کان 12 فٽ تائين مٽي جو وڏو ڪوٽ ڏنل هيو. ان ڪوٽ ۾ غلام هاري نظر بند هيا. جڏهن اسان هاري گلو پيل جو پڇيو ته ان جي زال ۽ ننڍي پيٽ ٻڌايو ته هو زميندارن جا ڊور چارڻ جهنگ ۾ ويو آهي. جيئن ته مان غلام هارين کي غلامي کان نجات ڏيارڻ لاءِ پنهنجو سر تري تي رکي ڪم ڪري رهيو آهيان جنهن جو ثبوت منهنجي مٽي تي لڳل ارڙهن ٽانڪا آهن جيکي هڪ خرڪار پناڻ پير فضل الرحمان عرف بادشاهه خان ۽ ان جي حامي غنڊن منهنجي مٽي تي ان ڪري ڏنڊن جي بارش ڪري ڏني هئي جو مان ان جي خرڪار ڪئمپ مان چوئيتاليهه سنڌي ڪولهي غلام آزاد ڪرائڻ ٿو چاهيان جنهن کي ذري گهٽ ٻه سال ٿي ويا آهن. انهن عوام دشمن ججن جي ڪري رها نه ڪرائي سگهيو آهيان ۽ هن ڪيس جو فيصلو اڄا تائين عوام دشمن هاري دشمن جج نه ڪري سگهيا آهن ۽ فيصلو محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. مون گلو پيل جي ننڍي پيٽ کي چيو ته هو مون کي گلو پيل سان ملائي هو ۽ مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلو ميٽر پنڌ ڪري اتي وڃي پهتاسين جتي گلو ڊور چاري رهيو هو. گلو پيل سان ڪهڙيون

ڳالهيون ٿيون ۽ ان جي ننڍي پيڻ سان ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون مان اوهان صاحبن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان. ان زرخريد غلام هاري چوڪري جيڪا پاڻ ۾ زميندار جي ٻني تي ڪم ڪندي آهي ۽ جانور چاريندي آهي. ان جا پير اگهاڙا هيا ۽ هن جي مٿي تي رئو ۽ ڪو نہ هيو. اها ڪنڊن تي ائين هلي رهي هئي جن اها ڪنڊن تي هلڻ جي عادي هجي. حالانڪ هڪ ٻن جاين تي هن کي پير ۾ ڪنڊا لڳا ۽ هيس پر هن انهن ڪنڊن جي ڪا ۽ پرواھ نہ ڪئي ۽ اگهاڙين پيرين هلندي رهي. ان دوران ان چوڪري ٻڌايو تہ هن تي زميندارن جو ڏيڍ لک روپيا قرض آهي ۽ زميندار صرف انهن کي ڪاڏي ۾ ڪڍ. چانهه ۽ اٽو ڏيندو آهي جڏهن تہ گيهه ۽ ٻين شين جو غلام هاري تصور ۽ نہ ٿو ڪري سگهي. ان غلام هاري چوڪري مون کان پڇيو تہ ڇا مان هنن جو قرض پري هنن کي آزاد ڪرائڻ ٿو چاهيان. مون کيس چيو تہ فڪر نہ ڪر اسان ان کي آزاد ڪرائينداسين. جڏهن هڪ ڪلو ميٽر پنڌ ڪري گلو پيل وٽ پهتاسين. جتي گلو پيل مينهون چاري رهيو هو ان ٻڌايو تہ زميندار انهن کي انهن جي فصلن جي محنت جو ڪو ۽ معاوضو نہ ڏيندو آهي. ايتري قدر جو هو کيس سگريٽ ڇڪڻ جيترا ۽ پئسا ڪو نہ ڏيندو آهي ۽ انهن کي ان ڳالهہ جي اجازت نہ آهي تہ هو پنهنجو حق گهرن. جڏهن تہ ان گلو پيل جي پيءُ خميسو پيل جيڪو زميندار جي نجي جو ماڻ پڇي آيو آهين ان خوف جي ڪري پنهنجي پٽ. ڏيءِ ۽ ننهن سان ار ڪري ملڻ نہ ٿو وڃي تہ متان هن کي ۽ روڪي ڇڏين ان ٻڌايو تہ هن پهريں زميندار جو قرض چوٽيهہ هزار روپيہ موجوده زميندار کي ونڊي ڏنو آهي. ار موجوده زميندار جي زمين تي ڪمند. بصر. ڪٽڪ پوکي آهي جيڪڏهن ايماندار سان حساب ڪتاب ڪيو وڃي تہ زميندار تي هارين جو قرض نڪرندو. مگر جيئن تہ سنڌ ۾ جاگيرداري ۽ وڏيرا شاهي نظام پنهنجہ

پاڙون پختيون ڪري چڪو آهي ۽ هن ملڪ جي بددياںت بيورو ڪريسي جيڪا هن وڏيرا شاهي نظام جي نہ صرف محافظ آهي پر جيڪو هاري پنهنجو حق گهرندو آهي ان کي رياستي جبر ۽ تشدد ۽ پوليس جي ڏاڍ ڪري خاموش ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙو حق گهرندڙ همیشہ همیشہ جي لاءِ خاموش ڪري ڇڏيا ويندا آهن.

گلو پيل ٻڌايو تہ ان جو زميندار ان کي ٽنڊي الهيار تائين وڃڻ جي اجازت ڪو نہ ڏيندو آهي تہ جيئن هو پڇي نہ وڃي. اهو ئي سبب آهي جو ڪڏهن دوا دارون لاءِ شهر ويندو آهي تہ پويان ان جي زال ۽ پيٽ زميندار وٽ بطور يرغمال هوندا آهن هاڻي اوهان ئي فيصلو ڪيو تہ ڇا اها آزادي آهي يا غلامي!.

هاڻي ڏسون تہ اها زمين جيڪا سون اپائي رهي هئي جڏهن مون آسپاس نظر ڏڪائي تہ مون کي ٽيوب ويل جي مني پاڻي تي آباد ڪيل هر طرف سرسبز پوک نظر آئي. جنهن ۾ ڪمند، بصر، ڪڻڪ ۽ انبن جا وڻ عام جام هيا. ان حالت ۾ ٽي سال ڇهہ پمپر قسم جا فصل محنت ۽ مشقت بعد لهڻ کان پوءِ بہ هاري جو قرض لهڻ جي بجاءِ وڌي وڃي تہ پوءِ هي هڪ وڏو لمحہ فڪر آهي ۽ جج صاحبان کي ان حساب ڪتاب تي ضرور غور ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو حساب ڪتاب جا بہ بہ قسم هوندا آهن. هڪ ايمانداري جو تہ ٻيو بي ايماني جو. جيڪڏهن ايمانداري سان ڏنو وڃي تہ بہ ۽ بہ چار هوندا آهن. ليڪن سنڌ جا بددياںت ظالم وڏيرا ۽ جاگيردار بہ ۽ بہ اٺ ڪندا آهن ۽ ان حساب ڪتاب کي سڌو ڪرڻ لاءِ هڪ ٽربيونل آهي. ان ٽربيونل جو سربراهہ هڪ مختيارڪار آهي. جنهن جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي. صرف هاءِ ڪورٽ ئي اهڙو ادارو آهي. جيڪو غلام

هارين جي داد رسي ڪري ٿو سگهي. جيڪڏهن جاگيردار نظام جي حامي غريب عوام جي دشمن ججن جيڪڏهن غلام هارين جي قانوني آزادي لاءِ قانوني دروازا بند ڪيا تہ پوءِ هڪ طوفان اٿندو جنهن ۾ هي سڀ عدالتي ادارا نيست و نابود ٿي ويندا. پوءِ جج صاحبن جا نہ هوندا ناڻ ۽ نہ ئي هوندا باڻ.

جيئن تہ غلام هاري اڪثريت ۾ آهن ۽ دنيا جي ڪا بہ طاقت انهن کي هميشہ غلام بنائي نہ ٿي رکي سگهي ڇاڪاڻ تہ سنڌ جي غلام هارين آزادي حاصل ڪرڻ جو پڪو ادارو ڪٿي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ جيڪڏهن قانوني رستو بند ڪيو ويو تہ پوءِ هاري دشمن عوام دشمن ججن کي ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن آزادي جهڙا نازڪ مسئلا قلم سان حل نہ ٿيا تہ پوءِ تلوار پنهنجو قانون لکڻ شروع ڪندي آهي ۽ پوءِ قانون جي ڪتاب جي ورقن مان رت وهڻ لڳندو آهي. جو جو تلوار جي نوڪ مس سان رت سان پنهنجو قانون لکندي آهي. هاري دشمن ججن غلام هارين جي ڪيسن جا فيصلا نہ ٻڌايا ۽ غلام هارين کي قانوني آزادي نہ ڏني تہ پوءِ غلام هاري آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿيار کڻڻ ۾ حق بجانب هوندا ۽ ان جي تمام ذميداري هاري دشمن. عوام دشمن ججن تي عائد ٿيندي.

ڇاڪاڻ جو عقل جي انهن اندن ججن کي شايد تاريخ جو اهو سبق ياد نہ آهي تہ ڪهڙي طرح هارين ۽ مزدورن روس جو تختو اونڌو ڪيو هو تہ وري مائوزي تنگ جي قيادت ۾ هارين چين جي جاگيردارانہ نظام کي پاش پاش ڪري ڇڏيو هو تہ وري انقلاب فرانس جي تواريخ بہ وڏيڪ پراڻي ڪو نہ آهي ڇا انهن ملڪن ۾ جاگيردارانہ نظام ختم ٿيڻ سان ڪو بہ ڪ

مئو. ائين کو نہ آهي. بلڪ جاگيردارانہ نظام جي خاتمي کان پوء اتي ايتري ترقي ٿي آهي جو هاڻي کو بہ بيروزگار ء بکيو کو نہ آهي.

ملڪ جي موجوده صورتحال ۾ هڪ نئون عنصر اپريو آهي. جنهن جو نالو قاعد تحريڪ الطاف حسين آهي. ان پوري قوم جي سامهون واعدو ڪيو آهي تہ هو جڏهن بہ برسر اقتدار آيو سڀ کان پهرين موجوده جاگيردارنہ نظام جنهن کي ارغونن سنڌين کي غلام ناهڻ لاء رائج ڪيو هيو. ان وڏيرا شاهي نظام کي پاڙان پٽي ڦٽو ڪندو ء تمام زمين بحق سرڪار ضبط ڪري تمام غلام هارين ۾ بلا معاوضہ ورهائي ويندي ء انهن کي آزاد ڪيو ويندو تہ وري ٻئي طرف اهي غريب هاري ء مزدور پورهيت جيڪي وڏي تعداد ۾ جيلن ۾ بند آهن ء عدالتي بي حسي جي ڪري بنا انصاف جي ورهين کان جيلن ۾ پيا آهن. انهن کي رها ڪري سنڌ جي تمام جيلن جا تالا کوليا ويندا ء ٻئي اهي ڪم ڪرڻ کان روڪڻ لاء ڪا بہ دنيا جي طاقت الطاف حسين کي روڪي نہ ٿي سگهي. ڇاڪاڻ جو غريب غلام هارين ء قيدين الطاف حسين جو ساٿ نيائڻ جو عهد ڪيو آهي. جيئن موجوده غلامانہ. لوٽ مار جي خبيث قسم جي نظام مان جان ڇٽي ء باعزت شهري ٿي زندگي گذاري سگهون.

امان الله سومرو

آرگنائيزر



ليک جي استاد ڪريمڏني سومري جي جواني جي تصوير.



ليكى بجي والده الله وسائحي



کيس جيڪي هاڻ ڪورٽ ۾ گذريل ڪيترن ئي سالن هلندا رهيا آهن ۽ هاري قانوني طرح آزادي ماڻيندا رهيا آهن پوء هاڻي يڪايڪ چا ٿي ويو جو انسانن جي آزادي جي متعلق ڪيس نہ صرف هلڻ بند ٿي ويا آهن پر ان ڪري اڄ انهن انگ اگهاڙن بکئي پيٽ جي هارين ۾ ايتري ته بيچيني آهي جو جيڪڏهن ممتاز پٽو ۽ ٻيا جاگيردار سياسي ليڈر جيڪڏهن مون کي هارين جي ڪائنہ لاء فيي هاري رڳو اٿو. چانهہ ۽ ڪنڊ هڪ سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ پنج سئو جيب خرچ ڏئي مان هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو آڻي ڏئي ٿو سگهان جيڪي مرڻ مارائڻ لاء به تيار ٿي ويندا. چو جو هو بک جا اڳيئي مارڻيل آهن. انهن وٽ هاڻي صرف غلامي جون زنجيرون بچيون آهن. جيڪي هو لاهي هڪ نئين دنيا حاصل ڪندا چو جو هنن وٽ وڃائڻ لاء ڪجهہ به نہ آهي. سواء غلامي جي ڳٽ جي باقي حاصل ڪرڻ لاء پوري دنيا آهي. هاڻي ان مقصد حاصل ڪرڻ لاء مون کي سڀ کان پهريون رياستي جبر ۽ تشدد سان وڙهڻو پوندو مثال طور تي جيل آهن ان جيلن ۾ اڄ کان وڌيڪ جاگيردارن ۽ انهن جي پالیل ايجنٽن پوليس جا ستايل انسان آهن انهن تي ڏاڍو وائڙو تشدد ڪئي پيو. هي سڀ ليبر انڈا گونگا ۽ بوڙا ڪو نہ آهن پر در اصل ڳالهہ اها آهي ته هو جيل جي آفيسرن کان ڊجن ٿا چو جو هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا جنڊا پٽڻ ۾ پورا آهن ۽ اصل دشمن جاگيردار ۽ ظالم ڪامورو خصوصاً جيل پوليس ۽ عدليہ جي رشوت خور ججن جيڪي ڪامورا ٿي ويا آهن انهن کي وساري صرف پنهنجي بچاؤ جي جنگ ۾ پورا آهن مان به پنهنجي بچاؤ جي جنگ وڙهي رهيو آهيان چو جو هن دفعي منهنجو مقابلو انهن انسانن سان آهي جيڪي انسان جي شڪل ۾ بکهڙ آهن جيڪي انسانن جي رت جا پياسا جيل آفيسر جنهن ۾

جيلر لياقت پيرزادو جيل سپرنٽينڊنٽ گلزار چنو ۽ ملڪ الطاف حسين ۽ اعجاز عرف اجو گونگا کان پنهنجي جان بچائڻ تو چاهيان چاکان جو هو منهنجي رت جا پياسا ٿي ويا آهن ان ڪري جو مان انهن جي رت لڳل وات جا ڏند پچي ڇڏن تو چاهيان. جيئن وري بيهر ڪنهن جيل جي آفيسر کي اها جرئت نه ٿئي جو هو ڪنهن قيدي کي ٿڦ هٿن جو به سوچين سو اهو ڪم ڪرن لاء مون کي وڏي سياسي ۽ انقلابي جنگ وڙهڻي پوندي روڊن ۽ رستن شاهراهن ريلوي اسٽيشنن کان هوائي اڈن تائين لياقت پيرزاده گلزار چنو ۽ پين سان جنگ وڙهي ويندي. ان جنگ کي ڪامياب ڪرڻ لاء مون مسٽر يوسف لغاري کان علاوه پين سياسي ليڈرن جهڙوڪ مسٽر رسول بخش پليجو قادر مگسي ۽ پين قومپرست وفاق پرست ليڈرن سان ناهه ڪرڻو پوندو. ايتري قدر جو متحده قومي موومينٽ جي ليڈر الطاف حسين ڏانهن به دوستي جو هٿ وڌايو ويندو ۽ جاگيرداري نظام جي خاتمي ۽ جيلن م ۽ باهر پوليس جي ظلمن جو حساب ڪتاب ونڊ ۽ جيل خالي ڪرڻ کان علاوه سنڌ م ڪارو ڪاري جي نالي تي جاگيردارن جي عياشين کي ختم ڪرن جو به معاهدو ڪيو ويو آهي ۽ هن آسان کي يقين ڏيارين آهي ته هو ۽ هن جي پارٽي اسان جا اهي مطالبا پورا ڪندا لازمي ڪالهه آهي ته اهي مطالبا تڏهن پورا ٿيندا جڏهن جدوجهد ڪبي معني وڙهاند ڪبي. جيئن ته پين سياسي ليڈرن وانگر منهنجو به هڪ نظريو آهي ۽ مان نظرئي جا وڏي تعداد م پوئلگ به آهن ان کان علاوه منهنجي غلامن ۽ قيدين کي آزاد ڪرائڻ واري پرخلوص جدوجهد کي ڏسندي انهن سياسي پارٽين جا ڪارڪن جيڪي مونکي حيدرآباد م ڏمڪيون ڏيندا هيا انهن جو به مونسان رويو ڪنهن حد تائين نرم هيو ڇو جو هو سمجهن پيا ته

سان جو ڪڏهن نہ ڪڏهن ناهه ضرور ٿيندو. اسان سنڌ جا سپ سنڌي ليڊر
بهادر. محنتي ۽ جفاڪش آهيون. اسان جو اتحاد ان ڳ آهي مان ان اتحاد
ي علامت آهيان ۽ ان علامت طور مان مسٽر يوسف لغاري سان ان
طالبي تي ناهه جو معاهدو ڪيو اهي تہ اسان مان جنهن تي تشدد ٿيو يا
بلُ ويو يا ڪو ڪوڙو ڪيس ٿيو تہ ان صورت ۾ هڪ ٻئي جي اخلاقي.
باسي ۽ معاشي مدد ڪئي ويندي. جيئن تہ مان اهڙي طبقي جو ليڊر
بان جيڪو پان سورن ۾ آهي ۽ چڙوچڙ اهي. مون کي سنڌ جي عام
اسي. سماجي ۽ مذهبي جماعتن جي مدد جي ضرورت آهي ڇو جو مان
ماف ۽ آزادي جي جنگ وڙهي رهيو آهيان مان جيل جي ظالم آفيسرن
بدليه جي رشوت خور ججن ۽ ڪپتين جاگيردارن سان جنگ وڙهي رهيو
ان بقول ڪنهن منڪر جي تہ هزارن ميلن جو سفر به هڪ قدم کٹڻ سان
ع ٿيندو آهي اهڙي طرح مان سنڌ جي عوام جي حقيقي آزادي جي
ب وڙهڻ لاءِ پهريون قدم کنيو آهي. اڄ کان وٺي مسٽر يوسف لغاري
. جو دوست آهي ۽ جيڪي اسان جا دوست آهن اسان کي انهن تي فخر
. اسان کي اميد آهي تہ ناهه جي معاهدي مطابق جڏهن به مان گرفتار
س يا جيل ويندس هي مون سان تاڻي ۽ جيل ۾ ملڻ ايندو ۽ منهنجي
سن جي بنا معاوضي پيروي ڪندو ۽ منهنجي ضمانت ڪورٽن مان
ر ڪرائيندو. باقي ضامن مان خود ڏيندس ان کان علاوه هن ناهه جي
دي جي اصل روح تہ هي مون کي جيل جي جلاد خوني قاتل جيل
رن جي هٿان مرڻ کان بچائيندو ۽ جيل ۾ مون کي قانوني تحفظ
ڪندو. مان ان ناهه جي معاهدي تي عمل ڪرڻ جي باري ۾ مسٽر
لغاري کي اهو واضح ڪري ٻڌائڻ چاهيندس تہ مان اهو ماٹهو آهيان

جنهن ڏينڙ سکيو آهي ونڊ سکيو نہ آهي ۽ اهڙا ماڻهون جيکي ڏيندا آهن کنهن بہ طاقت جا مخبر يا ايجنٽ کو نہ ٿيندا آهن. مسٽر يوسف لغاري مان تو کي يقين ٿو ڏياريان تہ مان ڪوڙ ڳالهائي نہ ٿو سگهان ان ڪري مان کنهن جو بہ ايجنٽ يا مخبر نہ ٿو ٿي سگهان ڇو جو در اصل ڪوڙا بي ايمان ۽ دوکيباز ماڻهون ئي بلئڪ ميلر فرادي مخبر ۽ ايجنٽ هوندا آهن. ڇو جو هنن جو دين ايمان رڳو پئسو هوندو آهي. مان تو کي اهو يقين ٿو ڏياريان جيکڏهن مون کي پئسي روپئي جي بک ٿي تہ پوءِ مان مخبر ايجنٽ يا کنهن طاقت جو پٺوتي جاسوسي ڪرڻ جي بدران پئسو حاصل ڪرڻ لاءِ مان عورت جي دلالي ڪرڻ پسند ڪندس ڇو جو جاسوس. مخبر ۽ ايجنٽ پوري ملڪ ۽ معاشري لاءِ هڪ ناسور هوندو آهي. جڏهن تہ ان جي مقابلي عورت جو دلال کنهن بہ قيمت تي ناقابل نفرت نہ آهي ڇو جو هو سماج ۽ عوام لاءِ کڏهن بہ نقصانڪار نہ رهيو آهي هن جو پنهنجو هڪ فعل جنهن جو هو خود ذميدار آهي در اصل چغلي ڪرڻ معنيٰ چغلي خور جو ضمير مري ويندو آهي. مسٽر يوسف لغاري وڪيل مان تو کي يقين ڏيارڻ ٿو چاهيان مان پنهنجي ضمير کي کنهن قيمت تي گهٽا ڏئي ڪو نہ ماريندس ڇو جو مون وٽ اهو ضمير ئي ساڻي وڃي بچيو آهي.

امان الله سومرو

آرگنائيزر قيدي بچايو فورم ميرپورخاص سنڌ

ڏاڙيل ناهڻ بند ڪر

ڪجهه ته شرم ڪر، خدا کي ڇا جواب ڏيندين

هڪ ٿوڪئي ايماندار ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر امير احمد شيخ جي نالي ڪليل خط

ضلع ميرپورخاص جا رهواسيو!

هي ڳالهه مان اوهان کي وڏي ڏک سان ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته جنهن ماڻهون کي اسان ايماندار ۽ شريف پوليس آفيسر سمجهندا هياسين اهو هڪ نمبر جو بي ايمان ٿوڪيباز ۽ ٺڳ قسم جو آفيسر جنهن جو نالو ڊاڪٽر امير احمد شيخ آهي. جيڪو هن وقت ضلع ميرپورخاص جي بدمعاش ڏاڙيل دلن ۽ ڦرون قسم جي پوليس آفيسرن جو سرغنو آهي يا ائين ڪٿي چئو ته انهن جو سرپرست آهي

اچو ته مان اوهان کي ٻڌايان ته هي ڪهڙي طرح پوليس جي دلن ڦرون ڏاڙيل ۽ بدمعاش قسم جي پوليس آفيسرن کي تحفظ فراهم ڪندو آهي. قصو هيئن آهي ته ڪجهه مهينا ٿيا نهاد ايماندار ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير احمد شيخ مون کي حڪم ڏنو هو ڏاڙيل نالي يوسف مري کي گرفتار ڪرڻ ٿو چاهي مان ان ۾ هن جي مدد ڪريان. جڏهن ته سندس سمورن ماڻهن کي اها خبر آهي ته سندس پوليس جي سيني ٽائن ۾ ڪيل

پوليس آفيسر يا ته پان ڏاڙيل اهن ۽ ٻاري ڏاڙيلن جا ساڻاري اهن ۽ هن وقت اهڙا ئي ڏاڙيلن جا ساڻاري پوليس آفيسر ميرپورخاص جي پوليس ۾ وڏي تعداد ۾ آهن. انهن ڏاڙيلن جو هن وقت سرپرست تاج محمد پيي نالي هڪ اي ايس آءِ آهي جنهن جا حد جي ڏاڙين بدمعاشن ۽ ڏوهارين سان باقاعده واسطا آهن ۽ هي چاهي ٿو ته ڪهڙي طرح امن پسند شهرين کي ڏاڙيل ناهي يا پوليس مقابلو ڏيڪاري ان کي ماري ميرپورخاص جي هٽ ٻوڪئي نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار نام نهاد ايماندار ڊاڪٽر امير احمد شيخ کان انعام وصول ڪري اهو ئي سبب آهي جو هن هڪ امن پسند شريف ڳوٺاڻي جنهن جو نالو يار محمد ولد ولي محمد ميرجت ويٽل ديهه 82 اي تعلقه ميرپورخاص ٽاٽو حد کان ۾ هڪ مينهن جي چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ گرفتار ڪري ان جي بي عزتي ڪري ان کي ڏاڙيل ناهن لاءِ سٽن ڏينهن کان بيگناهه ان مينهن جي ڪوڙي ڪيس ۾ زنجير سان هڪ دري ۾ بڏي ڇڏيو آهي. هن کي ان بدمعاش اي ايس آئي تاج محمد پيي جو بڏي رکيو آهي مان ان کان اوهان کي ضرور آگاهه ڪندس.

در اصل گالهه اها آهي ته هڪ ڏاڙيل نالي ياسين ولد محڪم الدين مغل اها زمين جنهن کي يار محمد ان جا ماڻهو ۽ پاڙ سٽن پيڙهين کان کيتي باڙي پوک ڪندا آيا آهن جو اڄا جمڙائل واهه ڪو نه نڪتو هيو ان يار محمد ميرجت جا ابا ڏاڏا ات ويٺا هياسين سڄي علاقي جا معزز ماڻهو ان گالهه جي شاهدي ڏيندا ته ولي محمد پوءِ فتح محمد ميرجت جي خاندان جا سمورا ڀاتي بمع يار محمد جيڪو هن وقت پوليس جي بدمعاشي هيٺ ٻڌل آهي امن پسند شريف ۽ قانون جا تابعدار شهري آهن ڪو ئي سبب آهي جو ياسين مغل جيڪو بنيادي طرح ڏوهاري آهي

انهن غريبن کي پوک ڪرڻ نہ ڏني ۽ هو انهن کي ڪوڙن گناهن ۾ ڦاسائي ڏوهه ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي. شايد اسان جي ضلعي جي پوليس آفيسر کي اها خبر نہ آهي تہ ڏاڙيل ڪيئن نهندا آهن. سڀ کان پهرين پوليس جا بدمعاش آفيسر پورهيتن کي چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي ماري ماري ان جو ڪچومر ڪڍي ان جي دل ۾ نفرت جي اها باهه ڀڪائي ڇڏيندا آهن جو هو گرفتاري ۽ تشدد جي دوران سوچيندو آهي تہ پوليس بنا سبب مار کائڻ کان بهتر آهي تہ کنهن ٻئي کي ماري يا ان جو مال ڦرائي اهو ڪم ڪيو وڃي اوهان يقين سمجهو تہ هڪ ناداڻ بيوقوف. کهٽيا درجي جي نااهل پوليس آفيسر جي بددياڻتي جي ڪري هڪ غريب هاري کي هڪ مينهن جي چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي ۽ اهو ئي هٽ جو ناهيل چور ڏاڙيل ٿي پوليس جي بي ايمان آفيسرن خاص ڪري نام نهاد ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير احمد شيخ جي سامهون ايندو تہ هن مسخري جو ڪهڙ نڪري ايندا چو جو جڏهن سون ان ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر جي خواهش تي ڏاڙيل يوسف مري سان رابطو ڪيو تہ سون کي چيو ويو تہ يوسف مري جنهن کي هتان جي پوليس يار محمد مير جت وانگر ڏاڙيل ناهيو آهي جڏهن تہ هو بہ هڪ پورهيت هيو ۽ ن جا ٻيا مٽ مائٽ ۽ غريب مزدور جن جي گهرن ۾ پوليس هڪ نہ ٻي ڀنهن زوري کهڙي ڇڏي وڃي جڏهن يوسف مري جي پوياڻن ويندي هنن کي ب ٽر لکي جو جو پوليس کي ڏاڙيلن جا ناءُ ٻڌائيندا هلي ي ڏاڙيل يوسف مري کي ايس پي طرفان گرفتار ڪرڻ جي تہ ڏاڙيل سف جي ذريعن چيو تہ هو ميرپورخاص جي هٽ تي ڪنهن ايماندار ايس ن پي ساڻ اڪيلي سر ملاقات ڪندو يعني ون تي ون ملاقات ڪندو.

منهنجي اها ڳالهه ٻڌي ميرپورخاص جو نام نهاد ايماندار ۽ بهادر پوليس آفيسر ڏکڻ لڳو اها آهي هن جي بهادري. هي رڳو غريبن کي ستائڻ لاءِ دلير آهن ۽ جو جو انهن کي خبر آهي ته غريب ڪوناڪا هٽين خالي پر امير شريف ماڻهون آهن پوليس جو.ظلم برداشت ڪري به چپ ڪري ويهندا ته شايد ميرپورخاص جي گهٽيا درجي جي بيوقوف ۽ اڻپري ۽ هٽ ٿوڪڻي ايماندار ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير احمد شيخ کي شايد ار ڳالهه جي خبر نه آهي ته ان بددياڻت ۽ عوام آزار عوام دشمن جي نماز جي خدا وند ڪريم کي ڪا ضرورت نه آهي. جڏهن ته لکين ۽ ڪروڙين فرشتا خدا جي حمد ۽ ثنا ۾ ڏينهن رات مشغول آهن جيڪڏهن اها نماز خدا جي قهر کان بچائي سگهي ها ته شيطان کڏهن به ملعون ڪو نه سڏائي ها ان سبب جي ڪري ۽ هن ڌرتي جي چپي تي خدا جي وحدانيت ۾ سجدا ڪيا هيا ليڪن خدا وند ڪريم کي غرور ۽ تڪبر بلڪل پسند نه آهي. اڄ ڪلهه غريبن جو دشمن ڊاڪٽر امير احمد شيخ ان غرور تڪبر ۾ آهي ته هو نمازي آهي لهذا هن کان پڇاڻو ڪو نه ٿيندو ته ا سلسلي ۾ مان ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر کي ان ڳالهه کان آگاهه ڪر ضروري سمجهنديس ته ان جو غرور ۽ تڪبر شيطانيت جي دائري ۾ نه اچي.

گذريل اڇر تي مورخه 20-1-2002 تي جڏهن مان ان غريب ام پسند ڪوناڻي يار محمد ميرجت جنهن کي پوليس جي وردي ۾ هڪ ڊاڪو ڊازيل اي ايس آئي تاج محمد پيي حسين مغل ولد محڪم الدين کان ڏهه هزار روپيا رشوت وٺي ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر جي ڪيبن ۾ ٿوڪيو فريادي بيهاري ايماندار سڏائيندڙ ڊي او کي بيوقوف ٿاهي

گوناٹي تي ايف آئي ار داخل ڪري گرفتار ڪرن جو حڪم ورتو جڏهن ته ان فريادي کي سڏو فرياد لاء ٿاڻي تي وڃن ڪيندو هيو جي ايف آئي ار داخل نه ٿئي ها ته پوء هو مغلن جي طرز تي ناهيل دربار م اچي ها ته هن جي ايف آئي آر بدمعاش اي ايس آئي تاج محمد پيو داخل نه ٿو ڪري تاج محمد پيو جيئن ته وڏو ڏوهاري آهي ان هن ڏوهه م پان سان ڪڏ ڊاڪٽر امير احمد شيخ کي شامل ڪري هو پان کي آجو ڪرن لاء يار محمد جي مائٽن کي اهو ٿو چوي ته هو يار محمد کي گرفتار نه پيو ڪرن چاهي پر ايماندار ڊي پي او جي چون تي گرفتار ڪيو آهي اهڙي طرح هي هڪ غريب ۽ بيگناهه انسان کي پڪڙي اهي پوليس جا بدمعاش آفيسر اهو ٿا چاهين ته اهو پورهيت هر ڇڏي بندون هٿ م کي ڏاڙيل ٿئي جڏهن ته اسان اهو نه ٿا چاهيون جڏهن مون غريب قيدي جي پيء جي اکين م ڏٺو ته هن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هيا اهو مظلوم ۽ غريب انسان جا وهندڙ ڳوڙها ڏسي مون کي ڏکني ولي وڃي ته ڪٿي خدا جو قهر نه نازل ٿئي مون ان غريب ولي محمد جا ڳوڙها اگهيا ۽ کيس تسلي ڏني ته گهبراء نه ان کي انصاف وٺي ڏيڻ لاء سڄو جي هاء ڪورٽ جو در کڙڪائيندس اهو ئي سبب هو جو ان غريب قيدي جي غريب پيء کي مورخه 21-01-2002 تي عدالت عاليه وٺي ويس جتي ميرپورخاص جي عوام دشمن عدار گهٽيا درجي جي ڄج ڏاڙيل اي ايس آئي تاج محمد پيي ۽ ان جي سرپرست ڊي پي او ڊاڪٽر امير احمد شيخ کان علاوه سانگهڙ پوليس جي خلاف هڪ اثيني پٽيشن داخل ڪئي جو جو اسان کي ان ڪاڻ جو ڊپ آهي جو ڏاڙيل جو ساتاري اي ايس آئي ڄج محمد پيو ان غريب هاري کي سانگهڙ پوليس جي حوالي ڪري جون ڌمڪيون ڏني رهيو آهي

چاڪان جو هن وقت سانگهڙ ضلع جي سموري تالڪن ۾ پوليس جي وردي ۾
ڏاڙيل ويڙهيل اهن ۽ مار محمد ميرجت جي ٽي يعني سانگهڙ جي ڪنهن به
تالڪي ۾ پهچندي هن ٽي ٻي ٻاهه تشدد ڪيو ويندو ۽ ان تشدد جي رد
عمل ۾ هڪ مسڪين پورهيت جي ڏاڙيل ٽهڻ جو عمل جوڙو ڪندو ڏس
ٻيوقوف ايس پي ڊاڪٽر امير احمد شيخ تنهن جي ٻيوقوفي بدبختي ٻي
شرمي ۽ ٻي حيائي جي ڪري هڪ غريب ڏاڙيل ٺاهيندو ۽ جيڪڏهن يار
محمد ميرجت ڏاڙيل ٻيو ۽ ان جي تمام ذميداري ميرپورخاص ضلع جي
هٿ نوڪڙي ايماندار پوليس افيسر ڊاڪٽر امير احمد شيخ تي عائد
ٿيندي ڇو جو وردي ۾ ڏاڙيل اي ايس آئي تاج محمد ٻيو اهو بيان ڏنو
آهي ته هن غريب پورهيت يار محمد کي ميرپورخاص جي ڊي ٻي او
ڊاڪٽر امير احمد شيخ جي حڪم تي گرفتار ڪيو آهي.

هاڻي اچون تا مينهن جي چوري جي طرف ته يار محمد ميرجت
خود علائقي جو هڪ ٻيو زميندار آهي جنهن کي پنهنجي سٽر ڪمار لاء
ٻڌي جو هڪ ٽڪرو آهي هن خود وٽ چار مينهون آهن ۽ هن جي ٻي ولي
محمد وٽ ست مينهون ٻيون آهي سپ مون سپ پوليس جي بدمعاسن جي
ور چڙهي ويون جو هو ڏينهن پوليس جي ظرف هرو ڀرو ڪا ڳالهه ٻڌڻ ۾ مينهن
وڪڻي پئسا ڏيڻي هي امن پسند گوٺاڻا پنهنجي ۽ پنهنجن جن جي زندگي
بچائيندو رهيو هتي وٽ جيڪ آخري ٽونجي ٻڌي ته مير پورخاص جو تمام
ٽهاڏ ڊسٽرڪٽ پوليس افيسر ۽ پوليس جي وردي ۾ ڏاڙيل اي ايس آئي
تاج محمد ٻيو وڪڻائي چڏيندو ۽ هي غريب پورهيت جڏهن ضلع ڪنڪال
جي وڏا ٽ پوليس ۾ پڪ ۾ ڦاسڻ جي ڏڪ ڏڪ ڏڪ سچو خاندان
اهل ڏوهارن ۾ شمار ٿي ويندو جو بعد ۾ هتي جي ڊپٽي ڪمان پوليس ح

اهي بي شرم بي حياء بدذيانت آفيسر ڪندا وٺندا هئن ڪي لڪن جي جاءِ ڪو نه ملندي جهڙي طرح اهي پوليس آفيسر هڪ ڏاڙيل جنهن جو نالو يوسف مري آهي ان جي پو کان ڏڪن ٿا.

اسان اهو سمجهندا هئاسين نه ميرپورخاص جو موجوده ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير احمد شيخ هڪ ايماندار پوليس آفيسر آهي ۽ هي ڪنهن به صورت مر بدمعاش دلن پڙون ۽ ڏاڙيلن قسم جي پوليس آفيسرن کي ٿانن تي مقرر نه ڪندو پر اها اسان جي خام خيالي هئي ان جاڻي واڻي سڀ بدمعاش دلا پڙوا ۽ غندا چونڊي چونڊي ٿانن تي مقرر ڪيا آهن جيڪي غريبن جو ماس پٽي ايماندار ڊي پي او جو پيڇا پرين ان ڊي پي او پنهنجي پيٽ پرن لاءِ رشوت وٺن جو طريقو ڦيرائيني ڇڏيو آهي هي هر هفتي هڪ دربار ڪوٺائي ميرپورخاص جُي شريف ۽ سادي عوام کي بيوقوف ٺاهي رهيو آهي ۽ پنهنجي لئه ۽ آڪڙ ڏيکارڻ ٿو چاهي جڏهن ته هي ايترو نه بزدل آهي جو اڪيلي سر شهر يا ڦهراڙي مر انهن وردي پاتل بدمعاشن جي لوڏ کان علاوه اهوئي ڪلي ڪچهري ڪري ڏيکاري نه اسان مجنداسين نه هي واقعي ايماندار پر هي ايماندار نه آهي هي غريب مائهن جي اکين مر ڌوڙ وجهن لاءِ هر هفتي چند ڪلاڪن لاءِ آفيس مان نڪري عوام سان ملي حو دراما ڪري سڄو ڏينهن وڏن مائهن سان آفيس مر چائهيون پيئن ۽ ڪچهري ڪرڻ مر پورو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پوليس جا سپاهي هن جون ڏاهون ڪندا آهن نه هي انهن سان بي انصافي ڪري رهيو آهي . هو غريب سپاهي ڏب جي ڪري ڪنهن کي شڪايت ڪو نه ٿا ڪن هڏن اڄ ڪلهه جو نرعون ٽيل ڏي پي او هئن جي نوڪري ختم نه ڪري چڏي. وڏي ڪالهه اها آهي نه ان نااهل گهٽيا درجي

ء ايڊيري ڊي پي او ڊاڪٽر امير احمد شيخ کي انهن اسٽاف پوليس وارن ۽ آفيسرن جي خبر نه آهي. جيڪي پکيڙ مان پورت نه ٿين ڪري ڊيوٽي کان ٻوڙ. وردي لاهي سلجو ڪڻي بجري ۽ ريتي جي ٽرڪن تان ريتي بجري لاهيندا آهن ۽ اهڙا ئي شريف پوليس آفيسر ۽ سپاهي ميرپورخاص جي پوليس ۾ موجود آهن ليڪن اهي هن ڊي پي او کي نظر نه ٿا آڻن جو جو رشوت جي پئسي هن کي انڊو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هن وقت هي رڳو هوا ۾ تير ڦٽي رهيو آهي.

اڇو ته مان اوهان کي نام نهاد ايماندار ڊاڪٽر امير احمد شيخ جي بي ايماني لاپرواهي ۽ لاغرضي جي هڪ مثال ڏيان. مون انهي کلي ڪچهري ۾ ان هٽ نوڪئي ايماندار ايس پي کي درخواست ڏني ٽ بادشاهه خان پنهنجي نالي هڪ غندي مون تي قاتلاڻ حملو ڪيو آهي ۽ ان تي اقدام قتل جي ايف آءِ آر ۾ داخل آهي ۽ هو مون کي وڌيڪ ڏمڪيون ڏيئي رهيو آهي ۽ ڏينهن ڏٺي جو پوليس جي سامهون گهمي ڦري رهيو آهي. ليڪن ان کي ايس ايڇ او ٽائون پنهنجي بالا آفيسر جي حڪم جي باوجود گرفتار ڪو نه ٿو ڪري جو هو سمجهي ٿو ته ان جو آفيسر ڊاڪٽر امير احمد شيخ هڪ گهٽيا درجي جو بيوقوف ماڻهو آهي ۽ اهي اڃا سڀا حڪم جاري ڪندو رهندو آهي. جو جو ايس ايڇ او کي خبر آهي ته جيڪڏهن هو بادشاهه خان پنهنجي غندي کي گرفتار ڪندو ته ڊي آئي جي جمال شاهه جيڪو بادشاهه خان جو ناڪ آهي اهو هن جي ڪل لاهي ڇڏيندو. جڏهن ته غريب هاري جي خلاف فوري ايف آءِ آر داخل ٿئي ٿي ۽ فوري گرفتاري ٿئي ٿي ڇو جو ٿو غريب آهي ۽ پوليس هن کي گرفتار ڪري لاءِ رشوت ورڻ آهي. ميرپورخاص جي نام نهاد ايماندار پوليس


آفيسر ڊاڪٽر اميد احمد شيخ جي ڪن ڪرتوتن کي جلد ئي واڪو ڪيو ويندو ته هو ۽ ان جا حامي ڪهڙي طرح سرڪاري گاڏين جو ٻل پيٽرول تا پين ۽ ڪيئن گاڏين جا ٽائر ۽ پرزا ڪائي تا وڃن مان ميرپورخاص جي بددياڻت ايس ايس پي کي چئلينج ڪيو ڏيان ته ميرپورخاص جي معزز شهرين جن جا نالا مان ٻڌايان ٿو. هر هڪ چوڌري محمد اسلم زميندار. مسٽر دوست محمد ڪولاچي وڪيل. مسٽر روچيرام وڪيل. مسٽر چوڌري جاويد وڪيل تي مشتمل هڪ ڪاميٽي ناهي وڃي ۽ اهو چوري جو ڪيس انهن جي روبرو پيش ڪيو وڃي. چاڪاڻ جو هن وقت اسان کي پوليس تي بلڪل اعتماد نه آهي ۽ جيڪڏهن اها ڪميٽي يار محمد کي چور ثابت ڪندي ته مان ضلع ميرپورخاص جي عوام ۽ پوليس سان واعدو ٿو ڪيان ته مان ضلع ميرپورخاص هميشه هميشه لاءِ ڇڏي ويندس ٻي صورت ۾ جيڪڏهن يار محمد ولد ولي محمد ميرجت شريف محب وطن ۽ امن پسند قانون جو پابند ثابت ٿيو ته پوءِ موجوده ايماندار سڌائيندڙ ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر اميد احمد شيخ کي هر حالت مان ضلع بدر ٿيڻو پوندو ۽ ان غريب پورهيت يار محمد تي جيڪو تشدد ڪيو تائي ۾ ذاڻيل اي ايس آئي تاج محمد ٻيي ڪيو آهي. ان غريب جي پي. جي اکين مان جيڪي ڳوڙها وهيا آهن انهن جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي ۽ جيڪڏهن ميرپورخاص ۾ ڊي پي او اهو ڪم نه ڪيو ته مان هن کي خدا جي قهر کان ڊيڄاريندس ۽ ان کي اهو ٻڌائڻ چاهيندس ته ان جو سڄو خاندان انهن غريبن جي آهن ۽ ڳوڙهن ۾ اٿين وهي ويندو جيئن ڪڪ دريا ۾ وهي ويندو آهي. ڊاڪٽر اميد احمد شيخ ياد رکجان ته اڄ نه ته سڀاڻي توکي مڪافات عمل کي منهن ڏيڻو پوندو. جنهن جي هاڻي ڪان تياري

٠ ڪري جڏ جو جو تو غريب هارين سڀن تاانصافي ڪري انهن کي رت رڙايو اهي ۽ پڇجي قيامت ڪاري ڪري جڏي اهڙن ظالمن خدا جي قهر جو انتظار جڙ جيڪو تو تي جلد ئي نازل ٿيندو.

امان الله سومرو

ايڪنائيزر

قبلي بجاڻو فورم سرپور ماڻ



لبڪ جي استاد جو نيائو محترم علي نواز سومرو.



بختاور مومرو

جيڪڏهن ڪنهن جو رڻوئي لاهٽو آهي تہ پوءِ اهو تہ وقت تي سگهي ٿو ان سان پوليس ئي عوام جي ڪابہ خدمت نہ ڪري سگهي ٿو پوليس جي خلاف اڳ ۾ ئي غلط تاثر آهي ان کي هوا ملي سگهي ٿي ساڻ اوهان جي اڃ ڪان پوءِ اوهان جيڪي شاندار ڪارنامہ انجام ڏيئي رهيا آهيو اسان کي ان جي نجوبي ملي آهي ڇو جو اسان جنهن کي دوست سمجهندا آهيون ان جي هرطرح جي مدد بہ ڪندا مون کي اوهان جي سلامتي صحت ۽ عزت جو هر وقت خيال هوندو مونکي هڪ بن پوليس جي سائين ٻڌايو تہ اوهان کي ڪجهہ منافق ماڻهو Misguide ٿا ڪن اوهان اڃا نوجوان آهيو جئين جئين اوهان جو تجربو وڌندو انهن منافقن جا چهرا اوهان جي سامهون ڇتا ٿي ويندا جنهن جي آخر اوهان کي درخواست آهي تہ هن واقعي جي تحقيقات ڪرائيندا ۽ سڀني ٿاڻن جي انچارجن کي حڪم ڏيندا تہ رستي ويندي ڪنهن بہ خوان عورت کي بناهہ ڪنهن ڏوهہ فرياد ٿاڻي تي نہ آندو وڃي ڇو جو انين ڪرڻ جيڪڏهن ڪا لاچار مجبور عورت اهڙي طرح ٿاڻي تي آندي ويئي تہ اها ڪابہ مدد ڪونہ ايندي ۽ هڪ غريب عورت جي گهر ۾ فاقہ ڪشي ضرور ايندي ڇو جو لاچار ۽ مجبور عورت پنهنجن ٻچن جو دوزخ پرڻ لاءِ اهو ڏندو مجبورن ڪندين وري ڪابہ ماءُ پيئن ڪا بہ زال اهڙو ڏنڊو ڪونہ ڪندي ڇو جو مون ان ڪرمنالاجي تي وڏي تحقيق ڪئي ۽ مان ان سبجيڪٽ تي Pill ڪرڻ ٿو چاهيان جنهن جي وري آخر ۾ اوهان کي درخواست آهي تہ ان معاملي تي وڏو غور ڪيو وڃي.

فقط اوهان جو ساڻي

امان الله سومرو وڪيل

سرپور خاص.

ڪجهه ته شرم ڪريو
ميرپورخاص ڊسٽرڪٽ جيل جو
انتظام منهنجي حوالي ڪيو

دوستو ۽ ساٿيو!

مان اوهان کي وڏي افسوس سان ان ڳالهه کان آگاهه ڪرڻ ٿو چاهيان ته ڊسٽرڪٽ جيل ميرپورخاص ۾ قيدين تي تشدد جي انتها ٿي وئي آهي ۽ ان بي جا تشدد جي ڪري ڪيترا ئي قيدي مري ويا آهن.

اڄو ته مان اوهان کي جيل جي جلاد ۽ بدمعاش غنده ٽائيپ جيل جي آفيسرن ۽ سپاهين جو تعارف ڪرايان هن وقت ميرپورخاص جيل ۾ ڊيوٽي ڪاتي جو ڊي ايس جي عهدي جو آفيسر جنهن جو نالو عابد قائم خاني اهي بحيثيت جيل سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيل آهي۽ اهو ئي هن وقت جيل جو ڪرتا ڏرتا آهي جڏهن هي جيل جو سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيو هيو ته مان هن سان جيل ۾ ملڻ ويو هوس هن مونکي ٻڌايو ته هو جيل جي قيدين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪندو اهو ئي سبب هيو جو اسان به هن سان تعاون ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پهرين سٽ پنجاهه ڪمبل بطور عطيه ڏنا ته اهي ڪمبل جيل جي قيدين ۾ ورهايا وڃن ليڪن هنن اهي ڪمبل پنهنجن خاص ماڻهن ۾ ورهائي ڇڏيا ۽ ڪجهه پاڻ ڪنيا ڇاڪاڻ جو انهن ڪمبلن جي متعلق بدنام زمانه جيلر لياقت پيرزادي چيو ته جيستائين ٽي سو ڪمبل نه ايندا هي پنجاهه ڪمبل قيدين ۾ نه ورهائيندو. بهرحال جيل جي انتظاميه جي بددياڻتي ڪلي سامهون اچي وئي.

موجوده جيل سپرنٽنڈنٽ ء ان جا منظور نظر واردن ايترا تہ گھٽيا
درجي جا ٽيچ اھن جو ھو قيدين تي ان کپري تشدد ڪندا آھن تہ قيدي
نھن کي ڪٽائن ۽ پٽسا اڻي ڏين نہ تہ ھي قيدين جي ڪل لاھي ڇڏيندا. اھو
ي سبب آھي جو قيدي پنھنجن عزيزن ء مٽن ماٽين کي خط لکندا آھن تہ
ي پين جو ڏاڍ وڪٽو ڪھر جو ٻيو سامان وڪٽو جي نہ تہ پنھنجي عزت
ڪٽي جيل م پٽسا موڪلو ٻي صورت م ان قيدي جي لاش جيل خاني
ي ڪنھن ڪند م ٻني ھوندي اڇڪلھ موجوده جيل سپرنٽنڈنٽ عابد قائم
اني پنھنجي ليکي وڏو نيڪ ء پرھيزگار ٻڌيو ويندو آھي. جڏھن تہ ھي
ليس کاتي جو بدنام زمانا ء گھٽيا درجي جو ناڪاره ء نا اھل ماڻھون
ي جنھن کي قيدين جي نفسيات ء جيل جي ماحول جو ڪجھ تجربو نہ
ي ھن کي رکو پٽسا کپن پوء اھي ڪھڙي ٻ طريقي سان ڇو نہ ملن.

دسٽرڪٽ جيل ميرپورخاص جيڪي لاء انگريزن جي وقت کان ھک
ي ايراضي 50 ايڪڙ جرواري شاخ جي پرسان آھي جتي قيدي زمين
کيندا ھيا اڇڪلھ اتي پوک بند آھي ڇو جو جيل جي زمين جو پاڻي ٻ
وت خور جيلر عابد قائمخاني وڪٽي ڇڏيو آھي. اٽلندو جبل جي زمين
جتي لکن روپين جا سوين شيشم جا وڻ ھيا اھي ٻ بدنيت عوام دشمن
نٽنڈنٽ عابد قائم خاني وڪٽي کاتي ويو آھي اڌ رقم پنھنجي کيسي
ڏي اھي ء اڌ رقم پنھنجي آقا رٽائرڈ ريڪيڊيئر نثار احمد مھر جي
ن تي ھٽي آھي تہ جيڪڏھن ھن جي خلاف ڪا ٻ شڪايت ٿئي ٻ ان
ڪا ٻ ڪارواٽي نہ ٿئي ء اھو ئي سبب آھي جو ھک فوجي آفيسر جيل
مھتر اعليٰ مقرر ٿين کان پوء پنھن جو پيٽ پرن لاء ء ملڪيتون ناھن
نيل جي ظالم بدمعاش ھٽلر ء مسوليني قسم جي ماڻھن کي

حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ مقرر ڪيو ويو آهي جيئن هو وڌ ۾ وڌ قيدين جون ڪلون لاهي انهن کي وڪڻي انهن مان هن کي ڇڏيا ڏين ان کان وڌيڪ ڏڪ جي ڪهڙي ڳالهه ٿيندي جو قيدين جو جيڪو پٽو يعني راشن ملندو آهي اهو هي سپرنٽينڈنٽ پنهنجي پارن پڇن سميت قيدين جون مانيون کائي ويندو آهي ۽ اهڙي طرح قيدي بکيا رهجي ويندا آهن هن بدبخت انسان جي جيل آفيسر مقرر ٿيڻ ڪري قيدي ڪيترا پريشان آهن ان جو اندازو اوهان صاحبن کي ڪونه ٿيندو ان لاءِ جو اڇڪلهه جيل جو ظالم جوني سپرنٽينڈنٽ عابد قائم خاني ميرپورخاص جي شرفا قسم جي ماڻهن کي جيل جا دورا ڪرڻي اهو تاثر ڏيڻ ٿو چاهي ته هي وڏو ايماندار آهي ۽ قيدين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي هي هڪ نمبر جو ڪوڙو ۽ فراڈي ماڻهون آهي جنهن جو سڀ کان وڏو ثبوت اهو آهي جو قانون جي مطابق صبح جو سڄ اپرڻ کان هڪ ڪلاڪ پوءِ جيل جون تمام ٻيرڪون ۽ ڪوليون کولينديون آهن جيئن قيدي ٽوروٻيشاب ڪن ۽ سڄ جي روشني حاصل ڪن ليڪن هن بدديانت پوليس جي بدنام زمانه آفيسر عابد قائماڻي انهن غريب ۽ لاچار ۽ بي بس قيدين کي جووهه ڪلاڪ ڏڻن جسمن ۾ بند ڪري جيڪا انسانيت جي توهين ڪئي آهي ان جو اندازو انهن انسانن کي ٿيندو جيڪي حوالي جيل ۽ رهب هجن يا تشدد برداشت ڪيو هجي.

هاڻي اچون ٿا جيل جي بين معاملات جي ته جهان ڏسو ته قيدين جي لاءِ راشن هي جيل جا سپرنٽينڈنٽ آفيسر ۽ وارڊن ملي ڪري کائي ٿا وڃن ته وري بي طرف قيدين سان ملاقات لاءِ آيل قيدين جي مٽن مائٽن کان جيستائين پئسا نه ٿا ملن ملاقات ئي ڪو نه ٿا ڪرائين. ان ڪري انهن

هون غليظ ۽ گنديون حرڪون ڏسي انهن جي خلاف ميرپورخاص جي
سٽرڪٽ ۽ سيشن جج کي درخواست ڏني ته قيدين کي گهٽيون شڪايتون
آهن . جنهن ۾ ملاقات. کڏو. پيتو ۽ مار موچڙو ڪري رشوت وصول
ڪرن منهنجي ان درخواست تي سيشن جج مون کي ۽ سپرنٽينڈنٽ
سٽرڪٽ جيل ميرپور خاص کي نوٽيس جاري ڪيا. جڏهن مان ان نوٽيس
ي اتي پهتس ته مون ڏٺو ته عابد قائمخاني پاڻ ۽ هڪ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ
سان گڏ سيشن جج ميرپورخاص جي روبرو پيش ٿيو. اتي سيشن جج هن
کي خوب داڍا ڏنا. سيشن جج ايتري تائين جيل سپرنٽينڈنٽ کي چيو ته هو
ٿو بازي ڪرڻ لاءِ پاڻ سان گڏ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ کي وٺي آيو آهي. ان
وقت جيل سپرنٽينڈنٽ جي حالت ڏسڻ وٽان هئي. ليڪن وري ساڳي
درخواست تي بي شنوائي جي مهل ان معاملي تي ته قيدين جون بئرڪون
قانون مطابق ڏينهن جو کوليون وڃڻ قانون مطابق شام جو بند ڪيون
وڃن ته ان تي جيل سپرنٽينڈنٽ سيشن جج کي چيو ته جيڪڏهن هو ڏينهن
جو بئرڪون کولينڊو ته قيدي جيل جو ديوارون ٽپي پڄي ويندا سيشن جج
جي اکين ۾ دوڙ وجهڻ جي برابر هيو جڏهن ته اڄ تائين ڪوبه قيدي
نهنجي سر جيل جون ڀتيون ٽپي پڄي ڪو نه ويو آهي انگريزن جي دور ۾
صرف هڪ قيدي رحيم هنگوري جيل جي پٽ ٽپڻ جي ڪوشش ڪئي هئي
هو به ڪامياب نه ٿي سگهيو جڏهن ته اڇڪلهه ايڏي وڏي سيڪيورٽي جي
هوندي قيدي جو جيل مان بچڻ وڏي حماقت هوندي به ڊسٽرڪٽ جيل
ميرپورخاص جون هي بئرڪون سڄو ڏينهن ان ڪري بند رکندو آهي جو هي
قيدين کان نفرت ڪندو آهي ۽ پنهنجي نااهلي تي پردو وجهڻ لاءِ قيدين کي

سردين ۽ گرمين ۾ غير قانوني طورتي چوويهه ڪلاڪ تالن ۾ بند ڪري رکندا آهن.

اسان عدليه کان بلڪل مايوس ٿي چڪا آهيون ته هو ڪا قيدين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ سوچيندي عدليه جي حالت هڪ اهڙي بي جان لاش جهڙي ٿي ويئي جنهن کي چوطرف مکيون چنبڙي ويون آهن اڄ ميرپورخاص جو سيشن جج رشوتخور جيل سپرنٽينڈنٽ عابد قائم خاني جي ان سان تال سان تال ملائي چوي ٿو ته قيدين جو ٻڌڻ کان ڪنڌيون چاڪان جو قيدي پڇي ويندا اتان ئي برائي شروع ٿي ٿئي چاڪان جو ضلعي جي سڄي انتظاميه ۾ سيشن جج ئي آهي باقي سڀ افيسر اهي جيڪو جيل جي آفيسرن جي ڪل سڌي ڪري سگهي ٿي. ۽ جڏهن عدالتي آفيسرن جي منڪر ڪنهن وڃي ٿي ته هو قانون اخلاق کي وساري پنهنجي من ماني شروع ڪري ٿو سان آهي هڪ سان ٻه چوڻ ۽ دعا ٿو ڪريان ته قيدين تي تشدد ڏاڍ جو سلسلو ڏينهن ڏينهن وڌيڪ وڌندو رهي ۽ رشوت خور جج آهن. جيڪڏهن جج امانتدار ٿي وڃن ته جيل جي آفيسرن جي ايتري جرئت ٿي نه ٿيندي جو عدالتي تحويل ۾ امانت طور رکيل قيدين تي تشدد ڪن ليڪن بدديانت عوام دشمن رشوت خور ججن جي ڪري جيل جا آفيسر جلاد ۽ هٽلر ٿي وڃن آهن اهو ئي سبب آهي جو اڄڪلهه سڄي جيلن مان لاش نڪرڻ جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو آهي.

تازو ئي ميرپورخاص ڊسٽرڪٽ جيل جي سپرنٽينڈنٽ عابد قائمخاني پئسن ڪمائڻ لاءِ قيدين جي نالي ميرپورخاص جي شرفا کان چندو وٺڻ شروع ڪيو آهي جنهن ۾ قيدين لاءِ دوائون خريد ڪرڻ کان علاوه قيدين جي رهائش لاءِ بيرڪن جي تعمير ڪرڻ لاءِ. ليڪن روپيه وٺي

جكو آهي جيكي پئسا هوخود بہ كائي رهيوآهي تہ وري پنهنجي حالي موالي پئداگيرقسم جي ماڻهن جو منهن بند كرڻ لاءِ بظور هڏي ان پئداگيري جي رقم مان حصہ پتي ڏيئي وڏي مزي سان مليل رقم هضم كري ويندو آهي. جيل سپرينٽيڈنٽ جي نا اهلي جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي ٿا سگهو تہ حكومت جي طرفان ڏنل هك نوزكي پك اپ جي سنبال كري نہ كري سگهيو آهي جيكا پگل تنل حالت ۾ جيل جي دروازي جي ٻاهران بيٺي بيٺي سڙي ويئي آهي اهو ماڻهو بہ سوء قيدين جيكي انسان آهن انهن ۽ فلاح بهبود لاءِ ڇا سوچيندو هاتي اوهان چوندو تہ مون انهن جو سڃو كچو چٺو كولي ڇڏيو آهي آخر ان جو حل ڇا آهي قيدين جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڇاكرن گهرجي تہ مان ايترو عرض كندس تہ ميرپورخاص ڊسٽركٽ جيل جو سڃو انتظام منهنجي حوالي كيو وڃي تہ مان اوهان كي يقين تو ڏيارن جيكو مان ٻاڻ پنهنجن ٻچن كي كارائيندو آهيان اهڙي ئي ماني قيدين كي كارائيندس ۽ جهڙا كپڙا سان پائيندو آهيان اهڙائي كپڙا قيدين كي پارائيندس نہ صرف اهو بلكہ هر قيدي كي ان جي اهليت جي مطابق كم بہ فراهم كيو ويندو ان جي علاوہ پڙهيل لكيل قيدين كي كمپيوٽر جي جديد تعليم بہ ڏني ويندي ۽ جيل ۾ گهٽ ۾ گهٽ هك هزار كتابن جي جديد لائبريري قائم كرڻ كان علاوہ هر بئرك كي ٽي.وي. سيٽ مهيا كيو ويندو جئين قيدي دنيا جي حالات كان باخبر ٿي سگهن.

خاص ڳالهہ اها تہ آهي جيل‌كي باقاعدہ دارالصلاح بنايو ويندو ۽ قيدي كي روزمره جي خرچ لاءِ ويهہ روپيہ روز ڏنا ويندا جنهن مان تيل صابن ۽ ٻيون ضروريات زندگي جون شيون قيدي خريد كري سگهن.

آخر ۾ مان اها ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته مان ڪو جن يا پوت ڪو نه آهيان جو ماڻهون مون کان ڊڄن ٿا مان هڪ پڙهيل لکيل انسان آهيان بقول هڪ حساس اداري جي آفيسر جي ته آهي مانهون مون کان ان ڪري ٿا ڊڄن جو مان نه ته خود رشوت کائيندس ۽ نه ئي وري ٻين کي رشوت کائڻ ڏيندس ۽ جيڪڏهن هنن رشوت کاڌي ته مان ايترو ته لڙ ڪندس جو هڪ هلچل پيدا ٿي ويندي اهو ئي سبب آهي جو ضلعي حڪومت کان عوامي نمائنده ۽ سرڪاري انتظاميه جا آفيسر مون کي ڪم ڪرڻ ڪو نه ڏيندا.

بهرحال اسان مايوس ڪو نه ٿيا آهيون هڪ نه هڪ ڏينهن ايماندار ماڻهن کي به ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو ۽ اهو ڏينهن پري نه آهي جو جيل جي انهن رشوت خور بدمعاش ۽ غنده قسم جي آفيسرن ۽ رشوت خور ججن جو انجام تمام خراب ڏيندو اهو دنيا ڏسندي.

هينئر به وقت آهي ته سڌري وڃو پي صورت ۾ اوهان جي داستان به نه هوندي داستانن ۾.

امان الله سومرو

وڪيل ميرپورخاص

اسان کي پاڻي نہ آزادي ڪيئي ٿي

سنڌ جا رهواسيو!

مان وڏي ڏک ۽ افسوس سان اوهان کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته اسان جي ملڪ خصوصاً سنڌ جا سياستدان گمراهه ٿي ويا آهن ۽ هو سنڌين جي اصل مسئلي آزادي کي ڇاڻي واڻي نظر انداز ڪري رهيا آهن ۽ اهڙا ڪرتب ڏيکاري رهيا آهن جو انهن جي پاڻي جي حاصلات لاءِ هلايل تحريڪ کي ڏسي ائين ٿو لڳي جڻ هي سياستدان نہ بلڪ ڪنهن فلم جا اداڪار آهن ۽ ڪنهن فلم جي شوٽنگ ڪري رهيا آهن. بقول اداڪار مصطفيٰ قريشي ته پاڻي جي مسئلي تي فلم ناهجي. ان پاڻي واري فلم جي ڪردارن کي ڏسي اوهان کي خبر پئجي ويندي ته اصل حقيقت ڇا آهي.

اڄو ماڻ اوهان کي انهن سياستدانن جي چال ڪان واقف ڪيان ته سنڌي غلام هارين جي اصل مسئلي جيڪو آزادي آهي ان کي سبوتاز ڪرڻ لاءِ هي سڀ سياستدان ۽ انهن جا حامي مرد ۽ عورتون جيڪي لانگ مارچ ڪري رهيا آهن يا احتجاج ڪري رهيا آهن. اوهان جيڪڏهن انهن جي ڪردارن کي ڏسندو ته هي پاڻي لاءِ هلايل تحريڪ هڪ ڊونگ ثابت ٿيندي ۽ هي سڀ ڊونگي جن جا مرد ٽلها ۽ چربي سان ڀريل جسم صاف ستريون پوشاڪون پاتل انهن کان علاوه جيڪي عورتون انهن سان ان لانگ مارچ ۾ شامل آهن انهن تي منهن تي لڳل سرخي ۽ پائوڈر ۽ شامياني ۽ ڪرسين تي ويٺل ماڻهن جا ميڙ دانهون ڪري چئي رهيا آهن ته هي سڀ فراڊ ۽ ڏوڪو آهي هي سنڌ جي غريب غلام سنڌي هارين کولهين ۽ ڀيلن جي اصل مسئلي آزادي کان توجهه هٽائڻ لاءِ اهو هڪ اسٽريٽ شو آهي.

هاڻي اچو ته ٻورو انهن ماڻهن جو جيڪي پاڻي پاڻي جون دانهون ڪري رهيا آهن انهن جو جيڪڏهن ٻورو پوسٽ مارٽم ڪبو ته اها حقيقت عيان سندي نه هي جاگيردارن ۽ انهن جي حامي پنهنجي سياستدانن جو هڪ ٽولو آهي. جيڪي سنڌي غلام هارين کي جيڪو سنڌ جو اڪثريتي طبقو آهي انهن کي انهن جي جائز حقن کان محروم رکڻ لاءِ هڪ ڪنسي سازش ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي بالادست ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيا آهن. جڏهن ته انهن جي بالادستي جي قلعي ته ان وقت ظاهر ٿي پئي هئي جڏهن پوليس هنن کي بڊي اکيه سان جيلن ۾ بند ڪري چڏيو ۽ هي ڪجهه به نه ڪري سگهيا ۽ اها حقيقت به آهي ته سنڌي سياستدان ڪجهه به نه ٿا ڪري سگهن چاڪاڻ جو هي عوام دشمن ۽ غلام هارين جا دشمن آهن ۽ پورهيتن جا ازلي ويري آهن هي آهي ئي ماڻهو آهن جيڪي پنهنجي قوم جي ان جا جائز حق نه ٿا ڏين ۽ سندن زمينن تي ڪم ڪندڙ هارين کي انهن جي محنت جو جائز حق به نه ٿا ڏين. آهي ڪهڙي منهن سان پاڻي گهري رهيا آهن. جڏهن ته انهن جاگيردارن ۽ انهن جي حامي سياستدانن جو اڏاڻ جو پائيوار غلام هاري اڃا تائين ان مسئلي تي خاموش آهي. جيڪڏهن پاڻي اچي به ويو ته انهن غريب هارين کي ڇا ملندو اهو ئي وڏيرن جون ڪاريون ۽ پوليس جا موجڙا ان کان علاوه بک ۽ مفلسي.

اڄ سنڌي قوم جي نمائندگي ڪرڻ وارن سياسي ليدرن کي ڏسو هي ڪوڙا. منافق ۽ دوغلا اهل اوهان هنن جي رهتي ڪهڻي ڏسو ڪو ليدر ڪتن ۽ سوئرن کي وڙهائي مزو ٿو وٺي ته وري ڪو پلن ڪهوڙن جي تکي سواري ٿو ڪري ۽ پنهنجن هارين ڪمن ڪارين کي بکيو رکي پنهنجن ڪتن. گهوڙن کي ستت ۽ بادام ٿا کارائين ۽ هو سان وري منرل واٽر ٿا

پيٽن اهي پاڻي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويندا اهو ته وقت ئي بڌائيندو. ليڪن موجوده وقت ۾ انهن جا اخبارن ۾ آيل فوٽو ۽ انهن حرڪتون ڏسي ڪل ئي اڇي انين ٿو لڳي جن ڏيڏر کي زڪام ٿيو آهي.

سنڌ ۾ صرف هڪ ليڊر هيو جنهن جو نالو ذوالفقار علي ڀٽو هيو اهو سمجهندو هيو ته اصل مسئلو ڇا آهي ۽ ان ئي غلام هارين ۽ مزدورن کي زبان ڏني شعور ڏنو ۽ انهن کي آزادي جي هڪ نئين راهه ڏيکاري هئي اهو ئي سبب هيو جو ان وقت جي فوجي حڪومت کي ذوالفقار علي ڀٽي مان خطرو هيو ان ڪري ان کي قاسي ڏني ويئي هئي جڏهن ته هن وقت سنڌ ۾ هڪ به اهڙو ليڊر ڪو نه آهي جنهن کي هارين ۽ مزدورن جي حمايت حاصل هجي. هي اهي ئي هاري دشمن جاگيردار ليڊر ايئرڪنڊيشن گاڏين ۾ خود ته سفر ڪن ٿا پر پنهنجا ڪتا به ايئرڪنڊيشن ڪاڏين ۾ ڪٽي هلندا آهن اهو ئي سبب آهي جو موجوده فوجي حڪومت کي انهن مان ڪو به خطرو نه آهي.

انهن ليڊرن ۾ ايتري به اخلاقي جرئت ڪو نه آهي جو هو غلام هارين سان لفظي همدردي به ڪري سگهن ۽ اهو چون ته انهن سان ظلم ٿي رهيو آهي هي اها زباني همدردي ان ڪري ڪو نه ٿا ڪن جو هي خود پنهنجي قوم کي پوليس ۽ بدمعاشن جي ڏڍ تي غلام ناهيو وينا آهن ۽ سنڌي غلام رت جا ڳوڙها وهائي رهيا آهن پيءُ کان پٽ بندوق جي زور تي ڌار ڪيو ويو آهي ته وري قرض جي عيوض غلام هارين جي ڌيئ ۽ نهن کي نيلام ڪيو پيو وڃي. انهن ليڊرن جي ان کان وڏي ڪهڙي به حيائي ۽ بي شرمي ڪهڙي ٿيندي جو هو سنڌ جي آزادي جهڙي مسئلي تي ان پکي وانگر منهن واري ۾ ڏجهي رکو ٻاڻي پاڻي جون ڏانهون ڪري پنهنجو فرض پورو ڪري رهيا آهن جڏهن ته اهي منزل واٽر پيٽن وارا سياستدان

صرف ۽ صرف دنيا کي ڏيکارن لاءِ اوپيرا اسٽريٽ شو ڪري رهيا آهن جن جي هٿن ۾ مهندي منهن تي ٻاڏوڙ ۽ مٿن تي مٽ ۽ مردن جو هڪ پير پيجارو پرادو ۾ هجي اهي تحريڪ هلائي نه ٿا سگهن ۽ نه ئي لانگ مارچ ڪري ٿا سگهن ڇو جو لانگ مارچ ڪٿن روڊن تي نه پر ڪيٽ ۽ ڪليانن مان شروع ٿيندو آهي. لانگ مارچ ڪرڻ کو ٻارن جو کهيل ڪو نه آهي جان جي بازي لڳائڻي پوندي آهي. قيدي جيلن ۾ سڙي مري رهيا آهن هارين کي بکيو ۽ اڃيو ماريو پيو وڃي. ان اهم مسئلي تي انهن ليڊرن پنهنجو زبانون ان ڪري بند ڪري ڇڏيون آهن ڇو جو هنن استحصالي طاغوتي طاقتن سان سوديبازي ڪئي آهي ۽ ان سودي بازي ۾ جيڪڏهن هي سڄي جي عوام کي بيوقوف ناهن لاءِ هڪ ٻه هفتا جيل ۾ هليا ويا ته ان جو سڄي غلام هارين تي ڪو به اثر نه پوندو.

موجوده فوجي حڪومت جيئن ته روشن خيال آهي ۽ اها چاهي ٿي ته هارين کي انهن جا حق ملن ۽ وڏيرن ۽ جاگيردارن جون نجي جيلون ختم ڪري غلام هارين کي آزاد ڪري انهن جي آبادڪاري ڪئي وڃي جنهن لاءِ باقاعده فنڊ به رکيو ويو آهي. ليڪن سڄي جي غريب هارين جي دشمن جج جيڪي هاءِ ڪورٽ ۾ وينا آهن موجوده حڪومت سان حلف وفاداري کڻڻ جي باوجود حڪومت سان غداري ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجا فرض ايمانداري سان نباڻي نه رهيا آهن ۽ انصاف سان بي انصافي ڪرڻ وارن انهن ججن جي خلاف ٻاڻي ٻاڻي ڪرڻ وارا ليڈر هڪ لفظ به نه ٿا ڳالهائين. چاڪاڻ جو انهن کي غريب هارين جي آزادي سان ڪو به واسطو نه آهي هي رڳو پنهنجي سياسي چودهراهٽ برقرار رکڻ لاءِ دنيا کي اهڙا ڪلائڻ وارا ناٽڪ ڏيکاري رهيا آهن. اوهان صاحبن ڄاڻ ساڻي نالي هڪ ليڈر جو اهو بيان پڙهيو هوندو ته ان کي بينظير جي دور حڪومت ۾ هڪ

ڪم سونپيو ويو هو تہ هو جاگيردارن جي نجي جيلن تي ڇاپا هڻي غلام هاري آزاد ڪرائي اهڙن ظلم جي داستانن جون وڊيو فلمون تيار ڪري جيئن دنيا کي ڏيکاري سگهجي تہ پيپلز پارٽي جي حڪومت غريب پورهيتن لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ليڪن ان وقت جي هڪ چيف منسٽر سيد عبدالله شاهہ پنهنجن حمايتي جاگيردارن جيڪي اسيمبلي جا ميمبر هيا انهن کي بچائڻ لاءِ غلام هارين جي آزادي جهڙي اهم مسئلي کي ڪا بہ اهميت نہ ڏني ۽ ان مسئلي کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو. ڇ جيڪو سيد عبدالله شاهہ ۽ انهن جي حامي وڏيرن ۽ جاگيردارن جو جيڪو حشر ٿيو آهي اهو سڄي دنيا ڏٺو ۽ هو اڄ ڳولهيا بہ ڪو نہ ٿا لڀن.

هاڻي اهو وقت ويجهو اچي ويو آهي جو سنڌ جي سر زمين جاگيردارن ۽ وڏيرن جو قبرستان ثابت ٿيندي ۽ هر طرف آزادي جا نعرہ بلند ٿيندا ۽ دنيا ڏسندي ۽ ڏسندي ڇو جو اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪو بہ هٿيار ڪو بہ نہ آهي جيڪو ازادي جي گهر ڪندڙ آزادي جي متوالن کي ڪچلي سگهي ڇو جو آزادي انساني جو پيدائشي حق آهي. آخر ۾ مان انهن هٿ ٻوڪين سياسي ليڈرن کي صرف اهو ئي مشورو ڏيندس تہ پاڻي جي بچائي غلام سنڌين جي آزادي لاءِ جدوجهد ڪن جنهن ڏينهن بہ سنڌي غلام هارين کي آزادي ملندي ان ڏينهن پاڻي خود بہ خود اچي ويندو پوء جيڪڏهن ڪو سنڌين جو پاڻي روڪيندو ۽ ان جي سهہ رگ ڪٽي ڇڏيداسين تہ جيئن نہ رهي بانس نہ وڄي بانسري.

امان الله سومرو
وڪيل ميرپورخاص

قيدين جي آه وزاري ۽ ججن جي بي حسي ۽ بي شرمي

... جا رهواسيو!

اڄ مان سڄي ڄي لاپرواهه بي حس ۽ بي شرم ۽ عوام دشمن ججن جي خلاف دل کولي لکندس ڇو جو قيدين جون آهون ۽ دانهون پڌي منهنجي دل ۾ هڪ باه لڳل آهي ان دل جي باه کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ مان دل جي پڙاس ضرور ڪيندس ۽ عدليه جي بي حس ۽ بي شرم ججن کي انهن جي اصل شڪل ائينې ۾ ضرور ڏيکاريندس جو جو هي جج آدمخور ٿي ويا آهن مان به اهو ٿو چاهيان ته اهي جج منهنجي خلاف ڪارروائي ڪري مون کي جيل موڪلي ڏين جيئن ته مان جيل اندر جيل ۾ قيدين سان جيڪي عقوبتون ۽ بي انصافيون ٿي رهيون آهن جن کي ڏسي ۽ پڌي منهنجو رت ٿهڪڻ لڳندو آهي ۽ دل چوندي آهي ۽ انهن عوام دشمن ججن جيڪي قيدين کي انصاف ڏين جي بدران انهن کي ٻنوائي جون ڏگهيون تاريخون ڏيئي رهيا آهن. انهن جي منهن تي اهڙي ڪارنهن مليان جيئن هو دنيا کي منهن ڏيکارڻ جي قابل هي نه رهن.

اڄ مورخه 24-03-2001 تي جڏهن مان حيدرآباد جيل کان ميرپورخاص جي ڪورٽ ۾ ٻنوائي تي آيل قيدين سان مليس ته هڪ قيدي پڌايو ته ان کي جيل پنج سال ٿي ويا آهن ۽ جج ان کي ڪورٽ ۾ گهرائڻ جي بنا هر دفعه هڪ ڏگهي تاريخ ڏئي ٿو وڃي ان قيدي وڌيڪ پڌايو ته ان

جي خلاف نہ ته کو شاهد ٿو اچي ۽ نہ ئي فريادي پوء ڪهڙو سبب آهي جو ان کي بنا ڪنهن سبب جي جيل ۾ بند ڪيو ويو آهي.

ان قيدي مون کي روئي ٻڌايو ته ان جي هڪ ڏي جوان ٿي ويئي آهي ۽ هن جا ننڍا ننڍا ٻار آهن جنهن ڪوڙي ڪيس ۾ هن کي بيگناهه واڙيو ويو آهي جنهن جي وڏ ۾ وڏ سزا ٻه سال آهي ته پوء ان قيدي ڇيو نہ ڪهڙي قانون جي پنج سال بغير ڪنهن ڪيس علائن جي جيل ۾ رکيو ويو پيو وڃي ان جو جواب ته ججن کي ڏين گهرجي. مگر اسان جي ملڪ جا جج صاحبان بي حس. بي شرم ۽ ايترا ته مغرور ٿي ويا آهن جو توبہ نعوذ بالله هي هڪ قسم جا خدا ٿي ويا آهن جيڪي غريب ماڻهن جي تقدير سان کيڏي رهيا آهن مگر انهن ناهنجاز. بي حس ۽ بي شرم ججن کي ان ڳالهہ جي خبر نہ آهي ته ان بي انصافي جي خطرناڪ راند جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. مان ججن کي ان بي انصافي جي خوفناڪ نتيجن کان ضرور اگاهہ ڪندس.

در اصل ڳالهہ اها آهي ته اسان جا جج هڪ قسم جا عدالتي وڏيرا ٿي ويا آهن جهڙي طرح جاگيردار وڏيرو هارين کي پنهنجو غلام سمجهي بنا ڪنهن معاوضي ڏين جي ڪم وٺندو آهي اهڙي طرح هي وڏيرا جج اهو نہ ٿا سوچين ته جن غريب ماڻهن کي قيدي ٻڌيو ويندو آهي. سالن جا سال جيلن ۾ بند ڪري جج اهو عذر پيش ڪن ته فريادي ۽ شاهد ئي نہ ٿا اچن هو بيهودو جواز هڪ قسم جي عدالتي بدمعاشي آهي ان عدالتي بدمعاشي جو سنئون سڌو جوابدار جج آهي. اهڙن نيچ ۽ گهٽيا قسم جي ججن جي ذهنيت جي باري ۾ اوهان کي ٻڌائن گهرندس ته هڪ قيدي جي سلسلي ۾ جڏهن مان ميرپورخاص جي هڪ جج سان مليس ته هو مون کي

ڏمڪيون ڏيڻ لڳو ۽ چون لڳو ته هي ڪهڙو طريقو آهي جج سان ڳالهائڻ جو. ان ئي وقت ان بي ايمان عوام دشمن جج جي روبرو ان غريب قيدي جا وارث روئي رهيا هئا مگر انهن جي اکين مان وهندڙ ڏک جي ڳوڙهن کي اندهي جج ڏٺوئي ڪو نه اهي غريبن جا انصاف لاءِ وهندڙ ڳوڙها جج کي انهيءَ ڪري ڏسڻ ۾ ڪو نه آيا جو جج فرعون ٿي ويا آهن. انهن جو غريبن جي آه وزاري سان ڪو به واسطو نه آهي مگر انهن حرامخور يا مان ته چوندس بدمعاش ججن کي جن غريب انسانن کي يرغمال بنائي ڇڏيو آهي اڄ نه ته سڀاڻي جواب ڏيڻو پوندو ڇو جو هر ڪنهن انسان کي پنهنجي ڪئي جو ڦل پوڳڻو پوندو ڇاڪاڻ جو هر انسان کي مڪافات عمل کي منهن ڏيڻو پوندو آهي انهن غريب قيدين ۽ انهن جي ٻچن کي انهن لڇي قسم جي ججن دربدر ڪري ڇڏيو آهي اڄ خود انهن جي ٻارن جي زندگي جا ڏيئا گل ڪيا ڀيا آهن هاڻي ججن کي به مڪافات عمل جو سامنو ڪرڻو پئجي رهيو آهي. جسٽس نظام الدين ۽ ان جو قتل ۽ وري پوءِ هڪ عورت جج جي ٻن گلن جهڙن معصوم ٻارن جو جج ماءُ جي ڪچ ۾ قتل ان ڳالهه ڏي واضح اشارو آهي ته قدرت وٽ دير آهي اندير ڪو نه آهي. اڄ اهي ساڳيا ئي جج ڏانهون ڪري رهيا آهن ته ٻين جي حالت ڪهڙي هوندي. جڏهن گهر ۾ باهه لڳندي آهي ته پوءِ خبر پوندي آهي. جنهن ڏينهن به ججن غريبن جو احساس محسوس ڪيو ته پوءِ ڪا پلاڻي جي اميد رکي ٿي سگهجي. مگر اسان جي ملڪ جي ججن مان پلاڻي جي توقع رکڻ ٻيرن کان پير گهرڻ جي برابر آهي. جڏهن سيشن جج جي عهدي جو جنج جيڪو ڪنهن جي جان ونڊ جا اختيار به رکندو هجي جڏهن اهو رشوت خور ۽ بي ايمان ٿي وڃي ته پوءِ سمجهو ملڪ جو خدا حافظ آهي. اڄ پوليس ۽

شهر جي صفائي جي متعلق اهم پيغام
سيٽارجا جي شهرين لاءِ خوشخبري

دوستو ۽ ساٿيو!

مان سيٽارجا جي شهرين کي اها خوشخبري ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته مان ميرپورخاص مان لڏي سيٽارجا ۾ مستقل طور رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهو فيصلو مون چو ڪيو آهي جنهن جا به وڏا سبب آهن. هڪ سبب اهو آهي جو سيٽارجا جو شهر اهڙو شهر آهي جتي مون جنم ورتو آهي. معني سيٽارجا منهنجي جنم پومي آهي. ان کان علاوه منهنجن وڏن جا مڙهه هٽ سيٽارجا جي آس پاس دفن آهن ۽ هت انسان جا مال ۽ ملڪيتون به آن. ٻيو سبب پنهنجي ننڍي ڏي جنهن جي عمر 5 سال آهي ۽ هن جو نالو بختاور آهي ان کي سنڌي جي تعليم ڏيارڻ به اهي. جو سنڌي تعليم ميرپورخاص ۾ صرف نالي ماتر آهي. اهوئي سبب آهي جو مون پنهنجي ڏي کي سنڌي تعليم پرائمري لاءِ مهراڻ پبلڪ اسڪول سيٽارجا ۾ داخل ڪرايو آهي.

جيئن ته سيٽارجا منهنجي جنم پومي آهي. جنم پومي جا ڪجهه قرض هوندا آهن. مان اهي قرض لاهي ته نه ٿو سگهان پر حت الوسع ڪوشش ڪندس ته سيٽارجا يعني پنهنجي جنم پومي جي رهواسين جي خدمت ڪريان. مان اها خدمت ڪيئن ڪندس مان ان کان اوهان کي آگاهه ڪرڻ ضروري سمجهندس. جيئن ماڻهو منهنجي فلسفي کان آگاهه ٿي سگهن.

مان ميرپورخاص شهر ۾ وڪيل نوٽري پبلڪ ۽ اوٿ ڪمشنر ۽ اسٽامپ وينڊر هئڻ کان علاوه اتي شهر جي صفائي جو وقتاً بوقتاً انچارج رهيو آهيان. جو اتان جا اعليٰ عملدار جهڙوڪ مسٽر امتياز قاضي، مسٽر صلاح الدين قريشي ۽ مسٽر گل محمد عمراڻي صاحب جيڪي ميرپورخاص ڊويزن جا ڪمشنر رهيا آهن. صفائي جي سلسلي ۾ منهنجون خدمتون حاصل ڪندا رهيا آهن. ان دوران مون شهر کي صاف ڪرڻ جو ايڏو ته شاندار ڪم ڪيو جو ڪجهه ماڻهو جيڪي شهر کي صاف ۽ سٿرو ڏسڻ نه پيا چاهين جتي ماڻهو لڏ ۽ گوبهه کاڌي پيتي جي شيءِ ۾ ڪائيندا هيا جيڪو هوا ۾ اڏامي کاڌي پيتي جي شين ۾ پڻ پوندو هيو ته پوءِ لازمي ڳالهه آهي اهو ڪچرو هوا ۾ اڏامي ساهه جي ذريعي انسان جي جسم ۾ به ويندو هيو. جيئن ته مون کي شهرن کي صاف ڪرڻ جو وڏو تجربو آهي ۽ مون وٽ شهر کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جو مڪمل منصوبو آهي. منهنجي منصوبي ۾ وڏي خوبي اها آهي جو هن منصوبي تي وڌيڪ هڪ ٽڪو به خرچ نه اينڊو بلڪ شهر جي صفائي لاءِ رکيل رقم مان اگر ايمانداري ۽ خلوص سان ڪم ڪيو ويندو ته پنج روپيه بچي پوندا.

هاڻي اچو ته مان اوهان کي تفصيل سان ٻڌايان ته شهر جي صفائي ڪيئن ٿيندي آهي. ان لاءِ سڀ کان پهريون پنگڻ جي ڪن مهٽ ڪني ويندي ۽ پنگڻ کان ڪم وٺڻ جا به طريقا آهن هڪ آهي پيار ۽ ٻيو آهي پادر. مان سڀ کان پهريون ڪم وٺڻ لاءِ پيار جو طريقو استعمال ڪندو آهيان اهو آهي ان ڪلاڪ ڪم ڪرڻ ۽ پنهنجي پگهار کڻڻ ۾ ميرپورخاص شهر ۾ اها مصيبت هني جو اتان جا صفائي جا انسپيڪٽر ۽ ٻيا آفيسر في پنگي هر مهيني =/500 روپيه پتو ونندا هئا. اتي ٽي سو کن پنگي هيا جنهن کان هو لکين روپيه پتو وٺي کائيندا هيا. انهن کي پادر هٿي ڪم ڏسڻ ان کري ناممڪن هيو جو هن سان گڏ صفائي جا سڀ آفيسر ملوث هيا. ان کري پادرگشي مهل پنگي هڙتال جي ڌمڪي ڏئي انتظاميه کي ڊيڄارينداهيا. هت اها صورتحال مون کي ڏسڻ ۾ نه ٽي اچي. ته کو يونين ڪائونسل جا جمعدار پنگڻ کان پتو ونندا هوندا. هت صرف اهو آهي جو پنگڻ جي ڪم جي چڪاس بلڪل نه آهي.

اهوئي سبب آهي جو جيئن ته مون کي شهر کي صاف ڪرڻ جو وڏو تجربو آهي ان ڪري

سنهنجون خدمات رضاڪارانه طور يونين ڪائونسل جي معزز ميمبرن جي حوالي ٿو ڪيان. هو صرف اها مهرباني ڪن جو يونين بلديه جو صفائي جو سموروعملو منهنجي حوالي ڪن ۽ انهن کي لکت ۾ حڪم ڏين ته جي هن صفائي جي ڪم ۾ ڪوتاهي يا ڪن لاتار ڪئي ته هن جي نوڪري ختم ڪئي ويندي. مان اوهان کي يقين ٿو ڏياريان ته ملڪ ۾ بيروزگاري جي ڪري سوين پيا ڪارڪن شهر جي صفائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ان لاءِ يونين ڪائونسل جي معزز اراڪين کي ان صفائي لاءِ گهربل سڀ شيون جهڙوڪ ٽريڪٽر ٽرالي، گڏهه گاڏا، هٿ ٽرالين، ڪوڏارون ۽ بيلچا ڏيڻا پوندا. جو سينارجا شهر کي هائي صرف بهاري ڏينهن ۽ نالين مَٽان ٿورو گهڻو ڪچرو ڪڍي صاف نه ٿو ڪري سگهجي چو جو شهر ۾ مٽي ۽ گند ڪچري جا ڍڻ ڪان ٽن فوٽن تائين تهه چڙهي ويا آهن ۽ اهي ڪوڏرن ۽ بيلچن کان سواءِ صاف ڪرڻ ڏيندا. شهر جي صفائي ڪرڻ سان اڏو اڏ بيماريون به ختم ٿي ويندين ۽ مڇرن کي مارڻ لاءِ دوائون به اسپري ڪيو ويندين.

گندگي بيماري جي ماءُ آهي ۽ صحت صفائي جي ڏي آهي. اهوئي سبب آهي ته صحت ۽ صفائي جو پاڻ ۾ گهاٽو لاڳاپو آهي.

هائي سينارجا جي معزز شهرين کي هڪ ٻني خاص ڳالهه کان آگاهه ڪندو هلان ته منهنجو ڪوبه سياسي مقصد نه آهي ۽ نه ئي مان ڪنهن جي مخالفت ڪندس جيترو ٿي سگهندو مان تعميري ڪم ڪندس چو جو مان هڪ تعميري سوچ جو نظرياتي ڪارڪن آهيان. جيتري قدر سياست جو تعلق آهي ته ضلع خيرپور ميرس جي سياست ۾ منهنجو وڏو هٿ آهي. مان ضلع خيرپور ميرس پيپلز پارٽي جو پهريون آفيس سيڪريٽري هئڻ کان علاوه پيپلز گارڊ جو انچارج به رهيو آهيان. ان جو ثبوت ان وقت جو رڪارڊ ڏيندو جيڪو مون ان وقت جي وقتي صدر مسٽر عطا محمد لنڊ کي پيلز هاءِ ڪمان جي حڪم تي ان وقت جي جنرل سيڪريٽري هادي بخش لاڙڪ ۽ مسٽر غلام رسول صديقي ۽ فقير اوشاق علي هيسباڻي جي چوڻ تي پهچايو هيو. مان پيپلز پارٽي جي بنيادي ڪارڪن مان آهيان اهوئي سبب هيو جو جنرل ضيا جڏهن اليڪشن ملتوي ڪئي هئي ملڪ جي پين وڏن ليڊرن سان گڏوگڏ مون کي به گرفتار ڪيو ويو جو هڪ سال بعد شهيد ذوالفقار علي جي شهادت کان هڪ ڏينهن اڳ ۾ رها ڪيو ويو هيو جو اسان پنهنجي ليڊر جي جان به بچائي نه سگهياسين. اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن مون پنهنجي سياست شهيد ذوالفقار علي ڀٽي سان دفن ڪري چڏي آهي. مان ڪنهن به اليڪشن ۾ حصو ڪونه وٺندس. منهنجو ڪم صرف ۽ صرف انسان ذات جي خدمت هوندي ۽ پنهنجي وت آهر سينارجا جي غريب شهرين جي خدمت ڪندس.

هائي اچون ٿا شهر جي صفائي جي اصل مسئلي تي. هن لکيل اشتهار کي مان وڏي تعداد جي تعداد ۾ چپرائي سينارجا شهر ۾ ورهائي چڏيا آهن. هائي جيڪڏهن سينارجا جا شهري ۽ ڪائونسل جا معزز ميمبر منهنجي خدمات مان فائدو وٺڻ ٿا چاهين ته هو مون کي صفائي جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ باقاعده تحريري طور لکن ته مان انهن صاحب حيثيت صاحبن جي روبرو هر وقت پيش ٿيڻ لاءِ تيار آهيان ۽ پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ ۾ دير نه ڪندس ۽ پنهنجي نگراني ۾ شهر جي صفائي جو ڪم شروع ڪندس چو جو صفائي لاءِ چاليهه پنڪي ۽ انهن جڏ ماهانه به لک روپيه جي پگهار مان ايتري ته شاندار صفائي ٿيندي جو هڪ مثال هوندي.

شڪريه

اوهان جو ساٿي

امان الله سومرو

بي.اي، ايل ايل.بي اندووڪيٽ

نوٽري پبلڪ - اوٿ ڪمشنر

سابق اعزازي سيڪريٽري انچارج

حال سينارجا.

چا غلامي تي سنڌ هوندا آهن؟

عدليه جي هاري دشمن ججن کي اڄ نه ته سڀاڻي جواب ڏيڻو پوندو

سنڌ جا باسيو!

سچ پچو ته هاڻي دل چوي ٿي ته يا ته پاڻ کي هاءِ ڪورٽ ۾ وينل هارين جي دشمن بي حس ججن جي روبرو باهه ڏئي ساڙي چڏيان يا وري انهن عوام دشمن ججن جي خلاف باقاعده اعلان جنگ کيان ۽ هٿيار کڻي انهن کي اڏائي چڏيان. چاڪاڻ جو ظلم، دهشت ۽ بدمعاشي جي هڪ حد هوندي آهي جيڪا حد کان وڌي ويئي هجي ۽ ان جي سدباب جا تمام رستا بند ٿي ويا آهن ۽ سمجهه ۾ ئي نٿو اچي ته هاڻي چا ٿيندو.

گاله اها آهي ته جهڙي ڪنهن گلو پيل سان ان جي ڳوٺ ملي جڏهن واپس پنهنجي گهر موٽڻ لاءِ آيس ته گلو پيل جي پيءُ خميسي پيل ٻڌايو ته هن جيڪو پنهنجي پٽ انهن ۽ ڏي جي آزادي لاءِ ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ جي فلم 491 جي تحت جيڪو ڪيس 1114/2000 سان سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد ۾ داخل ڪيو هيو ان ڪيس ۾ هڪ معزز جج جسٽس فيض محمد قريشي صاحب انصاف ڪندي پيارو لنڊ وليس جي ايس ايڇ او کي حڪم ڏنو هو ته هو ان غريب هاري جي پارن ٽي عدالت ۾ پيش ڪري جڏهن ته ان غلام هارين جي آزادي جي پيشي تي ورڻ 22-02-2001 تي جڏهن فريادي پيش ٿيو ته ان وقت سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ جو سربراهه هڪ ٻيو جج هيو جنهن جو نالو جسٽس نير احمد صاحب هيو. جنهن جج هن اهم ڪيس جا ڪاغذ حقارت سان

کٹي ڦٽي ڪري ڇڏيا ۽ ڪيس کي بڏو ئي نہ ۽ چيو تہ هو انهن هارين جي آزادي جي ڪيس جو ڪو بہ فيصلو نہ ڪندو جڏهن نہ جج ان عريب هاري جي ڪيس جو فيصلو ڪرڻ جو قانوني طرح پابند آهي. جنهن لاءِ هن کي باقاعده لکين روپيا پگهار پڻ ملندو اهي. اهو فيصلو نہ ڪرن بہ هڪ قسم جي عدالتي بددياننتي آهي جنهن جا مرتڪب هي جج حضرات ٿي رهيا اهن جيڪي هاري جي ڪيس جو ڪو بہ فيصلو ڪونہ ٿا ڪن.

شايد انهن نا عاقبيت انديش ججن کي اها خبر نہ آهي تہ ان جي بي انصافي ۽ لاپرواهي جي ڪري سماج تي ڪهڙا اثر پوندا آهن مان انهن عوام دشمنن کي ان ڳالهہ کان ضرور آگاهہ ڪندس.

ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن اسان نظر بند غلام هاري گلو پيل سان ملي موٽي آياسين تہ اسان کي خبر پئي تہ گلو پيل جو زميندار جنهن جو نالو محمد ولد مير محمد جمالي جيڪو پوليس اسٽيشن پيارو لنڊ تعلقہ ٽنڈو الهيار جي حد ۾ رهندو آهي تنهي باهہ ٿي ويو آهي تہ اسان هن جي شاهيل اسٽيٽ يعني خدائي ۾ هُن جي اجازت جي بغير ڪيئن داخل ٿياسين. جتي پڪي بہ پر نہ ٿو هڻي سگهي اسان ڪيئن پهچي وياسين. هن اسان جي اتي وڃڻ کي پنهنجو جي لاءِ خطرو سمجهيو چاڪاڻ تہ غلام هاري ڪنهن بہ وقت بغاوت ڪري پڄي سگهي ٿو. اها ئي ڳالهہ سوء غلام هاري گلو پيل کي چئي هئي ۽ هن کي ڪرايو بہ ڏنو هيو تہ جيئن ٿو هن کي موقعو ملي هي پڄي اچي.

اوهان صاحبن کي مان اها ڳالهہ وڏي ڏک ۽ افسوس سان ٻڌائڻ ٿو چاهيان تہ سندي غلامن پنهنجي بيهوده غلامي تي اهڙي تہ خاموشيء اختيار ڪئي آهي جو اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ هاڻي ڇا ٿيندو

سنڌي غلام هارين جي بي بسي ۽ **ڪمزوري** جو اندازو اوهان ان **ڳالهه** مان لڳائي ٿا سگهو ته جڏهن گلو پيل جي ماءُ جنهن جو نالو چاندني آهي اها به زميندار جي نجي جيل مان پنهنجي مڙس **خميسو پيل** ۽ ٻين ٽن ٻارن سان پڇي آئي هئي ۽ اها هڪ ٻئي وڏيري **جنهن جو نالو چنگل هنگورجو** آهي جيڪو هٿونگي جي پاسي ۾ **تعلقه ڪپرو جو زميندار آهي ان**.وٽ ڦٽيون وغيره چونڊيندي هئي. ليڪن جڏهن ان کي خبر پئي **انهن** جو اڳوٽو آقا مالڪ وڏيري محمد جمالي انهن کي چرين وانگر ڳولهي رهيو آهي. ان عورت پنهنجن ٽن ٻارن سميت وڏيري جنگل وٽان پڇي اچي مون وٽ پناهه ورتي ۽ ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن اها عورت پنهنجي ڪاڏي پيتي جا ٺانو وڏيري چنگل هنگورجي جي ڳوٺ واقع نزد هٿونگو مان کڻڻ وئي ته ان کي ن جي ٻارن سميت وڏيري اهو چئي روڪي ڇڏيو ته **هو پڳل** غلام هاري آهن ۽ هاڻي هو انهن غلام هارين کي انهن جي **آقا جي حوالي** ڪندو. جيڪو انهن کان قرض جي عيوض ٻني جي پوک ڪرائيندو. جيڪو قرض ۾ لک روپيا آهي. اها صورتحال ڏسي گلو پيل جو پي **خميسو پيل** جنهن جو هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس هلندڙ آهي. اهو رات جي اونداهي جو فائدو وٺي پڇي آيو آهي جو جو هن غلامي کان بغاوت ڪئي آهي ۽ باغي کي دنيا ۾ ڪا به طاقت غلام نه ٿي بنائي سگهي. ۽ هاڻي هو بي انصافي ۽ ظلم ۾ ڪري روئي رهيو آهي ته هو ڪنهن کي فرياد ڪري ۽ ڪنهن کان انصاف گهري. جڏهن انصاف ڪندڙ ئي جلاد ٿي وڃن ته پوءِ انسان جي کين مان پائي جا نه بلڪ رت جا ڳوڙها نڪرندا آهن اڄ **خميسو پيل** عدالتي بيحسي ۽ بددياني جي ڪري انصاف کان محروم آهي ته پوءِ وهان ئي ٻڌايو ته ان بي انصافي جو ذميدار ڪير آهي ته پوءِ مان چوندس

ته ان سڄي بي انصافي جا ذميدار اهي عدليہ جا مجزور ۽ عوام دشمن جج آهن جن جي انا پرستي جي ڪري سنڌي قوم غلامي جي هڪ اهڙي اونهي غار ۾ وڃي ڪري آهي. جتان غلامن کي نڪرڻ لاءِ ڪيترا ئي سال لڳي ويندا ليڪن شايد عدليہ جي عوام دشمنن کي اها خبر ڪو نہ آهي تہ انقلاب کي پير ڪو نہ هوندا آهن انقلاب کي پر لڳل هوندا آهن ۽ ڪنهن کي بہ خبر نہ پوندي آهي تہ پل گهڙي ۾ ڇا ٿي ويو.

اسان معزز عدالت جي جج حضرات کي اهو ٻڌائڻ ٿا چاهيون تہ هو جيڪڏهن عدالتي نظام کي برقرار رکڻ ۽ ملڪ جي خيريت ٿا چاهين تہ پوءِ فوري طور تي هارين جي آزادي جي ڪيسن جو فيصلو بنا دير جي ڪيو وڃي ڇاڪاڻ جو وقت سدائين هڪ جهڙو نہ هوندو آهي. جيڪي اڄ غلام آهن. سياڻي حڪمران ٿيندا ۽ جيڪي اڄ حڪمران آهن اهي سياڻي غلام ٿي ويندا ڇو جو تاريخ اهو ئي ٿي ٻڌائي. پوءِ اسان انهن عوام دشمنن ججن جو اهڙو تہ احتساب ڪنداسين جو دنيا ڏسندي ۽ انهن ججن کان هارين جو غلامي ۾ گذاريل هڪ هڪ ڏينهن جو حساب ورتو ويندو پوءِ انهن غلام هاري دشمن ججن کي خبر پوندي تہ آزادي ڪهڙي شيءَ جو نالو هوندو آهي ان وقت جو انتظار ڪيو ۽ اهو وقت هاڻي پري نہ آهي ۽ يوم حساب تمام ويجهو اچي ويو آهي. ڇاڪاڻ جو قدرت جا فيصلا اٽل هوندا آهن ۽ اڄ خدا سنڌي غلامن جي نجات لاءِ هڪ مرد مجاهد قائد تحريڪ الطاف حسين کي موڪليو آهي ۽ هو صاحب جنهن ڏينهن بہ سنڌ جي ڌرتي تي قدم رکندو ان ڏينهن سنڌي غلامن جي غلامي جون زنجيرون ٽٽي پاش پاش ٿي ويندين ۽ پوءِ سنڌ ۾ نہ هوندو آقا ۽ نہ هوندو غلام. نہ وڏيرو

هوندو نہ هاري. سڀ انسان برابر هوندا ۽ ان ڪري جيل خانہ ۽ قاسي گھاٽ کوليا ويندا جيئن حقيقي آزادي جو مزو مائي سگھون.

منجانب

امان الله سومرو

ميرپورخاص





پونم ۽ پائي،

هڪ ڏوڙ تہ ٻيو چائي

ساٿيو!

اسان جي بدقسمتي آهي جو سڏ سونهاري سان ٻين تہ ظلم ڪيا آهن پر هن ويچاري سورن جي ماري سڏ کي سڀ کان وڏو نقصان پنهنجن ئي پهچايو آهي ۽ اڄڪلهہ جڏهن سڄي دنيا جڏهن هڪ گلوبل وليج جي شڪل اختيار ڪري رهي آهي. ڏينهون ڏينهن سيٽ لائيٽ ۽ ڪميونيڪيشن جي جديد ڪوجناڻن جي ڪري هڪ روزگار جي جديد وسيلن کي مدنظر رکندي اسانڪي ڏسڻو اهو پوندو تہ اسان ان سلسلي ۾ ڪٿي بيٺا آهيون.


اڄڪلهہ اخبارن ۾ پونم ۽ پائي جي نالي هڪ عجيب و غريب سياسي گروپ جون ڳالهيون پڙهي دل ۾ هڪ تجسس پيدا ٿي ويو آهي تہ ڏسو تہ پونم ۽ پائي ڇا آهي جڏهن مون ان تي غور ۽ فڪر ڪيو تہ پونم ڏوڙ تہ پائي مون کي ڇائي لڳي. هي پونم ڇا آهي ان جي باري ۾ پير صاحب پاڳاري فرمايو تہ اها هندستان جي هڪ اداڪاره آهي. ان جو نالو آهي تہ وري پائي اها آهي ڇائي. اڄ ڪلهہ پائي جو دور ختم ٿي ويو. انگريزن جي دور ۾ پايون هلنديون هيون. هينئر تہ روپين جو بہ ملهہ ڪونهي تہ پايون ڇا ڪنديون اها پونم ۽ پائي نالي هڪ عجيب و غريب خلقت جيڪا ان پونم ۽ پائي واري قصي کي ڪنيو ٿا اچن. اچو تہ ٻورو انهن جو پوسٽ مارٽم ڪريون.

کي ٿا. معاف ڪجو جو مون پوسٽ مارٽم جو لفظ استعمال ڪيو آهي. جو جو بغير پوسٽ مارٽم جي پونم ۽ پائي جي آنڊن، گردن ۽ دماغ جي خبر نه پوندي. سو هاڻي اسان کي پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ جيئن ڏيگ کي چکڻ لاءِ هڪ داڻو ڪٽڻو پوندو آهي اچو ته اسان پونم ۽ پائي جي ڏيگ جيڪا پچڻ لاءِ تيار پئي ٿئي، رڳو گرم مصالحہ گھرجن اهو گرم مصالحہ الطاف حسين فراهم ڪري چڪو آهي. هاڻي جيڪا ڏيگ پچڻ لاءِ بورچي پچائي رهيا آهن. اسان ان مان سپ کان پهريون مسٽر يوسف لغاري کي بطور سيمپل جي کڻي رهيا آهيون. جو جو اهو سيمپل تازو پونم ۽ پائي جي بورچين سنڌ مان لنڊن امپورٽ ڪيو هيو. جتي هن شيمپيئن پي اهو اعلان ڪيو ته گھبرايو نہ الطاف حسين سنڌي ٿي ويو آهي ۽ سنڌي سکي رهيو آهي. يوسف لغاري هڪ چٽ پوڪ بروچ آهي ته پوء اوهان اندازو لڳايو ته هن جا ٻيا ساٿي ڇا هوندا. هي سپ ملي ڪري سنڌي قوم کي بيوقوف بنائي رهيا آهن.

ڪڏهن ڪالاباغ ڊيم جو اشو. ان تي هرو پرو گوڙ ڪرڻ جڏهن ته هنن کي اها به خبر نہ آهي ته اصل ۾ ڪالاباغ ڊيم کهڙي بلا آهي. جنهن کان هو قوم کي ڊيڄاري رهيا آهن. جيئن پادري شيطان کان ڊيڄاريندو آهي. هاڻي هنن جي سنڌ جي عوام ۾ جيڪا حيثيت آهي. اها جيڪڏهن اوهان کي ڏسڻي هجي ته هنن کي ڪاٽڪ وارو به ڪو نہ سڃاڻي بقول ڪامريڊ ڪل محمد عمراڻي جي ته هي پريس جا شهزادا آهن ۽ هنن جا اصل بورچي پريس وارا آهن. انهن کي وري گرم مصالحو ۽ تڙڪي لاءِ گيهہ وغيره به باقاعده فراهم ڪيو ويندو جيئن ڪا ڪسر باقي نہ رهي ۽ باقي رهيون ٻارڻ لاءِ ڪاڻيون اهي بلوچ ۽ پٺاڻ ليدر ڪٽي ايندا آهن. در

اصل ڳالهه اها آهي ته سنڌ نه صرف پاڪستان لاءِ اهم پر پوري برصغير لاءِ به اهم آهي ڇو جو سنڌ پوري بر صغير جو مرڪز آهي جتي اعليٰ پائي جا ماڻهون ۽ اعليٰ پائي جو تجارتي سامان موجود آهي، جنهن ۾ سڀ کان اهم ڪراچي جي بندرگاهه آهي. هي سڄو پونم ۽ پائي جو ڊرامو ڪراچيءَ لاءِ آهي ڇو جو جيڪو ڪراچي جو ڪنٽرول سنڀالينڊو اهو ئي ملڪ کي ڪنٽرول ڪندو. بقول اعجاز منگي جي ته يوسف لغاري هڪ ڦوسڙي آهي هن جي باري ۾ چيو ويندو آهي ته هي جانو جرمن هيو يعني هڪ جاسوس. هن تي وڌيڪ لکڻ اجايو وقت برباد ڪرڻ آهي. الطاف حسين ۽ هن ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. الطاف حسين وٽ پنهنجي هڪ بيس ايريا آهي جتان هن جا ماڻهون نه صرف اليڪشن کٽي ٿا سگهن پر هو ضرورت جي وقت گولي به هلائي ٿا سگهن.

جڏهن سنڌي ليڊرن وٽ اهڙي ڪا به تنظيم يا طاقت نه آهي. ماما يوسف جيڪو هن پونم ۽ پائي جي ديگ جو ڪٽو آهي. اهو اڃا ڪچو آهي ۽ اها پونم ۽ پائي واري ديگ مان عوام کي ڪو به فائدو نه پوندو. اڻلندو عوام خساري ۾ رهندو ڇو جو هنن وٽ ايتري وڏي تنظيم يا عقل نه آهي جو هو پاڪستان



ليكك جو ساڻي وسيم خالق. -



ليڪ جو پٽ ذولفقار علي سومرو.



تحويليڪ جي استاد ڪريمڈني سومري جو حج دوران ورتل فوٽو.

ايمانداري کهڙي جهڪي جو نالو آهي ميرپورخاص جي ايماندار ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ کان هڪ سوال.

ميروپورخاص جا شهريو. اسان کي ان ڳالهه جي وڏي خوشي آهي جواسان جي ضلعي جي پوليس آفيسر امير علي شيخ جي ايمانداري صرف ۽ صرف [illegible] محدود آهي جڏهن ته ايمانداري صرف رشوت ونڊ جو ئي نالو نه آهي ايماندري هڪ اهڙو جان جوکي ۾ وجهڻ وارو ڪم آهي جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن جان جي قرباني به ڏيڻي پوندي آهي اهو ئي سبب آهي جو ملڪ ۾ سو فيصد ايماندار ماڻهن جي وڏي کوٽ آهي.

ايماندار ڪنهن کي چوندا آهن مان اڄ پنهنجي ضلع جي پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته هن وقت پوليس جي ڪاتي ۾ صرف ۽ صرف هڪ ئي ايماندار پوليس آفيسر آهي جنهن جو نالو عزت ماب فخر سنڌ ثناءُ الله عباسي آهي باقي ٻيا سڀ پوليس آفيسر ڪٽي نه ڪٽي بدديانتي جو مرتڪب ٿي ڪري پنهجي نالم نهاد هٿ نوڪي ايمانداري جو پاندو سري عام ڦاڙي ڇڏيندا آهن اڇو ته ماڻهن کي ٻڌايان ته ايمانداري ڇاکي ڇئبو آهي ايمانداري ان کي ڇئبو آهي ته ڪٽي به ڪاتي ۾ بديانتي يا بدمعاشي نظر اچي ان کي پاڙون ٻڌي ڇڏڻ کي ايمانداري چوندا آهن مثال جي طور تي پوليس جي ڪنهن صوبيدار تي اهو الزام ثابت ٿي وڃي ته هن ڪنهن شريف ماڻهو کي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو آهي يا ان کي ڊيڄاري ڊمڪائي رشوت ورتي هجي ڇا اهو گهٽ ڏوهه آهي ڇا اهو ڏوهه سزا جي لائق نه آهي اهو سڀ ڪجهه هجڻ جي

باوجود ڪنهن به ٽاڻي جي انچارج کي سرعام سزا نه ڏيڻ جنهن ۾ عوام جي سامهون ان جي ٽوپي پٽو لاهڻ کان علاوه ان جا قول به لاڳا وجن ۽ اهو نه ڪرڻ به هڪ قسم جي بددياڻتي آهي ڇاڪاڻ جو هڻ ٽوڪئي ايماندار ماڻهو جي ان بددياڻتي جي ڪري غريب ماڻهون ٻيهر ڪنهن به ظالم ۽ بدمعاش پوليس آفيسر جي خلاف شڪايت ڪرڻ جي جرئت ئي ڪونه ڪندو ڇاڪاڻ اهوئي پوليس آفيسر جنهن جي خلاف شڪايت ٿئي ٿي قري گري وري ساڳي جاءِ تي پهچي ٿو وجي جنهن جون ڪيتريون ئي مثالون ايماندار ڊي پي او ڊاڪٽر امير علي شيخ صاحب جي ڏينهن ۾ عام جام موجود آهن.

اچو ته مان اوهان کي دسٽرڪٽ پوليس جي ان ايماندار ڊي پي او جنهن جو ڪجهه ڏينهن اڳ ڏونڪو وجي رهيو هو ان کي ڪٽ لڳندي پئي وجي ۽ حالت اها ٿي وئي آهي جو ڊي پي او صاحب جي لڳايل دربار ۾ ماڻهون دانهون ٿا ڪن ته سيٽلائٽ ٽائون جو صوبيدار پنجاهه ماڻهون جوا ڪرڻ جي ڪوڙي ڪيس ۾ ٽن پوليس موبائيلن سان ڇاپو هڻي گرفتار ڪيو آهي ته وري بي پاسي ماڻهون دانهون ڪري رهيا آهن ته ٽاڻن ۾ انهن جي بي عزتي ڪئي ٿي وجي انهن دانهن تي هڪ بدمعاش ظالم ۽ رشوت خور صوبيدار کي هٽائي ان جي جاءِ تي ان جهڙي بدمعاش قسم جي پوليس آفيسر کي ٽاڻي تي مقرر ٿو ڪيو وجي اهڙي طرح ڳالهه ڦري گري اتي ئي ٿي اچي بيهي جتان شروع ٿئي ٿي.

اها دربار جيڪا مورخه 1-1-2002 تي نئي سال جي پهرين ڏينهن گهرائي وئي هئي ان ۾ ضلع جي پوليس آفيسر کي آگاهه ڪرڻ ٿو چاهيان ته مون ان دربار ۾ دسٽرڪٽ پوليس آفيسر کي حضرت عمر جو اهو قول ٻڌايو ته جيڪو ماڻهون مون کي خاميون ٻڌائي ٿو اهوئي ان جو

خير خواھ آھي. اھو ئي سبب آھي جو مان ايس ايس پي ڊاڪٽر امير علي شيخ جو خير خواھ ھوندي ڪجھ عرض ڪرڻ چاھيندس سڀ کان پھريون مون ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ميرپورخاص کي ٻڌايو تہ مان امان الله سومرو بي اي. ايم اي. ايل ايل بي اوٽ ڪمشنر. نوٽري پبلڪ. اسٽامپ وينڊر. سابق چيئرمين ٽاسڪ فورس بلديہ. آرگنائيزر قيدي بچايو فورم کان علاوہ ڪيترن ئي فلاحي تنظيمن سان وابستہ رھيو آھيان ۽ مون ميرپورخاص شھر ۽ ان جي عوام جي جيڪا خدمت ڪئي آھي اھا ھڪ مثالي آھي ۽ ھاڻي بہ مان ساڳئي جذبي سان پنھنجي مشن جاري رکندو پيو اچان. اھو ئي سبب آھي جو مون کي شھرين جي وڏي خاموش اڪثريت جي مڪمل حمايت حاصل آھي. ان ڳالھہ تي ڪنھن کي شڪ ھجي تہ مان ان کي چئلينج ٿو ڏيان تہ ھو شھر جي ڪنھن بہ ڪنڊ ۾ ھلي عوام کان پڇي ٿا سگھن مان ان سلسلي ۾ ريفرنڈم ڪرائڻ جو چئلينج ڏيان ٿو ۽ گڏوگڏ اھو بہ ٻڌائيندو ھلان تہ منھنجي شرڪت ڪانسواءِ ڪو بہ ڪم چاھي اھو تعميراتي ھجي يا امن امان جو ھجي. عدل انصاف يا صفائي يا جيل ۾ قيدين جا مسئلا ھجن منھنجي شرڪت ڪانسواءِ صحيح نموني حل ٿي ئي نہ ٿا سگھن ڇاڪاڻ جو شھر جون سڀ تنظيمون ھڪ طرف تہ وري بي طرف اسان جون فلاحي تنظيمون ھڪ طرف. جيڪڏھن انصاف ۽ شرافت جي تارازي ۾ اسان جو وزن ڪيو ويندو تہ اسان ۽ اسان جون فلاحي تنظيمون سڀ کان اڳيريون ھونديون ان جو مظاھرہ مان ڪئي دفعا ڪري چڪو آھيان. ليڪن ضلع جي انڌي گونگي ٻوڑي ۽ بيوقوف انتظاميہ کي شايد منھنجي اھميت جو اندازو ڪو نہ آھي. مان آئندہ جي لاءِ ضلع ناظم جو ميدوار آھيان ۽ وڏو مظبوط اميدوار ھوندس. وقت تي سڀني کي خبر پئجي ويندي. بھرحال اسان ان دربار ۾ ضلع جي پوليس آفيسر امير علي

شيخ کي عرض ڪيو تہ اوهان جيڪو رڪشائن جي شهر ۾ داخلا بند ڪئي آهي اهو غير قانوني آهيءِ ان غير قانوني نادري حڪم جي ڪري ٻچڙيوال ماڻهون سخت پريشان آهن ليڪن ضلع جي پوليس آفيسر عوام جي اصلي ۽ حقيقي نمائنده جو آواز هڪ ڪن ڪان ٻڌي ٻي ڪن مان ڪڍيڻ ڇڏيو ۽ جواب ڏنو تہ هن وڏي مشڪل سان ٽرئفڪ جي نظام کي ڪنٽرول ڪيو آهي. ان ڪري هو رڪشائن کي شهر ۾ وڃڻ کو نہ ڏيندو. اسان ان دربار ۾ ضلع جي پوليس آفيسر کي ٻڌايو تہ ستارن کان اڳتي ٻہ دنيا آهي. اهو آهي عدالتي محاذ. اسان ايس ايس پي سان ڪيل واعدي جي مطابق ان غير قانوني قدمن کي سنڌ جي عدالت عاليہ ۾ چئلينج ڪرڻ لاءِ هڪ آئيني پٽيشن تيار ڪئي آهي جنهن کي ماڻ ماهہ جنوري 2002ع جي پهرين هفتي ۾ ڪورٽ ۾ داخل ڪندس پوءِ ان کي عدالت ۾ اچي پنهنجي ان ناجائز حڪم جي باري ۾ جواب ڏيڻو پوندو ڇاڪاڻ جو عدالت عدالت هوندي آهي. انهي نام نهاد ذاتي دربار ۾ اسان ضلع جي پوليس آفيسر سان بين مسئلن تي ٻہ ڳالهايو جنهن ۾ شهر ۾ چنگچين جو هلائڻ غير قانوني آهي انهن کي بند ڪيو وڃي ان کان علاوہ شهر کي سيل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد روڊ تي رنگ روڊ تي هڪ لوهہ جو گيٽ هٽي سڄي شهر کي سيل ڪري ڇڏيو آهي ۽ بسن جي شهر ۾ داخلا بند ڪري ڇڏي آهي. جنهن ڪري اڳ ۾ جيڪو غريب ماڻهو بس اسٽينڊ کان ٻہ روپيہ ڪرايو ڏئي شهر ايندو هيو ان کي شهر اچڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ پنج روپيا خرچ ڪرڻا ٿا پون. ليڪن جيئن تہ هي وڏا آفيسر هڪ تہ عاليشان بنگلن ۾ ٿا رهن ۽ خطري ۾ نہ هجڻ جي باوجود پوليس جي پهري ۾ اچن ۽ وڃن ٿاءِ ماني ٿا کائين ۽ سمهن چوويهہ ڪلاڪ ڏڪندا ٿا رهن ان ڳالهہ کي ثابت ٿا ڪن تہ اهي آفيسر غريب ماڻهن جي مسئلن کان واقف ئي ڪو نہ آهن ڇاڪاڻ جو اسان جي

ضلع جي پوليس آفيسر ڊاڪٽر اميد علي شيخ اڄ ڏينهن تائين پنهنجن ٻارن ٻچن سميت رکشا ۾ ڪڏهن به سفر ڪو نه ڪيو آهي ان ڪري انهن کي انهن ٻالهين جو احساس نه آهي. جڏهن ته سڄي شهر کان علاوه وڪيل به دانهون ڪري رهيا آهن. مگر ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ٽريفڪ جو هڪ سپاهي بيهاري سڄي شهر جي شهرين جي منهن تي چماٽ هنئي آهي. ان جو جواب ضلع ناظم يا ٻيا ناظم يا اهي ماڻهو جيڪي اڃڪلهه نام نهاد هٿ نوڪئي ايماندار انتظاميه جي مڃ جا وار آهن. ڏين يا نه ڏين مان ان جو جواب ضرور ڏيندس نه صرف احتجاج ڪندس پر عدالتي جنگ به وڙهندس چاڪاڻ جو مان ميرپورخاص جي تمام وڏي خاموش اڪثريت جو متفقه ليڊر آهيان ۽ مون کي ان ٻالهه تي فخر آهي ته مان انڊي گونگي ۽ ٻوڙي عوام ۾ شعور جو روح ڦوڪي رهيو آهيان ۽ ستل ماڻهن کي انهن جا حق ڏيارڻ لاءِ جنگ ڪري رهيو آهيان اهو منهنجو وڏو ڪارنامون آهي. هن شهر ۾ ڪجهه ڪمينا ۽ گهٽيا قسم جا نيچ ماڻهو آهن جيڪي منهنجي قد ۽ ڪاٺ کي گهٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. انهن ۾ ڪجهه ماڻهو مون کي چريو ٿا سمجهن انهن نيچ ۽ ڪميني قسم جي ماڻهن کي جيڪي مون کي چريو ٿا چون انهن کي صرف منهنجو هڪ ئي جواب آهي ته توبه نعوذ بالله نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم تي به ڪجهه ان قسر جي منافق ۽ گهٽيا قسم جي ماڻهن چريو هئڻ جو بهتان لڳايو هيو. جڏهن ته مان هڪ خسيس ۽ ادني انسان آهيان جيتري قدر منهنجي ايمانداري جو سوال آهي ته جيڪو به ماڻهون منهنجي ايمانداري تي شڪ ٿو ڪري ان جي حلالي هئڻ ۾ شڪ آهي. مان چنگي طرح ٿو ڄاڻان ته ڪجهه ماڻهون منهنجي ذاتي ڪردار تي آنگريون ڪڍندا آهن اهي ماڻهون ڪنهن حد تائين درست ۽ صحيح آهن. پر مون تي آنگريون ڪڍن وارن کي

سڀ کان پهريون پنهنجي گريبان ۾ ڏسڻ گهرجي جيڪڏهن هو پنهنجي گريبان ۾ ڏسندا ته انهن کي ان حمام ۾ سمورا اگهاڙا نظر ايندا ليکن اتي به منهنجي حيثيت هڪ منفرد انسان واري هوندي جيڪڏهن منهنجي برابين ۽ سڄاڻ کي انصاف ۽ شرافت جي ساهمي ۾ توريو ويندو ته منهنجون عوام لاءِ وڪيل سڄاڻون وڏيڪ هونديون بهرحال منهنجو مقدمو عوام جي عدالت ۾ آهي ۽ ان کان وڏي به ڪا به عدالت نه آهي چاڪاڻ جو عوام خدا جو مظهر آهي ۽ ان جو فيصلو به عوام ئي ڪندو بهرحال شهر جا باشعور عوام ۽ وڪيل پڻ پنهنجي مسئلن لاءِ مون سان ئي مشورو ڪندا آهن ۽ مون کي چوندا آهن ته مان سرڪاري ڪامورن سان انهن جي مسئلن تي ڳالهايان.

آخر ۾ اسان هڪ دفعو ٻيهر ميرپورخاص ضلعي جي ايماندار سڌجندڙ ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر مسٽر امير علي شيخ کي مشورو ڏيندا سين ته جيڪڏهن هو واقعي ايماندار ٿيڻ ٿو چاهي ته سڀ کان پهرين ٽائن تي متعين رشوت خور ظالم ۽ خونخوار صوبيدارن جي ٽائن تي چاپا هڻي ۽ جنهن به ٽائي ۾ ڪو بيگناهه انسان بند هجي ته ان ٽائي جي صوبيدار کي سرعام رسوا ۽ ذليل ڪري نوڪري مان ڪڍي ڇڏي بي صورت ۾ جيڪڏهن ائين نه ڪيو ويو ۽ عوام کي ٽائن ۾ ذليل ڪرڻ جي ڪوشش بند نه ڪئي ويئي ته پوءِ ياد رکجو ته هي سراسر ناانصافي آهي ۽ ٿيندي ۽ ناانصافي جي وڻ مان ڏيري ڪٽ بم ٿئي وسندا آهن پوءِ انهن کان بچڻ محال ٿي ويندو پنهنجون اکيون کوليو ائين نه ٿئي جو وقت نڪري وڃي ۽ اکيون ملينداً رهجي وجو.

امان الله سومرو

وڪيل. ميرپورخاص

سياسي ليڊر جواب ڏين

سياسي ليڊر کنهن کي چئبو آهي ۽ سياست جي معنيٰ ڇا آهي. ها خبر نہ تہ اسان کي اڳ ۾ هئي ۽ نہ ئي هاڻي آهي تہ سياسي جانور نالي مخلوق ڇا ٿي ڪري ۽ ڇا ٿي چاهي. سڄي ملڪ جون اخبارون کٽي پڙهو ۽ پڙهڻ ۾ اهو ايندو تہ سياستدانن جي بغير ملڪ هلي ئي ڪو نہ سگهندو ۽ جيستائين انهن سياستدانن کي حڪومت نہ ملندي هي ڪو بہ ڪم ڪو نہ ڪندا. ان جون ڪيتريون ئي مثالون آهن. اڄ اسان سنڌ جي سياستدانن جو ٽورو پوسٽ مارٽم ضرور ڪنداسين. هي اها دعويٰ ٿا تہ ڪن تہ هو عوام جي حقن جي جنگ وڙهي رهيا آهن جڏهن تہ هي رڳو ڪوڙ ٿا ڳالهائين ۽ هي صرف ۽ صرف پنهنجي پيٽ جي جنگ وڙهي رهيا آهن. ڏيکڏهن ائين نہ هجي ها تہ حيدرآباد شهر ۾ ماه سيپٽمبر 2000ع ۾ گلزار چنہ نالي هڪ ظالم خوني ۽ قاتل جيل سپرنٽينڈنٽ وردي پائي ڏيکو سينٽرل جيل ۾ قتل عام ڪيو. جنهن ۾ هڪ قيدي گل محمد ناهه شهيد ٿي ويو ۽ ڪيترن ئي قيدين تي بي انتها تشدد ڪري انهن کي زخمي ڪيو ويو. ايڏي وڏي ظلم تي هنن سياسي ليڊرن هڪ اکر بہ نہ چيو صرف اهو چيو تہ آئنده هو قيدين تي تشدد برداشت نہ ڪندا. مقصد هن دفعي يا هر دفعو جيڪو تشدد ٿئي ٿو ان کي وساري ڇڏيو. هي سياستدان اهي ڳالهيون اڄ کان ڪو نہ بلڪ قهر الاهي ميجر ڪوسي کان ويندي گلزار چنہ ۽ ملڪ الطاف ۽ اعجاز حيدر عرف اجو گونگا جي دور ۾ائين ڪندا رهيا آهن هي سياستدان اهو ظلم بند ڪرائڻ لاءِ ان ڪري

ڪوشش ڪو نہ ٿا ڪن جو هي ڏيڻا ۽ موقعہ پرست آهن ۽ جو جو هنن کي خبر آهي تہ جيڪڏهن خدانخواستہ ڪنهن غلطي جي ڪري جيل ويا تہ انتقامي طور تي هنن کي بدبودار کولين ۾ رکيو ويندو ان ڪري هي جيل جي ظالم آفيسرن سان ہ هٿ ڪرڻ ۾ ڪيبائي رهيا آهن. قيدين تي ميجر ڪوسي، گلزار چنہ ۽ ملڪ الطاف ۽ اعجاز حيدر جي خوني ۽ قاتل آفيسرن جي قيادت ۾ جيڪو ماهہ سيپٽمبر 2000ع کان جيڪي خوني آپريشن ڪيا ويا آهن انهن ۾ گلزار چنہ هڪ قيدي گل محمد شاهہ سڏيون گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو تہ وري مٿان موجوده آفيسرن ملڪ الطاف احمد ۽ اعجاز حيدر وارن تہ ظلم جي حد ڪري ڇڏي جو هنن گهٽ ۾ گهٽ رشوت نہ ملڻ ڪري پندرنهن قيدي اڻٽ ماري ڇڏيا جنهن ۾ هڪ قيدي نالي جاويد ڪشميري جنهن کي بغير ٽڪيٽ سفر ڪرڻ جي ڪري پندرنهن ڏينهن جي سزا ملي هئي ان تي پئسن لاءِ ايترو تہ تشدد ڪيو ويو جو هو ظلم جي ستل نہ سهي سگهيو ۽ گذاري ويو آهي. ان موت جي ايف آئي آر داخل ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ ۾ هڪ پٽيشن بہ داخل ٿيل آهي. جنهن جو تازو ثبوت محمود کوسي جو خون آهي. جنهن خون رنگ لاٿو ۽ خوني ۽ قاتل جيل آفيسرن هر هڪ ملڪ الطاف ۽ اعجاز حيدر ۽ پين جي خلاف هيءِ ڪورٽ جي حڪم تي محمود کوسي جي خون جي ايف آئي آر داخل ٿي آهي ۽ هو سڀ خوني روپوش آهن.

جيلن ۾ جيڪي غريب لاوارث بي پهچ قيدي بند پيا آهن انهن کي فوجي حڪومت مان جيڪا انصاف ملڻ جي آس هئي اها انوقت ٽٽي پورا ٿي وئي جو جيلن ۾ هيڏي وڏي قتل عام جو محمود کوسي جهڙن بيگناهہ قيدين کي جيلن ۾ رشوت نہ ڏيڻ جي ڪري نڪ ۾ چونو ۽ نسوار پاڻي ۾ ملائي وجهڻ کانپوء جيڪي قيدين جا لاش جيلن مان نڪتا

آهن انهن لاشن تي جيترو بہ ماتم ڪجي گهٽ آهي هي ماتم نہ صرف لاشن تي آهي پر عدليہ جي بي حسي تي پڻ آهي جو قيدي عدالتي تحويل ۾ آهن ۽ عدالتي تحويل ۾ قيدين جو موت عدالتن لاءِ هڪ چئلينج بہ آهي.

هن وڏي هاجي ۽ ظلم تي جيڪو سنڌ جي جيلن ۾ هڪ رٽائرڊ فوجي بريگيڊيئر نثار احمد مهر جي نگراني ۾ جيڪو قتل عام شروع ٿيو آهي اهو جيسائين سنڌ جا سمورا قيدي هي آفيسر نہ ماريندو چپ ڪري نہ ويهندو ان ظالم جي انهن خوني اقدامن جي جلد روڪٿام لاءِ هاڻي باقي وڃي سياسي پارٽيون رهيون آهن جيڪي قيدين کي موت جي منهن ۾ وڃڻ کان بچائي ٿيون سگهن. هن وقت جيلن ۾ ايڏي تہ خطرناڪ صورتحال آهي جو قيدي هڪ اکر ڪچندي بہ ڏکن ٿا اوهان ڏسو تہ سنڌ حڪومت کي بہ اهي اختيار نہ آهن تہ هو قيدي کي هڪ جيل کان بي جيل زوري ڪنهي ڪٽي وڃن. هي سراسر قانون جي خلاف ورزي آهي ڇو جو ڪنهن بہ قيدي کي عدالتم جي اڳواٽ اجازت بغير ڪنهن بہ هڪ جيل کان بي جيل منتقل ڪري نہ ٿو سگهجي پر جيئن تہ هينئر پنجابي جو هڪ ٽولو جنهن ۾ هوم سيڪريٽري کان ويندي جيلن جي جيلرن تائين سيئي سنڌين کي انسان ئي ڪو نہ ٿا سمجهن. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي قيدين جا مٿا ڏاڙهيون، ميڇون ۽ پيرون ڪوڙي پوءِ اهو چوڻ تہ ميڇن ۾ جوئون پئجي ويون آهن. ان کان وڏي شرم جوڳي بي ڳالهہ ڪهڙي ٿيندي. مان اوهان کي اڄ قيدين تي ٿيل ظلمن جي هڪ جهلڪ ڏيکارڻ ٿو چاهيان تہ قيدين کي هڪ بئي سان زنا ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ. ڪاٽ جا مردانہ عضوا ناهي قيدين جي ڳئي ۾ وجهڻ. ان کان پوءِ هڪ ليٽر پاڻي ۾ چونو ۽ نسوار ملائي اهو قي جي نڪ ۾ وجهڻ کانسواءِ پيٽرول جون پريل سرنجون هڻي لنين جا

وسڪارا ڪرڻ جا انسانيت سوز ظلم ٻڌڻ سان ئي لنگ ڪانڊارجيو وڃن ٿا ٻوءِ جن قيدين تي اهو تشدد ٿيندو هوندو ان تي سياسي پارٽين ۽ انهن جي ليڈرن ٿا سوچيو ئي ڪو نہ آهي جڏهن ٿا انهن قيدين مان گهڻا قيدي سياسي پارٽين سان لاڳاپيل آهن پر افسوس اهو آهي سياسي ليڈرن هن اهم مسئلي تي جيڪا خاموشي اختيار ڪئي آهي ان پوري قوم کي لوڏي ڇڏيو آهي.

اها فوجي حڪومت جي بدقسمتي آهي جو هنن کي اها خبر نہ آهي تہ هو جنهن مشيري تي پروسو ڪن ٿا اها ئي حڪومتن جي تباهي جو سبب بنجندي رهي آهي ٻوءِ بہ هو انهن جي ئي مشورن تي هلي پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي رهيا آهن. اها حڪومت ۽ ان جي عدليہ صرف پنهنجي تحويل ۾ ورتل قيدين کي انصاف فراهم نہ ٿا ڪري سگهن تہ ٻوءِ باهر لکن ۽ ڪروڙن مائڻن کي ڪهڙو انصاف فراهم ڪندا اهو معاملو وڏي غور ۽ فڪر وارو آهي.

اسان جا فوجي حڪومت جي متعلق جيڪي اندازا هيا اهي سراسر غلط ثابت ٿيا جو قيدين تي فوجي حڪومت تشدد بند نہ ڪرائي سگهي ۽ انهن کي انصاف فراهم نہ ڪري سگهي ان مان هاڻي ڪا بہ چنگائي جي اميد رکڻ ٻيرن کان ٻير گهرڻ جي برابر آهي هاڻ اسان سمجهون ٿا تہ هن ملڪ لاءِ جمهوريت ضروري آهي پر هاڻي الطاف حسين جي ان بيان جي تہ هاڻي هو بہ فوجي وردي پائيندو ٻوءِ جڏهن فريق وردين ۾ آمهون سامهون ايندا تہ ٻوءِ ڇا ٿيندو ڇا شهرن ۾ ٿينڪون ۽ توب خانو اچي ويندو بلڪل نہ ايندو چپ چاپ الطاف حسين ۽ ان جا ساٿي سيني ادارن تي باآساني قابض ٿي ويندا ۽ ڪراچي ۾ ٽڪيل سڀ فوجي ڪا بہ مزاحمت ڪري نہ سگهندا. ڇو جو هاڻي ظلم جي انتها ٿي ويئي آهي. جو جند پنجابي آفيسر ڳڻ جوڙ

ڪري رشوت ۽ انتقام وٽن خاطر ظلم ڪن ٿا پوءِ اهو ئي ٿيندو جيڪو الطاف حسين چئي رهيو آهي. اڳي الطاف اڪيلو هيو پر هاڻي هن جي پارٽي سنڌين سان مفاهمت جو جيڪو قدم کنيو آهي اهو انهن ڳالهين جو نتيجو آهي جيڪي ڳالهيون الطاف حسين ڪري رهيو آهي. سياسي پارٽين مان ڪنهن ۾ ايتري طاقت نه آهي جو اهي اهو بيان ڏئي سگهن ته هو جيل توڙي قيدي آزاد ڪرائيندا. جڏهن ته الطاف حسين اهي بيان هرو پرو ڪو نه ڏئي رهيو آهي هن کي وڏي پنيرائي ۽ طاقت حاصل آهي. جيتري قدر مذهبي سياسي پارٽين جو تعلق آهي. ته اهي هاڻي ايترو مٿي نٿيون اپري سگهن جو جو هنن جي چيلهه پڄي پئي آهي. جيڪا سڌي ٿيڻ ۾ وقت لڳندو. هونئن به موجوده حڪومت به واڌي تي اچي بيٺي آهي ته ڪهڙي پاسي ٽي وڃي. ان سوچ ئي سوچ ۾ حڪمرانن جو بدحواس ٿيڻ لازمي آهي ۽ بدحواس ڊرائيور ئي حادثا ڪندا آهن هي حڪومت به هڪ قسم جي ملڪ جي ڊرائيور آهي جنرل ايوب. يحييٰ. ضياء الحق ۽ موجوده حڪومت ۾ زير زبر جو به فرق ڪو نه آهي صرف اسان عوام جي سوچ جو فرق آهي. هينئر قيدين تي ٿيل بي انتها ظلم کي ڏسندي اسان اهو چئي سگهون ٿا ته هي نه صرف عدليه جي زوال جو دور آهي پر ان سان گڏوگڏ حڪومت ۽ ملڪ ۾ بي زوال جو به دور آهي. هاڻي ڪا به سياسي پارٽي ڪو به ڪردار ادا نه ڪري سگهندي.

ها پر جنرل پرويز مشرف جي ڪنيل قدمن جي صورت ۾ ٿيل نتيجي جي صورت ۾ ٽي سگهيو ته يحييٰ جي زوال ۽ ملڪ جي ٿيڻ جي ڪري ذوالفقار پٽي کي گهرائي ملڪ حوالي ڪيو ويو هو اهڙي طرح ڪنهن سياستدان کي گهرائي ملڪ حوالي ڪيو وڃي پر اها ڳالهه بعد جي هن وقت اسان تي جيڪو ڏڇو قيدين سان ٿيندڙ بي انتها ظلم جي نتيجي

ڙ ٽيو ان کي پوڳي ونون ته پوء ڏسنداسون. جيڪو بچندو اهو ئي ان ڏڇي تي سوچيندو ڇو جو ملڪن جو زوال نه صرف ملڪن جو زوال هوندو پر ان قوم جو به گڏوگڏ زوال هوندو آهي. اسين هينئر پنهنجي زوال جي پيانڪ دور کان گذري رهيا آهيون جو هر شهر ۾ ٽائٽن ۽ جيلن ۾ مقتل گاهه کلي ويا آهن جن کي گهٽائڻ جي بدران حڪومت نوان جيل ٺاهي رهي آهي. اهي جيل ئي هڪ ڏينهن هن حڪومت جي قبر ثابت ٿيندا. ڇو جو قيدين کي انصاف ڏيڻ ڏسو ته ڪيڏي نه بدقسمتي آهي جو 109، 110 ۽ 107 قلم ۾ چالان ڪيل ماڻهون سالن جا سال جيل ۾ پيو آهي. هاڻي جيلن مان قيدي گهٽائڻ جي بدران نوان جيل ٺاهڻ هڪ سامراجي منصوبو آهي جنهن ۾ ڪنهن قوم کي ذليل ۽ خوار ڪرڻ لاء جيل ۽ ٽاٽا ٺاهيا ويندا آهن. بهرحال هر ڪنهن کي پنهنجي ڪئي جي سزا پوڳٽي آهي. وقت وڏو ظالم آهي. ان کري ظالمن کي پنهنجي ڪيل گناهن جي سزا پوگڻ لاء تيار رهڻ گهرجي.

امان الله سومرو

وڪيل ميرپورخاص

سياستدانن ڏانهن قيدين جي متعلق نياپو

اڄ مون اخبار ۾ اها خبر پڙهي ته جسقم جي جيالن ڪارڪنن سان گڏوگڏ يونيورسٽي جي 200 شاگردن جي شموليت اها ڳالهه ظاهر ٿي ڪري ته اسان قيدين کي بچائڻ لاءِ صحيح دڳ ورتو آهي. جنهن ۾ سيشن ڪورٽ ۾ مظاهرو ڪرڻ شامل آهي. اصل ۾ عدليه ئي اهو در آهي جتان قيدين تي آيل زخمن تي مرحم ٿي سگهجي. جيڪڏهن عدليه جا جج چاهين ته قيدي عذاب کان بچي ٿا سگهن. جڏهن ته اهي قيدي انتظاميه نه بلڪه عدالتي تحويل ۾ آهن. ڪيترين قيدين جا ته ڪيس ڪورٽن ۾ هلندڙ آهن. ان صورت ۾ انهن قيدين تي رشوت لاءِ تشدد عدليه جي به توهين آهي. قيدين کي تشدد کان بچائڻ لاءِ وڪيل وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن پر هو مصلحت پسندي جو شڪار ٿي جيڪا مجرمانه خاموشي اختيار ڪيو وينا آهن ان خاموشي جي نتيجي ۾ جيل جي آفيسرن کي اها هٿي ملي آهي ته هو پلي تشدد جاري رکن. وڪيل چون ٿا ته قيدين جا مائٽ هنن وٽ چو نه ٿا اچن قيدين جي مائٽن کي اها خبر چنگي طرح آهي ته جي هو قيدين اولاد تي تشدد جي دانهن وڪيلن کي ڏيندا ته وڪيل انهن جي دانهن جا ۽ اکر لکڻ جا ۽ پئسا گهرندا جيڪي پئسا جيڪڏهن غريب قيدين جي مائٽن وٽ هجن ها ته اهي پئسا جيل جي ظالم آفيسرن کي ڏئي پنهنجي اولاد کي ظلم کان بچائين ها. مون کي اهڙن وڪيلن جا نالا ياد آهن. جن اها ٻڌاڪ هنئي هئي ته هو قيدين تان تشدد لاهڻ لاءِ بنا معاوضي ڪيس وڙهندا پر شرط اهو آهي ته غريب قيدين جا مائٽ هنن وٽ اچن. جڏهن هڪ قيدي جو پاڻ نالي غلام محمد انهن وڪيلن وٽ ويو ته

هنن بتاکي وڪيلن ان کان اڳيئي درخواست هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ پنج هزار روپيه گهربا جنهن تي ان قيدي جي پاءُ ڇبو ته جي هن وٽ پنج هزار روپيه هجن ها ته هو پاءُ جي ضمانت ڪرائي ها. اها ڳالهه وڏي شرم جوڳي آهي جو قيدين تي تشدد جي سلسلي ۾ وڪيل جج ۽ پوليس بٽ ٿي ويا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ پندرنهن قيدي مري ويا آهن پر ڪنهن کي به پرواهه نه آهي.

بهرحال هن وقت جيڪا صورتحال آهي اها وڏي خطرناڪ آهي ان جو نتيجو ايترو ته پيانڪ نڪرندو جو ارباب اختيار بوکلائجي ويندا ۽ قيدين جي ذهنن ۾ تشدد جي نتيجي ۾ انتقام جي پريل باهه حڪومت سان گڏوگڏ عوام لاءِ هڪ وڏو ڏڇو ثابت ٿيندو ۽ اهو وقت پري نه آهي ڇو جو سينٽرل جيل جي ظالم انتظاميه ۽ انهن جو سرپرست انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس نثار احمد مهر ڪيترو وقت اتي رهندو. جڏهن ته جيل جا آفيسر خود اهو چئي رهيا آهن ته هن خونخوار تشدد جي نتيجي ۾ سو پا محفوظ ڪو نه آهن جو هڪ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ جيل اعجاز حسين ڪلهوڙو اقرار تو ڪري ته هو تشدد ڪندو آهي ۽ اهڙيون ٻوريون ٻ آهن.

هاڻي اسان کي وڏو ڏک انهن وڏن ليڈرن جو آهي جيڪو مختلف سياسي پارٽين ۽ تنظيمن جا سربراهه آهن جن ۾ پيپلز پارٽي سنڌ نيشنل فرنٽ ۽ ٻيون پارٽيون ۽ ليڈر هن قيدين جي اهم مسئلي تشدد تي چپ سبي ڇڏيا آهن اها ڳالهه اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهي.

بهرحال قيدين تي تشدد روڪڻ جو هاڻي به اهو ئي عدالتي حل آهي. وڪيلن کي چندو ڪري گهٽ ۾ گهٽ ويهه هزار روپيه پني سني گڏ ڪري ڏيون پوءِ انهن کي چئون ته جن جن قيدين تي تشدد ٿيو آهي انهن

کي هاءِ ڪورٽ ۾ گهرائي قيدين جو طبي معائنو ڪرايو وڃي ٿو سڀ اڃا ڪارا پڌرا ٿي ويندا.

ٻيو ته اخبار جي صحافين يعني پريس جي ٻه ڪن مهٽ ڪئي وڃي ۽ پريس جي خلاف ٻه مظاهرا ڪيا وڃن ته هڪ عورت گهر کان ٻاهر شادي ٿي ڪري ته هن جي مڙس جي هٿ ۾ رنگين فوٽو چاپڻ ۾ دير ئي ڪو نه ٿا ڪن ۽ ان جو پيچو ڪورٽن تائين ٿا ڪن جڏهن ته قيدين تي تشدد جي قيامت برپا آهي. اهي صحافي ڪنهن قيدي جو مٿو. پيرون ۽ مڇون ڪوڙيل فوٽو اخبارن ۾ ڇو نه ٿا شايع ڪن. ڇا اها حقيقت آهي ته سينٽرل جيل حيدرآباد جو موجوده سپرنٽينڈنٽ ملڪ الطاف احمد پنجابي پختون اتحاد جي صدر غلام سرور اعوان جو پاءُ آهي جيڪو الذوالفقار نالي تنظيم طرفان هاءِ جيڪنگ ۾ ملوث رهيو آهي ته وري بي پاسي ڇون ٿا ته ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ اعجاز حيدر ملڪ جي موجوده وزير جو عزيز آهي ان ڪري صورتحال جيئن جو تيئن آهي ۽ تشدد جاري ۽ ساري آهي ته پوءِ هي وڏو ظلم آهي ائين سمجهو ته سنڌ جي جيلن ۾ قيدين تي ڪربلا طاري آهي جو پوليس جي بدنام زمانہ آفيسرن کي ڇاڻي واڻي جيلن ۾ مقرر ڪري لاچار مجبور ۽ بي بس پکي وانگر پنجري ۾ بند قيدين تي تشدد حڪومت کي ايترو ته مهانگو پوندو جو خدا پناهہ ڏئي.

اهڙو ئي هڪ تشدد پيپلز پارٽي جي دور ۾ جڏهن غلام مصطفيٰ جتوئي سنڌ جو وڏو وزير هيو ان وقت قيدين جي عمر قيد جي سزا 14 سال هئي جيڪا وڌائي پنجويهہ سال ڪئي ويئي اهو ڏينهن پيپلز پارٽي جي زوال جو ڏينهن هيو جو غريب قيدين جو بددعائون اڄ تائين پيپلز پارٽي جي ليڈرن جو پيچو ڪري رهيون آهن جو هنن کي ڪٻي ٻه سڪون ڪو نه ٿو اچي. جي هي حڪومت اهو سمجهي ته سڀ خير آهي ته اها ان جي پل

آهي ڇو جو قيدين جو آهون ۽ دانهون هن حڪومت جو بدروح وانگ پيڇو ڪنديون رهنديون جيستائين موجوده حڪمران جيل جي ڪال ڪوٺڙين تائين نه ٽا پهچن. وقت وڏو ظالم آهي ارباب اختيار کي وري ٻ عرض آهي ته هو اکيون کولي. ائين نه ٿئي جو حالتون وس کان ٻاهر نڪري وڃن ۽ اسان هٿ ملينداً رهون. سياسي ليڊرن کي گهرجي ته عدالتي محاذ ڏانهن پنهنجن توبن جو رخ ڪن ڇو جو موجوده عدالتي نظام تي سڪتو طاري ٿي ويو آهي نه ته ڪورٽن ۾ ٽن ججن جي ويهڻ سان ڪهڙو فرق پوندو ان سان ڪم جو اڪلاءُ ٿيندو پر جج ۽ وڪيل پنهنجي هوڏ تان ڪو نه ٽا لهن ۽ پنهنجين ڪوتاهين کي لڪائڻ جو پنجاهه هزار قيدي جيلن ۾ يرغمال بٽيل آهن. ان وڏي ڪوتاهي کي جاري رکڻ لاءِ هڪڙو ٽڪي ٿو ته ٻيو فريق حڪم جاري ٿو ڪري. مگر هاڻي عوام انهن ڪورٽن ۽ وڪيلن مان بيزار آهن جيڪڏهن قيدين کي تڪڙو انصاف ڏيارڻ ۽ جيلن ۾ قيدين تي تشدد بند ڪرڻ لاءِ ٽي چڏي چار جج ڪورٽ ۾ حڪومت وهاريندي ته عوام جي طرفان ڪو به احتجاج ڪو نه ٿيندو باقي وڪيل پنهنجي مفاد ۾ احتجاج ڪندا ته اهو ڪارگر نه ٿيندو جو جڏهن هنن جي مفاد تي زد اچي ٿي ته هي دانهون ٽا ڪن ته وري بي پاسي هن جي بزنس پارٽنر قيدين تي تشدد ٿئي ٿو ته چپ ڪري ٽا وهن هي نڪما ۽ بزدل آهن بهرحال هر ڪنهن کي پنهنجي ڪئي جو ڪيتو لوڙتو آهي اهو هي ضرور لوڙيندا ڇو جو هاڻي پائي گهٽو مٽي ٿي ويو آهي ء مڪافات عمل جو دور شروع ٿي ويو آهي ڏسو ته ڇا ٿو ٿئي ان وقت جو انتظار سڀني کي آهي.

امان الله سومرو

رڳنائيزر قيدي بچايو فورم

ميرپورخاص پوليس جي نئين تنظيم ناهي وڃي

ضلع جي اعليٰ آفيسرن ۽ نمائندن کي مشورو

ضلع ميرپورخاص جا شهريو!

مان وڏي افسوس ۽ ڏک سان اوهان کي اها ڳالهه ٻڌائڻ ٿو چاهيان. ته ميرپورخاص جي پوليس خصوصاً ڪاڻ ٽاڻي جي پوليس پنهنجي اختيارن جون حدون ٽپي ڪاڻ ۽ ان جي آس پاس جي علاقي ۾ باهه پاري ڏني آهي ۽ ظلم ۽ تشدد جي بازار گرم ڪري رکي آهي ۽ اهو ڏينهن خالي نه آهي جو ڪنهن غريب سنڌي جي ٽاڻي تي بي عزتي نه ڪئي ويندي هجي ۽ ان کان زبردستي رشوت وصول ڪئي نه ٿي وڃي. هاڻي جيئن ته ملڪ ۾ نئون نظام مڪمل طرح رائج ٿي چڪو اهي ۽ اهو نئون نظام ۱۴ آگسٽ يعني پاڪستان جي يوم آزادي واري ڏهاڙي کان قابل عمل اهي. اسان ان نئين نظام جي ان ڪري به حمايت ٿا ڪريون جو اسان کي ٻوٽر شاهي خصوصا پوليس سان پراڻو حساب ڪتاب صاف ڪرڻو آهي.

جڏهن کان مون هوش سنڀاليو آهي. مون پنهنجي ڪنهڪار اکين سان پوليس جا اهي ظلم ڏٺا آهن. جن کي برداشت ڪرڻ انسان جي بس کان زور آهي. اڄ به اسان جي ملڪ ۾ ڪيتريون ئي گمنام قبرون ملنديون. جن ۾ دفن ٿيل پوليس جي ظلم ۽ ستم جي ڪري مري ويا آهن ته وري ڪيترائي معذور ۽ لاعلاج آهن. پوليس جا اهي ظالم آفيسر انهن ته ڪمينا ۽ گهٽيا درجي جا آهن جو انسانن کي ويندي ڪٽيندي به ڏسڻ

کو نہ ٿا ڪن اچو تہ مان توهان کي بڏايان تہ هي انسانن جي ود ڪٽ ڪيئن ڪندا آهن. هي چيرو هڪ تيز سسم جي بليڊ يا باڪي سان چڏن جي وچ مر ڏيندا آهن. جنهن سان ماڻهو اڻي ويهي بہ نہ سگهندو آهي. ان چير ڏين جي ڪري مانهوءَ مردانہ قوت کان بہ محروم ٿي ويندو آهي ان کان وڌيڪ پوليس جي بدمعاشي ۽ غنده گردي ڪهڙي ٿيندي.

اچو تہ ٿورو سنڌ پوليس خصوصاً ميرپورخاص پوليس جو پوسٽ مارٽم ڪريون. ان مر ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ انگريزن پوليس کي پنهنجي مخالفن کي دٻائڻ لاءِ منظم ڪيو هيو. ليڪن ان وقت هڪڙي ڳالهہ اها هئي جو انگريز پوليس مر مانهو جو حسب نسب پچي پوءِ پرتي ڪندا هيا ايتري قدر جو انگريز کو گهوڙو خريد ڪندا هيا تہ بہ ان جو بہ حسب نسب پچندا هيا. ليڪن اڄ حسب نسب واري ڪا ڳالهہ نہ رهي آهي. هڪ مخصوص طبقي جا مانهو ون يونٽ کان پوءِ سنڌ پوليس خصوصاً ميرپورخاص پوليس مر پرتي ٿي ويا آهن جن مر موچي، حجم، ڪن جي ميل ڪڍڻ وارا، تيل مالشي، ميراثي ايتري قدر جو پڙوا بہ پرتي ٿي ويا آهن جنهن جي ڪري پوليس جو پورو ڪاتو ٽائين ٽائين فش ٿي ويو آهي. هاڻي پوليس ڪاتي مر ٽاٽن تي ويهل ميراثي قسم جا صوبيدار جيستائين عوام کان ڪجهہ وٺندا ڪو نہ ان جي جان ڪو نہ ڇڏيندا.

ميرپورخاص پوليس جي آفيسر اعليٰ ڊاڪٽر امير علي شيخ پوليس ڪاتي جي حرام خور، رشوت خور سپاهين ۽ آفيسرن کي ايماندار ڄاڻن يعني عوام کان رشوت نہ وٺڻ لاءِ هڪ قسم ڪٽائڻ جي رسم ادا ڪئي جنهن مر ٽاٽن تي ڪر ڪندڙ صوبيدارن ۽ بين آفيسرن قرآن شريف تي هٿ رکي قسم کنيو هيو تہ هو رشوت نہ وٺندا ايجان ان رشوت نہ وٺڻ واري قسم جي آواز جو پڙاڏو ئي ختم ڪو نہ ٿي هيو جو هنن بدمعاش

پوليس آفيسرن ٽائٽن ۾ ويندي ٿي پنهنجي بدمعاشي جو ڏنڊو شروع ڪري ڏنو. جنهن جا ثبوت مان اوهان کي پيش ڪندس.

سپ کان پهريون ثبوت ڪاڻ ٽائٽي جي اي ايس آئي تاج محمد پيو خود ڏي پي امير علي شيخ جي هٿان ڪوڙي درخواست تي اهو حڪم ورتو ته هڪ غريب هاري يار محمد جي خلاف چوري جي ايف آئي آر داخل ڪئي وڃي. نه صرف اهو ڏي پي او پاڻ ماڻهن جي سفارش تي ۽ حد جي صوبيدارن کان مليل رشوت جي ڪري چورن ۽ قاتلن کي ڇڏي ڏيندو هيو ۽ بيگناهه انسانن کي ٽائٽي تي ڪٽرائيندو هو ايتري قدر جو هڪ غريب انسان جي پيءُ جو خون ٿيو. ڏسو ڊاڪٽر امير علي شيخ جو ڪم ان خون جي ڪيس جي فريادي جيڪو مقتول جو پٽ هيو. ان تي ان ڪري تشدد ڪرايو ته هو چور آهي. جيئن هن جي پيءُ جو خون ٻڏي وڃي. ۱۹

هن ضلع ۾ پوليس جو آفيسر اهو ڪامياب ويندو جيڪو ايماندار هوندو ۽ رشوت نالي ڪنهن شيءِ کان واقف نه هوندو. اهو ئي امن امان بحال ڪرائي ٿو سگهي باقي ڊاڪٽر امير علي شيخ جهڙا نام نهاد ايماندار آفيسر امن امان بحال نه ٿا ڪرائي سگهن سپ کان پهريون پوليس ۾ جيڪي بدمعاش ۽ پڙوا ۽ ڪم ذات ماڻهون پرتي ٿي ويا آهن جيڪي پاڻ چرس ۽ هيروئن وڪڻڻ کان علاوه ٻيئندا به آهن ۽ فحاشي جي اڈن تان باقاعده پتو به وصول ڪندا آهن. انهن سان به به هٿ ڪرڻا پوندا. جيتري قدر پوليس جي متعلق عوام جي راءِ آهي. مان ان کان پوليس جي وڏن آفيسرن کي آگاهه ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته هي بي مهاپاري ڪائي جو قصو آهي. هڪ ماڻهو انگريزن جي فوج ۾ پرتي ٿي پنهنجي وطن ۽ ان پري لام تي هليو ويو. جتي اتي تقريباً ٽي سال ٿي ويا ان دوران هڪ ڏينهن هو پنهنجي مورچي ۾ ويٺو هيو ته اتي ان کي هڪ خط مليو جيڪو خط ان

جي جي سائي هن کي ڏاهي ڏايو ته هن کي پٽ جائو آهي. ان تي هن ان سپاهي کي مبارڪ ڏني ۽ پڇيو ته ڇا ماجرا آهي ته ان انگريز جي پرتي ٽيل لاءِ تي ويئل سپاهي موڇي ۽ ويئل ٻئي همراهه کي جواب ڏنو ته ڪا به ڳالهه نه آهي هن ڪهڙو پنهنجي ان پار کي پنهنجي گهر ۾ رکيو آهي. هو ان کي پوليس ۾ پرتي ڪرائي ڇڏيندو. ان ڪهاوت مان اوهان اندازو لڳائي ٿا سگهو ته پوليس ۾ هن وقت ڪهڙي قسم جا ماڻهو پرتي ٿي ويا آهن. هڪ نمبر جا لچا بدمعاش جاهل نشي ۽ ڪميٽا خصلت ماڻهو وڏي تعداد ۾ پوليس ۾ پرتي ٿي ويا آهن. جنهن ڪري پوليس جو اصل ڪردار ڏوهن تي ڪنٽرول ختم ٿي ويو آهي. ۽ هڪ ڪردار وڃي بچيو آهي. يعني غريب عوام خاص ڪري سنڌين تي تشدد.

موجوده فوجي حڪومت عوام جي پلاٽي لاءِ جيڪي ڪم شروع ڪيا آهن. جنهن ۾ سڀ کان پهرين نوڪر شاهي جو خاتمو ۽ پوليس جو عوامي نمائندن جي ماتحت ٿي ڪم ڪرڻ واري انقلابي قدمن پنهنجو رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيو آهي ۽ عوام جي دلين ۾ پوليس جي خلاف ڊيل نفرت هاڻي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي آهي ۽ جلد ئي غريب عوام جا هٿ انهن ظالم ۽ بدمعاش ظالم قسم جي پوليس افيسرن جي ڳچي ۾ هوندا جو اهي پوليس جا ماڻهو اڃان تائين بي شرم ٿي ويا آهن ۽ شريف ۽ بيگناهه ماڻهن جي خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ ڪٿن ۾ به دير ڪو نه ٿا ڪن. هو اهو ٿا سمجهن ته هن کان ڪو به پڇڻ وارو ڪو نه آهي. ائين ڪو نه آهي وقت وڏو ظالم آهي ۽ هاڻي عوام ۽ پوليس جو ڊوبدو مقابلو ٿيندو. دنيا ڏسندي هاڻي اهو زمانو گذري ويو. جڏهن پوليس جو هڪ معمولي سپاهي به ڪنهن شريف ماڻهوءَ جو پٽڪو لاهڻ ۾ دير ڪو نه ڪندو هيو. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن به بدمعاش عنصر تائيپ پوليس آفيسر جا هٿ ڪنهن

غريب جي ظرف وڌيا تہ اهي هت کپي ڏٽا کيا. ٽائي تي مقرر ٽيل چار سپاهي ء پہ صوبيدار هزارين ماڻهن جو مقابلو نہ ٿا ڪري سگهن ء جيستائين ظالم جو هٿ نہ روکبو هو ظلم ڪندو رهندو هائي جنهن بہ ٽائي تي غريب عوام تي تشدد ٽيو تہ ان صوبيدار جي خلاف ڪارروائي عوام پان ڪندو چاڪاڻ جو جيڪو فوجي حڪومت عام اختيارات عوام جي حوالي ڪرن جو مڪمل پروگرام ناهيو آهي ء جنهن ڪري فوجي حڪومت جو ضلعي حڪومتن وارو نظام ناڪام ٽيو ان ڪري فوجي حڪومت هميشہ هميشہ لاء ناڪام ٿي ويندي. ان تي سوچيندي ئي لڳ ڪاندارجي ٿا وڃن. چو جو انارڪي پکڙجن کان پوء حالات پوليس جي ڪنٽرول کان نڪري ويندا. چاڪاڻ جو هائي عوام پوليس ۾ شامل ان پڙهيل ظالم نيچ ماڻهن کان بيزار آهي. ء هائي پوليس ۾ شامل چورن. ڏاڙيلن ء بدمعاشن کي ڪنهن بہ قيمت تي برداشت نہ ڪيو ويندو. جيڪڏهن ڪنهن پوليس آفيسر کي شڪ آهي تہ پوليس ڪاتي ۾ پڙوا ڪو نہ آهن تہ هڪ دفعي جو ذڪر آهي مان ميرپورخاص جي سدا بهار چڪلي ۾ ويو هوس اوهان پڇندو تہ مان چڪلي ۾ ڇو ويو هوس نہ مون پنهنجي متعلق ڪڏهن بہ اهو ڪو نہ چيو آهي نہ مان پرهيزگار انسان آهيان مان هڪ گنهگار ء خطاوار انسان آهيان ڪجهہ بہ هجي مان عوام سان هر قيمت تي سچو آهيان ء صحيح معني ۾ عوام جو همدرد اهيان ء مان هر وقت خدا کان ڊڄندو رهندو آهيان. اهو تي سبب آهي جو ميرپورخاص جو عوام مون سان بي پناهہ محبت ڪندو آهي.

ها تہ ڳالهہ هلي رهي آهي چڪلي جي تہ جڏهن مان چڪلي ۾ اندر ويس تہ اتي مون ڏٺو تہ هڪ پوڙهي عورت ء ان جون بہ نوجوان ڌئر منهن مٿو پٽي رهيون آهن ء دانهون ڪري رهيون آهن جڏهن مون انهن غريب

عورتن کان انهن دانهن ۽ منهن مٿو پٽڻ جو سبب پڇيو تہ انهن مون کي ٻڌايو. تہ هو پنهنجي وطن کان پري ميرپورخاص ۾ اهو عصمت فروشي جو ڌنڌو ڪرڻ آيون آهن تہ جيئن پنهنجن ٻارن جو پيٽ پالي سگهن. ان عورت ۽ چوڪرين ٻڌايو تہ ڪجهہ غندا بدمعاش ۽ پڙوا ماڻهون پوليس جي وردين ۾ اچي هڪ تہ هنن سان زوري زنا ڪن تہ وري هو جيڪو ڪجهہ ڌنڌو ڪري پئسا ڪمائين ٿيون اها رقم اهي وردي پوش پڙوا زوري کسي کڻي ٿا وڃن اهو ئي سبب آهي جو هو روئي رهيون آهن. جو هنن جا ٻچا بک ٿا مرن. اها درد ناڪ ڪهاڻي آهي. ان وقت ميرپورخاص ٽاڻي جو صوبيدار جيڪو عورتن جي دلالي باقاعده ڪائيندو هيو ۽ ان وقت چڪلي مان ڏيڍ لک روپيا ماهوار دلالي وصول ڪندو هيو. هاڻي ترقي ڪري ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ آف پوليس ٿي ويو آهي. انهن کي سڄو شهر ٿو سڃاڻي. ان وقت ميرپورخاص شهر ۾ چوريون. ڏاڙا ۽ قرون عام جام هيون ۽ ان وقت جيستائين هاءِ ڪورٽ حڪم نہ ڪندي هئي اهو پڙوو ٽائيپ صوبيدار ايف آءِ آر درج ڪو نہ ڪندو هيو. عورت جي ڪمائي کائڻ وارو ڪير بہ هجي اهو پڙوو ئي سڏبو. جيڪڏهن اهو ماڻهو جيڪو عورتن جي دلالي مان حصہ پتي وٺندو هجي جيڪڏهن ضلع پوليس جو سربراهہ ٿي وڃي تہ پوءِ انصاف. قانون. اخلاق شرافت. رواداري. امن امان ۽ سماج جو ڇا حال ٿيندو. ڇو جو پڙوي جو ضمير مري ويندو آهي ۽ هو انسان مان ڪري حيوان ٿي ويندو آهي. ون يونٽ کان پهريون سنڌ جي پوليس چڪلي جي رندين جي ڪمائي کو نہ کائيندي هئي ان وقت پوليس آفيسرن ۾ شرافت ۽ غيرت هوندي هئي. اهو ئي سبب هيو جو ان وقت امن امان ۽ شرافت جو دور هيو. پر ون يونٽ کان پوءِ پيداگير قسم جا پوليس آفيسر ٿي ويا. ان ڪري انصاف

قانون سماج، اخلاق، شرافت ۽ امن امان جي صورتحال اوهان جي سامهون اهي.

بهرحال هاڻي هر ڪنهن کي پنهنجي ڪيئي جو ڪيو نوڙتو پوندو ۽ مڪافات عمل کي منهن ڏيڻو پوندو.

فقط

امان الله سومرو

آرگنائيزر، قيدي بچايو فورم ميرپورخاص سنڌ

سرد لاش

بخدمت ۾ جناب ڊاڪٽر امير علي شيخ صاحب

ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ميرپورخاص

جناب ايس ايس پي صاحب اوهان کي مان اڳ ۾ هڪ اهم مسئلي کان آگاهه ڪري چڪو آهيان ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ اوهان کي خاطر خواه قدم نه کنيو ان ڪري ٻيهر مان اوهان کي ان مسئلي کان آگاهه ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندس.

اڄ مان پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هئس ته هڪ عورت مون وٽ آفيس ۾ آئي ۽ اچي ٻڌايائين ته چاندني چوڪ جي پرسان سيٽ لائيٽ ٽائون جا ٻه سپاهي هن کي پڪڙي ٽائي تي وڻي ويا. جتي هو کيس قلم 294 ۾ چالان ڪرڻ جا دڙڪا ڏئي رهيا هئا. ان عورت ٻڌايو ته ان دوران پوليس جي هڪ سپاهي ان جي پرس جي تلاشي پڻ ورتي. ان تي ان عورت جيڪا هر دور ۾ وڪامندي آئي آهي ان روئيندي ٽائي وارن کي ٻڌايو ته هو فحاشي جو ڌنڌو ڪو نه ڪندي آهي پر هوءَ ميرپورخاص جي هڪ وڪيل وٽ ان جي ڏي جي آيا طور ڪم ڪندي آهي. جڏهن هنن اها ڳالهه ٻڌي ته هو ڪجهه گهبرائجي ويا ۽ پوءِ هو سوچ ۾ پئجي ويا ته هو ان عورت کي ڇا ڪن ڇو جو هوءَ بنا ڪنهن ڏوهه جي زبردستي غنده گردي ڪري ٽائي تي آندي ويئي هئي. ها ته پوءِ ان عورت ٻڌايو ته پوليس وارن پوءِ ان کي پنجاهه روپيا کيسي مان ڏئي ماني کارائي ٽائي مان روانو ڪيو. هائي مان اوهان کي ان عورت جو تعارف ڪرائيندس.

جناب اعليٰ مان اڳ ۾ اعتراف ڪندو رهيو آهيان ۽ اڄ ۾ ڪيان ٿو تہ مان هڪ گنهگار شخص آهيان. مان گناهہ جي دنيا کي پنهنجي اکين سان ويجهو ڏٺو آهي. اوهان صرف ڪتاب پڙهو آهي پر اکين سان ڏٺو نہ آهي. پر مان گناهہ جي دنيا جو اهڙو عنصر آهيان. جيڪو گناهہ تي ڪنهن بہ قيمت تي خوش ڪو نہ ٿيندو آهيان پر ان گنهگار عورت جي مجبوري ڏسي مان وڏي اچرج ۾ پئجي ويندو آهيان تہ ڇا آسان ان گناهہ کي جيڪو عورت پنهنجو جسم وڪڻي ٿي ڪري ان کي ختم ڪري ٿا سگهون تہ منهنجو جواب نفي ۾ آهي. اڄ اوهان تواريخ جا پراڻا ورق الٽائيندا تہ ڏسو جي تهذيب کان ويندي سنڌ جي موهن جي ڏڙي جي تهذيب تائين عورت کي نچايو ويو تہ ڪڏهن وڪرو ڪيو ويو تہ ڪڏهن ماريو ويو. جنهن جو اڄ بہ هڪ مثال ڪاروڪاري سنڌ کان علاوہ پوري دنيا ۾ موجود آهي. تواريخ جي وڏيڪ اپياس مان پتو ٿو پوي تہ يورپ ۾ ڪليسا جي پوپن سيڪس تي ايتري تہ پابندي هنئي جو عورتن کي چڙيل ۽ ڏانئن ڇئي دردناڪ عذاب ڏنا ويا پر پوءِ بہ اهي يورپ ڪامياب نہ ٿي سگهيا ۽ پوءِ مجبور ٿي ڪليسا وارن انهن عورتن کي ان ڳالهہ جو پابند ڪيو تہ هو ان کڏي ڏنڊي مان ڪجهہ رقم ٽئڪس طور خرچ کي ڏين ان جو نتيجو اهو ٿيو جو اڄ يورپ جي مارڪيٽ ۾ انهن شين جو نمونو جنهن کي سرعام ڏسڻ ممنوع هيو انهن جا ڊپليڪيٽ موجود آهن. جن جو سنڌ ۾ ڏسڻ بہ گناهہ آهي. يورپ ۾ هر هنڌ ائين ٽنگيا ٻڌا آهن جن پاڻي جي دڪاندار وٽ واڳڻ ۽ ڪدو پيا هوندا آهن. هت تہ ساڪي صورتحال آهي اڄ بہ هت سرڪاري ڪارندا جن ۾ پوليس سر فهرست آهي ان قسم جي عورتن کان باقاعده پتو وٺندي آهي. اهو پتو نقد رقم بہ هوندو آهي تہ وري جنس جي شڪل يعني ان عورت جي جسم کي ڪجهہ وقت لاءِ پتيو ويندو آهي.

اچو ته مان ان عورت جو اوهان کي تعارف ڪرايان جيڪو اڳ ۾ مڪمل ڪونہ ٿيو هيو مان هڪ دفعہ آفيس ۾ ويٺو هئس تہ گڏهہ جوڳ دنيا جي هڪ عورت ان عورت کي مون وٽ وٺي آئي جنهن کي مان سرد لاش ٿي چوندس. اچي چيائين. هن کي ميرپورخاص ۾ ڪو بہ گهر ٽڙ ڪو نہ آهي مان هن کي پاڻ وٽ رهايان. مون هن کي مجبور ٿي بہ پاڻ وٽ رهايو جو منهنجون بہ ڪي مجبوريون هيون. بهرحال پي ڏينهن مان هن سان گڏجي هن جي ڳوٺ ڪنري ويس جتي هن جا ماءُ پي هيا. اتي مون هنن جو ڀڳل ٽٽل گهر ڏٺو ان جو پيءُ پائٽي پريندوآهي معني ماشقي آهن هن جي گهر هڪ گڏهہ ۽ هڪ پائٽي پرڻ جي گاڏي هئي اها هئي هنن جي ڪل پراپرٽي ۽ ان عورت جي پيءُ ٻڌايو تہ هو هندستان کان لڏي پاڪستان آيو آهي ۽ هن جي حصي ۾ اهو هڪ گڏهہ آيو آهي هنن جي وڏي دردناڪ ڪهاڻي هئي جو گهر ۾ هڪ بيوه پيڻ ۽ ان جا پار ملائي مون ڏٺا تہ ڪل ڏهہ پارنهن پاڻي هيا جنهن مان ٽي پار ان عورت جا هيا جنهن کي پوليس اڄ مورخہ 2000-07-04 تي بي وڳي ٽاٽي ٽي وڻي وٺي هئي ان جو هڪ پٽ مدرسي ۾ پڙهندو آهي تہ بہ ڏيئر هن جا ماءُ پيءُ سنياليندا آهن . هاڻي ٽن پاتين جي گهر جو خرچ بيماري سيماري جي دوا دارون ڪٽان اچي اهو وڏو مسئلو آهي چاڪاڻ تہ ان عورت جون اڳي ٽي شاديون ناڪام ٽي چڪيون آهن انهن شادين جي ناڪامين جي پويان تہ غربت جو پوت آهي جيڪو ڏينهون ڏينهن غريبن کي گهندو ٿو وڃي چو جو جائز ۽ باعزت روز گار نہ ملڻ جي ڪري سماج جنهن پاسي وڃي ٿيو ان جي هڪ تصوير اها بہ آهي تہ ڪراچي جهڙي بين الاقوامي شهر ۾ سٺ سيڪڙو عورتون ان گناهہ جي ڏنڊي سان لاڳاپيل آهن اهڙي رپورٽ اخبارن ۾ ٿوروَ عرصو اڳ شايع ٿي آهي.

ان سرد لاش جي باري اُن عورت جي باري ۾ مون کي هڪ جرنلسٽ عورت ٻڌايو جيڪا پن گناهه جي ڏندي سان وابسته آهي اها ان عورت کي منهنجي جي گهران هڪ رات لاءِ هڪ هزارروپيه ڪرايه تي ايريگيشن ڪاتي جي آفيسرن لاءِ ونڊي ويئي هئي صبح جو ان جرنلسٽ عورت شڪايت ڪئي ته هي عورت سڄي رات ائين ستي پئي هئي جڏ لاش هجي ته پوءِ لاش جي پرسان ويڻل همراهن به گهٽ ڪونه ڪئي هوندي پي ڏينهن صبح جو جڏهن مان ان عورت کان پڇيو ته ڏي حال احوال ان ڏندي ۾ مزو آهي ته سائين مان توهان کي يقين ٿو ڏياريان ته اها عورت روئي پئي ۽ چوڻ لڳي ته اهو ڏندو ڪري هن جو جسم سن ٿي ويو آهي ۽ هن جي زندگي هڪ ويران قبرستان آهي جنهن ۾ هن جي لاش دفن آهي هو هڪ ڊرائيور سان محبت ڪندي آهي ته شايد هن جو به ڪو سهارو ٿي پوي.

ڊي پي او صاحب هن دنيا مان جيڪڏهن گناهه ختم ٿي ويا ته پوءِ ثواب جو به تصور ختم ٿي ويندوءِ پوءِ دنيا ڦڪي ڦڪي ٿي ويندي پوءِ انسان جو ۽ توهان جو مصرف ئي ختم ٿي ويندو هو. ڪو وقت هوندو هيو جو ميرپورخاص جو چڪلو ڏهڏهي سان هلندو هيو ۽ چڪلي جي ماهانه آمدني هڪ لک روپين کان مٿي هئي. جنهن مان پوليس جي وڏن آفيسرن جي بيگمات جون سرخيون ۽ پائوڈر خريد ڪيا ويندا هئا.

هن وقت شهر ۾ بک جو راڪاس ڪاهي پيو آهي ڏنڊا ڏاڙي بلڪل بند آهن ۽ مهانگائي ماڻهن جي چيڀاٽ چپي ڪري ڇڏي آهي اها عورت جنهن کي پوليس گرفتار ڪري ڇڏي ڏنو آهي هو ماڻهن پٽن شروع ڪندي ان کان علاوه هن وٽ پيو ڪوبه چارو نه آهي جو جو هي نوڪري ڪرن چاهي ته هن کي نوڪري ڪونه ملندي جي ملندي ته پگهارايتري

ملندي گذارو ڪونہ ٿيندو اهو ڏيندو نہ صرف ان عورت جي مجبوري آهي پر اهڙيون مجبور لاچار ۽ بي وس عورتن جي وڏي تعداد شهر ۾ آهي جنهن تي ڪنٽرول ڪرڻ پوليس جي وس کان ٻاهر آهي باقي جيڪڏهن ڪنهن جو روا لاتاهوجن ۽ هوا جي ڏي ڪي سر عام رسوا ڪيو وڃي جيئن اوهان جي قيادت ۾ پوليس بکين عورتن جا جيڪي روا لاهن شروع ڪيا آهن اها اوهان جي زوال جي نشاني آهي ته ان سان عوام کي ڪو به فائدو ڪو نہ پوندو.

امان الله سومرو وڪيل

ميرپورخاص.

• — پرينءُ امان الله سومرو ،
خوشبوئن جي پاڪرن ۾ رهو سدا .

شڏي رُت آيون مهڻي جاڀي پئي آهي ، هي مُند پيار جي ننڍي ۾ ويڙهجڻ جي مند آهي .
پر جنهن جاءِ تي اڄوڪن هن وقت موجود آهيان ، اُتي عجيب ويرانين جو واسو آهي .
تنهنجو پيار سنيهو ملیو آهي ، جيڪو مون آلين ٿي ڏٺيو آهي . تنهنجي ارپيل پيار
منهنجي دل جا سمورا ٽڪ لاهي چڏيا آهن . اڄوڪن وقت جي سمورين تلخين جو
زهر پي ۽ ايان ائين ٿي آهيان جيئن پهرين هوس .
جيل ۾ قيدين وڏي اذيت پوڳي آهي ، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن کونهي .
ظلم اهو ٿيو آهي جو جيڪي قيدي جيل سڳامي ۾ ذرو ۽ ملوث نه هٽا جن کو .
پڙ جو ٽڪرو ۽ بمٽ ۾ نڪنيو ، انهن تي تشدد ٿيو ، اهي بند وارڊ ڪيا ويا ۽ وري ،
ڪيس ۽ انهن بيگناهه قيدين تي ٿيو آهي ، جنهن ۾ اڪثر قيدي لاوارث آهن .
اڄوڪن پنهنجي وارڊ مان ۽ نڪتس ، پوءِ پُڇلجي ويس ۽ مون تي ۽ ناحق ڪيس مڙهيو
ويو آهي ، جنهن جو سبب ۽ رڳو مون کي ذهني اذيت ۾ مبتلا ڪرڻ آهي . مون جيل .
۾ رهي اها ئي ڪوشش ڪئي آهي ته هڪ پاسي رهي ادب تخليق ڪريان ، شاعري ۽ ،
مطالعي کي وقت ڏيئي ، عزت سان وقت ڪٽيان ، پر پوءِ ۽ بدترين جو شڪار رهندو ،
آيو آهيان ، بهرحال اڄوڪن مايوس ناهيان ، تڪليفن جو هي سفر ۽ گذري وڃڻو آهي .
نوهان جيڪو قيدين جي پلاٽي لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيو اهو فخر لائق آهي .
نوهان غريب لاوارث ۽ بي پڇ قيدين لاءِ جيڪو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيو .
ان تي انسان سپني کي فخر آهي . خوشي آهي ، هڪ ليڊڪ ، شاعر ۽ انسانن دوست
انسان جي حيثيت ۾ اڄوڪن نوهان کي جس ڏيان ٿو ، ۽ نوهان جي خلوص ، پيار ،
۽ انسانيت جي بلند جذبي ۽ خدمت کي سلام پيش ڪريان ٿو ، نوهان کي سڄڻ ،
جي ننڍي تاريخ ڪڏهن ۽ نه وساريندي . اڄوڪن اميد ٿو ڪريان ته نوهانجو عظمت ،
جو اهو سفر اڄ ٽڪ ۽ اڻ ٽٽ رهندو .
هتي واڙيل ڪيترائي قيدي اوهان کي پيار ، مان ياد ڪن ٿا ۽ سلام چون ٿا .
ڪڏهن چڪر لڳائي وڃو ته بهتر آهي . ننڍي صورتحال کان آگاهه ٿي ويندا .
هڻي الحال قيدي خيريت ناهن ، ۽ تازو سچو دوست حبيب حبيد گمارپو اٿن ،
ٻيو ڪو خاص احوال کونهي ، اوهان جي پيار ۽ ياد گيري لاءِ ٿوراڻو آهيان .

پيار مان ،
اڄوڪن شهنجو ،
ايو ب ٽو سو ،
سينٽرل جيل حيدرآباد
20 نومبر 2000ع .

ABC Certified
The Largest Circulated Sindhi Daily of Pakistan
DAILY KAWISH HYDERABAD
روزانه کاوش حیدرآباد
780525,780026,780027,782203
(جلد -12) چنڊر 26 - جنوري 2002ع بمطابق 11- ذوالقعد 1422ھ (شمارو 172-)قيمت 4- روپيا

حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ٽن مهينن اندر 10- قيدي فوت: ڪيترائي اسپتال داخل

اڳ هلندڙ مهيني ۾ ئي قيدي فوت ٿيا. ڪالهه 12- قيدي علاج لاءِ اسپتال آندا ويا. اڪثر قيدي ڏاڙيا ۽ روئل

جيل ۾ گندگي، خراب کاڌي ۽ تشدد واري ڳالهه ڪرڻ آهي، قيدين جي چوڻ سان ڪو فرق نه ٿو پوي: سپرنٽينڈنٽ

ڪالهه 10 قيدي مختلف سبين هلري فوت ٿيا | قيدين پاڻمان بيمارين جو سبب خراب کاڌو ۽ تشدد ٻڌايو | حيدرآباد (ريپورٽ: منيجر آفيس حيدرآباد سينٽرل جيل) مڪمل ڏينهن اڳ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ ٽن مهينن واري عرصي ۾ ڏهه قيدي فوت ٿيا آهن. ڪالهه 12- قيدين کي علاج لاءِ اسپتال آندو ويو. قيدين مرڻ کان اڳ ۽ پوءِ ڊاڪٽرن جي رپورٽ موجب ڪالهه 10 قيدي مختلف سبين هلري فوت ٿيا آهن. ڪالهه 12- قيدين کي علاج لاءِ اسپتال آندو ويو. قيدين مرڻ کان اڳ ۽ پوءِ ڊاڪٽرن جي رپورٽ موجب / صفحو 2 ڪالم 7

حيدرآباد جيل ۾ ڏهين افريدي تي ٿيندڙ حملي خلاف احتجاجي مظاهرو

مظاهرين ۾ فيصل جي ماءُ، پيڻ، پاءُ ۽ ٻيا عزيز شامل

ڏهين جي ٿيندڙ حوالگي خلاف ڪيترن ئي حلقن جو مظاهرو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) مڪمل ڏينهن اڳ سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند ٿي آل سنڌ عوامي اتحاد جي ڪارڪن فيصل افريدي تي ٿيندڙ حملي جي خلاف ۽ سندس حفاظتي بابتن حيدرآباد / صفحو 2 ڪالم 8

سي جيل ۾ ٽوپ ٽيل نوجوان جو ڪيس پوليس ويٽن کان انڪاري

9 فوجي جي پاڻ ياران جيلر جسٽس کي ٽيليگرام: ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ۾ تشدد جي تصديق

سي جيل ۾ ٽوپ ٽيل نوجوان جو پوليس جي تشدد جي ڪري موت جو ڪيس

سي (ن ه) سي جيل ۾ 2 ڏينهن اڳ فوت ٿيل ٽوپ ٽيل نوجوان جي موت جو ڪيس پوليس ويٽن کان انڪاري ٿي رهي آهي. ان سلسلي ۾ خلاف رسم هلي مڳڻيار جي راڻن کان سي پوليس جيلر جسٽس کي ٽيليگرام ذريعي اطلاع ڏنو ويو آهي ته ٽوپ ٽيل جي پاڻ ياران

F6

سنڌو ديش مقدر آ

سائين جي ايم سيد رهبر آ

Date 18.1.2001
Central Prison
Hyd

کيهر انصاري
(J.S.S.F)

جناب ايڊووڪيٽ (سائين) الله سومرو صاحب جيئي سنڌ ـ

مائوارا ـ سائين سيڪشن پرسيائين ـ اوهان جي اسناد جو شڪر گذار آهيان ـ جنهن اوهان کي پڙهائڻ ۾ (انسانيت جي آزلي عظمت جو لفظ پڙهايو ـ ها اهي جنهن ميات يا (اساسات کوڙي بازار مات وئي ـ ورڻ مائٽن جو ڪهاڻي لڳي ؟! ـ ـ ـ دراصل مقصد جي ڳالهه ته احتياط جو ڪيئن لڳي اوهان جو پتو ڏنو ـ قيد ۾ جي جوڪال متعلق جو پڙهڻ ڳچو ڏنو ـ ڪيئن ڪيئن ڪيئن

• - بيحد پيارا امان الله سومرو ،

ڪنوارن ڪونڻن ڇوڙيون محبتون ماڻيندا رهو .

• - ڀ سال بدلجي ويو آهي، ڪيليندر تبديل ٿي ويا آهن، پراسان جا ڏڪ سائڪيا آهن، اڃينون سائڪيون آهن ! ڀلا سال بدلجڻ سان ٿيئي ڇا ٿو !؟ ڪاب تبديلي کونٿي اچي ! چمڪندڙ ڀ جسم سائڪ ريت ، لُڇجي رهيا آهن، ماڻهو اڃان ٿي تڪ ، بدحالي، بيروزگاري ، خودڪشين، روڊ حادثن، ذاتي وڙهڻن ، ۾ اڃا ٿي مارجي رهيا آهن ، پر ڀي طرف سال جي آمد ٿي تاڙيون ڀيون ڪٽيون وڄن ، نئين سال جي آمد واري رات پارهين جي حيدرآباد ۾ وڏي خوشي سب زبردست فائرنگ ٿي ڪئي جيئا ، مون ٻيوارن ڀ ويهي هڏي ڪئي، مون دل ۾ تڏهن سوچيو ته شايد کو ۾ اسڙو ماڻهو کو ٿهي، جيڪو هٿ کي هڏائي ٿو ته انسان جي ديس جو ماڻهو ماڻهو اداس آهي، اڪيلو ٿي ويل آهي، غمگين ۾ نٿ ٿکو آهي، ان ڪري براڊ مهرباني بندوقن ۾ رائيفلن جي منهن مان ٿڪلن جي ، اها بکواس بند ڪريو ! ۾ چند منٽن لاءِ نئين سال جي آمد ٿي انهن ماڻن جي ويران دلين ، جي درد لاءِ خاموشي اختيار ڪريو جن کي پوليس بيگناهه مقابلا ڀاڻائي ماريو آهي يا جن ، جي گهرو ٽن کي منڊي جو هيراڪ ڪرائي ڇڏي ڇڏي ماريو ويو آهي، پرافسوس جو ڪير ڪٿهن ، کي سمجهه ۾ نٿا ڪن ، يا ڪير ڪٿهن جي ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ناهي، جيڪو ٿئام وڏو الميو آهي، اسين سڀ وهشي مالڪن جي سامهون تماشو ٿيل آهيون، انسان جا وجود جي معنيٰ ٻڌجي رهيا آهن ، لفظ انسانيت انسان جي زمين جي ماڻهن جي ۽ ڪشرين مان ڇڏ ۾ خارج ٿي ڇڪو آهي . ۽ پوري سوسائٽي ٿي هڪڙو عجيب جمود طاري ٿيل آهي، جنهن ڪري سانهن جو سفر رڳو ٿي ويو آهي ، بهرحال ان اذيت واري ماحول ۾ ۽ انسان اهو عهد ڪري تحليلن ۾ ۽ جيڏ رهيا آهيون رڳو ، اهو سوچي ٿ انسان کي هن زمين ٿي امن، پيار، ۽ انسانيت جو پرچم بلند ڪري دنيا ٿي اهو ثابت ڪرڻو آهي ٿ انسان موٽ جي وڏي جا وارث ميرمهذب ماڻهون پر مهذب آهيون ، نئين سال ۾ تنهنجو پيارو پيارو پرين جي ڏ ٽل ڇُمي جهڙو سنيهو ملير آهي، جهڙو موڪ ، آئين ٿي رکيو آهي، اوسان جي پيار مون کي بهار ۾ ڪٽيل گلاب جيئن مهڪ مهڪ ، خوشبو خوشبو ، ڪري ڇڏيو آهي، مون کي فخر آهي ٿ اوسان جهڙو محبوب انسان مون سان پيار ڪري ٿو، اوسان سان سمورا قيدي اهڙو پيار ڪن ٿا جهڙو سڀون سموندن سان پيار ڪندا يون آهن، اهڙو پيار ، جهڙو ڳل بهارن سان ڪندا آهن، اهڙو پيار جهڙو پکڙيون درياڻا سان ڪندا يون آهن، نه رڳو ، محبتون پر قيدين جون ٻڌڻ ڪٿا ٿون ۾ ڪنواريون دماڻون ۾ اوسان جي ناليون اڇپيل آهن . اسپيشل ڪورٽن کان ملهڻ سزائن وارن قيدين کي حڪومت جي پاران ڪاب معافي نٿي ٻڌي، ان سلسلي ۾ معزز عدالتن کي دانهن جي ضرورت آهي جيڏا انهي قيدين کي اهو حق ڏيارين ! اصل ۾ ، مڪمل انسانيت جي جذبي جي ڦهلاڻ لاءِ ڪوڏار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي ، ته جيئن ٻڌيا ڏي ، انساني حقن جو تحفظ ٻڌيندو رهي، ان سلسلي ۾ تو مان هو ڪردار بناڻڻ جي سارا هه ٻوڙو آهي، هي انسان جي عقل جي عروج جي صدي آهي، جنهن جي چانڊڪ ٿي ٻيهي ۾ انسان اڪيلا آهيون اصل ۾ ٻڌيڻ ته انڪي ڪيو جو انسان جا قدم دنيا جي پين مهذب قومن سان ڪڏجي ملائڻ ڪين ! يو انسان ڪهڙو پوئتي رهجي ويل آهيون ! اسين نئين تاريخ ۾ لاوارث لاش جيئن ٻڌجي ويل آهيون ، اسين ته انهن ڪلين جيئن ٻڌجي ويل آهيون جن کي پيرن ۾ بند ڪري وڪيو ويندو آهي ! اسين ، ته ان درياءَ جيئن ٿي ويل آهيون جنهن کي کو بند بڏي سڪائي ويندو آهي ! اسين ته سرد ، راتين ۾ جاڳندڙ آڏاڻ جي ستارن جي ماشڻي جي نرملتا جيئن ٿي ويل آهيون جن جي ، اڪيلا ڀڻ کي اڪثر ڪيئن ٿا سمجهي سڪهن ميڪي چند ڪان سواءِ اذارون ٿي نه ڪندا ، آهن ! .... ٻيو ڪو خاص احوال کو نهي، آڻون بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهيان ، وقت گذري رهيو آهي . ٿون جن محبتن سان نوازين ٿو آڻون ان جو قرضي آهيان ، ٿوروڙ ٿو آهيان . ٿون خوش رهجين، ستارن جيئن چمڪندو رهين ۽ ڏيهه کي روشني ڏيندو رهين .

ٿو لاءِ سمورو پيار ،

آڻون تنهنجو ،

ايوب کوسو ،

سينٽرل جيل حيدرآباد سنڌ .

2 جنوري ٤٢٥٥ء .

وکيل جواب ڏين
ڇا هو قيدين تي تشدد جا ذميدار نہ آهن.

اڄ ڪلهہ قيدين تي تشدد جو مسئلو وڏي زور شور سان زير بحث آهي. ان بحث تي اسان ڪلي پنهنجي راءِ جو اظهار ضرور ڪنداسين ڇاڪاڻ جو اسان جي راءِ ۾ وڏو وزن آهي جنهنجو اعتراف وڪيل بہ ڪندا آهن اسان جڏهن قيدين تي تشدد جي سلسلي ۾ جڏهن چئني پاسي نظر ڦيرائي ڏٺي تہ اسان ڏٺو تہ قيدين تي تشدد جي سلسلي ۾ وڪيل بہ ذميدار آهن ڇاڪاڻ جو وڪيل جج ۽ قيدي جو پاڻ ۾ اڻ ڏٺو اتحاد هي نہ بلڪ ايئن چئو تہ انهن ٻنهي جي هڪ تڪون آهي ۽ انهن ٻنهي فريقن جي ٽڪندي ۾ڇولي دامن جو ساٿ آهي گذريل ٻن سالن کان ستمبر 2000 کان وٺي قيدين سان جيلن ۾ جيڪا غير انساني تعديون ۽ جنيون ڪيون ويون آهن ان ۾ پسرنهن کن قيدي مري ويا آهن ۽ ڪيترا ئي قيدي اپاهج ۽ نامرد ٿي ويا آهن تہ ايئن سمجهو تہ انهن قيدين جي زندگي ئي ويران ٿي وئي آهي جنهن جو اعتراف جيل جا جلاد قسم جا آفيسر هر هڪ ملڪ الطاف ۽ اعجاز حيدر عرف اجو ڪري رهيا آهن قيدين کي وهنجڻ جي اجازت نہ آهي قيدين جو مڇون ڏاڙهيون ۽ پرون ڪوڙي مٽي تي پٽا ناهي انهن کي اگهاڙو ڪري پيٽرول سان پريل سرنجون هٽي انهن جي ڳئي ۾ ڪاڻي جا نهيل مردانہ عضوا وجهڻ جهڙي ذليل ڪم کان علاوه هڪ ليٽر پاڻي ۾ چونو نسوار ۽ پيٽرول ملائي نڪ جي ذريعي قيدين جي جسم ۾ وجهڻ ڪانپوءِ انهن کي الٽو ٽنگي ٽڏي پاڻي جي حوض ۾ غوطا ڏيارڻ کان پوءِ زوري منهن مان ڪتن وانگر پونکڻ جا آواز ڪيرائڻ جهڙن انسانيت سوز ظلمن کان ساڻهن کي گهٽي وقت کان آگاهہ ڪري رهيو آهيان ليڪن مونکي وڪيلن جي رويي تي سخت افسوس آهي ۽ انهن جي وڪالت ڪرڻ

جو طريقو ڏسي مون تہ گھٽا سال اڳ وڪالت ڪرڻ ڇڏي ڏني هئي مان اڄ ڪلهہ وڪالت جو پيشو ان ڪري ڪونہ ڪندو آهيان جو جو اڄ جي وڪالت ڪرڻ کان ڪنهن عورت جي دلالي ڪرڻ بهتر آهي جو گهٽ ۾ گهٽ ضمير تہ مطمئن هوندو پر اڄڪلهہ جي وڪيل جي ڪردار تي نظر وجهون ٿا تہ شرم کان ڳچي جهڪي ٿي وڃي.

مورخہ 29-01-2002 مونکي نارا جيل ۾ هڪ خون جي ڪيس ۾ گرفتار هڪ ئي گهر جي اٽن پاتين جي ڏک ۽ ڪرب کي ڏسي مونکي ڏڪڻي وڻي وئي جڏهن اڄ کان ٻہ سال اڳ جڏهن گلزار چنہ جهڙي خوني ۽ قاتل جيل سپرنٽنڈنٽ جي ڪوڙي ايف آئي آر تي پکڙي جيل موڪلي ڇڏيو هيو.اتي اهي ئي هڪ گهر جا پاتي جيڪي هڪ ماڻهون جي قتل جي ڪوڙي ايف آئي آر ۾ نارا جيل ۾ ڪيترن ئي سالن کان بند آهن انهن غريبن جي سموري ملڪيت وڪيلن جي بي حسي ۽ انا پرستي جي ڪري تباهہ ۽ برباد ٿي وئي آهي ۽ هاڻي هو ڪيسن جي پوئواري ڪرڻ ۽ جيل ۾ پنهنجي حياتي بچائڻ لاءِ جيڪو مال متاع هيواهو وڪيلن ۽ ڪورٽن جي خرچ ۾ ختم ٿي ويو آهي پوءِ ٻہ انهن غريبن کي انصاف نہ مليو وڪيل اهو نہ سمجهن تہ هو فرشتا آهن جيڪڏهن عدليہ جا جج خراب آهن تہ انهن کي خراب ڪرڻ ۾ وڪيلن جو سئون سڏو هٿ آهي ۽ اسان انهن وڪيلن کي چنگي طرح ٿا سڃاڻون جيڪي ڪورٽن ۾ ججن جي دلالي ۾ پنهنجا هٿ ڪارا ٿا ڪن اڄ اهي ئي وڪيل قيدين تي تشدد جي سلسلي ۾ ڪورٽن جي ججن سان گڏ ذميدار آهن ڇاڪاڻ جو انهن ماڻهن کي جن کي قيدي سڏيو ويندو آهي وڪيل انهن کان ان ڪري نفرت ڪندا آهن تہ هو ڏوهاري ۽ جرائم پيشہ آهن پر جڏهن اهي ڏوهاري جڏهن وڪيلن کي پئسا ڏيندا آهن تہ پوءِ هو ڏوهارين جي وڪالت ڪرڻ ۾ ٻہ دير ڪونہ ڪندا آهن لعنت آهي اهڙي وڪالت تي اهوئي سبب آهي جو اسان حق ۽ سچ جي

وڪالت ڪرڻ جو قسم کنيو آهي ۽ اسان اهو ڪارو ڪوٽ پنهنجا ڪارا ڪرتوت لڪائڻ نہ بلڪ ڪارن ڪرتوتن جي حامل ڪردارن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ پاتو آهي ڇو جو اسان کي خبرآهي تہ ڪارو ڪوٽ صرف وڪيل ئي نہ بلڪ جج بہ پائيندا آهن.

بهرحال اسان قيدين سان وفا جو عهد نپائڻ جو قسم کاڌو آهي چاڪاڻ جو مان پاڻ بہ جيلن ۾ رهيو آهيان هڪ دفع منهنجي انٽر نيشنل هيومن رائٽس جي چيئرمين سان ملاقات ٿي هو جيل جي سڌارن جي متعلق ڏهوان ڏهار تقرير ڪري رهيو هو هو اها تقرير مفت ڪونہ ڪري رهيو هو پر ان کي اها بڪواس ڪرڻ جي باقائده پگهار ملندي آهي ۽ ان کان علاوه وڏيون رقمون قيدين جي هٿ ٺوڪڻي مدد ڪرڻ جي سلسلي ۾ هضم ڪرڻ لاءِ بہ ملنديون آهن هن کان جڏهن مون هن کان پڇيو تہ هو جيل گهٽا دفعا ويو آهي تہ هو بغلون وڄائڻ لڳو اهوئي حال وڪيلن ۽ ججن جو آهي جو هڪ ڏينهن بہ جيل ڪونہ ويا آهن ۽ هليا آهن قيدين کا کيس وڙهڻ انهن کي ڪهڙي خبر تہ جيل ڇا ٿيندو آهي چاڪاڻ جو قبر جي حال جيڏي خبر تہ مردي کي ئي هوندي.

بهرحال قيدين کي عذاب ۾ مبتلا ڪرڻ جو جيتري قدر جج ذميدار آهن اوتروئي وڪيل ٻئي قيدين تي تشدد ٿيڻ جا برابر جا ذميدار آهن چاڪاڻ جو وڪيلن قيدين کي ڪمائڻ جي مشين سمجهيو آهي جو جڏهن بہ پيشي تي ايندو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏئي ويندو مون پاڻ اکين سان قيدين جي مائٽن کي روئيندي ڏٺو آهي تہ وڪيل انهن کان ضمانت ڪرائڻ لاءِ پئسا ونڊي رفو چڪر ٿي ويا آهن. وڪيلن کي جيئن تہ ججن وانگر مسلح گارڊ ڪونہ آهي ان ڪري هو رفو چڪر ٿيڻ جو مزو بہ چکندا آهن جو ڪيترائي وڪيل گولين جو بک بنجي ويا آهن تہ وري ڪيترائي وڪيل پنهنجي آفيس کي اندران بند ڪري وهندا آهن اهو ان ڪري جو هو پنهنجي

پيشي سان سچا نہ آهن ۽ انهن کي صرف پئسو ڪپي ۽ هو بنا پئسي جي چپ چورن لاءِ بہ تيار نہ آهن اهو ئي سبب آهي جو قيدين جي معاملي ۾ رشوتخور ججن يا جيل جي ظالم آفيسرن سان ٽڪر ڪونہ ٿا ڪائين انهن جو پاڻ ۾ ڳڻ جوڙ آهي پر وڪيلن ۽ رشوت خور ججن جي ناپاڪ اتحاد جي ڪري ٽئين فريق قيدي جي جيڪا حالت آهي ان کا هي ناعاقبت انديش ماڻهون شايد ناواقف آهن تہ انهن جي اصيلن جي جيڪي جيل ۾ بند آهن جيڪي سڄي گهر جي ڪمائي جو ذريعو آهن انهن جا ٻار ٻچا ٿا نہ وڪٽندا هوندا ڇاڪاڻ جو هاڻي تہ وڪيلن ججن ۽ جيل وارن جي پٽ پٽان جي ڪري قيدين جي ٻار ٻچن جي عزت نيلام ٿيڻ لڳي آهي ان ڳالهہ کان هي ظالم ۽ ڪم ظريف وڪيل ۽ جج واقف ئي ڪونہ آهن اسان کي اها چنگي طرح خبر آهي تہ سڀ وڪيل ڪم ظرف ۽ لڇا ڪونہ آهن انهن ۾ خانداني ۽ غريب پرور وڪيل بہ آهن انهن وڪيلن کي مان سڃاڻندو آهيان تہ وري بي ظرف انهن حرام خور بدديانت عوام دشمن ججن جي دلالي ڪرڻ وارا وڪيل جيڪي انصاف جي خريد فروخت جي ڪاري ڌنڌي ۾ ڀهڻجو ساهيڪار ٿا ڪن انهن جو مڪمل ريڪارڊ اسان وٽ آهي وقت اچڻ تي انهن بدديانت وڪيلن جيڪي قيدين کان ناجائز پئسا ڦرڻ جي باوجود ججن سان ملي ڪيس کي جيڪا اينگهہ ڏئي رهيا آهن انهن سار ۾ جلد حساب ڪتاب ڪيو ويندو ڇو جو هاڻي پاڻي سر کان وڌي ويو آهي.

موجوده حڪومت غريب قيدين جي واهر ڪرڻ ۾ مڪمل طور ناڪام ٿي چڪي آهي ۽ ملڪ هلائڻ فوجي آفيسرن جي وس کان ٻاهر آهي ۽ اسان کي جيڪي اميدون فوجي حڪومت ماڻ هيون اهي ڪڙهوڪ ختم ٿي ڇڪيون آهن بهرحال اسان مايوس ڪونہ آهيون هڪ نہ هڪ ڏينهن ان نظام کي ختم ڪري نئون نظام قائم ڪنداسين بهرحال اڄ نہ تہ

صبحاني اسان کي آزادي ۽ خودمختياري ۽ جيئن جو حق ملندو جيڪو نوکر شاهي تانا شاهي عدليه ۽ وکيلن ملي ڪري کسيو آهي ۽ جيل جي هزارين بي پهچ ۽ لاوارث قيدين کي بدمست شرابي غندن ۽ ظالمن هر هڪ ملڪ الطاف ۽ اعجاز حيدر ۽ نثار مهر جي اڳيان قتو ڪري ڇڏيو آهي جتي اهي غريب قيدي دانهون ڪري رهيا آهن پر اسان جا انڌا گونگا ٻوڙا جج ۽ وکيل اهي دانهون ان ڪري نه ٿا ٻڌن جو هنن کي اهي آنهون داهون ٻڌن لاء به پئسا ڪين لعنت اهي اهڙي پئسي تي ۽ لعنت آهي وڪالت جي اهڙي ڏنڊي تي هنن کان ته چڪلي جا پڙوا وڏيڪ غيرت مند آهن جو هو جنهن رنڊي جي ڪمائي کائيندا آهن ان جي حفاظت به ڪندا آهن پر هي وکيل ته چڪلن جي انهن پڙون کان به ڪريل آهن جو پنهنجي اصيلن جي حفاظت به نه ٿا ڪري سگهن جن جي پئسن سان هنن جي گهرن جو خرچ ٿو هلي ته وري گاڏين ۾ پيٽرو ل ٿو پوي.

اسان کي خبر آهي ته اسان جون هي تحريرون پڙهي وکيل کاوڙجي ويندا ته اسان وکلا صاحبان کي اهو ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته اسان جو اوهان سان کوبه واسطو نه آهي اسان ته بار روم ۾ صرف ٽورو ۽ پيشاب ڪرڻ ايندا آهيون جيڪڏهن اسين چانهه پيئندا آهيون ته ان جا پئسا ڏيندا آهيون جيڪڏهن وکيلن منهنجي بار جي ميمبرشپ ختم ڪري ڇڏي ته ان سان منهنجي صحت تي ڪو به اثر نه پوندو ڇو جو جيڪا وکيل برادري پنهنجي وکيل کي تحفظ فراهم نه ڪري سگهي جنهن جو مان خود هڪ مثال آهيان جو مان وکيلن جي بار جو ميمبر آهيان مونکي پوليس جي گناهه ٿي ڏينهن لاکپ ۾ رکي جيل موکلي ڇڏيو هيو ته ڪو به وکيل نه ته ٽاٽي ۾ ملڻ آيو نه ئي وري جيل ۾ ملڻ آيو ته پوءِ اسان وکيلن تي ڪهڙو اعتماد ڪري ٿا سگهون مون کي صرف خدا ۽ ان جي ذات جو پروسو آهي ۽ اسان ان جي سهاري ڪم ڪري رهيا آهيون اهو آهي قيدين

کي تشدد کان نجات ڏيارڻ ۽ جهڙي طرح جج پنهنجي چيمبر ۾ وڃي ويهي وقت ضايع ڪندا آهن اهڙي طرح وڪيل به بار روم ۾ وڃي لکي وهندا آهن ۽ ڪلاڪن جا ڪلاڪ فضول بحث ۾ ضائع ڪري ڇڏيندا آهن جڏهن ته هنن جو ٽيون پارٽنر قيدي پنهنجن بچن پارن سميت گرمي سردي ۾ باهر وينو اهي اسان قيدين کي جيل خانن ۾ تشدد کان بچائڻ ۽ انصاف ڏيارڻ جي لاءِ نه صرف وڪيلن ججن ۽ انتظاميه سان ٽڪر کائيندا سون بلڪ پريس سان به ٽڪر کائيندا سون ڇو جو اسان کي اهڙي پريس نه ڪپي جيڪا گهر کان ٻگل ۽ پنهنجي عاشق سان شادي ڪرڻ وارن جا رنگين فوٽو اخبار جي پهرين صفحي تي نه شايع ٿا ڪن پر مظلوم قيدي جن تي ايترو ته تشدد ڪيو ٿو وڃي جو هو پنهنجي وصف ئي وڃائي ٿو وهي ان ڪري انهن قيدين جا فوٽو ۽ بيان شايع نه ٿا ڪن جو عدليه ۽ بار وانگر پريس ۾ به ڪرپشن آهي اسان کي خبر آهي ته اهڙو ڪهڙو سبب آهي جو هيومن رائٽس جي ڪارڪن جو لبادو ڍڪي جيڪي صحافي قيدين جي حالت زار ڏسڻ جيل ويا هيا ۽ قيدين جي خراب حالت جنهن ۾ هنن جا ڪوڙيل متا ميجون ۽ پرون جا فوٽو ان ڪري شايع ڪونه ٿا ڪن جو ان جي پويان هڪ پوري فلم آهي ۽ اها فلم به اسان جلد ئي هلائيندا سون ۽ صحافين جي ڪڏن ڪرتوتن کان عوام کي ضرور آگاهه ڪنداسين بهرحال اسان پنهنجي وٽ آهر قيدين جي هر ممڪن مدد ڪنداسين خدا اسان جي مدد ڪندو.

امان الله سومرو

آرگنائزر قيدي بچايو فورم سنڌ

جاگيرداري جي حامي ججن کي هاءِ ڪورٽ مان ڪڍيو وڃي.

سنڌ واسيو. اڄ مان اوهان کي هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بينچ حيدرآباد ۾هارين جي حبس بي جا ناحق روڪ مان آزادي ڏيارڻ واري داخل ڪيس ۾ انجي فيصلن جي باري ۾اوهان کي آگاه ڪرڻ ان ڪري ضروري ٿو سمجهان.عدليه جا جج پنهنجي ليکي ايترا تہ طاقتور ٿي ويا آهن جو هاڻي پاڻ کي قانون جو تيس مار خان سمجهڻ لڳا آهن اڄ مان هڪ اهڙي ٿي تيس مار خان جج جنهنجو نالو روشن علي عيسائي جي روبرو پيش ٿيس تہ ان جي اڪيل ڳچي ڏسي مونکي ايئن لڳو جڻ مان ڪورٽ ۾ انصاف نہ بلڪ جج کان خيرات گهرڻ آيو هجان ۽ اتي هاءِ ڪورٽ ۾ مون جيڪو ڪجهہ ڏٺو اهو ڏسي مان ملڪ جي مستقبل کان مايوس ٿي ويو آهيان ۽ سوچيندو آهيان تہ جيڪڏهن خدانخواسته جنگ لڳي تہ اسان جي حالت ڪهڙي هوندي ۽ ڪورٽن ۾ ايڏي وڏي پيماني تي بي انصافين جي باوجود ڇا اسان اها جنگ کٽي ويندا سين تہ مان وڏي واکي اهو چوڻ ۾ عار محسوس ڪونہ ڪندس تہ اها جنگ اسان هارائي ويندا سين.

اسان موجوده فوجي حڪومت جا شروع ڏينهن کان خير خواه رهيا آهيون اسان نہ صرف حڪومت جي هن وقت تائين ڪيل ڪنهن جي نہ صرف حمايت ٿا ڪريون بلڪ حڪومت سان هر قسم جو تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهيون.اسان اهو بڌائڻ لازمي ٿا سمجهون تہ جيستائين انصاف جي فراهمي يقيني نہ ٿي ٿئي حڪومت جي انقلابي قدمن جو

جو ڪوبہ خاطر خواہ نتيجو ڪونہ نڪرندو ۽ الٽو ڳڇي ۾ پئجي ويندا ۽ رشوتخور ججن جي بددياني ۽ بي انصافي جي ڪري جان خطري ۾ پئجي وئي آهي. اڃو تہ مان اوهان کي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ جي رشوت خور ۽ بددياني ججن سان ٿورو تعارف ڪرايان اڄ کان ٻہ سال اڳ مون هڪ خرڪار پناڻ پير فضل الرحمان عرف بادشاهہ خان پناڻ جي خلاف پنجيتاليهہ سنڌي غلام هارين جي آزادي جيڪو ڪيس قلم 491 ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ موجب داخل ڪيو هيو ان کي ڪورٽن جي انهن ججن جيڪي بنيادي طور تي جاگيردارن جا حامي آهن بڌايو ته گوارا ڪونہ ڪيو ۽ ٻن سالن کان پوءِ هڪ وڏيري جي داخل ڪيل آئيني درخواست تي هڪ اهڙو فيصلو ڏنو آهي جيڪو قانون جي منهن تي هڪ چماٽ آهي جو هڪ قانون جي ڪتابن ۾ لکيل مستند قانون کي ڦاڙي ردي جي ٽوڪري ۾ ڦٽي ڪرڻ جي جيڪا ناپاڪ جرئت بددياني ججن ڪئي آهي ان جو خميازو اڄ نہ تہ صبحاڻي انهن کي پوڳٺو پوندو انهن ججن جا نالا اسان عوام کي ضرور ٻڌائيندا سون انهن مان هڪ جج جو نالو جسٽس غلام رباني آهي ان جا ريمارڪس آهن تہ هاري وڏيرن جو قرض هڙپ ڪرڻ لاءِ اهي ڊراما ڪري رهيا آهن تہ وري هڪ ٻيو جج جنهن جو نالو جسٽس شبير احمد آهي اهو چوي ٿو تہ اهي ڪيس داخل ڪري ڪورٽ جو وقت ضايع ڪيو ٿو وڃي ۽ اڄ مورخہ 14-01-2002 تي هڪ سنڌي جسٽس روشن علي عيساڻي جيڪا ڪورٽ ۾ رعونت ڏيکاري اها ڏسي مان چڪرائجي ويو آهيان ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي مون کي پنهن جي سلامتي جي فڪر اڃي وراڻيو آهي تہ انهن بددياني ججن جي موجودگي ۾ اسان جو ڇا ٿيندو.

هاڻي ڪورٽن جي جيڪا صورتحال آهي اها اوهان صاحبن جي روبرو آهي بزرگن جو قول آهي ته ججن جي بي ايماني جي ڪري جتي ڳوٺ ويران ٿيندا آهن اتي ملڪن کي تباه ٿيڻ ۾ دير ڪونه لڳندي آهي اڄ ڪورٽن ۾ ويٺل بي ايمان ججن جي ڪري ملڪ تي جنگ جا ڪڪر چانيل آهن ان جي ذميداري انهن بددياڻت ججن تي عائد ٿي ٿئي. اهي جج ملڪ جي تاجي پيٽي ۽ سماجي اٽل پٽل کان بنهه ناواقف آهن. هي ڪوهه جا ڏيڏر ٿي ويا آهن اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي هڪ مايه ناز وڪيل نندن لال ڪيلا جي دلائل تي جسٽس روشن علي عيساڻي ڪيس ۾ چيو ته لفظن جي جادوگري نه ڏيکار ڪامن سينس کان ڪم وٺ اڇڪلهه اهي جج وڪيلن کي قانون نه بلڪ ڪامن سينس استعمال ڪرڻ جو مشورو ڏئي پنهنجي اڻڄاڻائي ظاهر ڪري رهيا آهن ۽ هنن جي اها ڳالهه ظاهر ٿي ڪري ته هارين جا دشمن ماڻهون جج ٿيڻ جي اهل ئي نه آهن.

جيتري قدر منهنجو خيال آهي ته هارين جي آزادي ۾ ڪابه حڪومت رڪاوٽ ڪونه وجهندي آهي ڪورٽن ۾ جتي ان قسم جا بددياڻت جج آهن ته اتي ئي غريب پرور ۽ انصاف پسند جج به آهن جن مان ڪن کي نوڪرين مان ڪڍيو ويو آهي ته وري ڪي نوڪريون ڇاڏي ئي ڇڏي ويا بهرحال اسان کي ڪورٽن جي عروج جو اهو دور به ياد آهي ته جڏهن اسان هاءِ ڪورٽ ۾ ويندا هياسين ته اسان کي سڪون ملندو هيو جڏهن اسان ماءِ جي هنج ۾ آهيون اڇڪلهه هاءِ ڪورٽ جي رشوت خور ۽ بددياڻت ججن کان پو ٿو لڳي ته ڪٿي انصاف جي بدلي مصيبت نه گلي ۾ پئجي وڃي.

هاڻي اسان جي مصيبت جا ڏينهن ٿورا آهن ڇاڪاڻ جو سنڌ ۾ جاگيرداري نظام آخري هڏڪيون ڳڻي رهيو آهي اڄ نه ته صبحاڻي

ان بدبو دار نظام جو خاتمو ضرور ٿيندو ۽ جيئن ئي هي نظام ختم ٿيندو اهي جاگيردارن جا حامي جج روڊن تي مرغ چولا وڪڻندي نظر ايندا هارين جي خلاف فيصلا ڪندڙ ججن کي شايد اها خبر نه آهي ته هاري ملڪ جو اڪثريتي طبقو آهي جيڪو حڪومت ناهيندو به آهي ته ڌاهيندو به آهي اڄ جو هاري باشعور آهي ۽ هو سمجهي ٿو ته جاگيرداري نظام جي ختم ٿيڻ سان گڏو گڏ هي عدالتي نظام به دفن ٿي ويندو اڄ قيدخاني ۾ عريب بند آهن ته غلام هاري جاگيردارن جي نجي جيلن ۾ بند آهن اهي آزادي زنده باد جا نعرا هڻندي عدالتن جي انهن عوام دشمن ججن کي اهڙو سبق سيکاريندا جو آئنده ڪنهن به جج کي ڪنهن غريب سان بي انصافي ڪرڻ جي جرئت ئي ڪونه ٿيندي.

سان انهن هارين جي دشمن ججن کي چٽلنج ٿو ڏيان ته جاگيردارن جو هڪ به رويو هارين ڏانهن ڪورٽ ۾ ثابت ڪن ته اسان سڀ مائهون جيڪي هارين جا ڪيس وڙهي رهيا آهيون نه صرف انهن تان هٽ ڪئي ويندا سي پر آئنده وڪالت ڪرڻ به ڇڏي ڏيندا سون بي طرف جيڪي جج هارين جي دشمني ۾ قانون شڪني ڪري رهيا آهن ۽ جيڪڏهن هارين جا پئسا جاگيردارن ڏانهن نڪتا ته انهن ججن کي فوري طور تي استيعفا ڏيڻي پوندي اهوئي سبب هيو جو مون شريمتي نيلون ڪولهن ۽ انهن جي 44 گهر ياتين ۾ حساب ڪتاب ڪرڻ لاء صوبيدار قسم جي جسٽس روشن علي عيسائي کي جيو ته هو هاء ڪورٽ جي جج جي ڏنل فيصلي مطابق اسان جو اهو ڪيس مختيار ڪار ۽ ٽينسي ٽربيونل ڏي موڪليو وڃي ته هو اسان جو خرڪار جاگيردار پير فضل الرحمان عرف بادشاهه خان پناڻ سان حساب ڪتاب ڪري جيڪڏهن اسان جا پئسا نڪرن ته هو ادا ڪري

جي ان جا نڪرن ٿا اسان ادا ڪنداسين اها هڪ منصفانہ ڳالھ هئي جنھن کي ھن مغرور ۽ بددیانت جج پڌن ئي گوارا نہ ڪيو ٿہ اھو انصاف ڪيئن ڪندو اھوئي سبب آھي جو ان جج جي باري ۾ لاڙڪاڻي بار جا وڪيل چوندا آھن ٿہ هي جج ڪونہ آھي عدالتي صوبيدار آھي جيڪو شاھ ڪان وڌيڪ شاھ جو وفادار ٿيڻ جو رول ادا ڪري قانون سان مسخري ڪري رھيو آھي ۽ اھا مسخري ججن کي ڏاڍي مھانگي پوندي ھاڻي اھو ڏينھن پري ڪونہ آھي جو بددیانت ججن کي مڪافات عمل کي منھن ڏيڻو پوندو جن جج صاحبان انھن کان پھريون هزارين هاري عدالتي حڪم ذريعي آزاد ڪيا آھن چا اھي غلط ھيا نہ اھي بلڪل صحيح ايماندار ۽ غريب دوست جج ھيا ۽ ھاڻي عدليہ ۾ ايماندار ججن جي تعداد اڻي ۾ لوڻ جي برابر آھي.

بھرحال اسان هارين جي دشمن ججن کي اڃڻ واري خطري کان آگاھ ڪرڻ ٿا چاھيون ٿہ هو ملڪ جي اڪثريتي طبقي هارين سان بي انصافي بند ڪن نہ ٿہ حالات اھڙا سنگين ٿي ويندا جو اسان جي داستان بہ نہ هوندي داستانن ۾.

امان الله سومرو
وڪيل ميرپورخاص

پوليس ۽ ڏاڙيل هڪ ئي سڪي جا ٻہ رخ آهن

سنڌ واسيو.

اڄ مان اوهان کي ان ڳالهہ کان آگاهہ ڪرڻ ٿو چاهيان تہ ضلعي حڪومت نهڻ کان اڳ ضلع جا انتظامي آفيسر ڪنهن نہ ڪنهن وٽ جوابدار هوندا هيا هاڻي تہ انتظاميہ ايڏي تہ لاپرواهہ ۽ بدمعاش ٿي وئي اهي جو حڪومت جا وسيلا ناجائز استعمال ڪري عوام جي لاءِ وڏو ڏڇو پيدا ٿي ويو آهي جنهن ضلع ميرپورخاص سنڌ جي عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي جيتري قدر شهر جي صفائي ۽ سٿرائي جو مسئلو آهي تہ ميرپورخاص م ايتري تہ گندگي آهي جو شهر م هلندي ڪراهت ٿيندي آهي التيون اچڻ شروع ٿي ويندیون آهن ان مان اوهان اندازو لڳائي ٿا سگهو تہ ڪيتري قدر گندگي آهي تہ وري بي پاسي صحت جو مسئلو تہ شهر ۽ بهراڙين م نقلي ڊاڪٽرن جي ڀرمار آهي ۽ سول اسپتال م بي انتها گندگي آهي ۽ دوائن جي ڪوٺ جي ڪري خصوصاً نانگ جي ڏنگ ۽ ڪتي جي چڪ جون سيون ٻہ اسپتال م ڪونہ آهن ۽ اسپتال م ايتري تہ گندگي آهي جو جيڪو مريض هڪ دفعو داخل ٿيندو آهي تہ هڪ اڏ بيماري پاڻ سان بي گڏ اسپتال مان وٺي ايندو وري اڇو جيلن جي مسئلي تي تہ جيلن م قيدين کي رشوت جي لاءِ اگهاڙو ڪري ماريو ٿو وڃي پر هن وقت ڪوبہ پڇڻ وارو ڪونہ آهي.

محڪمہ روينيو م تہ تپيدار کان مختيارڪار تائين هڪ معمولي نقل لاءِ هفتن جا هفتا چڪر ٿا لڳائڻا پون اهي مثيان مسئلا عوام جي لاءِ وڏا ڏڇا ٿي پيا آهن تہ وري اصل ڏڇو پوليس جو آهي جيڪا عوام جي گلي م هڏي وانگر قائمي وئي آهي ۽ پوليس ڏاڙيلن وارو روپ ڏاري ورتو

آهي ۽ هاڻي پوليس ۽ ڏاڙيلن ۾ سڄاڻپ ڏکيو ٿي وئي آهي ۽ هڻي ته ڏاڙيلن پوليس جي وردي پائي واردات ڪري اهو فرق به مٽائي ڇڏيو آهي ۽ هاڻي اهو ثابت ٿي ويو آهي هاڻي پوليس ۽ ڏاڙيل هڪ ٿي سگهي جا به رخ آهن اهڙي طرح ميرپورخاص پوليس ۽ ڏاڙيل به هڪ ٻئي جا ساٿاري آهن ۽ مان اهو ثابت ڪري ڏيکاريندس ۽ جيڪڏهن مون اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته پوء ميرپورخاص پوليس ۾ وڏي پيماني تي ردبدل ٿيندي يعني انهن پوليس افيسرن جيڪي اصل ۾ چور ڏاڙيل ۽ ساٿاريدار آهن انهن وردين پائي ٽاڻن جون چارجون ورهين کان سنڀالين آهن جو هڪ ڪي بي ڪي مناسب اڳهه تي حوالي ڪري ٿا وڃن.

اڄو ته مان اوهان کي ميرپورخاص جي ٽاڻي جي هڪ پراڻي ڪيس جي باري ۾ ٻڌايان جيڪو هڪ مينهن جي چوري جو آهي اها مينهن هڪ غريب ٽالي دوست علي مري جي آهي پوليس اڄ ڏينهن ٽائين اها مينهن ورائي نه سگهي آهي جنهن کي وئي اٽڪل به سال ڪن ٿي ويا آهن.

هاڻي اچون ڪان جي ٽاڻي جي متعلق ته ان ٽاڻي تي ورهين کان ڏاڙيلن جو قبضو آهي ۽ اهي ڏاڙيل وردي پائي غريبن کي ڦٽڻ ٿا ڏين مان ان جو صرف هڪ مثال ڏيندس جنهن کي مان ثابت ڪري ڏيکاريندس ۽ پوء به ڪجهه نه ٿيو ۽ ظلم ۽ تشدد جاري رهيو نه پوء انسان کي بنهه جو لائحه عمل تيار ڪرڻو پوندو چاڪاڻ جو جنرل پرويز مشرف ۽ ان جي حڪومت سڌ جي پوليس کي مانهن کي مارڻ جا اختيارات ڪونه ڏنا آهن ان جي ناهيل ضلع حڪومت ۽ پوليس ضلع حڪومت ۽ ضلع جي ناظر جي روبرو جوابده آهي ۽ انسان سڀ کان پهريون پوليس سان به سڀ کان ناسين جو آهي بيگناهن کي گرفتار ڪري جيل ۾ پيڙو ڪري چڏيندا آهن ۽ آهي غريب مانهن ججن جي رشوتخوري ۽ سستي لاپرواهي ۽ ڏاڍ ڪري ورهين جا ورهيه جيلن ۾ سڙي رهيا آهن.

انسان غريبن جي داد رسائي ضرور ڪنداسين جنهن لاءِ اگر جان ڏيڻي پئي تہ بہ ڪوبہ ڪيبائينداسين چاڪاڻ جو هاڻ حالتون حد کان مٿي خراب ٿي ويون آهن.

هي هڪ غريب هاري ولي محمد ولد فتح محمد مير جت جي دردناڪ ڪهاڻي آهي هو ٽن پيڑهين کان ديهہ 82 اي تعلقہ ميرپورخاص ۾ ڪيتي باڙي ڪندو رهندو آهي جتي ان جي ڏاڏي ڪي حڪومت جي طرفان نهيل جاءِ بہ مليل آهي جنهن زمين ۾ ان غريب جو گهر آهي جتي ڪيتي باڙي ڪري پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچن جو پيٽ پالينڊو آهي ان زمين ڪي هڪ ڏاڙيل جنهن جو نالو ياسين پنجابي آهي ان ڪي جيئن تہ ياسين هڪ ڏوهاري قسم جو ماڻهون آهي انهن امن پسند ۽ شريف هارين جي موجودگي ان ڪري پسند ڪونہ ٿي اچي جو هي ان زمين ۾ اغوا ٿيل ماڻهون کي رکڻ لاءِ هڪ پناهہ گاهہ ناهڻ ٿو چاهي ان جي هن ڏوهہ واري ڏنڊي ۾ پنهنجي ضلع جي پوليس کان علاوه ضلع سانگهڙ جي پوليس بہ بدل آهي هي ڏاڙيلن جو مخبر هيو ۽ ياسين پنجابي ڏاڙيلن کي اغوا ٿيلن جي مائٽن کان پنگ جي رقم وٺي ڏيندو هيو پوليس جون چار موبائلون وٺي انهن غريبن جي گهر تي حملہ آور ٿي ڪلاشن ڪوف جون سوين گوليون هلايون ۽ انهن گولين جي ڊپ کان اهي هاري پنهنجا ننڍا ٻار وٺي ٻچڻ لڳا تہ انهن کي وارن کان وٺي عورتن سميت ماريو ويو ۽ تشدد ڪيو ويو ۽ بعد ۾ هزارين روپيہ وٺي ڇڏي ڏنو جيڪا رقم انهن وياج تي وٺي پوليس جي وردي ۾ ڏاڙيلن کي آڻي ڏني هئي جنهن جو وياج اهي غريب اڃان تائين ادا ڪري رهيا آهن.

هن وقت صورتحال اها آهي جو هن وقت جيڪا سرڪشي ۽ بدمعاشي ڏيکاري ڏئي رهي آهي ايئن اڳي ڪونہ هيو ان غريب هاري منهن جي سامهون دسترڪٽ پوليس افيسر امير علي شيخ کي درخواست ڏني

هئي ته انهي کان ٿاڻي جي هڪ ٻئي صوبيدار جيڪو پڻ ڏاڙيل هيو جنهن جو نالو سرور خاصخيلي آهي هن غريب کان ڏيڃاري ڏمڪائي زبردستي پنج هزار روپيه رشوت ورتي آهي حالانڪ ان الزام جي صفائي ۾ ان ڏاڙيل اي ايس آء کان قرآن تي قسم ورتو وڃي ها ته ان ٻئسا ورتا آهن يا نه ان جي بجاءِ ان غريب هاري کان قسم کڻائڻ ته هن ٻئسا ڏنا آهن اڃان تائين ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر نالي ڊاڪٽر امير علي شيخ جيڪو پاڻ کي ايماندار سڏائيندو آهي اهو نه ته ٻئسا موٽرائي ڏئي سگهيو آهي نه ئي وري ان بدمعاش ڏاڙيل اي ايس آء سرور خاصخيلي جي خلاف کا ڪاروائي ڪئي آهي ۽ اڄ اڇون تا اصل صورتحال جي طرف ته اڇڪلهه ضلع ميرپورخاص ۾ چوريون ڏاڙا ڦرون لٽ مار ۽ غريبن کي ڏيڃارڻ ڏمڪائڻ جون وارداتون عام ٿي ويون آهن ان ۾ جيترا ڏوهاري شامل آهن اوترو ئي پوليس ملوث آهي يعني ٻئي ملي ڪري عوام تي ظلم تا ڪن اڄ مورخه 15-11-2002 تي جڏهن مان هاءِ ڪورٽ ۾ غريب قيدين جي متعلق داخل ڪيل آئيني درخواستن جي پيروي ڪرڻ بعد جڏهن مان پنهنجي آفيس ۾ آيس ته ولي محمد ان جي زال ان جا پٽ ننڍيا ۽ وڏا روئي رهيا هئا ته ان جي پٽ يار محمد کي پوليس بيگناهه پڏي وئي آهي ۽ گڏو گڏ اها به ڏمڪي ڏني آهي ته ان تي تشدد ڪندا اهي غريب ماڻهون ڏکي رهيا هئا مان انهي وقت موٽر سائيڪل تي ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ جي آفيس ويس جتي خبر پئي ته ايماندار ايس پي صاحب اغوا ٿيل چوڪري نويد کي هٿ ڪرڻ ويو آهي جڏهن اها پوليس ان لائق ٿي نه آهي ته اها اغوا شده ٻار کي واپس آڻي سگهي ڇاڪاڻ جو ان ٻار جي اغوا ۾ انهي کان ٿاڻي جي قديمي پوليس جيڪا ان علاقي تي سالن کان صوبيداري ڪري رهي آهي نه ته ايئن ٿي ئي نه پي سگهيو ته ڏاڙيل ان ٻار نويد کي ڇڏيندي مري جي پل ٽپي اڳتي وڃي سگهن ڇاڪاڻ جو ان پل ۽ ان

جي آس پاس ڪيترين ئي پوليس جون چوڪيون آهن ان مان ظاهر آهي ته پوليس جو نظام مڪمل ناڪارہ ٿي چڪو آهي جو ہار عمرڪوٽ جي پرياسي کان اغوا ٿيل ٽو ء کان پهچن تائين ڪٿي بہ ناڪابندي ڪونہ ڪئي وئي ء ڏاڙيل آرام سان ہار اغوا ڪري ڪٿي ويا.

اسان کي يقين آهي ته جيڪڏهن ضلع پوليس جو سمورو انتظام اسان جي حوالي ڪيو وڃي ته اسان اغوا ٿيل ندير کي هڪ هفتي جي اندر اندر واپس آڻي ٿا سگهون ليڪن شرط اهو آهي ته ضلع پوليس جو سمورو انتظام اسان جي حوالي ڪيو وڃي ء اسان جي مرضي ٿي ته اسان ڏاڙيل يوسف مري جيڪو پوليس کا وڏيڪ طاقتور آهي سرعام معافي ڏئي ڏي ايس پي لاشاري حي جاء تي ڏي ايس پي مقرر ڪنداسين ء کان علاقي جو سمورو علاقو امن امان جي لحاظ کان ان جي حوالي ڪيو ويندو پوءِ اسان اوهان کي يقين ٿا ڏياريون ته ان اغوا جهڙي سنگين مسئلي کان هميشہ هميشہ جي لاءِ نجات ڏياري ڇڏينداسين ان کان علاوه امن امن جي مڪمل ضمانت ڏينداسين هي ته انسان آهي جي ڪري جو ڀچو بہ چوري ٿيو ته بحيثيت ضلع جي پوليس آفيسر جي اسان هر ڏند ڏوهہ پري ڏينداسين.

هاڻي اچون ٿا اصل مسئلي جي طرف ته کان جي پوليس اهو ئي چاهي ٿي ته انهن عربب هارين کي ڏاڙيل ناهي ڇڏي چو جو ڏاڙيل ايئن ئي نهندا آهن يا وري انهن کي ڏاڙيل ڄاڻائي ماري ڇڏين جيئن هڪ تير سان ٻہ شڪار ٿين جيئن مانهن ني ڏاڙيلن جو پو وهي جيئن اغوا ٿيل مائهون وڏ م وڏ جلد پنگ ڏين جڏهن ته اسان نہ ٿا چاهيون تہ وڏيڪ ڏاڙيل پيدا ٿين ڇاڪان جو اڄ مار فرياد ولي محمد جي پٽ ہار محمد کي کان ٿائي جي بدبودار ڪمري ۾ دري سان لوهہ جي زنجير ۾ ٻڌل ڏسي آيو آهيان ء جيڪڏهن ان غريب سان انصاف نہ ڪيو ويو ء کان ٿي مقرر ٿيل ڏاڙيل اي ايس آءِ تاج محمد پيء ان جي ساٿي ڏاڙيلن کي گرفتار نہ ڪيو ويو ته پوءِ

ان علاقي م ڏاڙيل راڄ شروع ٿي ويندو جنهن جو ذميدار سنئون سڌو ضلع ميرپورخاص جو ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ هوندو جيڪو ڄاڻي واڻي ظالم پوليس آفيسرن جي پرده پوشي ڪري رهيو آهي جيڪڏهن ان کي انهن سڀني ڳالهين جي خبر نه آهي ته پوء اسان کي اهڙي ڪم چور ناهل ۽ نمائشي قسم جي قانون شڪن ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر جي ضرورت نه آهي جنهن پوليس کي پنهنجي گهر جي ٻانهي ناهي ڇڏيو آهي ۽ هر هفتي مغل شهنشاهن وانگر دربار لڳائي ابتا سبتا حڪم پڪڙيو اندر ڪيو ۽ مارپو جاري ڪري ٻاڻ ٿي پوليس ۽ ڏاڙيل جي هڪ ٿي سڪي جا به رخ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ايڏي وڏي سنگين واقعي کان پوء به حالات تبديل نه ٿيا ته حالتن جي ذميداري اسان سڀني تي هوندي ڇو جو جيستائين پوليس تي چيڪ ۽ بئلنس قائم نه ٿو ٿئي امن امان ڪنهن به قيمت تي قائم ڪونه ٿيندو ڊاڪٽر امير علي شيخ کي جيڪڏهن دربار سجائڻ جو شوق آهي ته ان دربار ۾ صرف ۽ صرف پوليس جي خلاف شڪايتون ٻڌيون وڃن ۽ اتي جيڪو به پوليس آفيسر ڏوهي ثابت ٿئي فوري طور تي سزا ڏني وڃي باقي عوام کي بيوقوف ناهڻ جي ڊرامي بازي بند ڪئي وڃي.

امان الله سومرو

ا گنائزر قيدي بچايو فورم سنڌ

Daily
Shaam
Hyderabad

روزاني
شام
حيدرآباد

E-mail:dailyshaam@yahoo.com

Phone:29702-3 Fax No: 784632

جلد(02) خميس 18 جنوري 2001ع بمطابق 22 شوال المكرم 1421 هـ (شمارو 141) قيمت 4 ربيا

جيل انتظاميا منهنجي پاءَ کي قطب پيرزادي جيان قتل ڪري چڏيو آهي: ملهه پهلوان

ڪراچي (پريس ريليز) سينٽرل جيل انتظاميا ذاڻي جي مدعيءَ ۽ گرفتار خادم پنهور کي بن مهينن کان گهر پهرين هڙ جي ملهه پهلوار

ڪري چڏيو آهي. ان گالهه جو انڪشاف ٿيو آهي

2



ڪلب مدنجي، ۽ صحافين آدر ڪيو. هن جو ٻ
منهنجي پاءَ کي سڪر جيل ۾ رکيو ويو هو. اسي
ملاقات ڪرڻ لاءِ وياسين تہ جيل انتظاميا ڇيو تہ ڪيس
ڪراچي سينٽرل جيل منتقل ڪيو ويو آهي. اسان
ڪراچي، جي سينٽرل جيلن ۾ منهنجي پاءَ جي جاچ
ڪئي. هنن بڌايو تہ ان قيدي کي سڪر سينٽرل جيل
اماڻيو ويو آهي. وري اسان سڪر سينٽرل آياسين تہ
انهن ڇيو تہ ان قيدي لاڪاتي جيل ۾ آهي.
جنهن لاڪاتي جيل ڏانهن وياسين تہ انهن ڇيو تہ ان
جي ملاقات بند آهي. هن وڌيڪ ڇيو آهي تہ اسان کي
گذريل بن مهينن کان مختلف شهرن جي جيلن ڏانهن
موڪليو ويو ۽ اسان جي پاءَ جي ڪا بہ خبر نہ ٿي پوي
ء ۽ نہ ئي جيل انتظاميا ملاقات ڪرائي ٿي. جنهن ڪري
اسان کي شڪ آهي تہ منهنجي پاءَ کي پڻ قطب
پيرزادي جيان ماريو ويو آهي. ان ڪري پڻ جيل
انتظاميا ٻڌائي. ڇيو هو.

2

ايڈيٽر
قاضي شاهد محمد

ڪوڊ نمبر 1 : بيورو آفيس حيدرآباد
ميز نائن فلور عادن اپارٽمينٽ
مين روڈ قاسم آباد حيدرآباد

روزاني
TAMEER E-SINDH
تعميرِ سنڌ

ABC
A Good Province of Truth & Latest Information

خميس 13 سيپٽمبر 2001ع

E-mail:
tsindh1@hotmail.com

ڪراچي: آفيس نمبر 1- 2637580 فيڪس: 2637578
حيدرآباد آفيس 6554926 فيڪس: 6501185
سکر : آفيس فيڪس 22614 ڪنڊيارو آفيس 45721
ميرپورخاص : آفيس فيڪس 62003

سينٽرل جيل حيدرپور جو هڪ قيدي پراسرار نموني قتل، احتجاج، 5 اهلڪار گرفتار

پوليس لائين جي هڪ پرزنر وين 16 قيدين کي حاضري ونڊائڻ بعد واپس سينٽرل جيل کڻي وڃي رهي هئي تہ واقعو پيش آيو

اوچتو نيڙهي ڦاٽڪ بند ڪيو ۽ اين آءِ سي جو ٽرالر اڪيان اڇ ڪري ٻيهي رهي ۽ وين مر ڪولي ڪيترن سيب نيبي بخش مهر فوت ٿي ويو

وين ٻيهڻ دوران موٽرسائيڪل تي 2 ڇڙا ظاهر ٿيا ۽ پسٽل وين ۾ اچلايو جنهن بعد نيبي بخش تي فائرنگ ڪئي وئي

پوليس احتجاج ڪندڙ قيدين کي زبردستي جيل اندر ڪيو، سپرنٽينڊنٽ سينٽرل حادثي جو ٽڪيجي سميت 5 اهلڪار لاڪ اپ

صفحات 5

سپرنٽينڊنٽ سينٽرل حادثي جو ٽڪيجي سميت 5 اهلڪار لاڪ اپ

نگراني ۾ 16 قيدين کي حاضري ونڊائڻ بعد واپس سينٽرل جيل حيدرپور ڏانهن وڃي رهيو هو تہ اوچتو نيڙهي ڦاٽڪ بند ڪيو ۽ هڪ اين آءِ سي جو ٽرالر پرزنر وين جي اڳيان اچي ويو جنهن ڪري گاڏي بيهڻجي وئي ان دوران وين ۾ اوچتو فائر ڪيو جنهن سبب قيدي نبي بخش عرف نيبو ولد خان محمد مهر ويل ڇوٽ ميڊيڪل مهر پر اسرار نموني قتل ٿي ويو جيتو وڃي اڳ تہ جنهن وقت اين آءِ سي جو ٽرالر پرزنر وين جي اڳيان آيو تہ اوچتو هڪ موٽر سائيڪل تي ٻہ شخص ظاهر ٿيا جن قيدين کي ڪٿي ويندڙ بس ۾ سوارهي ويل قيدي پرسان پسٽل اڇلايو جنهن بعد گولي وين ۾ ويٺل ٻي ڪنهن قيدي يا پوليس اهلڪار نبي بخش مٿان هلائي جنهن ڪري هو ڏڪي ٿي قتل ٿي ويو جيتو وڃي ڦ تہ نبي بخش مهر کي گولي سان پاسي جي اک ۾ لڳل آهي جيڪا دماغ جي پوئين حصي مان ڦاڙ ڪري نڪتي فوتي نبي بخش جي اوچتو قتل واري واقعي کان پوءِ بس ۾ سوار ٻين قيدين واقعي جي خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ واپس سينٽرل جيل وڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو تہ ان دوران خيرپور جي وڌي تعداد ۾ پوليس موقعي واري هنڌ پهچي وئي جن قيدين کي زبردستي جيل ڏانهن اماڙيو ۽ پرزنر وين جي هيڊيان واقعي ۾ استعمال ڪيل پسٽل پڻ ۾ آڻ ڪري ورتو آهي نبو مهر جي قتل قتل کان پوءِ خيرپور جي اي ايس پي فوري طور تي خادم پنائڻ سميت پنجن پوليس اهلڪارن جيڪي ان وقت ڊيوٽي ۾ هيا غفلت جو ورتاءُ ڪرڻ سبب ڪين اي سيڪشن پوليس لائي جي لاڪپ ۾ بند ڪيو ويو آهي جڏهن تہ واقعي جو ڪيس خبر موڪلڻ تائين داخل نہ ڪيو ويو آهي فوتي جو لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ لاءِ سول اسپتال ۾ ڪالهہ رات دير تائين رکيل هيو.


THE LARGEST CIRCULATED AMONGST REGIONAL DAILIES OF PAKISTAN
Regd No. S 102
THE DAILY IBRAT HYDERABAD SINDH PAKISTAN
روزنامه
عبرت
حیدرآباد
جمع 13 اپریل 2001ع بمطابق 18 محرم الحرام 1422ھ سال (69) شمارو (235) صفحا 8 ملهه 5 روپيه

حیدرآباد سینٹرل جیل جو قیدي اسپتال ۾ فوت

حیدرآباد (اڪرائيسر رپورٽر) سينٽرل جيل حيدرآباد جو هڪ قيدي علي نواز ملاح ڪاهيه

بقايا خبر 16 ڏسو صفحو 2

16 ڏسو

حیدرآباد سینٹرل جیل قیدي فوت

سينٽرل اسپتال حيدرآباد ۾ فوت ٿيو رپورٽ موجب قيدي گذريل 15 ڦيٿين کان اسپتال ۾ داخل هو ۽ دادو ضلعي جي ٻوسڪ واري علاقي جو رهواسي هو

ABC Certified
Simultaneously appearing from Karachi & Sukkur
A Great Provision of Truth & Latest Information

DAILY TAMEER-E-SINDH
روزاني
تعميرِ سنڌ

سکر: اڱارو 22 جنوري 2002ع بمطابق 7 ذوالقعد 1422ھ سال نائون شمارو 91، صفحا 6، ملهه: 4 روپيا

حيدرآباد ۾ قيدين سان ڏاڍ خلاف وڪيل جو مظاهرو

سانگهڙ جيل ۾ قيدين جا پٽسا ڀڳڻ سبب سندن زندگين کي خطرو آهي: سومرو

حيدرآباد (رپورٽر) قيدي بچاءِ فورم جي آرگنائيزر امان الله سومرو ايپروڪيٽ جي اڳواڻي ۾ سانگهڙ جيل ۾ قيدين سان ٿيندڙ زيادتين خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي هن چيو تہ سانگهڙ جيل ۾ قيدي احمد علي ۽ ٻين جو پيٽ ڀاڳڻ واري ڪارروائي ڪانسواءِ جيل ۾ ٿيندڙ ٻيءِ انساني سلوڪ سبب قيدين جون حياتيون خطري ۾ آهن.

24

278

DAILY
KAWISH
HYDERABAD.

روزانه
کاوش
حیدرآباد

☎ 780525,780026,780027,782203

(جلد - 11) سومر 2- جولاءِ 2001ع بمطابق 9- ربيع الثاني 1422هـ (شمارو326) قيمت 4- رپيا

ڪري جو نوجوان حيدرآباد جيل ۾ بيماري سبب فوت: امڙ جو ماتر

ڪري (ن ڪ) ڪري شهر جي بلوچ پاڙي جو رهواسي نوجوان محمد عرس عرف محمد /صفحو 2 ڪالر 5

ڪري/فوت

ڪراچي ڪالهه حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ڪافي ڏينهن بيمار رهڻ بعد وفات ڪري ويو. ڪيس 3 مهينا اڳ منشيات جي ڪيس ۾ چالان ڪري سينٽرل جيل موڪليو ويو هو جتي هو سخت بيمار هو. سندس امڙ ضامن نه ملڻ سبب پنهنجي پٽ جي ضمانت نه ڪرائي سگهي. اطلاع ملڻ تي سندس ٻڍي والد. والده ۽ پيڻ سڪتي ۽ اچي ويا ۽ والده ماتر ڪندي رهي.

ABC Certified
Simultaneously appearing from karachi & Sukkur
A Great Provision of Truth & Latest Information
DAILY
TAMEER-E-SINDH
روزاني
تعميرِ سنڌ
سکر: اڱارو 30 جنوري 2001ع بمطابق 4 ذوالقعد 1421هـ سال اڻون شمارو 105، صفحا 4، ملهه:3 روپيا

سکر سينٽرل جيل جو قيدي اسپتال ۾ ٿوڙ نوشهري فيروز لڪ مڙهه پهچن تي قهر ۽ ڪوٽاڻا عورتن ۽ ٻارڙن سميت گهرن مان نڪري پيا، جيل عملدارن کي پٿرن ۽ پاراتا، شدت ڪري قربان سولنگي کي ماريو ويو: ڪوٽاڻا

• قربان سولنگي کي جيل اهلڪارن تشدد ۽ مرڻينگ هٿرڪان پوءِ نوابشاهه اسپتال داخل ڪيو هو، 6 هزار روپيا نه هجڻ ڪري ڊاڪٽر "وائيلانز" نه ڪيو

ٽي چايو هڻي منشيات فروش ۽ منشيات واپرائيندڙ 13 ڄڻن کي گرفتار ڪري لاڪ اپ ڪري ڇڏيو. جن مان هڪ قيدي الله بخش عرف ڪلو مڪراني کي بيماري سبب سول اسپتال جي ميڊيڪل وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. جتي هو ڪنهيل هڪ هفتي کان وڌيڪ ڏينهن داخل هو ۽ پراسرار نموني فوت ٿي ويو. جنهن کي مردا خاني ۾ رکيو ويو. 13 ڪلاڪ لاش رکڻ باوجود ڪنهن سار نه لڌي. بعد ۾ بلوچ برادري جي عورتن اسپتال آڏو مظاهرو ڪندي مردا خانه جو تالو ٽوڙي پوليس ۽ انتظاميا لاش بغير پوسٹ مارٽم جي وارٽن حوالي ڪري ڇڏيو. مظاهرين جو چوڻ هو ته سول اسپتال جي نااهلي سبب همراهه فوت ٿي ويو آهي. 1023

اعلان

ماتل ۽ 29 جنوري

روزانہ
Daily
Shaam
Hyderabad
شام
حیدرآباد
Phone: 29702-3 Fax No: 784632
جلد(02) خمیس 26 آکتوبر 2000ع بمطابق 27 رجب المرجب 1421ھ (شمارو 57) قیمت 4 ریپا

آج صبح حیدرآباد سینٹرل جیل مں سرج آپریشن دوران زخمی ٹیل قیدي فوت

حیدرآباد (رپورٹر) آج صبح سینٹرل جیل حیدرآباد مں 26 سپٹمبر تي آپریشن /ڈسوصفحہ- 4 نمبر- 33

بقایا 33 دوران تشدد مں زخمي ٹیل قیدي گل محمد شاھ سول اسپتال مں زخمن جا سور نہ سھي فوت ٹي ویو.6

باقاعدہ تصدیق شدہ اشاعت ABC CERTIFIED سندھ کا دوسرا بڑا اخبار

بانی: مدیر محمد عاقل

روزنامہ جرأت کراچی

Daily JURA'AT

جلد 5 | منگل 10 شعبان المعظم 1421ھ 7 نومبر 2000ء | شمارہ 340

10 بدعنوان افسر بحال سندھ کی جیلوں میں بغاوت کا خطرہ

کراچی (رپورٹ ☆ مظفر عسکری) سندھ کی جیلوں میں بدعنوان اور کرپٹ افسران کو دوبارہ تعینات کر دیا گیا

باقی صفحہ نمبر 5 بقیہ نمبر 26

بقیہ نمبر 26

بغاوت کا خطرہ اس سلسلہ میں باخبر ذرائع سے معلوم ہوا ہے کہ سابق دور حکومت میں بااثر قیدیوں سے بھاری رشوت وصول کر کے ان کو غیر قانونی مراعات دینے کا الزام ثابت ہونے پر معطل ہونے والے سندھ کی جیلوں کے 10 سے زائد افسران جن میں 3 جیل سپرنٹنڈنٹ بھی شامل ہیں اپنے خلاف ہونے والی انکوائری کو اثر ورسوخ استعمال کرتے ہوئے رکوانے کے بعد ہوم ڈیپارٹمنٹ میں موجود کئی افسران سے ملی بھگت کر کے ان سے اپنی بے گناہی کا سرٹیفکیٹ حاصل کر لیا جس پر آئی جی جیل خانہ جات سندھ نے مذکورہ جیل افسران کو کراچی سمیت سندھ کی جیلوں میں تعینات کر دیا ہے۔ ذرائع نے مزید بتایا کہ بدعنوان افسران نے جیل میں موجود بااثر افراد کو مراعات کے عوض توڑ جوڑ شروع کر دیئے ہیں جبکہ اس کے برعکس غریب اور بے سہارا قیدیوں کی ملاقات پر پابندی عائد کر کے ان قیدیوں کے احتجاج کرنے پر ان کو تشدد کا نشانہ بنا کر بند وارڈ کیا جا رہا ہے جس کی وجہ سے قیدیوں میں شدید اشتعال پایا جا رہا ہے اور بغاوت ہونے کا امکان ہے۔ واضح رہے کہ اس سے پہلے بدعنوانی کے الزام میں معطل ہونے والے جیلر امان اللہ خان نیازی اور لیاقت پیرزادو کو بھی ملازمت پر بحال کر کے نارا جیل اور سینٹرل جیل حیدر آباد میں تعینات کیا جا چکا ہے۔

باقاعدہ تصدیق شدہ ABC CERTIFIED سندھ کا مقبول ترین اخبار

ایڈیٹر مختار عاقل

روزنامہ جرأت کراچی Daily JURA'AT

جلد 7 | جمعۃ المبارک 28 رمضان المبارک 1422ھ 14 دسمبر 2001ء قیمت 5 روپے | شمارہ 4

سینٹرل جیل انتظامیہ کے خلاف

امان اللہ سومرو نے 2 آئینی درخواستیں داخل کردیں

کیہر انصاری کو تشدد کا نشانہ بنایا جارہا ہے، جاوید کشمیری اور شان کی موت کی تحقیقات کی استدعا

حیدر آباد (بیورو رپورٹ) سینٹرل جیل انتظامیہ کے خلاف قیدی چاؤ فورم کے امان اللہ سومرو نے 2 آئینی درخواستیں داخل کردی ہیں تفصیلات کے مطابق سندھ ہائی کورٹ حیدر آباد سرکٹ میں قیدی چاؤ فورم

باقی صفحہ نمبر 6 بقیہ نمبر 15

سومرو ایڈووکیٹ نے حکومت سندھ کی معرفت ہوم سیکریٹری سندھ کراچی، سپرنٹنڈنٹ سینٹرل جیل حیدر آباد ڈپٹی سپرنٹنڈنٹ سینٹرل جیل حیدر آباد اور آئی جی جیل خانہ جات کو فریق بناتے ہوئے سینٹرل جیل میں گزشتہ دنوں جاں حق ہونے والے جاوید کشمیری اور شان کی موت سے متعلق تحقیقات کرانے اور ملوث اہلکاروں کے خلاف مقدمہ درج کئے جانے کی استدعا کی ہے۔

بقیہ نمبر 15 جرأت

کے آرگنائزر امان اللہ سومرو ایڈووکیٹ نے سپرنٹنڈنٹ سینٹرل جیل حیدر آباد ڈپٹی سپرنٹنڈنٹ کو فریق بناتے ہوئے آئینی درخواست داخل کی ہے جس میں موقف اختیار کیا گیا ہے کہ جسارف کے صدر کیہر انصاری کو نارا جیل سے سینٹرل جیل منتقل کئے جانے کے بعد سینٹرل جیل میں تشدد کا نشانہ بنایا جارہا ہے جہاں کیہر انصاری کی جان کو خطرہ ہے درخواست میں عدالت سے کیہر انصاری کو عدالت میں طلب کرکے بیان قلمبند کرانے طبی معائنہ کرانے اور علاج معالجے کی سہولت فراہم کئے جانے کی استدعا کی گئی ہے عدالت عالیہ میں ہی امان اللہ

THE SECOND LARGEST DAILY ABC CERTIFIED

ایڈیٹر مختار عاقل

Daily JURA'AT کراچی

روزنامہ جرأت

جلد 7 | جمعرات 16 ذیقعد 1422ھ 31 جنوری 2002ء قیمت 5 روپے | شمارہ 49

سینٹرل جیل حیدرآباد کے خطرناک قیدی نے انسانیت سوز دہشت گردی کا اعتراف کرلیا

کمسن قیدی فراہم نہ کرنے پر خود کو سیاسی قیدی کہلوانے والے شخص نے ایک قیدی کے انگوٹھوں کے ناخن اکھاڑ دیے، چندہ مہم جاری، بغاوت کا خطرہ

قیدیوں کی اصلاح کیلئے مار پیٹ اور جوئیں صاف کرنے کیلئے قیدیوں کی مونچھیں اور سر کے بال کاٹے، اعجاز حیدر کا موقف

میری آمد سے قبل جیل میں موبائل فونز کے ذریعے انٹرویوز کا سلسلہ تھا، جیل سپرنٹنڈنٹ ملک الطاف اعوان

چندہ لینا جائز نہیں، صحافیوں، غیر سرکاری تنظیموں، وکیلوں و دیگر معززین پر مشتمل ٹیم تشکیل دی جائے، جیل کے دورے کے بعد کمیشن ٹیم کی تجویز

حیدرآباد (بیورو رپورٹ) انسانی حقوق کمیشن کے ارکان پر مشتمل پاکستان کی ٹیم نے سینٹرل جیل حیدرآباد میں قیدیوں پر انسانیت سوز تشدد کی شکایات پر صحافیوں کے ہمراہ جیل کا دورہ کیا۔ جیل کے دورہ کے بعد انچارج سپرنٹنڈنٹ جیل اعجاز حیدر سے ملاقات کی گئی تو انہوں نے قطعی طور پر اس بات کا اعتراف کیا کہ قیدیوں کی اصلاح کے لئے مار پیٹ ضروری سمجھتے ہیں اور انہوں نے قیدیوں کی بھوئیں مونچھیں اور سر کے بال اس لئے کاٹ دیئے تھے کیونکہ ان میں جوئیں پڑ گئی تھیں۔ اعجاز حیدر اپنے کارندے جمعہ خان کے ذریعے چندہ طلب کرتا ہے۔ ایک قیدی جس کے انگوٹھوں کے ناخن اکھڑے ہوئے تھے نے ٹیم کو بتایا کہ خود کو سیاسی قیدی کہلوانے والے ایک شخص نے کم سن قیدی فراہم نہ کرنے کی وجہ سے اس کے یہ ناخن اکھیڑ دیئے تھے۔ جیل سپرنٹنڈنٹ ملک الطاف اعوان نے ٹیم کو بتایا کہ وہ دہشت کے حصول کے لئے کسی پر تشدد نہیں کرتے ان کی آمد سے قبل جیل جرائم پیشہ افراد کا پناہ گاہ بنا ہوا تھا۔ جہاں موبائل فونز کے ذریعے انٹرویوز کے معاملات نمٹائے جاتے تھے خفیہ شراب کم سن قیدیوں سے مبینہ زیادتیاں ایک عام بات تھی اور سیاسی قیدی مراعات حاصل کرتے تھے۔ قیدیوں کی رہائیوں اور ملاقاتوں کے حوالے سے انہوں نے بتایا کہ غیر سزا یافتہ قیدیوں کے لئے 9 بجے روز ملاقات ہے۔ دوائیں نہیں ملتی ہیں مریض کو اسپتال لے جانا ہو تو عملی پولیس حفاظتی گارڈ فراہم نہیں کرتی۔ کمیشن نے ٹیم پر پیش کی کہ جیل میں چندہ لینا جائز نہیں ہے۔ تشدد قانوناً جواز نہیں ہے۔ ڈپٹی جیل سپرنٹنڈنٹ خوف و دہشت کی علامت بنا ہوا ہے۔ جو جیل میں حفاظت کا سبب بن سکتا ہے۔ اور طویل المیعاد منصوبہ بندی نہیں ہوگی۔ ٹیم نے نمائندوں، غیر سرکاری تنظیموں، صحافیوں، غیر سرکاری تنظیموں اور وکیلوں پر مشتمل کمیٹی بنائی جائے جو جیل کا وقتاً فوقتاً جیل کا دورہ کرے۔

باقیہ نمبر 17 ص

گرفتاری کے وائس چیئرمین کی جانب سے
بقیہ صفحہ نمبر 6 بقیہ نمبر 17

قیدی لیل آفریدی پر سول اسپتال میں قاتلانہ حملہ

حیدرآباد (بیورو رپورٹ) سینٹرل جیل حیدرآباد کے ڈپٹی سپرنٹنڈنٹ کے سیدھا قاتلانہ حملے سے زخمی ہونے کے بعد سول اسپتال منتقل کئے گئے قیدی لیل آفریدی پر نامعلوم افراد نے سول اسپتال کے وارڈ میں دوبارہ حملہ کرکے زدوکوب کرکے ہلاک کرنے کی کوشش کی

ٹاٹن ۾ صوبيدارن جي بدران پنجاب جي جاسوس ڪتن کي وهاريو وڃي

سنڌ واسيو!

هي خبر اوهان جي لاءِ وڏي غور ۽ فڪر جي هوندي جو تازو اخبار ۾ هڪ خبر ڇپي آهي تہ ڪنديارو تعلقي ۾ پوليس جي ٹاٹن ۾ وينل صوبيدارن جي بدران پنجاب جا ڪتا چورن ۽ بدمعاشن ۽ ڏاڙيلن جي ڳولها ڪري انهن جي گهرن ۾ ڪتن تي ائين ٹا وڃي ويهن جو گهر جا مالڪ هجن وري مٹان اها خبر بہ وضاحت ٿي ڪري تہ اهي ڪتا جن گهر ۾ ويا آهن اهي سفيد پوش معتبر سڏجندڙ ماڻهون آهن ساڪ تي قسم ٹا ڪٹن پر پوليس هنن جي قسم کي نہ ٹي مڃي جيڪو مسئلو وڏو فلسفو آهي. جنهن فلسفي جا تانا ۽ بانا هنڏو ميٹالاجي مان ان صورت ۾ ملي ٹو تہ جيڪي ماڻهون جهڙو ڪر ڪندا مرڻ کان پوءِ ان جي جوڙ ۾ ٹي ايندو يعني ڪو باندر ڪو بلو تہ وري ڪو ڪتو ٹيندو. اهڙو ئي هڪ قصہ مون محمد عثمان ڏيپلائي مرحوم جي هڪ ڪتاب ۾ پڙهيو هيو تہ ڪنهن هندو مذهب جي مجـڙ واري کي ڪنهن ساڏو سنت چيو تہ هن جي سرگواسي پتا جو جوڙ هن ڪتي ۾ آهي پوءِ ان ڪتي جي جيڪا سواگت ٹي اڇڪلهہ اها ساڳي سواگت ٹاٹن تي آيل ڪتن جي ٹي رهي آهي جيڪي ڏوهارين کي ڳولهي رهيا آهن.

سنڌ دنيا جو واحد بدنصيب علاقو آهي جتي ڏوهہ ايترا تہ وڏي ويا آهن هاڻي پوليس جي ٹاٹن تي ونل صوبيدار اهي ڏوهاري ۽ چوريون نہ ٹا ڳولهي سگهن ۽ نہ ئي وري چورن کي ٹا سجاٹين ڳالهہ اها آهي جو

مون جيڪا جڻ پوليس سان ٽيندي ڏٺي آهي ۽ ماڻهن جي واتان ٻڌي آهي
ته ڏوهن ۾ پوليس پاڻ ملوث آهي ته پوء اوهان ٻڌايو ته ڏوهه ۽ ڏوهاري
ڪيئن ملندو اهڙي ئي هڪ ڳالهه ضلع پوليس جي هڪ آفيسر منشيات
جي وڪري جي دانهن ڪندڙ کان پڇيو ته منشيات ڪير ٿو وڪڻي ته وري
دانهن ڪندڙ چيو ته هو ٻڌائي ته منشيات ڪير وڪڻندو آهي مقصد اهو
آهي ته پوليس کي منشيات کان ويندي فحاشي جي اڈن تائين هر ڳالهه
جي خبر آهي پر هو پاڻ ان ڪري ڪو نه ٿا ٻڌائين جو ان ۾ پوليس جو
حصه پتي آهي. هڪ پٽيوالي جو پٽ جيڪو هن وقت ميرپورخاص پوليس
جو جمعدار آهي يارنهن لکن جي ڪار جو مالڪ آهي هن اهي پئسا محنت
مزدوري ڪري ڪو نه ڪمايا هوندا ضرور هن اهي ڪم ڪيا هوندا
جيڪي ڏوهاري وحشي ۽ ظالم ماڻهو ڪندا اهن لازمي ڳالهه آهي ته اهڙا
وحشي همراهه بين ضلعن ۾ به ضرور هوندا جو جو ميرپورخاص ضلع جو
پوليس آفيسر ۽ سي آئي اي جو جمعدار کي هڪڙا ڪو نه آهن اهڙا ڳندا
۽ مڪروه ماڻهون سڃي سنڌ جي پوليس ۾ هوندا پوء هاڻي ڪتن جو ڪم
ڪهڙو هوندو آهي اهو هوندو آهي ته هڪ ٻئي سان وڙهڻ ٻئي جو مال
زوري کائڻ ۽ وقت پوڻ تي انسان جو ماس پٽڻ ۽ اهو ئي ڪم اڄڪلهه
جي پوليس جا آفيسر ۽ سپاهي ڪري رهيا آهن ۽ مان دعوي سان ٿو چوان
ته سنڌ ۾ هن وقت هڪ به سپاهي يا آفيسر خصوصاً اهي جيڪي وڏن
عهدن تي آهن يا ٽاٽن تي متعين آهن سندن سڌو ظلم ڪري ٽاٽن جا
صوبيدار ڏوهاري. منشيات ۽ فحاشي جي ٺيڪيدارن کان مقرر رقم بطور
رشوت ٿا وٺن ته وري ڪي آفيسر ان ڪم جي بدران پنهنجو کوڙو پرمر
قائم رکڻ جي لاءِ پوليس جي پلاٽي لاءِ نسي آيل سرڪاري رقمون

ٽرانسپورٽ ۽ تعميراتي ڪمن ۾ گھوٻيون ھٽندا آھن جنھن ۾ پيٽرول بہ شامل آھي جيڪو ھو پنھنجن ۽ پنھنجن مائٽن جي گاڏين ۾ پوليس پيٽرول پمپن تان پرائيندا آھن اھا حرڪت پوليس جا افيسر نہ صرف ميرپورخاص ۾ ڪن تا پر لازمي آھي نہ ھڪ ايماندار سڏائيندڙ پوليس آفيسر اھڙي حرڪت ڪري تہ پوءِ اھا حرڪت ٻيا پوليس آفيسر بہ ضرور ڪندا ھوندا ان ۾ ڪو شڪ نہ آھي تہ ڪي سپاھي عوام جا ھمدرد ۽ خير خواھ ھوندا آھن جو مالڪ سان وفاداري ڪرڻ جو اھو ھڪڙو ڳڻ ڪتي ۾ بہ ھوندو آھي لھذا ھاڻي ٽاڻن تي ڪتن کان ڏوھن ۽ ڏوھارين کي ڳولھڻ واڙي ڪم کي ڏسي لڳي ٿو تہ ھاڻي محڪمہ پوليس تي سڪرات طاري آھي ۽ اجھو ٿو اھو محڪمو پنھنجن آخري ساھن تي پھچي جو ھر شئي فنا آھي ۽ پوليس ۾ ڪر ڪندڙ سپاھين ۽ آفيسرن کي بہ آخر فنا ٿيڻو آھي ۽ ھي جھان ڇڏڻو آھي پوءِ ڇا ٿيندو جي اھا پوءِ جي ڳالھ ھجي ھا تہ مان ھي مضمون ڪو نہ لکان ھا پر جيئن مان ھڪ مفڪر آھيان ۽ وقت جي حالتن تي ليک لکندو آھيان اھي ليک منھنجي لاءِ خطري جي گھنٽي ٽي ويا آھن ۽ جان جي خطري جا گھنڊ وڄي رھيا آھن جو مان ڪتن جي گھيري ۾ آھيان ڇو جو مان پوليس جي رڪارڊ ۾ روپوش ۽ ڏوھاري آھيان اجھو تا ان جا جاسوسي ڪتا منھنجي ڳولھا ڪن ۽ جي مان ڪتن جي ذريعي ھنن کي ھٽ اڇي ويس تہ پوءِ ڇا ٿيندو پوءِ اھو ئي ٿيندو جيڪو ٿيندو آيو آھي.

بھرحال سنڌ جا ماڻھون ھن وقت جيڏي خطري ۾ آھن اڳ ڪڏھن ۽ ڪو نہ ھيا جو جڏھن سان ضلع نوشھروفيروز جي ھڪ ڳوٺ ۾ ھڪ وطاق ۾ ماڻھن سان ڪچھري ڪر رھيو ھوس تہ اتي مون کي منھنجي

ميزبان عزت مآب علي خان سڀاڻ ٻڌايو تہ هو ۽ ٻيا واپاري هڪ هوٽل ۾ انگريزي فلم ڏسي رهيا هئا تہ اوچتو فوج جا سپاهي جيڪي مسلح هيا هنن کي هوٽل ۾ اچي گهيرو ڪيائون ۽ کين چيائون تہ هي انگريزي فلم ڇڏي هلو هو انهن کي اندين فلم ڏيکارينداسين. مان اوهان کي ٻڌائيندس تہ اها کهڙي اندين فلم هئي فوجين هنن سيني کي قطار ۾ بيهاري هلڻ جو حڪم ڏنو ۽ هنن سيني شهرين کي هڪ ڪاڪ جي ڪارخاني ۾ وڃي ويا جتي فوجين هنن کي چيو تہ هاڻي اندين فلم اها آهي تہ هو سڀڪجي واهن تان جيڪي شيشم. (تالهي) سرنهن ۽ نم جا وڻ چوري ڪڻي ٽرڪن ۾ ڪڍي آيا آهن هو بند انهن ٽرڪن مان لاهين ۽ فوجين اهو بہ چيو تہ اهو ڪاڪ هنن کي ئي لاهڻو آهي پوء ڇاهي پنجن منڊن ۾ لاهين يا سڄي رات ۾ لاهين اها ڳالهہ ٻڌي منهنجي ميزبان ڪچهري ۾ ٻڌايو تہ اها ڳالهہ ٻڌي ۽ بند ڪڍڻ جي ڪري هنن جو پگهر مٽي کان وهي وڃي ڪڙين ۾ پيو ۽ سياري جي رات ۾ ائين پي لڳو ڄڻ هو دوزخ ۾ آهن بهرحال هن ٻڌايو تہ ڊپ ۽ خوف کان شريف شهرين ٽرڪن تان اهي بند لاهي جان ڇڏائي تہ وري هنن ٻڌايو تہ اهي چوري ڪري ڪڍيل وڻ فوجين آرا مشين ۾ مفت چيرايا ۽ وري آرا مشين وارن مفت ۾ چيريا ۽ آرا مشين وارن بنا پئسي جي اهڙي تہ چيرائي ڪئي جو هنن جا چوڏاڙ ئي لاهي ڇڏيا هي چوري هئي يا ڏاڙو هاڻي ڪڻي آهي پوليس ۽ ان جا ڪتا انهن وڻن جن جي پاڇي ۾ ويهي سندي ماڻهو ساهہ پٽيندا هئا. اس ۾ پيا سڙن اهو ڏاڙو ۽ چوري ڪير ورائيندو هي پوليس جا صوبيدار تہ مڪمل طرح ناڪام ٿي چڪا آهن جي اهي ناڪام نہ ٿين ها تہ پوء ڏاڻي جي ڪرسين تي ڪتا چو آڻي ويهارين ها جيڪي ناشتي ۾ ڪير ۽ ڊبل روٽيون ٽا ڪائين ۽ منجهند ۽

رات جو گوشت بہ هاڻي عوام تي پيڻي چڻي پئجي ويئي آهي. اڳي تہ لڄ لوفر پوليس جي صوبيدار کي رشوت ڏئي ڪم ڪڍائي ويندا هئا پر هاڻي شريف ۽ اشراف ماڻهن کي پوليس جي ڪنڌ کان جان بچائڻ جي لاءِ رقم ڏيڻي پوندي ڇو جو ڪٽي جي ڪهڙي خبر تہ ڪهڙي ڏونڊ تي ڪنهن جي گهر ۾ گهڙي وجي جهڙي طرح ڪتا ماڻهن تي پوڪندا آهن اهڙي طرح ڏاڻن ۾ صوبيدار غريبن تي پوڪندا آهن ڪم بنهي جو ساڳيو آهي هاڻي اچون ٿا اصل مسئلي تي هاڻي پوليس ۽ ڪٽن جي ان اتحاد جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا ان جي سڀني کي خبر آهي جو جڏهن مان ضلع نوشهروفيروز مان ضلع خيرپور ۾ آيس تہ خبر پئي تہ هتان جي پوليس جي آفيسر ڏاڻن تي ڪٽن اچڻ کان اڳ ئي شريف ماڻهن سان اهو اتحاد ڪيو هو تہ هاڻي ڏاڻن تي ڪٽن ۽ سوئرن جي پالينڊڙ وڏيرن کي ڏاڻن تي اچڻ کو نہ ڏنو ويندو ان اتحاد جي ڪري ٻيو ڏئي نہ ڏئي گهٽ ۾ گهٽ ضلع خيرپور ميرس جي ڏاڻن تي ڏوهن کي گولهن لاءِ ڪتا کو نہ آندا ويندا مگر پوليس ۽ شريف شهرين جو اڄ ر اتحاد ان وقت ناڪام ٿي ويو. جڏهن سينارجا اسٽيشن جي پرسان هڪ همراهہ ڪان 35000 روپيہ ۽ هڪ سائيڪل ڦورو ڦر ڪري ويا پوليس اها ڦر ڪيل رقم واپس نہ ڪرائي سگهي نہ ئي ڦورو گرفتار ڪري سگهي مجبورن پوليس کي پنهنجي حمايتي جاسوسي ڪٽن کي گهرائڻو پيو اهڙي طرح هاڻي پوليس ۽ جاسوسي ڪٽن جو اتحاد ان ڪري اٽٽ ٿي ويو آهي سنڌ جا تمام پوليس آفيسر هاڻي ڏوهارين ۽ ڏاڙيلن کي پڪڙڻ جي بدران شريف ۽ ايماندار ماڻهن کي پڪڙڻ جي پويان آهن جنهن جو مان هڪ ڇڻو مثال آهيان باقي ڏڻهن مان نوشهروفيروز جي حدن ۾ پهتس تہ تاريخ 22-02-2002 تي

ماڻهن ٻڌايو ته هينئر هينئر هڪ ماڻهون ڪار موٽر سائيڪل ڦر ٿي آهي نه وري ٻي ماڻهون ٻڌايو ته نوشهروفيروز ضلع جي هڪ ڳوٺ جي صوبيدار پنهنجي حد ۾ منشيات جي وڪري تي سخت پابندي هٽي ڇڏي آهي يعني ان شهر ڪان ٽورو پري ان ٽاڻي جي ئي حد ۾ صرف پندرنهن منٽن جي پنڌ تي منشيات عام جام ٿي ملي جو مون پڻ اتي پنگ پيتي جڏهن ته خيرپور ميرس ۾ سخت گرمين جي ڪري لو ڪان بچڻ لاءِ پنگ عام جام پيتي ويندي آهي جو اتي پنگ جي پوک به ٿيندي آهي اصل ۾ ڪتن ڪي منشيات ڳولهڻ لاءِ ان ڪري ڪو نه استعمال ڪيو آهي جو اهو منشيات ڳولهڻ وارو ڪتن جو ڪم هو پاڻ ئي ڪندا آهن بهرحال انسان ۽ ڪتي جو پاڻ ۾ جنم جنم جو ساٿ آهي ۽ دنيا ۾ ساهه وارن ۾ زال ڪانپوءِ ڪتو وفادار ليکيو ويندو آهي پر جڏهن ڪتو ڇتو ٿيندو آهي ته اڳي چوندا آهن ته ڇتو ڪتو مالڪ کي سڃاڻندو آهي پر اڇڪلهه جا ڇتا ڪتا پهريون مالڪ کي ٽا ڪائين ڇو جو هاڻي جڏهن انسانن پنهنجا انسانيت جا چلن ختم ڪري ڇڏيا آهن ته پوءِ ڪتا وري ڪيئن پوئتي رهندا اهو ئي سبب آهي جو پوليس ۽ ان جا ڪتا گڏجي عوام جي لاءِ بيٽو ڏڇو پيدا ڪري رهيا آهن هي سڀ ڪجهه قدرت جي طرفان پوليس جي موجوده آفيسرن ۽ سپاهين کي هڪ نياپو آهي ته سڌري وجو ۽ ڪتن وارن ڪمن کي ڇڏي ڏيوءِ ٽاٽن تي ڪتن کي ڏسي پنهنجا پاڻ ڪتن جي حرڪتن سان پيٽايو ائين نه ٿئي جو مرڻ ڪان پوءِ ڪتن واري حالت ۾ نه اٿو خدا جي سرڪار ڏاڍي آهي خدا جو خوف ڪيو ۽ غريب ۽ شريف عوام کي ايذائڻ بند ڪيو ورنه ياد رکو اڳي چوندا هيا ته مرڻ ڪان پوءِ حساب ڪتاب ٿيندو اهو ته هر ڪنهن کي ڏيٽو پوندو پر هن دنيا ۾ ئي ان جو حساب ڪتاب

ٽيندو. هاڻي نہ صرف پوليس پر پوليس جي پاليل ڪتن کي بہ جواب ڏيڻو پوندو هاڻي چورن جي ڳولا تہ پنجاب کان آيل جاسوسي ڪتا ڪندا باقي ڏاڙيلن کي پڪڑڻ ۽ ڳولها لاءِ پوليس جون بکتر بند گاڏيون بہ ناڪام ٿي ويون آهن هاڻي ڏاڙيلن کان اغوا ٿيل ماڻهون موٽائڻ لاءِ پنجاب کان سوئر ۽ مرون گهرايا ويندا. جيڪي ڏاڙيلن جي ڳولها ڪندا ان صورتحال کي ڏسندي هاڻي پوليس ڪاتي جو ڪم مڪمل طرح ختمٌ سمجهيو وڃي ۽ جيڪا ڪروڙن جي بجيٽ ڏاڙيلن ۽ بين ڏوهارين کي گرفتار ڪرڻ جي لاءِ رکي ويئي آهي اها پنجاب جي ڪتن ۽ سوئرن کي پستا ۽ بادام کارائڻ تي خرچ کان بهتر آهي تہ حڪومت اهي ڪروڙن جون بجيٽون ڏاڙيلن ۽ چورن کان بچائڻ لاءِ ۽ دوبدو ويڙهه کان بچڻ لاءِ بئنڪ ۾ رکيا وڃن ۽ ان جي وياج مان ملندڙ رقم ڏاڙيلن کي امن امان قائم ڪرڻ لاءِ بطور ٽئڪس ادا ڪيو وڃي تہ مان پڪ سان ٿو چوان تہ نہ صرف اغوا جون وارداتون بند ٿي ويندیون پر سنهيون ٽلهيون چوريون ڦرون بہ گهٽ ٿي ويندیون ان صورت ۾ حڪومت کي پوليس ۾ پرتي ڪرڻ جي لاءِ پوءِ ڪتن ۽ سوئرن جي ضرورت کو نہ پوندي ڇو جو هن وقت اهي ڪتا محڪمہ پوليس جا هڪ قسم جا پروسي جوڳا ملازم آهن جو اهي اهو ئي ڪم ڪري رهيا آهن جيڪو پوليس جو ماڻهو ٿو ڪري.

امان الله سومرو

آرگنائيزر

قيدي بچايو فورم سنڌ

دور حاضر جو هٽلر ۽ مسوليني ملڪ الطاف احمد ۽ اعجاز حيدر عرف اجو گونگا

سنڌ واسيو!

هن جن بن ماڻهن جا نالا مون هٽلر ۽ مسوليني جي طور تي لکيا اهي هر هڪ ملڪ الطاف احمد ۽ اعجاز حيدر اهي انهن ظالمن کان بہ وڌيڪ ظالم. خوني ۽ قاتل آهن ۽ اهي هن وقت سينٽرل جيل حيدرآباد جا بي تاج بادشاهہ آهن. ائين کڻي چئجي تہ هي سينٽرل جيل حيدرآباد جا مالڪ آهن. هي جيل جي اندر جيڪو وڻين سو ڪن ۽ هو جيڪو ظلم قيدين تي ڪري رهيا آهن. هنن کان ڪو بہ پڇڻ وارو ڪو نہ آهي. ليڪن انهن ظالمن کي شايد اها خبر ڪو نہ آهي تہ جيڪڏهن عدليہ جا جج ۽ وڪيل انڌا گونگا ۽ بوڙا ٿي ويا آهن تہ پوءِ هاڻي قيدين کي صرف خدا جي ذات جو سهارو آهي. پو جو قيدي انتظاميہ ۽ عدليہ کان مڪمل طور تي مايوس ٿي چڪا آهن. اسان جو مقدمو هاڻي عوام جي عدالت ۾ آهي ۽ اسان عوام کي قيدين تي ٿيڻ واري ظلم کان ضرور آگاهہ ڪنداسين جن کي ٻڌي انسانيت بہ شرمائڻ لڳي آهي.

اڄ کان تقريباً ڪجهہ عرصو پهريون جڏهن جلاد ۽ قاتل گلزار چنہ جي بدلي ٿي تہ ان جي جاءِ تي خوني جلاد ۽ وحشي هٽلر ملڪ الطاف احمد ۽ اعجاز حيدر عرف اجو جڏهن چارج ورتي تہ مان هڪ دفعہ اتي هڪ ڊپٽي سپرنٽينڈنٽ ضياءُ الرحمان سان هڪ قيدي جي سلسلي ۾ ملڻ ويس تہ اتي هن ٻڌايو تہ موجوده جيل سپرنٽينڈنٽ ملڪ الطاف احمد جيل ۾ منشيات جو وڪرو بند ڪرائي ڇڏيو آهي ۽ قيدين کي سڻي مساني

فراهم ٿي ڪئي وڃي. جيئن ته مسٽر ضياءُ الرحمان هڪ شريف ۽ خانداني ماڻهون آهي اسان هن تي اعتماد ڪندي جيل جي آفيسرن جي تعريف لکي ته هي تعريفي اکر به برداشت نه ڪري سگهيا. هنن جي اچڻ کان پوءِ جيڪا قيدين سان جڻ ٿي آهي ته اها ٻڌو هنن اچڻ شرط فرنٽيئر ڪانسٽيبلري جا سوين سپاهي گهرائي قيدين تي حملو شروع ڪري ڏنو ۽ هڪ هڪ ڪري قيدين کي بئرڪن مان باهر ڪيندا ويا ۽ انهن کي ماري ڪٽي رتو رت ڪري اڌهاڙي حالت ۾ سيڪيورٽي وارڊ جي ٽڏين کولين ۽ ڦٽو ڪيو ويو جتي سوين قيدي زندگي ۽ موت جي چوواٽي تي زندگي گذاري رهيا آهن. انهن قيدين کي ذليل ڪرڻ لاءِ قيدين کي اڌهاڙو ڪري انهن جي ڪئپ ۾ نسوار ۽ پيٽرول وجهي قيدين کي اڌهاڙو ڪري هٽ ۾ بهاري ڏئي جيل ۾ بهاري ڏياري ويئي اهو ظلم صرف ۽ صرف قيدين کان رشوت وٺڻ لاءِ ڪيو ويو. هڪ دفعو حيدرآباد جي ڪورٽ ۾ آيل قيدين سان ملاقات ٿي انهن قيدين جيڪا دردناڪ ڪهاڻي ٻڌائي ان کي ٻڌي هيانو ڦاٽي ٿو پوي ۽ هي خوني ۽ قاتل جيڪي اصل ۾ پوليس ڪاتي جا آهن جن کي فوجي برگيڊيئر جيل جي انسپيڪٽر جنرل آف پرزنس جيڪو پڻ پنجابي آهي، هنن ظالم پنجابي پوليس آفيسرن کي غريب سنڌي قيدين جي ڪل لاهڻ جي مهم سونپي آهي جنهن کي خوني ۽ ظالم پورو ڪرڻ ۾ زور شور سان لڳا پيا آهن ۽ هن وقت تائين اٽڪل پندرنهن قيدي ماري چڪا آهن ۽ ڪيترائي قيدي اپاهج ۽ نامرد ٿي چڪا آهن نه صرف اهو بلڪ رشوت وٺڻ جي خاطر غريبن کي موت جي منهن ۾ وجهي ڇڏيو. باقي بئسن وارا بئسا ڏئي پنهنجي جان ڇڏائي ويا. هي سڀ ڳالهيون حقيقت تي ٻڌل آهن ۽ ان ۾ هاڻي ڪو به شڪ نه آهي ته قيدين تي تشدد

۽ ظلم جا اصل ذمدار عدليہ جا بدديانت جج آهن هي جج خدا ٿي ويا آهن. ليڪن ائين نہ ٿو ٿي سگهي جو خدا خدا آهي ان ماڻهن کي جنهن کي قيدي سڏيو ويندو آهي در اصل عدليہ جي انتظاميہ وٽ هڪ قسم جي امانت آهن ۽ عدليہ جي امانت سان پوليس جا ظالم ۽ خوني آفيسر جيڪي جنيون ۽ تعديون ڪري رهيا آهن. جيڪي لکڻ سان بہ پو ٿو ٿئي ۽ منهن جي دل ان خوني ۽ خوفناڪ ظلم تي رت جا ڳوڙها ڳاري رهي آهي.

ان ظلم جي خلاف داخل ڪيل آئين پٽيشن تي هاءِ ڪورٽ جي هڪ عوام دشمن جج مورخہ 16-01-2002 تي اهو چئي فائيل ڦٽو ڪري ڇڏيوءِ چيو تہ هي ڪيس هن جي روبرو پيش نہ ڪيو وڃي. شايد ان جج کي اها خبر نہ آهي تہ هو اهي فائيلون پڙهڻ ۽ ان جو فيصلو ڪرڻ جو قانوني طرح پابند آهي. جيڪڏهن اهي جج قيدين جي متعلق فائيل نہ ٿا پڙهن تہ پوءِ اسان اهڙن ججن جون فائيلون تيار ڪنداسين ۽ انهن جو پورو ڪچو چٹو شايع ڪنداسين تہ هڪ پٽي جي پيڙي پيئڻ وارو جج وٽ ايتري بي پناهہ دولت ڪٺان اچي ويئي جو هو پنهنجي خاندان جي پاتين سان قيمتي ڪارن ۾ گهمي رهيا آهن. اسان انهن رشوتخور ججن جو پوسٽمارٽم ضرور ڪنداسين جيئن عوام کي اصل حقيقت جي خبر پئجي سگهي.

بهرحال اسان قيدي پائرن کي يقين ٿا ڏيارين تہ اسان وٽ آهر انهن جي قانوني ۽ اخلاقي مدد جاري رکنداسين.

امان الله سومرو

آرگنائيزر قيدي بچايو فورم سنڌ

ڏاڙيل يوسف مري کي عام معافي ڏئي ضلع ميرپورخاص جو ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر مقرر ڪيو ويو

ضلع ميرپورخاص جا رهواسيو.

اوهان صاحب اخبارون ۾ پڙهندا هوندا ۽ انهن اخبارن ۾ آئي ڏينهن ڏاڙا، قرون ۽ چوريون قتل ۽ اغوا جون وارداتون ايتريون ته وڏي ۽ عام ٿي ويون آهن جو ماڻهن انهن مسئلن تي سوچڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي چاڪاڻ جو جن ماڻهن کي عوام جو محافظ ناهي پوليس جون وردين پارائي هزارين لکين ۽ ڪروڙين روپيا انهن جي ڏيک ڀال ۽ کاڌ خوراڪ تي خرچ ڪري حڪومت اهو سوچيو هوندو ته اهي عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪندا ليڪن ٿيو ان جي ابتڙ آهي يعني اهي ماڻهون جن عوام جي حفاظت ڪرڻ جي لاءِ وردي پاتي آهي اهي خود ڏاڙيل ٿي ويا آهن ۽ ان ڳالهه کان ڪو به انڪار ڪو نه ڪندو ته پوليس ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي جنهن جي ثبوت جي لاءِ اخبارون پريون پيون آهن اهائي ساڳي صورتحال ضلع ميرپورخاص جي آهي ميرپورخاص ضلع ۾ ڏوهه ايترا ته وڏي ويا آهن جو هاڻي اغوا جهڙيون وارداتون به ٿين لڳيون آهن ۽ پوليس کي ان ڳالهه جي هوا به ڪو نه ٿي لڳي.

هاڻي سوال اهو آهي ته اسان يوسف مري کي عام معافي ڪهڙي طرح ٿا ڏياري سگهون ته ان لاءِ اسان کي اليڪشن وڙهڻي پوندي يا ڪان

جو اسان وٽ هاڻي اهو ئي رستو اڃي بچيو آهي ته اسان پنهنجي منشور
کي حقيقت جو منظر ڏيڻ جي لاءِ اسان جي منشور جو پهريون نڪتو انصاف
جي فراهمي ۽ امن امان جي بحالي هوندي ڇا ڪاڻ جو ڪنهن به امن پسند
ماڻهون کي ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي ان کي هٽڪڙيون هڻي لاڪپ
جي درين سان ٻڌي ڪيڙن. ماڪوڙن. نانگن ۽ وڇن سان بند ڪيو وڃي
لازمي ڳالهه آهي ته ان عمل جي رد عمل جي ڪري بي چيني جنم وٺندي
جنهن سان ڏوهن ۾ واڌارو ايندو ۽ هن وقت ضلع ميرپورخاص جي پوليس
پنهنجي سرپرست اعليٰ ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ جي
سرپرستي ۾ ڏوهن جي لڳل باهه ۾ پيٽرول هاري باهه کي پڙڪائي رهيا
آهن اوهان اخبارون کڻي ڏسو هر ٽاڻي مان مانهن جون دانهون ۽ ڪوڪون
نڪري رهيون آهن تازو ڪوٽ غلام محمد جا ٽاڻي تي معزز جج پير علي
شاهه سيشن جج ميرپورخاص جي حڪم تي جيڪو ڇاپو هنيو ويو هيو ان
وقت ڪيترائي قيدي بنا ڪنهن داخلا جي لاڪپ ۾ بند هيا جن مان
ڪيترن ئي قيدين جي اکين تي پٽيون بڌل هيون ۽ اهي پوليس تشدد جي
ڪري جديشل مئجسٽريٽ جي روبرو ڏڪي رهيا هيا ان وقت ميرپورخاص
جو بدديانت رشوتخور نام نهاد پرهيزگار ڊاڪٽر امير علي شيخ پنهنجي
گهر ستو پيو هيو ۽ ان کي ان ڳالهين جي باري ۾ ڪابه خبر نه آهي ان جي
جاءِ تي جيڪڏهن عزت ماب جناب محمد يوسف مري جنهن کي پوليس پاڻ
ڏاڙيل ناهيو آهي ۽ اهو ڏاڙيل جيڪڏهن ضلع ميرپورخاص جو پوليس
آفيسر مقرر هجي ته اسان نه ٿا سمجهون ته ايئن پوليس ۾ شامل ڪو دلو
پڙوو ايئن بيگناهن کي ناحق روڪ ۽ ناحق بند ۾ رکندو ۽ انهن تي تشدد
ڪندو ڇاڪاڻ جو پوليس جي وردي پائل انهن بدمعاشن جي مقابلي ۾
ڏاڙيلن ۾ وڌيڪ غيرت ۾ آهي ۽ انهن وردي پوش بدمعاشن جي دلاگيري

جي ڪري سماج جا باغي ٿيا آهن ۽ اهوئي ڪم ميرپورخاص جو گهٽيا درجي جو ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ ڪري رهيو آهي ان جو ثبوت اهو آهي جو هن اسان کان انتقام ونڻ جو فيصلو ڪيو آهي نہ صرف اهو پر هن جا حامي اسان کي ڏمڪين وارا خط موڪلي رهيا آهن پوليس جو گهٽيا درجي جو رسوتخور عوام دشمن صوبيدار پورو مل ان جي معرفت انڪوائري جو هٿ ٿوڪيو ڊونگ رچائي بددياڻت ڪميٽي زاني شرابي ڏاڙيل اي ايس آء جنهن جو نالو تاج محمد پيو آهي جنهن ان غريب هاري يار محمد مير جت سان سرعام بدمعاشي ڪئي جن بدمعاشين کي عدالتن ۽ ضلع جي ماڻهن ڏنو جڏهن موجوده ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ بدلي ٿي آيو هيو تہ هن پنهنجو داٻو وهارڻ جي لاء ۽ عوام کي بيوقوف ناهڻ جي لاء تہ هو وڏو ايماندار آهي ٿاٿا چيڪ ڪندو هيو جڏهن تہ اصل ۾ هو صوبيدارن سان سوديبازي ڪري انهن کي گهربل ٿاڻن تي مقرر ڪندو آهي جنهن جو ثبوت ٿاڻي کان ۾ ايڏي وڏي ظلم جي واردات جنهن ۾ هڪ امن پسند ڳوٺائي کي ڏاڙيل ناهڻ جي سنگين ڏوهہ تي اڪيون بند ڪرڻ ۽ انهن هارين کي ڊيڄارڻ ۽ ڏمڪائڻ ان جو ڇڻو ثبوت آهي ڊاڪٽر امير علي شيخ انتهائي بددياڻت لالچي پئسي جو پوڄاري آهي هن کي هر حالت ۾ پئسا کپن اها اسان جي وڏي غلطي هئي جو اسان ان بددياڻت ماڻهون تي اعتبار ڪيو جنهن اڄان تائين ڏاڙيل اي ايس آء تاج محمد پيو جي خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪو نہ ڪئي آهي ۽ اهو ڏاڙيل اي ايس آء اڄان تائين اتي موجود آهي ۽ هاري يار محمد مير جت جي خلاف وڌيڪ ڪوڙيون ايف آئي آر داخل ڪري ان کي پاڻ سان ملائڻ ۽ ڏاڙيل ناهڻ واري عمل ۾ بد نام زمانہ ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر امير علي شيخ جو خاص ڪمائو پٽ ۽ پٽو آهي ان جي خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪو نہ

ڪئي آهي اهي سمورسون ڪالهيون وڏي واڪي ٻڌائين ٿيون ته موجوده ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر مانهن کي پلي بيوقوف ٺاهن جي ڪوشش ڪري ته هو ايماندار آهي ليڪن انسان هن جي ڪرتوتن کي سرعام وائکو ڪندا سين انسان کي ته لڳي ٿو ته هي خود به ڪو ڏوهاري آهي ڇا ڏوهاري مانهون پوليس م ڪو نه هيا ڊي ايس پي شير خان کي دنيا سڃاڻي ٿي ته هو ڪيترو ظالم هيو ۽ ڏوهارين جي سرپرستي ڪندو هيو ڇا اهو ڏوهارين جي سرپرستي جو نمونو ڪونه آهي جو هر اڳاري ٿي ضلع جي پوليس کي بمع موبائيل جي پنهنجي هٿ نوڪي دربار م گهرائي پويان ڏوهارين کي ڪلي ڇوٽ ڏني آهي ته جيڪو وٽيو سو ڪريو پوليس جا سپ صوبيدار ڊاڪٽر امير علي شيخ پنهنجي عهدي جي آڪڙ بازي ڏيکارن ۽ عوام کي ڊيڄارن جي لاءِ هڪ جڳهه تي پنهنجي روبرو گڏ ڪري وڏي بددياڻتي ۽ ڏوڪيبازي ڪري رهيو آهي انسان اها گالهه چنگي طرح ٿا سمجهون ته جيڪڏهن ان جي ڪرسي تي عزت مآب محمد يوسف مري جنهن کي پوليس جا بدمعاش آفيسر جيڪي پان ڏاڙيل آهن ڏاڙيل ٿا سڏين جڏهن ته اهي وردي وارا پان وڏا ڏاڙيل آهن جو ڏينهن ڏني پريل بازار مان ياگهرن مان غريبن کي زوري پوليس جي موبائيل م وهاري ڪٽي ويندا آهن ۽ انهن جي مائٽن جي سامهون انهن تي تشدد ڪندا آهن ته پوءِ انهن م ۽ ڏاڙيلن م ڪهڙو فرق رهيو.

انسان نه صرف يوسف مري کي عام معافي ڏياري بلڪ جيلن مان تمام قيدين کي ڪڍي يا جيڪي ڏوهاري باهر آهن انهن جي هڪ ميٽنگ گهرائي ضلع جا سپ ٽاڪا انهن جي حوالي ڪندا سي انهن کي باقائده پوليس جي وردي ٿوري رد بدل ڪري پارائي بندوقون هٿن م ڏئي انهن کي اهو چيو ويندو جيڪڏهن انهن جي حد م ڪو ڏوهه ٿيو ته پوءِ ان جا هو پاڻ

ذميدار هوندا ۽ انهن جي ٽوپي ۽ وردي سرعام لاٿي ويندي ته پوء مان نه
ٿو سمجهان ته اهي پنهنجي پنهنجي علاقي ۾ ڏوهه ٽين ڏينڊا چو جو هو
پاڻ ڏوهن جي دنيا جا بادشاهه آهن ۽ جيڪڏهن ڏوهه جو هڪڙو پن به
لڏندو ته انهن کي فوراً خبر پئجي ويندي جڏهن ته اسان جي ضلع جو
پوليس آفيسر ڊاڪٽر امير علي شيخ انڊو گونگو ۽ بوڙو آهي جو هن کي
ستن ڏينهن کان هڪ بيگناهه جنهنجو نالو يار محمد ميرجت آهي ٽاڻي
جي هڪ دري ۾ زنجير سان ٻڌل آهي ته وري ڪوٽ غلام محمد ٽاڻي تي
غريبن جي اکين تي پٽيون ٻڌي تشدد ڪيو ٿو وڃي لعنت آهي اهڙي
پوليس تي جيڪا عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت نه ڪري ۽ ان جي
باوجود حڪومت جا امن امان جي لاءِ ڏنل ڪروڙين روپين جا فنڊ بنا
اوگڙائي ڏيڻ جي حضم ڪري وڃن پوء به دي پي او امير علي شيخ چئي ٿو
ته هو ايماندار آهي ته اها گالهه ڪو به شريف ۽ ايماندار مانهون تسليم
ڪرڻ ڪندو هي ته رڳو ٽاڻن جو مسئلو آهي اڃان نه ٻيا به گهڻا مسئلا
آهن جن کان هي باقائده پتو ونندوآهي انهن کان به عوام کي آگاهه ڪيو
ويندو اسان هاڻي فيصلو ڪيو آهي ته پوليس جا بدمعاش اسان کي
ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن ته انهن کي ظالم خوني ۽ قاتل دي پي او ڊاڪٽر
امير علي شيخ جي سرپرستي حاصل آهي ان جي چوڻ تي غريبن تي تشدد
ڪندا آهن جيئن انهن جي ڪل لاهي وڏ کان وڏ رقم بهچائي سگهن مون
کي خبر آهي ته مون کي هڪ ڏينهن مرڻو آهي ۽ موت اٽل آهي ۽ گولي
کان تيز ڪير به پڄي نه ٿو سگهي ته پوء مون اهو عهد ڪيو آهي ته جيستائ
ڏينهن به جيئرو آهيان انهن حرام خور عوام دشمن پوليس ۽ جيل جي
ظالم ۽ بدمعاش آفيسرن سان آخري دم تائين وڙهندس ۽ ان جي ڪري
جيڪڏهن منهنجي جان غريبن جي خدمت جي ڪري هلي وئي ته ان کان

وڏيڪ بي کهڙي خوشي جي ڳالهه مون لاءِ ٿيندي جو منهنجو وهندڙ ڳاڙهو رت منهنجي گناهن کي ڏوئي ڇڏيندو. اسان هاڻي ان کان پوءِ ميرپورخاص جي نام نهاد ايماندار ڊاڪٽر امير علي شيخ کي ٽريفڪ پوليس منشيات ۽ فحاشي ۽ ڏوهن جي بين الاڏن جن ۾ جوا بليو پرنٽ سٽ ۽ بين ڏنڊن مان ڊي پي او ملندڙ رقم جي تفصيل کان ماڻهن کي آگاهه ضرور ڪنداسين. چاڪاڻ جو هن وقت منهنجي ۽ منهنجي ساڻين يار محمد ميرجت ۽ ان جي خاندان جي ويهن پياتين جي زندگي خطري ۾ آهي لهذا اسان پوليس کان پنهنجي جان بچائڻ جي لاءِ اسان ٻيهر هاءِ ڪورٽ ويندا سون ۽ انصاف طلب ڪنداسون چاڪاڻ جو اسان جو ميرپورخاص پوليس تي بلڪل اعتماد نه آهي چا ڪاڻ جو ميرپورخاص جي پوليس ڏوهارين تي مشتمل آهي جنهن قانون جي وردي پائي قانون جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي ۽ جيسين اسين انهن کي ڪيفڪردار تائين نه پهچائينداسين آرام سان ڪو نه ويهنداسين ۽ جو اسان عوام سان گڏ مرڻ ۽ جيئڻ جو عهد ڪيو آهي.

امان الله سومرو

آرگنائزر قيدي بچايو فورم سنڌ

ڏاڙيل بمقابلہ پوليس

پوليس بمقابلہ ڏاڙيل

اڇڪلھ اخبارن ۾ وڏي زور ۽ شور سان اهي خبرون اڇي رهيون آهن تہ پوليس جا پهلوان ٻہ ڪروڙ روپيہ جي زور تي ڏاڙيلن سان وڙهڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجا پٽا ۽ ٽوپيون پائي وڏي لئي سان وڃي پيلن ۾ لٽا آهن جتي هنن سڀ گڏ هنن جا بورچي ٻہ گڏ آهن پر افسوس اهو آهي جو هنن پاڻ سان گڏ ڊاڪٽر ۽ حڪيم ڪونہ ڪنيا آهن جيڪي وقت تي هنن جي ملهم پٽي ٻہ ڪن تہ وري حڪيم هنن کي مرادنگي جا سفوف کارائين.

هن وقت ڏاڙيلن جي مقابلي ۾ جيڪا پوليس ميدان تي لٽل آهي اها سموري جي سموري صرف ۽ صرف ڏاڙيلن جي ٽيڪ تي نوڪري ڪري رهي آهي جنهن ڪري ڏاڙيل فيڪٽر ختم ٿيندو ان ڪري پوليس جي ضرورت ٻہ ڪونہ پوندي ڇو جو هن وقت پوليس اسان کي ڏاڙيلن کان ڊيڄاري پنهنجو پيٽ پري رهي آهي ۽ پوليس اهو ڪونہ چاهيندي تہ ڏاڙيل ختم ٿي وڃن اهوئي سبب آهي جو ڏي آئي جي اهو بيان ڏنو آهي تہ هنن معني پوليس ڇاٽي واٽي ڏاڙيلن کي ٽاڪ ڇڏي پڇي وڃڻ جو رستو ڏنو آهي جيئن پوليس ڏاڙيلن جي ٽاڪن تي قبضو ڪري هائي ڏسو تہ ڏاڙيلن جا ٽاڪ ڪهڙا آهن اهي ٽاڪ گاهن جون ٿهيل لاڏيون آهن جتي رات جو مڇ ٻاري ڏاڙيل يرغمالين سان لوڏو راند ڪندا آهن انهن ٽاڪن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ پوليس جا سپاهي ۽ آفيسر انهن ٽاڪن تي قبضو ڪري لوڏو

کيڏندا ۽ هو جمالو ڳائيندا اسان جي ملڪ ۾ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اسان جي آفيسرن ۾ حيا ۽ شرم گهٽ آهي اهو ئي سبب آهي جو هيڏي وڏي بدامني جو ڏينهن ڏني جو ماڻهون کڻي ٿا وڃن پر پوليس جا آفيسر پوءِ به پنهنجي سينگاريل آفيسن ۾ ويهندي شرم ئي محسوس کو نه ٿا کن جيڪڏهن شرافت ۽ ايمانداري جي نڪتي نگاهه سان ڏنو وڃي ته هيڏي بد امني جي هوندي پوليس جي آفيسرن کي پگهار کڻندي شرم اچڻ گهرجي ۽ پنهنجن انهن ڪرسين تي وهندي ٻڏي مرڻ گهرجي.

دنيا ۾ کو به اهڙو مسئلو نه آهي جنهنجو حل نه هجي پر افسوس اهو آهي ته پاڪستان ۾ مسئلي کي حل ڪرڻ جي بدران ايتري ته هوا ڏني وڃي جو مسئلو پنهنجي اهميت ئي وڃائي ڇڏيندو آهي جنهنجو مثال ماڻهن جو ڏينهن ڏني اغوا ۽ خون آهن ڪاڻي ماڻهون هن مسئلي تي سوچين ئي کو نه ٿا اڳي جيڪڏهن کو خون ٿيندو هيو ته پوري سنڌ ۾ ڏهڪاءُ پيدا ٿي ويندو هيو پر اڃڪلهه اغوا ۽ خون جي ڳالهه ٻڏي ماڻهون اٽڪي ان ڪري ٿا ڪري ڇڏين جو هنن کي خبر آهي ته اني سڄي ڪارستاني جي پويان پوليس جي نا اهلي ۽ بددياڻتي آهي پوليس جا آفيسر هن وقت فرعون ٿي ويا آهن ۽ بندوق جي زور تي ماڻهن کي پنهنجو غلام سمجهي انهن کي ردن ۽ ڪرين وانگر هڪلي رهيا آهن مون ان مسئلي تي گهٽو اڳ لکيو هيو ته ڏاڙيلن کي ختم ڪرڻ جي طاقت پوليس ۾ هر گز کو نه آهي ۽ ڏاڙيلن کي ناس ڪرڻ جي لاءِ ڪروڙن جون رقمون پوليس آفيسرن کي ڏين عوام جي زخمن تي لوڻ برڪڻ جي برابر آهي موجوده پوليس جا چنگا مڙس جيڪي ٽوپيون ۽ پٽڪا پائي سرڪاري گاڏين ۾ گهمي رهيا آهن پاڻ ڏاڙيلن سان مليل آهن جنهن جو ثبوت اهو آهي ته اڄ ئي اخبارن ۾ اهي خبرون ڇپيون آهن ته پوليس جي هيٺين عملي ڏاڙيلن کي پوليس جي

چر پر کان اگواٺ ئي آگاھ ڪري ڇڏيو آھي ان خبر جي باوجود پوليس جي آفيسرن جي ڏاڍن تي ڪاھ عوام کي بيوقوف ناھڻ جي ھڪ سازش آھي پوليس ھن وقت سازشي ٽولي جي شڪل اختيار ڪري وئي آھي جنھن جو ڪم صرف عوام کي آزارڻ آھي ڏاڙيلن کي ڏسي پوليس جيڪي پويان پير ٽي ڪري انھن جي پيرن جا نشان چٽا ڏسڻ ۾ ايندا.

پوليس ھن وقت رڳو غريبن کي موچڑا ۽ پادر ھڻڻ ۾ پوري آھي چو جو امن پسند ۽ شريف شھرين کي مارڻ ڪٽڻ سولو آھي پر ڏاڙيلن سان وڙھڻ ان ڪري ڏکيو آھي جو جيتري فورس ۽ ھٿيار پوليس وٽ آھن ان کان وڌيڪ ھٿيار ۽ فورس ڏاڙيلن وٽ آھي جو ڏاڙيل ھن وقت لاڇر راکيٽ بہ فائر ڪري رھيا آھن ۽ اھي بہ پوليس جي مٿان اھا ڳالھ ثابت ٽي ڪري تہ ڏاڙيلن کي پوليس تي برتري حاصل آھي جي ايئن نہ ھجي ھا تہ پوليس جا چاڙتا ۽ بيوقوف آفيسر ڏاڙيلن سان پوليس جي مقابلي جي ڳالھ ئي ڪو نہ ڪن ھا پر سنئون سڌو وڃي ڏاڙيلن جي ڳڇي ۾ ھٿ وجھن ھا ھن وقت مسئلو ڏوھاري ڪو نہ آھي ھن وقت سڀ کان وڏو مسئلو پوليس جو ڏڇو آھي اھو ئي سبب آھي جو ھن وقت پوليس کي عوام جي ڪابہ حمائت حاصل نہ آھي ۽ جنھن پوليس کان عوام نفرت ڪري اھا پوليس ڏوھن تي ڪنھن بہ صورت ۾ ڪنٽرول ڪو نہ ٽي ڪري سگھي چو جو پوليس خود بہ ڏاڙيلن ۽ بدمعاشن سان گڏ آھن ان ڪري ڏوھن تي ڪنھن بہ صورت ۾ ڪنٽرول ڪو نہ ٽي ڪري سگھي چو جو پوليس خود بہ ڏاڙيل ۽ بدمعاشن سان گڏ ڏوھن ۾ شامل آھي.

اسان جي خيال ۾ ڏاڙيلن جو مسئلو جو حل صرف ۽ صرف ان ۾ آھي تہ ڏاڙيلن کي عام معافي ڏني وڃي ۽ انھن ئي ڪاٽڪن کي جيلن ۽ ٽاٽن مان ڪڍي ٽاٽن جي چارج ڏني وڃي ۽ کين چيو وڃي تہ ھاڻي ھنن جي

حدن ۾ ڏوھ ٿيو تہ اھي ئي ڏوھن جا ذميدار ھوندا مان نہ ٿو سمجھان تہ ان ڪاروائي کان پوءِ ڪو بہ ڏوھ خصوصاً اغوا جو ڏوھ ٿيندو پر پوليس جا جنگا مڙس ان فارمولي تي ان ڪري غمل ڪونہ ڪندا جو ھو ڏاڙيلن کي عام معافي ڏئي امن امان بحال ڪندا تہ پوءِ ھنن جا پيپ ڪيئن پريا حيڪي حرام ڪائي ڪائي وڏي ويا آھن جو ھنن جي حوس ھاڻي ختم ٿيندي نظر نہ ٿي اچي ھنن جي سکڻي لئي بہ عوام جي لاءِ ھڪ آزار ثابت ٿي ا ي جو ھڪ گھٽيا درجي جو نيچ آفيسر بہ پاڻ کي معتبر ثابت ڪرڻ جي ا مڙا ذليل ڪم ٿو ڪري اھي ڪم بڏي انسانيت بہ شرمائجي ٿي وڃي ۽ ھنن پوليس جي بي حيا آفيسرن کي ٽکي جو بہ شرم ڪو نہ ٿو اچي.

بلي پوليس جا رشوتخورءِ ظالم آفيسر ھن مضمون جي لکت کي سمجھن ۽ پوليس ۽ جيڪو بہ آفيسر يا سپاھي ٿوري بہ شرافت رکندو ھوندو اھو اھا ڳالھہ دل سان تسليم ڪندو تہ پوليس ڏاڙيل فيڪٽر کي ختم ڪرڻ ۾ نہ صرف مڪمل طور تي ناڪام ڇڪي آھي ۽ ھو ڏاڙيل ڪيترن کي ڪجھ بہ ڪو نہ ٿا ڪري سگھن ان ڪري ھاڻي اھو بھتر ٿيندو تہ سڀ حڪومت لاءِ ڏاڙيلن کي عام معافي ڏيڻ کان سواءِ ڪو بيو رستو نہ بچيو آھي باقي جيڪڏھن عوام کي بيوقوف ناھڻ لاءِ ڏاڙيلن جي ساڻ سي ڪروڙين روپيہ ھڙپ ڪرڻا آھن تہ پوءِ ڏاڙيلن سان پلي مقابلا جاري رکڻ جا اچو پر ٿيندو ڪجھ بہ ڪو نہ.

مان اوھان کي ھڪ خاص ٻڌائيندو ھلان تہ پوليس ۽ ڏاڙيل ھڪ ٻئي کي ڪيئن ھٿيار اپايا ٿا ڪن پر ھڪ اخباري خبر جي مطابق تہ سنڌ جي ھڪ ضلعي ۾ ڏي ڦورو ڦر ڪرڻ لاءِ رستي ۾ روڪين ٿا جڏھن ھو پنھنجو تعارف ڏيڻ ٿورن ڏاڙيلن کي ٿو ڪرائي تہ انھن ڏوھارين جا ھٿيار ھيٺ ڪي ٿا وڃن اھا ان ماڻھوءِ ۾ ڪھڙي طاقت آھي جو جيڪي ڏوھاري پوليس

کي ڏسي مرڻ مارائڻ جي لاءِ تيار ٿي ٿا وجن جڏهن ته هڪ عام ماڻهون جي سجاڻپ تي هو هٿيار هيٺ ڪري رستو ٿا ڏين چا ان ماڻهون وٽ ايتري طاقت آهي جو ڏوهاري به هن کان ڊپ ٿا کن ته پوءِ حڪومت ان ماڻهو جي حوالي پوليس جو نظام چو نه ٿي ڪري مان سمجهان ٿو ته ان ماڻهون جنهن کي ڏاڙيل سلام ٿا کن ته پوءِ ان جي تعاون کان سواءِ ڏاڙيل فيڪٽر ختم ڪو نه ٿيندو جو ڏاڙيلن جا اهي سر پرست وڏي پهچ اثررسوخ وارا آهن جو انهن جي ڊپ کان هڪ ناميارو پوليس آفيسر جنهن جي ايمانداري جي هاڪ سڄي سنڌ ۾ هئي اهو به انهن ڏاڙيلن جي سر پرست وڏن ماڻهن کان معافيون ونڊي پنهنجي جان بچائي پڄي ويو هن جي پاڄ مان ثابت ٿيو آهي ته هاڻي پوليس مان ڏوهارين تي ڪنٽرول ڪرڻ جي آس رکڻ ڄڻن کان ٻير گهرڻ جر برابر آهي هن وقت سنڌ جو سماجي تاجي پٽيو وڏي بد امني جي ڪري ڌهي پٽ ٿي پيو آهي جنهن جي نتيجي ۾ بک ۽ بي روزگاري جي باهه ڏوهن ۽ ڏوهارين ۾ ايترو ته واڌارو آندو آهي جي ترت عملي قدم نه کنيا ويا ته هي سڄو معاشرو سڙي رک ٿي ويندو.

هن وقت حڪومت جي لاءِ اهو ضروري آهي ته ملڪ ۾ فوراً جهموريت بحال ڪري ۽ سرڪاري عملدارن جي به چونڊ ڪرائي وڃي خاص ڪري ضلع جو پوليس آفيسر ان کي مقرر ڪيو وڃي جيڪو ووٽن جي ذريعي چوندجي اچي باقي هي پوليس آفيسر جيڪي ڪميشن جي ذريعي اچن ٿا اهي هر ڪم ڪميشن تي ئي ڪندا آهن ان جو اهو ئي سبب آهي جو هن وقت سنڌ ۾ هڪ به ايماندار پوليس آفيسر کو نه آهي صرف رشوت نه ونڊ ايمانداري ڪونه آهي جيڪو پوليس آفيسر ايماندار ٿيندو ۽ لچن ماڻهن سان هٿ اتڪائيندو يا ته مارجي ويندو يا وري معافي ونڊي جان بچائيندو ۽ جيڪي پوليس آفيسر جان کي پيارو ڪندا اهي عوام کي

ڏوهارين کان ڪونہ ٿا بچائي سگھن هن وقت پوليس جا سپ آفيسر رڳو ۽ شو بازي ۾ پورا آهن جيڪڏهن هنن ۾ ٿوري بہ حيا ۽ شرم هجي تہ هي فوري طور تي ان لاءِ استعفائون ڏين تہ هو ڊاڙيل فيڪٽر کي ختم ڪرڻ ۾ ناڪام ويا آهن پر هو ايئن ڪو نہ ڪندا جو جو اهو رواج اڄان تائين اسان جي ملڪ ۾ ڪو نہ پيو آهي جيئن بين ملڪن ۾ اهي جو اتي ريل جي حادثي ٿيڻ يا جاءِ ڪرڻ جي صورت ۾ لاڳاپيل آفيسر استعفا ڏئي ڇڏيندا آهن هتان جا پوليس آفيسر ايترا تہ نيچ ۽ گهٽيا قسم جا آهن جو جن جي خلاف سچ لکو تہ سچ لکندڙ کي ماري ماري اڌ مئو ڪري ڇڏيندا آهن اها ئي انا پرستي ۽ اذيت پسندي آهي جنهن سڄي سماج جي منهن تي ڪارنهن ملي ڇڏي آهي ۽ سڏي سماج تي ڪارنهن ملڻ جا پوليس آفيسر سنوان سڏا ذميدار آهن پوليس جا آفيسر اهو نہ سمجهن تہ هو سماج جي منهن تي جيڪا ڪارنهن ملي رهيا آهن انهن کي ان جو ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏيڻو پوندو هنن کي جواب ضرور ڏينو پوندو ۽ سماج جو ڪارو منهن ڪرڻ جي سزا انهن پوليس آفيسرن کي ضرور ملندي ۽ قوم هنن جو ڪارو منهن ضرور ڪندي ۽ اهو وقت بلڪل ويجهو اچي ويو آهي جو جو هر ڪنهن کي پنهنجي ڪئي جي سزا پوگٽي آهي اهو وقت اچي ويو آهي.

امان الله سومرو
آرگنائزر قيدي بچايو فورم سنڌ

قيدي عدالتن جو بائيڪاٽ ڪندا چاڪاڻ جو قيدين تي تشدد جي ذميدار عدليہ آهي.

قيدي پائرن ۽ شهرين جي نالي خط

منهنجا قيدي پائرو خدا شاهد آهي تہ جنهن ڏينهن هڪ ظالم جلاد گلزار خان نالي هڪ ظالم جيل سپرنٽنڈنٽ جيڪو ڏاڍ ۽ قهر غريب ۽ بي بس قيدين تي ڪيو آهي جنهن ۾ هڪ قيدي نالي گل محمد شاهہ فوت، ٿي ويو آهي ۽ ڪيترائي قيدي معزور ٿي ويا اسان ان ظلم تي زبردست احتجاج ڪيو ان ٿيل ظلم تي پمفليٽ ۽ ڪتاب شائع ڪري عدليہ جي ججن کي موڪليا ان کان علاوه هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيترن ئي قيدين جن ۾ منصور سومرو. اصغر ناريجو. رئيس احمد. محمد بخش کان علاوه ڪيترن ئي قيدين جن ۾ جاويد ڪشميري ۽ ٻين قيدين جي تشدد ڪري جيل ۾ مارڻ جي خلاف آئيني پٽيشنون داخل ڪيون جن ۾ اسان قيدين ٿي ٿيل تشدد ۽ قتل عام تي عدالتي تحقيقات جي گهر ڪئي هئي انهن آئيني عرضداشتن جي دوران اسان محسوس ڪيو تہ هاءِ ڪورٽ ۾ هلندڙ انهن آئيني درخواستن جي دوران هڪ ٻہ جج سنا آيا جن ۾ سر فهرست جسٽس انور ظهير جمالي صاحبہ هيا جن جي روبرو جڏهن مان انهن آئيني درخواستن جي دوران ڪورٽ ۾ پيش ٿياسين تہ اسان محسوس ڪيو تہ انصاف ملندو ۽ قيدين کي ٿورو رليف ٻہ جيل ۾ ملڻ لڳو. پر پوءِ خبر نہ آهي تہ الائي ڇا ٿي ويو جو ان کان پوءِ اچڻ وارن ججن انهن آئيني درخواستن تي ڪابہ ڪاروائي ڪو نہ ڪئي ۽ درخواستن کي هيڏي هوڏي ڪري عدالتي سرد خاني ۾ وجهي ڇڏيو جنهن تي اسان تمام گهٽو احتجاج

ڪيو ليڪن ان واويلا جو بظاهر ڪو به نتيجو ڪو نه نڪتو بهرحال اسان خاموش ڪونه وينا آهيون ليڪن ايڏي وڏي جاکوڙ کان پوء گلزار جنهن بدلي ٿيڻ کان پوء بقول سرڪاري وڪيل مسٽر مسعود نوراني ته سير تي سوا سير اچي ويا آهن ۽ گلزار جي جائي موجوده دور جي هٽلر ملڪ الطاف ۽ مسوليني اعجاز حيدر سينٽرل جيل حيدرآباد جي چارج ورتي آهي ۽ انهن اڃڻ شرط قيدين تي جيڪو تشدد ڪيو ان صدين جي ڪيل تشدد کي مات ڏئي ڇڏي ان ظلم ۽ تشدد کي پڏي جيڪو به انسان حساس ۽ شريف هوندو ان جا وار اڀا ٿي ويندا ليڪن منهنجي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته هيڏي وڏي هاڃي ۽ ظلم جي باوجود ڪورٽ جي ڪنهن به جج ڪنهن سياسي پارٽي جي ڇوٽي جي ليڈر ۽ ڪنهن به وڪيل کي به احتجاج ڪو نه ڪيو حالانڪ ڪورٽ جي تحويل ۾ هڻڻ جي صورت ۾ قيدين جي جان ۽ آن جي سلامتي جي سڄي ذميداري عدليه تي عائد ٿئي ٿي جيڪا قيدين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي ان جو سبب اهو اهي جو هن وقت ڪورٽن ۾ نوانوي نفيصد جج رشوتخور ۽ انصاف جا قاتل آهن اهو ئي سبب آهي جو حيدرآباد کان ڪراچي ٽراسفر ڪيل قيدين تي جيڪا ڪربلا برپا ڪئي وئي ان کان جج ۽ وڪيل صاحبان ناواقف هوندا مان انهن کي ان خوني تشدد کان آگاهه ضرور ڪندس.

هي ماه رمضان 2001 جو مبارڪ مهينو هيو جو ان دوران جيل جي جلاد ملڪ الطاف ۽ اعجاز حيدر عرف اجو گونگا چوندي چوندي انهن قيدين کي جيڪي انهن ظالمن سان مهاڏو اٽڪائي پئي سگهيا ۽ احتجاج ڪري پي سگهيا انهن کي بئرڪن مان ڪيڏي ڏنڊن ۽ سرين سان ماري ماري رتو رت ڪري ڇڏيو ۽ گاڏين ۾ پري هڪ منظم پلاننگ جي تحت جنهن جو اصل خالق فوج جو برگيڊيئر نثار مهر هيو قيدي ڪراچي روانا

ڪيا جتي موت جا فرشتا انهن جو استقبال ڏنڊن ۽ سرين سان جيل جي اندر موجود هيا قيدين جي اتي جيل ۾ داخل ٿيندي ئي قيدين کي اگهاڙو ڪري ايترو ته ماريو ويو جو هو اڌ مئا ٿي پيا ۽ پوءِ انهن کي ٽنگو ٽالي ڪري ڏڊن کولين ۾ اگهاڙو بند ڪيو ويو اها ته هئي پهرين قسط جيڪا ڪراچي ۾ قيدين سان ٿي ان کان پوءِ حيدرآباد ۾ رهيل قيدين سان جيڪا عقوبت ڪئي وئي ٿورو ان جو به تفصيل ٻڌو.

قيدي پائرو اسان اوهان تي تشدد جو ٻڌي سخت پريشان آهيون قيدين سان جيڪو تشدد ڪيو ٿو وجي انهن ۾ ڪاني جو ناهيل ل +ن قيدي جي عزت نفس مجروح ڪرڻ جي لاءِ قيدي جي ڪئي ۾ وڌو ويندو آهي اها ڳالهه مون کي ڪراچي جي وڪيل نالي بابر ٻڌائي جڏهن وڪيل به جيل جي ظالم آفيسرن کان بچي نه سگهن ته پوءِ لعنت آهي اهڙي وڪالت تي ۽ عدالت تي جيڪا قيدين کي تحفظ فراهم نه ڪري سگهي. جو ٽڪي جا به ٿي سرڪاري ملازم هزارن قيدين جي زندگين سان کيڏي رهيا آهن ۽ سڄو سماج انڌو. گونگو ۽ بوڙو ٿي ويو آهي حالانڪ اهي قيدي جيڪي جيلن ۾ آهن جن جا وڪيل به آهن ۽ انهن وڪيلن قيدين کان هزارين روپيه انهن جا ڪيس وڙهڻ جا ورتا آهن انهن وڪيلن جي قيدين تي ٿيل بي انتها تشدد تي خاموشي هڪ مجرمانه فعل آهي ڇاڪاڻ جو قيدي وڪيل ۽ جج جو پاڻ ۾ هڪ ان ڏٺو اتحاد آهي جيڪڏهن ان اتحاد ۾ توازن برقرار نه رهيو ته پوءِ نه صرف عدالتون پر سڄو معاشرو اڌهي ڪاڏل ڪاني وانگر ڏهي پٽ ٿي پوندو ڇو جو جنهن وڪيل بابر مونکي انهن جيل جي بدمعاش آفيسرن جي تشدد کان آگاهه ڪيو هيو ۽ ان تشدد جي نتيجي ۾ هن جي اکين ۾ انتقام جا شعلا ڏسي مونکي لڳو ته هي شفيع ڪشميري وڪيل جي بددياڻتي جي ڪري عدالتي ڇڪر ۾ ڦاسي جڏهن هو

جيل پهتو هيو ۽ جيل پهچڻ کان پوء هن کي جنهن تذليل ۽ مار موچڑي جي مرحلي مان گذرڻو پيو هيو مون کي حطرو آهي ته ڪٿي ان وکيل جي اکين ۾ ٻريل انتقام جي باهه کو پنين نه ٻاري چاکاڻ جو اهو وکيل بدلي وڻن جون ڳالهيون ڪري رهيو هيو ۽ خدا نه ڪري جو اهو وقت اچي جو هر قيدي پنهنجي توهين جو بدلو وڻڻ جو سوچي ۽ جيڪڏهن قيدين پنهنجي مٿان ٿيل ظلم جو بدلو وڻڻ جو فيصلو ڪيو ته پوء جيل جي ان حرامخور غندڻ ۽ عدليه جي بددياڻت ججن کي دنيا جي ڪنهن به ڪنڊ ۾ لڪڻ جي جاء کو نه ملندي جنهن جو مثال جليا نوالا باغ جي اصل محرڪ جنرل ڊائر تي هڪ هندستاني لنڊن وڃي جيڪو بدلو وڻڻ لاء قاتلاڻ حملو ڪيو هيو جوانتقام جي باهه کنهن به وقت پڙڪي ٿي سگهي.

اسان جيئن ته امن پسند ماڻهون آهيون ۽ ان انتقام جي باهه کي پڙڪڻ کان اڳ ۾ ٺڏو ڪرڻ ٿا چاهيون ڇو جو اسان نه ٿا چاهيون ته سماج ۾ وڏيڪ چور ۽ ڏاڙيل پيدا ٿين ۽ جيڪڏهن انهن قيدين تي تشدد فوري طور تي بند نه ڪيو ويو ته پوء ڪورٽن لاء وڏو جنجال پيدا ٿي ويندو ۽ قيدي ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪري ان ۾ نمبر جي ڪورٽن ۾ نقلي ججن جي روبرو پيش ٿين ڪان انڪاري ڪري ڇڏيندا ۽ جڏهن قيدي ڪورٽن جو بائيڪاٽ ڪندا ته پوء ان صورت ۾ وڪيلن جو ڏنڊو به بند ٿي ويندو هونئن به وڪيل جيڪي سال ۾ هڪ قيدي جو هڪ ڪيس مفت ۾ وڙهن جا قانوني پابند آهن ليڪن هو ايئن نه ٿا ڪن وڪيلن کي صرف پئسو ڪپي ان جو اصيل جيل ۾ مري ته پلي مري وڃي ان جي مرڻ جي وڪيلن کي پرواهه نه آهي انهن کي رڳو فيي ڪپي. جيئن ته قيدي کان في وڻڻ کان پوء قيدي جي جيل ۾ جان جي سلامتي ۽ ڪيس جي پيروي ڪرڻ وڪيلن جي قانوني ذميداري آهي جتي جج پنهنجي فرض کان غافل ٿي ويا آهن

اتي وڪيل بہ برابر جا ذميدار آهن اهڙي طرح جج ۽ وڪيل ٻئي ملي ڪري قيدين جو استحصال ڪري رهيا آهن شايد انهن کي اها خبر نہ آهي تہ عدل ۽ انصاف نہ ڪرڻ واري قوم صفحہ هستي تان مٽجي ويندي آهي.

هونئن بہ قيدين لاءِ صدقہ ان ڪري حلال ڪيو ويو آهي جو هو ڪيترو بہ مالدار چو نہ هجي قيدي هڻڻ جي ناطي رحم جو طلبگار آهي اسلامي تعليمات جي مطابق جيڪو پاڻ کائو اهو قيدين کي کارايو ليڪن هتي الٽو دستور آهي مون کي تہ ايئن ٿو لڳي تہ جيل جو داروغہ اعليٰ نشان مهر. جيل سپرنٽنڈنٽ ملڪ الطاف ۽ ڊپٽي سپرنٽنڈنٽ اعجاز حيدر عرف اجو گونگا خدا جا منڪر آهن ورنہ خدا جي بانهن تي ايترو ظلم نہ ڪن ها جنهن کي ڏسي آسمان بہ شرمائي رهيو آهي.

اسان کي هاڻي قيدين کي جيل جي آفيسرن کان نجات ڏيارڻ لاءِ اسان کي هڪ لائحہ عمل طئي ڪرڻو پوندو ۽ اسان جي جدو جهد هڪ ڏينهن ضرور رنگ لائيندي ۽ قيدين تي تشدد ڪندڙ جيل جي آفيسرن کي هڪ نہ هڪ ڏينهن عوام جي ڪٺهڙي ۾ اچي ٻيهڻو پوندو ڇاڪاڻ جو تشدد جي انتها ان ڳالهہ جو اشارو آهي تہ ظالم پنهنجي انجام کي پهچڻ وارا آهن خدا گواهہ آهي تہ جيڏهن ايترون زيادتيون مون سان ٿيون ها تہ پلي سڄي عمر جيل ۾ پيو هجان ها پاڻ ڪهن ۽ ڪورٽ ۾ پيش ڪو نہ ٿيندس يعني ڪورٽن جو مڪمل بائيڪاٽ ڪندس تہ اسان کي اهو نام نهاد انصاف نہ ڪپي جنهن جي نتيجي ۾ جيلن ۾ قيدين تي تشدد ٿئي تہ وري ڪورٽن ۾ غريب قيدين جا ڪيسا خالي ڪيا وڃن ٿا اهي سڀ ڳالهيون ڪورٽن جي ناڪامي جي ڇٽي تصوير آهي جيڪڏهن ججن کي قيدين کي انصاف فراهم نہ ڪرڻ واري تصوير آئيني ۾ نظر ٿي اچي تہ پوءِ هو انڌا گونگا ٻوڑا آهن ججن کي ياد هڻڻ گهرجي بقول جسٽس جهانگيري

ته جيڪڏهن ڪورٽن جو اهو پيمانڪ زوال جاري رهيو ته پوءِ انهن ڪورٽن ۾انهن ججن جي جاءِ ٻيا ماڻهو اچي ڪورٽن ۾ وهندا هاڻي ڪورٽن جي بددياڻت ججن کي انهن ماڻهن جو انتظار ڪرڻ گهرجي جيڪي انهن ججن حساب ڪتاب ۽ چڪتو ڪندا چاڪاڻ جو سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ موجوده ۽ اڳين جيل جي سپرنٽنڈنٽ گلزار چنو. ملڪ الطاف سنڌي قيدين سان جيڪي عقوبتون ڪيون آهن جنهن ۾ ڪيترائي قيدي مري ويا آهن ته ڪيترائي قيدي ناامرد ٿي ويا آهن هي ظلم ۽ بدمعاشي جي انتها آهي جنهن جو نتيجو اڄ نه ته صبحاڻي انهن کي پوڳٽو پوندو.

مان عدليه جي بددياڻت ججن ۽ وڪيلن کي ان خطري کان آگاهه ڪرڻ ٿو چاهيان جيڪو بي انصافي جي ڪري اسان کي وڪوڙي ويو آهي چاڪاڻ جو غريب قيدين جي ڳوڙهن ۾ ايتري ته طاقت آهي جو طاقتور حڪومت ۽ انهن غريب قيدين جي ڳوڙهن ۾ لڙهي ويندي جيڪڏهن موجوده حڪومت ۽ ان جا ساٿي ملڪ کي بچائڻ ٿا چاهين ته پهرين فرصت ۾ سزاءِ موت عمر قيد ۾ تبديل ڪري ۽ ٽن سالن کان وڌيڪ معمولي ڏوهن ۾ جيل گهارينڊڙ قيدين کي بنا دير جي رها ڪيو وڃي ان کان علاوه قيدين تي تشدد جي ذميداري جيل جي آفيسرن تي ڪيس هلائي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ۽ جيڪڏهن نوجي حڪومت ان نيڪ ڪم ۾ دير ڪئي ته پوءِ ياد رکو ته اسان جي داستان نه هوندي داستانن ۾.

الله سومرو

رکنا ڙ قيدي بچاءُ فورم سنڌ

ڏاڙيلن کي عام معافي ڏني وڃي

دوستو ۽ ساٿيو. سنڌ جي ڏرتي تي ورهين کان جيڪي ظلم ٿيندا رهيا آهن. اڄ انهن ظلمن جي نتيجي ۾ سنڌ جي ڏرتي تي ناموڻ ٿي وئي آهي ان جي نتيجي ۾ جتي بيا سوين مسئلا پيدا ٿيا آهن اتي ڏاڙيلن جو مسئلو وڏي شدت سان سامهون آيو آهي ان اهم مسئلي تي چپ ڪري ويهڻ سراسر غلط ۽ بيوقوفي ٿيندي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته سنڌ کي انيڪ سياسي مسئلا در پيش آيا آهن اتي هڪ سماجي اقتصادي مسئلو جيڪو ڏاڙيلن جي روپ ۾ منهن ڦاڙيو بيٺو آهي جيڪڏهن ان تي ترت توجهه نه ڏنو ويوته پوءِ سنڌ ۽ ان جي عوام هڪ اهڙي اوڙاهه ۾ وڃي ڪرندو جتان نڪرڻ مشڪل ٿي ويندو ۽ پوءِ قانون، انصاف، سچائي ۽ ايمانداري تان ماڻهن جو اعتماد کڄي ويندو نه صرف اعتماد کڄي ويندو پر سنڌ جي ماڻهن جي سوچ ۾ ايڏي تبديلي اچي ويندي جو پوءِ اسان کي اڳ جي جنگل جي دور ۾ پوئتي ڌڪجڻ کان دنيا جي ڪا به طاقت، تهذيب بچائي نه سگهندي. اڄ ڪلهه ڏاڙيلن جي مسئلي تي اخبارن ۾ ڏاڍو لکيو وڃي ٿو ۽ ان مسئلي کي حل ڪرڻ جي لاءِ ڪيئي طريقا تجويز ڪيا ويا وڃن حڪومت هر روز اهو اعلان ٿي ڪري ته ڏاڙيلن جي خلاف Operation Clean up شروع ڪيو ويندو يعني ڏاڙيلن کي ناس ڪيو ويندو ته وري ڏاڙيل حڪومت کي چئلينج ڪري رهيا آهن ته اچو ته مقابلو ڪيون پوليس ڏاڙيلن سان مقابلي ۾ بلڪل ناڪام ويئي آهي ان جا به سبب آهن پهريون سبب گهٽ پگهار، بيو سبب ان جو نتيجو رشوت آهي. ٽيستائين اهي ٻئي يعني ڏاڙيل ۽ پوليس مٽان وري رياستي جبر ۽ ڏاڍ هجي ته پوءِ

ياد رکو تہ هي ڏاڙيلن وارو ون وڏي اهڙو ٿي ويندو جنهن جون پاتال ۾ پهتل پاڙون فوج. رينجرس ۽ ٻيا سڳهارا ادارا گڏجي اهي پاڙون پٽڻ ۾ ناڪام ويندا جنهن جو هلکو مثال اوهان جي سامهون آهي.

هي مسئلو هنوقت سراسر سماجي اقتصادي ۽ سياسي ٿي ويو آهي جو انهن ڏاڙيلن کي سماج جي ٽيکيدارن ۽ اقتصادي ذريعن جي مالکن ۽ بي ايمان عوام دشمن سياسي ليڈرن جي جيکا پٽ پرائي آهي اها ٻ سچ جي روشني وانگر ظاهر ظهور آهي. اڄ ڏسو تہ سياستدانن جو هڪ سچو ٽولو ڏاڙيلن جي هٿان اغوا ٿي ويو آهي. ان کان وڌيڪ ٻي ستم ظريفي کهڙي ٿيندي جو سياستدانن جي اغوا ٿي سنڌ ۾ ايڪڙ ٻيڪڙ هڙتالون ۽ مظاهرہ ٿي رهيا آهن جڏهن عام رواجي ماڻهن جي اغوا تي صرف هڪ خبر اخبار ۾ ڇپجي ٿي ۽ ٻي خبر ان جي رهائي ٻنگ تي ادا ڪرڻ جي ڇپجي ٿي يا وري اغوا ٿيندي جي لاش جي واپسي جي خبر ڇپجي ٿي. ان جي دوران جيکي ڪجهہ وهي واپري ٿو ان جي تر جي وڏيري پوليس ۽ پوليس جي دلال کي سڀ خبر هوندي آهي تہ اغوا ڪير ٿو ڪري ۽ ٻنگ جي رقم ڪير ٿو ونڻ ۽ ڏاڙيلن کي ان رقم جو ڪيترو حصو ٿو ملي هاڻي اچو تہ ٿورو ڏاڙيلن جي ڪردار تي روشني وجهون ڏاڙيل عام طرح سان غريب هاري يا مزدور هوندا آهن جيکو وڏيري. ٽيکيدار پوليس جي ظلم ڪام باغي ٿي سماج سان ٽڪرائڻ سان مجبور ٿي ويندا آهن ۽ پوء ان مجبوري جو نالو ڏاڙيل رکيو ويندو آهي. غريب هارين مزدورن کان بنا اجرت جي پورهيو ونڻ وڏيري ۽ ان جي دلال پوليس جي حاضري نہ پيرڻ تي انهن جي ٻارن ٻچن جي بي حرمتي ڪرڻ ۽ ٻيا ڪيئي انيڪ معاملہ آهن جيکي انسان کي مجبور ٿي هٿيار کڻڻ جي ترغيب ڏيندا آهن.

دنيا ۾ هر هنڌ ڏاڙيل موجود آهن هندستان ۾ ته باقائده ڏاڙيلن جي پان ۾ بڌي هئي ۽ اڄ اها بڌي ۽ تنظيم سڄڌ جي ڏاڙيلن جي چٽي طرح نظر ايندي آهي جو هو سڄڌ جي روائتي بي رحم ۽ ظالم وڏيري کي چٽي ٿا لکن ته هنن وڏيرن کي فورن ڏکتي وٺيو ٿي وڃي. جڏهن انسان سماج کان انتقام جي حد تائين باغي ٿي ويندو آهي ته پوء هن ۾ دوست ۽ دشمن جي تميز ختم ٿي ويندي آهي. اهوئي سبب آهي جو اڄ پوڙهيت هارين ۽ مزدورن جا رهبر ۽ راهنما اغوا ٿي رهيا آهن. ڏاڙيل به هن معاشري جو هڪ فرد آهي چاهي ٿو ته هن جو سان سٿو برتاء ڪيو وڃي جو جو طاقت جو هر وقت ۽ هميشه استعمال ماٿهو کي هيٺو ۽ ڪمزور کري ڇڏيندو آهي. اهو سبب آهي جو اڄ ڏاڙيل عام معافي جي اعلان جا مطالبا ٿو کري اهي مطالبا اڃو کا کو نه آهن اهڙا مطالبا ڏاڙيلن شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جر دور ۾ کيا ويا هيا پر ان وقت جي ليدر شپ جيکا عوام جي نبض تي هٿ رکندي هئي اهڙي پاليسي اختيار ڪئي جو عام ماٿهوٽيٽران جاکيڙا پائي ٽرانسٽر ريڊيو ڪٽي وري آرام سان گهمندو هيو جڏهن ته اڄ قاتل ڪيڙن وارو انسان به سڄڌ ۾ رات جو گهر کان باهر پير نه ٿو کڌي ۽ اها ڳالهه وڏي واکي ظاهر ٿي کري ته موجوده حکومت جي علاوه اقتصادي ۽ سياسي ۽ سماجي پاليسين جي کري ۽ رياسي ڏاڍ ۽ جبر جي کري غريب ۽ غيرت مند هاري ۽ مزدور اهڙي هنڌ وڃي پهتو آهي جتان ان جي واپسي ذري گهٽ ناممکن آهي پر ڏاها چئي ويا آهن ته ناممکن کا به شئي نه آهي ان کري انسان چاهيون ٿا ته ان سلسلي ۾ کجهه نه کجهه کرڻ گهرجي مان کو پيشه ور سياستدان کو نه آهيان پرهڪ عام رواجي سڌي ماٿهون هڻن جي ناطي مان ايتري سوچ رکان ٿو

ته هن مسئلي جو واحد حل اهو آهي ته ڏاڙيلن کي بنا دير جي عام معافي ڏني وڃي.

